Gop

مهڪ

ادبي مخزن



راشٽريه سنڌي ٻولي وڪاس پريشد
نئين دهلي

مهڪ

(ادبي مخزن)

٢٠١٢

سرپرست

شري رميش ورلياڻي

نائب صدر - پريشد

سمپادڪ منڊل

لڇمڻ ڀاٽيا

هيرو ٺڪر

ڄيٺو لالواڻي

ڊائريڪٽر

نرمل گوپلاڻي

راشٽريه سنڌي ٻولي وڪاس پريشد
نئين دهلي.



نائب صدر جي قلم مان

سنڌي ڀاشا ۾ مهانتا، وشالتا، وهنوار ۽ واهپي ۾ ان جو استعمال ڪرڻ ۽ نئين ٽهيءَ ۾ پنهنجي ماترڀاشا سنڌيءَ لاءِ پيار ۽ پنهنجي ورثي جي اُنهن کي ڄاڻ ڏيڻ لاءِ راشٽريه سنڌي ٻولي وڪاس پريشد، صدر مانيور وزير ڪپل سِبل جي رهبريءَ، فراخدليءَ ۽ سنڌي ڀاشا جي وڪاس لاءِ وقت به وقت چاهه وڌڻ ۽ عملي ڪاريه کي اڳڀرائي ڏيڻ ڪري پريشد ٿوري ئي وقت ۾ ڀارت ڀر جي سنڌين ۾ پنهنجو ناماچار وڌايو آهي. جهجها ڪاريه‌ڪرم عمل ۾ آندا آهن. يوجنائون وقتسر پوريون ڪرڻ ۽ بجيٽ جو صحيح ڍنگ سان ٻوليءَ جي وڪاس ڀلي خرچ ڪرڻ جون ڪوششون پئي ورتيون آهن، ته وري ڪي نيون نيون يوجنائون به عمل ۾ آنديون آهن.

ڀارتي حڪومتي سيوائن لاءِ آءِ. ٽي.ايس.، آءِ. پي. ايس. وغيره ۾ سنڌي نوجوان اڳرا بڻجن ۽ سنڌيءَ سان بالا امتحان پاس ڪري پنهنجو، قوم جو ۽ ديش جو ناماچار وڌائين ان لاءِ جاگرتا قائم ڪرڻ لاءِ پريشد جيڪي ڪوششون ورتيون آهن ۽ جدا جدا شهرن ۾ ڪاريه‌ڪرم رٿيا آهن هن ڪاريه‌ڪرم کي ڪافي لوڪپريتا حاصل ٿي آهي ۽ نوجوان طبقو سنڌيءَ سان جڙي رهيو آهي.

اندرا گانڌي اوپن يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي مرڪز کولائڻ ۾ ڪاميابي حاصل ٿي. جنهنڪري پريشد جي سنڌي سيکارڻ جي ڪم ۾ واڌارو ٿيو آهي ۽ امتحانن کي مڃتا حاصل ٿيندي. ان قدم جي به آجيان ٿي آهي.

سنڌيءَ ۾ ڀانڪ وڌائڻ، معياري، ڪوجناتمڪ، تنقيدي، ساهت شايع ڪرڻ لاءِ **’مهڪ‘** ادبي مخزن جي به اشاعت ڪئي ويئي آهي. سنڌي ٻال ادب جي وڪاس لاءِ رنگبرنگي **’پوپٽڙا‘** ٻال مخزن به شايع ڪئي آهي. جيئن نوان نوان ڀانڪ پئدا ٿين ۽ ذهني طبقي جي معياري ادب پڙهڻ جي چاهه ۾ اضافو ٿئي.

’مهڪ‘ ۽ **’پوپٽڙا‘** جي سمپادڪ منڊل کي دلي مبارڪون.

پريشد جي ميمبرن جي ساٿ سهڪار، وشواس سان ۽ نوجوان ڊائريڪٽر **شري نرمل گوپلاڻيءَ** جي اُتساهه ڪوشش ۽ ڪاريه جي وفاداريءَ سبب اسان ڪاريه ڪري رهيا آهيون. ۽ وشواس ڏيارجي ٿو ته اڳتي به سهڻا سنا عملي ڪاريه ڪندا رهنداسين. توهانجي سهڪار جي اُميد ڪجي ٿي.

رميش ورلياڻي

نائب صدر

MAHAK

Literary Magazine

2012

Published by
NIRMAL GOPLANI (DIRECTOR)
NATIONAL COUNCIL FOR PROMOTION
OF SINDHI LANGUAGE
West Block No. VIII, Wing-7, Ist Floor,
R. K. Puram, New Delhi - 110066
Tele. : 011-26180104-07
e-mail : ncpsl.delhi@gmail.com

Type Setting :
Scan Computers
3, Radheyshyam Complex,
Opp. S. T. Workshop, Patiya, Naroda Road,
Ahmedabad. Ph. : (O) 079-30246776 (M) 9327007002

۾ جوڙيو وڃي. اِنهيءَ گهر ۽ صادق جذبي کي ڪٺي هيءَ ادبي مخزن
’مهڪ‘ توهان جي مبارڪ هٿن ۾ ڏئي رهيا آهيون. مخزن ۾ ”سنڌ جي
سوغات“ سرحد پار جي سنڌي اديبن رچنائن کي پڻ شامل ڪيل آهي.
مقصد آهي ”سنڌي سدائين گڏ“.

’مهڪ‘ اڳتي هلي نمائتو شايع ٿئي اهڙي پاونا آهي. ڪوششون به وٺي
رهيا آهيون. توهان جي ساٿ سهڪار سان اهو ڪم به عملي جامو اختيار
ڪندو اهڙو وشواس آهي.

پريشد سمپادڪن سروشري **لڇمڻ ڀاٽيا ’ڪومل‘، هيرو ٺڪر ۽ ڊا. چيني
لالواڻيءَ** جي شڪرگذار آهي جن وقتسر مخزن شايع ڪرڻ ۾ ڪا ڪسر
باقي نه ڇڏي آهي، معياري بڻايو آهي.

اسين شڪرگذار آهيون اسڪين ڪمپيوٽر جي پائر سروشري ديپڪ
لالواڻي ۽ دليپ لالواڻي جن هن مخزن شايع ڪرڻ ۾ پورو پورو ساٿ،سهڪار
ڏنو.

توهانجي تنقيدي راين جي اوسيڙ ۾.

نرمل گوپلاڻي
ڊائريڪٽر



ڊائريڪٽر جي قلم مان

سنڌي ٻولي، ساهتيہ، سڀيتا جي وڪاس لاءِ ۽ سنڌي تعليم جي چوڏسي ڦهلاءَ لاءِ اِنساني وسيلا وزرات، ڀارت سرڪار جي اوچ تعليمي وڀاڳ جي زير سايع پريشد جي اسٿاپنا ٿيل آهي. ٻوليءَ جي وڪاس لاءِ مقصد طئہ ڪيل آهن ۽ انهن کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ جدا جدا يوجنائون، نيمن سميت گهڙيل ۽ عمل ۾ آندل آهن.

اڄ دنيا ۾ اِها هاهاڪار مچيل آهي تہ انيڪ ٻوليون ماترڀاشائون ختم ٿي ويون آهن/ٿي رهيون آهن. جيڪي وڪاسشيل ڀاشائون آهن اهي تڪڙيون تڪڙيون ٻولين ۾ تبديل ٿي رهيون آهن. متحد جمائت پڻ ڀاشائن جي بچاو جي چنتا ڪٺي ٢١ فيبروري عالمي ڀاشائي ڏينهن ملهائڻ جو سڏ ڏنو آهي. هر سال هن ڏينهن تي جدا جدا ڀاشائن جا ڪاريہ ڪرم ٿين ٿا جن ۾ ڀارتيہ ڀاشائون بہ شامل آهن.

١٠ اپريل ١٩٦٧ تي ڀارتيہ جوڙجڪ ۾ سنڌي ٻوليءَ کي مڃتا حاصل ٿي. ۽ ان جي وڪاس جي جوابداري ڀارت سرڪار صوبائي حڪومتن ۽ اسان سنڌين مٿان هموار ٿي آهي. اسان سنڌيءَ جي حفاظت، بچاءَ لاءِ ڪوششون ڪندا رهون ٿا. تنهن هوندي بہ سنڌي ٻوليءَ لاءِ سازگار حالتون گهٽ آهن. جيڪي وجهہ ميسر ٿيل آهن انهن جو پورو پورو اُپيوڳ ڪرڻو آهي/ڪيون پيا. جيئن نراشاوادي نظريہ کي آشاوادي بڻائي سگهون.

پريشد جي هرڪا يوجنا، ڪاريہ ڪرم بامقصد آهي سنڌي ٻوليءَ جو وڪاس. پر اسانجي ان لاءِ جيڪي طور طريقا آهن انهن کي اڃا بہ وڌائڻو آهي. هن وقت جيڪي اُپاءَ آهن انهن جو دائرو وسيع ڪرڻو آهي ۽ نوان اُپاءَ عمل ۾ آڻڻا آهن.

ان مقصد کي ڌيان ۾ رکي پريشد سنڌيءَ ۾ هڪ ادبي، معياري، ڪوجناتمڪ ۽ تنقيدي مخزن شايع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. پريشد طرفان ٻين ادبي اِدارن جيان مخزن شايع ڪئي وڃي جنهن ۾ ڀارت ڀر جي سنڌي اديبن، شاعرن، مقالانگارين، مضمون نويسن وغيره کي هڪ ايڪتا جي ڏور

سنڌ جي سوغات

مقالا - مضمون

فهرست

شاعري

غزل

- ارجن حاسد

کنهن جي احساس کي رهند آئي کٿي
هيڏي بڪ بڪ ڪري تو تہ ڇا سمجهجي

هن جي آواز کي ڪوئي وردان آ
ڪٺن ميائوُ ميائوُ ڪندو تو وتي

ڪنهن نئين ويس ۾ چانهہ پيئندو اڇي
مهرباني اسان تي ڪري تو وڃي

نيٺ آسيس توري بہ ڪنهن ڪان گهرون
هڪڙي چپٽي ڏئي تو تہ ڏِءُ تيو پوي

شير ڪان وجي، جَهٽُ هٽي پولڙي
مسخرن جو هميشه ئي وارو وري

باغ هو، کيت هو، کوُهہ هو، ڳوٺ ۾
ڪارخاني جي هاٽي تي سيٺي وڃي

هوُ تہ ڪٽندا ويا، مون نہ واڪو ڪيو
ڏوهہ **حاسد** رڳو پاڻ کي تو ڏئي

ڪهاڻيون

غزل

- يڳوان نردوش

ساھہ سچو ئي آھہ سچڻ ۾
شڪر ڪريان، جو پھتو آڱڻ ۾

سونھن ٻھاري ڇُھي بدن تي
لطف عَجَبُ آ سَنگُ ڪرڻ ۾

قرب اسان جو صافُ ۽ سُٿرو
آھہ مزو پر، پاڻ پَرکڻ ۾

مون ۾ قدرت آھہ سمائي
موجَ تڏھن تي اچي جِئڻ ۾

ڇَڏِ سياءُ ھي نانگن وارو
ناحق ٻَڍِ تِين زھر رکڻ ۾

ڏيندو رھہ بَس، داتا بڻجي
مزو گھڻو آ، فقط ڏيڻ ۾

غزل

- واسديو موهي

واريءَ ۾ پيڙي ڪوليان، موڙو ڏئي ڪِلين تو
هڻ سمجهه لءِ جي ٻوليان، موڙو ڏئي ڪِلين تو

تنهنجيون لُنديون اُميدون ۽ منهنجيون سمنڊ جيڏيون
هر وقت پاڻ ٻوڙيان، موڙو ڏئي ڪِلين تو

تنهنجين پِنل اکين جو، اهڙو اثر ٿئي تو
ڪجهه ڳم نہ هوندي ڳولهيان، موڙو ڏئي ڪِلين تو

بي داغ صاف سُترا، بادل ڪٿي هجن ٿا
ڇُگهه ڇت جا ڪهڙا اوريان، موڙو ڏئي ڪِلين تو

امرت ۽ زهر گڏ گڏ، نيڪ آهي جي تہ ونبو
حصي رسيءَ کي موڙيان، موڙو ڏئي ڪِلين تو

سُهٽيءَ جي متڪي جهڙا، وردان پيو ورهائين
تنهنجو نقاب سوريان، موڙو ڏئي ڪِلين تو

دوکا ۽ زخم ڪيئي، ڪن هي وکر سنڀاليان
گودامَ پيو تو جوڙيان، موڙو ڏئي ڪِلين تو

پيٽرول هڪڙي هٿ ۾، ٻئي ۾ ڦُهجي تي تيلي
ڪئن جڳ کي رک ۾ توريان، موڙو ڏئي ڪِلين تو

دوڏي وجهين تو دل کي، سُپني ۾ اک پڇين تو
ڊگ مگ وِجود ڪوڙيان، موڙو ڏئي ڪِلين تو

غزل

- ٽيڪچند ’مست‘

ڏسي ملي نہ محبت جي روشني پيارا،
ملڻ ڏکي آ، هتي سک جي زندگي پيارا.

گرم هوا سهي، مظبوط وڻ ڪوٺي بڻجي،
ملي نہ اَهڙي ڪڏهن آهي دوستي پيارا.

نصيب بدليو تہ منهن موڙيو هر بشرهت آ،
نگاهہ ڦيري تو مشڪل ۾ آدمي پيارا.

هوا ڪا اَهڙي، هلي آهي، جو زماني ۾،
لڳي تو جڻ تہ سڳاتل بہ اَجنبي، پيارا.

نظر نہ آئي ڪا، اوندهہ ۾ شمع جلندي هت،
نہ چنڊ نڪتو، نہ ڦهلي آ، چاندني، پيارا.

پلي جام کو ٽڪرائي، رات ساري، پر
نشو نگاهہ جو، واڌائي تو تشنگي پيارا.

ڪليل جو پاڳہ ۾ آهي سوئي هت ملندو،
ڪرين سدائين جو ڪنهن تو بندگي پيارا.

لباس شان پريو ۽ رنگن بنان چَهرو،
سچي تہ سونهہ سان. مريادا سادگي پيارا.

غزل

- گووردڌن شرما 'گھايل'

ڪڏھن تہ سُرڪي سُرَڻ بہ ڇُيندڙ لڳندو آ،
ڪڏھن تہ ڇِپڪي وِھڻ بہ وٽندڙ لڳندو آ.

ڪڏھن تہ رُئندڙ اَچي ھٿن ۾ ڪلندو آ،
ڪڏھن کو خوش پر ڏايو لُڇيندڙ لڳندو آ.

وري وري پيو ڦِر گھري کو ملندو آ
گھٽو پري کان ڪڏھن کو ڏسندڙ لڳندو آ.

نہ ڪا ڪَمي ٿَسِ نہ ڪا ضرورت پو يي ھو،
اَچي وجي جِتِ سَين کان گُھرندڙ لڳندو آ.

ائين تہ ڪم سپ ڪيا اٿائين بي ڪُٽڪي،
ڏِسي جي دَرِپَڻ تہ خود کي ٻڄندڙ لڳندو آ.

غزل

-مُرلي گوونداڻي

گل چنجي پٽ تي ڪريا - مَهڪي مَهڪي
سج لڪيو پرندا وريا - چهڪي چهڪي.

١. سمنڊ جل ڀاڪر ۾ ميٽيو - سج تي سڌ تي
کارو پاڻي امرت بڻيو - ٿهڪي ٿهڪي.

٢. ٽيجڙيءَ رات سڀ تڪن آڪاس ڏانهن
چنڊ مس مس نروار ٿيو - سهڪي سهڪي.

٣. اسڪول مان نينگر جيئن پهتي ڪاليج ۾
ڏينهن سڄو هِت هُت ڦري تي - ٽهڪي ٽهڪي

٤. بنا ٻج پئدا ٿين ٿا ڪنڊين جا وڻ
سورن جا سلا ڦٽنِ ٿا - سُڏڪي سُڏڪي.

٥. پاڻ تي پوي ٿو تہ سڀ ياد اچي ٿو
ڪيڏي نہ ڏُک ڊوڙ ڪجي تي - ڦٽڪي ڦٽڪي.

٦. موت کان سواءِ زندگي آهي اَڌوري
جيوَتِ ماڻيون جشن سان - مُرڪي مُرڪي.

غزل

- سياش شرما 'سڄاڳ'

اکين جي اِشارن ٻڌائي ڇڏيو،
اِئين بار دل جو گهٽائي ڇڏيو.

سياڻي ۽ سمجهوءَ کي پاڳل چئي،
چريو ڪيس ماڻهن بڻائي ڇڏيو.

ڪليو پردو جڳ، بي مثل سونهن آ،
اِئين سچ سڀن کي سڻائي ڇڏيو.

ڪڙيو چنڊ اُڀ ۾، پسون چاندني،
انهيءَ مست سڀ کي بڻائي ڇڏيو.

'سڄاڳ' آ، اُميدن تي جيئرو سدا،
اڄيون سڄو اِئين بڻائي ڇڏيو.

غزل

-نريش اُڏاڻي 'معصوم'

سمنڊ ٻُڪ ۾ ڀرڻ جي تمنا آهي،
موتي تنهن مان ليڻ جي تمنا آهي.

- وقت جي هر پني تي ڳُجهان صِرف مان،
مقدر خود لکڻ جي تمنا آهي.

- ڏُوڪ سان پربتن کي هِلائي سگهان،
تيز آنڌي ڦڪڻ جي تمنا آهي.

- سانوري رنگ مان جي آ پرجي ڇُکو،
ڪَلَ بدن تان مٽڻ جي تمنا آهي.

- اڌ ننگو جسم ويڙهي ٻنن ۾ قِران،
نِرڙ تي رکي ملڻ جي تمنا آهي.

- زندگي مڪمل ناهي سوُرن بنا،
زخم تازا رکڻ جي تمنا آهي.

- آسمان ۾ ٻغيڇو آ 'معصوم' جو،
تارا وڻ تان پٽڻ جي تمنا آهي.

غزل

- موتيرام رامچنداڻي ’باغي‘

بغاوت ڪرڻ چڻ، روايت بڻي آ،
عداوت بہ هاڻي، صداقت بڻي آ.

سَچائي رکڻ ڪوڙ، بلڪل ئي سَچ جيان،
دغا دِلربا اچ، شرافت بڻي آ.

سزا بدلي انعام، ملي پيو هِت،
گنهگارن جي چا، سياست بڻي آ.

سَهارو سچارن کي، نہ ڏيندو آ ڪو،
اُنهن جي حياتي، علامت بڻي آ.

مِلڻ داڏُ مُفلس کي، ڏاڍو ڏکيو آ،
چا تہ انصاف جي **’باغي‘**، نزاڪت بڻي آ.

غزل

-جئرام چمناڻي 'ديپ'

نِهارڻ کي گُنگناڻڻ ڪين ڄاڻان،
اُوهان کي مان مڃائڻ ڪين ڄاڻان.

١. ٻُڌايئہ راز سي سوغات ڄاتم،
اَمانت جان لِڪائڻ ڪين ڄاڻان.

٢. هوا جي لهر سان اُڏري وڃان تو،
چوين سچ تو نِڀائڻُ ڪين ڄاڻان.

٣. وٺان هر ڪنهن مان مِٺ مِٺ جو مزو تو،
مگر مان دِل لڳائڻُ ڪين ڄاڻان.

٤. ڪڏهن خوشبو بہ منهنجي گهر اچي ٿي،
نِگاهن ۾ سمائڻُ ڪين ڄاڻان.

٥. ڏين ٿا قرب جي ٿورا اُنهن جا،
رقيبن کي نڌائڻ ڪين ڄاڻان.

٦. سدائين 'ديپ' جلوا تو پسائي،
نہ اُن کي مان وِسائڻُ ڪين ڄاڻان.

غزل

-ڀڳوان ٻاٻاڻي 'ٻندو'

سڀ ۾ سَچ کي پَسَڻ لڳاسين
خواب اَجايا ڏِسَڻ لڳاسين

اِشهتار ڏٺي اَخبارن ۾
پَنهنجو پاڻ کي وَڻَڻ لڳاسين

پَتو هئو رُڃَ آهي اَڳيان
آس رکي ته به ڊُکَڻ لڳاسين

ڪري وِجهن جي اَصلِيَت پڌري
اَهڙا ناتا ڇِنَڻ لڳاسين

ڏِسي ٻِيَن کي ويندو اوڏانهن
پير اَسان ڀي ڀَرڻ لڳاسين

اَثر پيو صُحبَت جو اَهڙو
جِهنجهٽا ٻڌجي وڃڻ لڳاسين

پيارَ ٻچڪاري،
قُوت - ڦُنڪارڄڻ !

زندگي-زندگي :
گهير ۽ گهاٽ ڇاڻ !
تار - تانگهو هٽ،
اَڻ-سڏيِ واٽ ڄڻ !

زندگي-زندگي :
ڇانورو - ڇانورو !
هيئن تہ آهر جي اُس
هونئن ڪکر سانورو

زندگي-زندگي :
چاهتون - چاهتون !
فرحتون-فرحتون !
راحتون - راحتون !

زندگي-زندگي :
سُر ۽ سنگيت ڄڻ !
ساز آواز ٻي
پريت جي گيت ڄڻ !
زندگي-زندگي :
آرزوُ - آرزوُ
ڪا طلب، ڪا تڙڦ،
جُستجوُ جُستجوُ !

زندگي-زندگي :
ڇمڇما-ڇمڇما!
مِحفلون-مِحفلون !
قهقها - قهقها !

زندگي-زندگي :
ڄڻ تہ باد-صبا !
مرحبائي ڇئون،
مرحبا-مرحبا !

زندگي-زندگي :
اوس جي ڪا ڪڻي !
بي بها، اَڻ مُلهي،
سرپ جي ڪا ڪڻي !

زندگي-زندگي :
فجر جي ٻانگ ڄڻ !
سنکہ-گهنٽن جي ڏُن،
سانجهہ جو سانگ ڄڻ !

زندگي-زندگي :
قافلا - قافلا !
منزلون - منزلون !
مَرحلا - مَرحلا !
زندگي-زندگي :
اُڇ ٿي، اُڇ-اُڇ !
رُڇ-رُڇ آ ڪڏهن،
سُڄ ٿي سُڄ-سُڄ !

زندگي-زندگي :
صرف سرگوشيون !
موت خاموشيون،
صرف خاموشيون !

عڪس ۽ اولڙا (غزل ۾ بهرو)

- ارجن چاولا

فاعلن - فاعلن

زندگي - ڇا اَلا !
وَلوَلا - وَلوَلا !
جُنبشون - جُنبشون،
زلزلا - زلزلا !

زندگي - ڪشمڪش،
معاملا - معاملا !
گردشون - گردشون،
حادثا - حادثا !

زندگي - زندگي :
وَحشتون - وَحشتون!
هي گهٽيون - گهاٽ ڇڻ،
دهشتون - دهشتون !

زندگي - زندگي :
ڏڙڪنون - ڏڙڪنون !
سلسلا - سلسلا،
آنڌ - مانڌ، اُلجهنون !

زندگي - زندگي :
سِرڌ نوَڻ - سِرڌ نڻ !
ريت ۾ پتڪندڙ
ڪو اُجايل هرڻ !

زندگي - زندگي :
ڏڪ - ڏڪان، پڇ - پڇان!
هوڙئي هوڙ، بس
وَٽ پڇان، وٽ - پڇان!

زندگي - زندگي :
اِمتحان - اِمتحان !
ڪا ڪهاڻي، قصو،
داستان - داستان !

زندگي - زندگي :
تجربا - تجربا !
اَڻ - ڏٺل، اَڻ - ٻڌل
معجزا - معجزا !

زندگي - زندگي :
شوق، شادمانيون !
حرص، حيرانيون !
نپٽ نادانيون !

زندگي - زندگي :
خوبصورت پَري !
پر ڪڏهن پڻ لڳي
بدنما، اڌ - ڇري !

زندگي - زندگي :
ڇڻ - ڪا درسني !
دوستي - دوستي،
دشمني - دشمني !

زندگي - زندگي :
وقت جي مار ڇڻ !

غزل

- گوپ ڪمل

چَوڻ لاءِ گهڻو ڪجهه هو، جي تون چوين ها
پُراڻيون ڪهاڻيون ئي جِئريون ڪرين ها

سِٽن جي وِٿين ۾ ئي اُلجهيل رهئين تون
ڪتابن ڪان ٻاهر ٻه نڪري ڏِسين ها

هتي ٿورو ڀُڻڪڻ سان رِشتا ٽُٽن ٿا
ڇپن کي سِبي، ڪجهه اندر ۾ رکين ها

سَوين ڪُڙڪڻيتا پو چمڪي پون ها
ذرا منهنجي هٿ کي هٿن ۾ جهلين ها

هتي بي مَنو ٿي اجايو ئي وينئين
ٻهانو ٻڌائي تنڪڙ ۾ اُٿين ها

فقط جسم کي ئي نپوڙڻ ٿو ڄاڻين
ڪڏهن دل جي ڌڙڪن ٻه ٻڌجي پوين ها

تلا شيئه پي پيگوان، ڪيڏو نه پتڪئين
گهٽيءَ ۾ **ڪمل** هو، اُنهيءَ ڪان پڇين ها

غزل

-ڊا. ديال آشا

ڪي ڪي راند رسائڻ وارا،
ڪي ڪي راند ڦٽائڻ وارا.

ڪي تا ڪير ۾ لوڻ وجھن،
ڪي ڪي ڪنڊ ملائڻ وارا.

ڪي چوچي ڏئي تا باھ لڳائن،
ڪي دويش جي باھ وسائڻ وارا.

ڪي خاندان جو نالو بوڙين،
ڪي ڪي جوت جڳائڻ وارا.

دوستيءَ جي سڀ هام هڻن تا،
پر ڪي ڪي يار نڀاھڻ وارا.

ڊاھڻ وارا گھڻا ملن تا،
ڪي ڪي ”آشا“ ناهڻ وارا.

رلي ملي هلڻو آ سڀ سان،
اسين گيت پيار جا ڳائڻ وارا.

غزل

- ناري لڇواڻي

اکيون هي انوکيون ڪٿان يار پاتيون
ڪڏهن مُسڪرائڻ ڪڏهن چڻ تہ ڪاتيون

١. ڪِٿان هي سِکيون تيز تيرن سان چِيرڻُ
نہ تيرن ۾ چايون نہ تيرن ٿي تاتيون

٢. لڳي تو هي موُنسان سَلَڻُ سڀ تيون چاهِن
نہ سمجهان تو ٻولي، هجن جئن ڪي ٻاتيون

٣. ڦِرڻ سان ڇِنن جي، ڦِري سڀ وڃي تو
هي صُبحن کي چا تيون، ويا ٻٽجي راتيون

٤. ڪري تيون ڇَڏِن روُح سرهو سدائين
پکيءَ لات وانگر لڳن اک جون باتيون

٥. جڏهن ٻِن ڏنو ٻن ٻِيڻُ کي بہ سامهون
ٿِيون هڪ-ٻئي ۾ سمائڻ لاءِ آتيون

٦. ٻُڏي ڪئن ويون دل جي اُونهين سمنڊ ۾
ٻَري ڪان ٿي بيني تي پاتاٿون جهاتيون !

٧. الائي چو مقبول ڏاڍيون تين تيون
کي چيزون اکين تي جڏهن پيي مون ڳاتيون.

غزل

-شريچند ڏُبي 'جگري'

ٽُنهنجي اندر ۾ سِڪ آهي،
جانب جو جادو ڇِڪ آهي.

مشڪان تنهنجي مشڪ ڏسي سو،
علاج دل جو هڪ ڙِڪ آهي.

رُسڻ تنهنجو آهي اهڙو،
جڻ ٻار ڪئي ڪا ڪِٽ آهي.

ڪينہ بددُعا ڪنهنجي ڪٽجان،
اندر جي لڳندي پِٽ آهي.

ٻول ٻُڌي ڪي منڙا تنهنجا،
گهاٽي بہ وڌو هڪ سٽ آهي.

غزل

- تڏارام پنجواڻي ’پيارل‘

مُنهِنجُن پنهنجو ڀَلِ مَڃي ويو آ
ياد مِڃي محب ڇڏي ويو آ

سيرت سڳنڌيءَ موهيو ڏاڍو
پيار جا ٻج دل ۾ ڇَڏي ويو آ

ڳولهي ڪيئن مان ان کي سگهندس؟
راهه رباني جو وٺي ويو آ

پيار جا اڄ ٻي جذبا اُڌاري
دل ۾ ياديون ڇڏي ويو آ

ڀَلِ تہ ڀلائڻ چاهيان ڪيڏو
سارون مرڪ جون ڏئي ويو آ

پيار پيار بَس پيار ئي پيارل
پيار ئي مدهوش ڪري ويو آ

غزل

کئلاش شاداب

ڪڏهن راز داريون هيون رازداريون
نہ ساڳي طبيعت نہ ساڳيون بهاريون

شڪايت انهن سان ڪيون دل ٻُڌي پر
ڪٿان لفظ آڻيون ڪيئن سي اُچاريون

محبت جي منزل رچڻ تاج وانگر
اساڻي هٿن ۾ ڪنيون سين تغاريون

گهٽائي سچڻ تون ڏکن جي عنايت
انهي راضپي سان ڪٿي تا سنپاريون

واري دل چوي تو قرائي چڏيون سپ
نڳي وچ ڪي ٻالهيون ڪري قرب واريون

نہ تو ڪو گهمين پنهنجي هڪڙي شڪل ۾
رکيون ياد کهڙي ۽ کهڙي وساريون

سيوا هڪڙي دل جي نہ ٻيو ڪجهہ بچيو آ
اجا يي بدن تي هلائن تا آريون

پلي ناهي ساڳي انهن سان سڃاڻپ
ڏسي پر وچن ها ڪيئن تا گذاريون

سمهيل آ صدين کان هي شاداب غافل
اچو يار گڏجي مٿي کي اٿاريون.

غزل

- روشن گولاٽي

لِڪائي ڇڏين ٿو، ٻڌائڻ جون ڳالهيون
رکين ياد تون ٿو ستائڻ جون ڳالهيون

ڪرين فرض پورا ڪڏهن ٻي نه تون ٿو
ڪرين ٿو حقن کي جتائڻ جون ڳالهيون

رٺل پڻ پيا پرچي، نفرت ٿي آ ڳُمُر
اچي ڪم ويو سڀ منائڻ جون ڳالهيون

آ اڳ ۾ تتل دل، وري ڇو ڪري ٿو
اجايو، انهيءَ کي تپائڻ جون ڳالهيون

ڀڳن ڪان وڙهو پاڻ ۾ ٿا اجايو
ڪريو ڇو نه ديش جي وڌائڻ جون ڳالهيون

هليو جيڪو ناهي اڃان ڪو به توکي
هينئر ٿي ڪرين ڇو تو وڻائڻ جون ڳالهيون

ڏنا غم اي ’روشن!‘ جي، پنهنجن ئي آهن
ڪريو ڇو ٿا تن کي مڃائڻ جون ڳالهيون.

غزل

-لعل چاولا ’دلبر‘

گهڙيءَ گهڙيءَ جي رهي، تنهن کي يار ڪٿي چئجي
ڏئي نه درد جو دل کي، قرار ڪٿي چئجي

پئون ٿا جام مٿان جام خوب محفل ۾
پلايو خود کي نه جيسين، خمار ڪٿي چئجي

هڻن ٿا هام ته سڀ پيار جي محبت جي
ڏئي نه سڏ ۾ جو سڏ، غم غوار ڪٿي چئجي

مٿايان کهڙا وڳا، ڪنهن جي ليءِ مان هاڻي
ڪري نه قرب مان پنهنجو، پتار ڪٿي چئجي

جلائي شمع جلان مان به سار ۾ ڪنهنجي
نه ڪوئي سوز جي سيني ۾ پيار ڪٿي چئجي

پري کان ٿي تو پسائين، پرين جهلڪ پنهنجي
وسائي منهنجو نه آڳر، نڪارن ڪٿي چئجي.

غزل

- گوبند ريجهواڻي ’آنند‘

جڏهن کان مان خود سان، کٿي دوستي آ،
سرل منهنجي بڻجي، ويئي زندگي آ.

رهيو ناهه دل مَنجهه، کو ويرُ کنهن لئه،
زماني سان مِڙجي، ويئي دشمني آ.

چوان ڪجهه نه کنهن کي، چو کنهن کي رَنجهايان ؟
رکي چڻ ته مِصري، مان مُکه ۾ چَڏي آ.

چوي دل تي ڪجهه، ڪيان بس تو سو مان،
نه ڄاڻان غلط چا، ۽ چا هِت صحيحه آ.

پلي کوبه ڪجهه پئي، چوي منهنجي بابت،
نه پرواهه کنهن جي، ڪڏهن مان ڪئي آ.

آلوَڪِڪ کو ’’آنند‘‘ دل کي مِليو تم،
ويئي زندگيءَ منجهه تي روشني آ.

غزل

-ڪنعيالعل موٽواڻي 'ماندو'

ديد ڪجهه ڏسندي رهي
سوچ ڪجهه اُٿندي رهي

١. مان هلي تڪجي پيس،
آس پر ڏُڪندي رهي.

٢. چاهه کي منزل ملي،
خواب دل پسندي رهي.

٣. ڪونهه رڙ جو ٿيو اثر،
چُپ مگر چُپندي رهي.

٤. پاڇا وڌندا ئي رهيا،
۽ عمر ڪُٽندي رهي.

٥. ڇا جڳت مان تو وٺيو،
زندگي پُڇندي رهي.

٦. ڏُک پڇايو 'ماندا'،
۽ خوشي ڳھندي رهي.

غزل

مينا شهدادپوري ’مينا‘

رِم جهم رِم جهم رِم جهم رِم جهم
مينهن سُٺائي سُک جي سرگرم.

ڌم ڌم ڌم ڌم ڍُهل وڄائن،
ڪڪر چون نا دائم آ غم.

پنک پکيري مور نچي ٿو،
ماٺ- غزل جي، ڀاسي ترنم.

تون نهارين ٿو نفرت مان ڇو ؟
حق تي پيو ٿو ڇڻ گهٽجي دم !

ٽوڙن، ڦوڙن ۾ ڦاسي ڇو -
دِل ۾ رکون ٿا سنسو ۽ ڀرم.

پاڻ پوڄائن سنت، ٿا جيڪي،
آهي رسائن مُلڪ کي ڌرم.

بارود تي آ دنيا ويٺي،
هر ماڻهوءَ ۾ ڇڻ باطن بَمُ.

ساز آس جو ’’مينا‘‘ وڄائي-
ڇا ٿي پيو جي - اَک آ پُرنم.

غزل

- جڳديش شهدادپوري

1. حسينن کي نظرون ملائڻ جي عادت،
ملائي مگر جهڪائڻ جي عادت.

2. ڪيون پيار جو اظهار خوش ٿي اسان ٿا،
محبت ۾ هئن چو ستائڻ جي عادت.

3. پري کان اِشارو ڪري خوب چاٺي،
اچن ويجهو سهٽا، نٽائڻ جي عادت.

4. ميوسين آ محبوب جي سونهن نياري،
ڇڏن ڪيئن ته به نگارڻ جي عادت.

5. اچي پيار ويجهو، جڏهن سونهن ٿي، جي -
تڏهن پاڻ کي ٿَسِ پڏائڻ جي عادت.

6. ملون پاڻ ۾ جي، لڪائي پيار چو ٿي؟
اسان کي آ، چو سِکَ جتائڻ جي عادت؟

(۴)

انهيءَ آڳ جي جڙ آهي ڪٿ؟
اها تہ آهي تو وٽ، مون وٽ،
مگر لڳي الزام انهي تي
ذرا نہ آهي جن جي شرڪت.

(۵)

نفعي وڏي ۾ آهہ سياست،
رڳو آ ڏن ڪي هاٺي طاقت،
نٿو پڇي ڪوئي اڄ لڳہ ڪي،
ڪروڙ ۾ ڪڇ آهہ لياقت.

(٦)

اگر ٿي ويندي غائب محبت،
نظام ۾ بس رهندي نفرت،
اهو پڪڙجي زهر جڏهن ويو،
جِئڻ-مرڻ ۾ ڪهڙي فُرقت ؟

ڪڏهن تہ

- آسن واسواڻي 'مجبور'

(١)

ڪڏهن تہ عقل اسانکي ايندو،
ڪڏهن تہ ماڻهو، ماڻهو ٿيندو،
ڪري ڪنارو خودغرضيءَ کان
ڪڏهن تہ ٻئي جي لئہ سوچيندو.

(٢)

هنئر جڳت تي ننڍڙو پيو آ،
مفاصلو اڄ ڪٿي رهيو آ ؟
وشالتا پر من جي گهرجي،
ٻنان اُنهيءَ بدحال ٿيو آ.

(٣)

ڏرم يلا ڇا لاءِ لڙن ٿا ؟
انيڪ قوم اجايا ٿين ٿا،
لهو وهي ٿو معصومن جو
پشاچ پاڳل پر مُرڪن ٿا.

وائي

-وليرام ڪشناڻي

ڪير سو ڏاتار آ ؟

١. ڪير ڦولن جي اَندر اوتي ڇڏي سُر هاڻ تو ؟
ڪير هو فنڪار آ

٢. ڪير موتين سان سچو ٻريو ڇَڏي مهراڻ تو ؟
ڪير هو فنڪار آ

٣. ڪير هاٿيءَ کان وني ڏو مار ڪوليءَ جي لهي ؟
ڪير هو فنڪار آ

٤. ڪير آ جنهنجيءَ ڪلا سان گرهڻ ٿيءَ مندو فرن ؟
ڪير هو فنڪار آ

٥. حڪم ڪنهنجي سان هوا، سج، چنڊ ۽ ڌرتي هلن ؟
ڪير هو فنڪار آ

٦. ڪير پنڇيءَ کان سدا بدلائي منڙي لات تو ؟
ڪير هو فنڪار آ

٧. ڪير آ جنهنجي ديا سان مهر جا مينهڙا وسن ؟
ڪير هو فنڪار آ

ڪير سو ڏاتار آ.

هائڪو

-ڪوڏومل ’جانب‘

پاسيرو رک ڪيرُ،
مٺ جو ئي ڏک تو رکي
اڇڪلهہ مونکي ويرُ

پئسي لئہ لاچار
چو تہ حياتي تي پئي
ٻارن جي آڌار

ويتر تنهن کي مارَ
جنهن جا ٻارن تي پٽيا
ملي ڪري جو وارَ

جٺري تي ويا ڏار
موُت پڇاڙا تا وجهن
تصويرن تي هارَ

لهر لهر ۾ لوڏ
ساگر تو خوش تي چڙي
جنهن دم پنهنجي هوڏ.

چار چونڪ

-تيڪم 'آفتاب'

(١)

قوم جي خدمت ۾ توري خرچ ڪر هيءَ زندگي
ايشور جي هيءَ عبادت آهي بهتر زندگي
جي ڏنو ڏاتار توکي ڏي اُنهي جي راهه ۾
سوارٿي بڻجي تہ ڪَڻُ تون پاڻ لاءِ شرمندگي.

(٢)

چا نہ چا هن شهر ۾ اَڄُ ٿي رهيو آ دوستو
خاموشيءَ ۾ زهر هرڪو پي رهيو آ دوستو
شهر ۾ ماڻهون مِليا جي جڻ تہ زنده لاش ها
هاءِ ڪيئن اِنسان جيون جي رهيو آ دوستو.

(٣)

ملڪ خاطر مون ڪيو سڀ ڪُجهہ سان قربان آ
شل رهي آباد گلشن دل اَندر اَرمان آ
گهرُ سندم گهوري ڇڏيو، صدمو وڇوڙي جو سَنو
پنهنجي محنت سان سنڌين جو وڌايو شان آ.

(٤)

مُلڪ پنهنجي ۾ ڏسو ٿهري هوائون ٿيون هلن
بيگناهن بيقصورن کي سَزائون ٿيون مِلن
وقت جي بدلاءِ ڪارڻ زور ڀرشٽاچار آ
شان سان هرهنڌ شيطاني خطائون ٿيون ڪِلن.

دوها

لڪشمڻ

مذهب جي چڪيءَ ڪيو چوُر چوُر اِنسان
اُڌهيءَ جي آڌو پلا ڇا گيتا - قرانُ
جِئن تہ خاڪ جي ڍير ۾ چنگهاريءَ جو رازُ
مَان پڻ مونسان تي سگهان ڪڏهن ڪڏهن ناراضُ
مان شيشو، منهنجو ننڍڙ ساڌارڻ دستوُر
تون پٿر هٿين تي وٺين ڇا لاءِ چڪناچوُ
جنت ۾ آيو جڏهن هڪ بُکيو اِنسانُ
اچڻ سان گولهڻ لڳو راشن جو دوڪان
هينئن ڪِريل هڪ صوف تي نيوٽن جو هو ڌيانُ
اُپ ڏي اُتندڙ وڻ لهندو ڪِٿي ڏنئين اِيمانُ
ڪڏهن نہ ڪنهنجي ٽوڙجنئہ تون آشا جي تار
متان اِهائي هڪ هجي دُولت هنوت پار
پايل ھِن يا بيڙيون متان پُڇين سرڪار
قيد ڪڏهن ڪان آهيان ڇوندءِ هيءَ جهنڪار
منهن تان غائب تي وجي معصوميت، مڪسان
ايڏا پي ماڙهو بڻيا ڇو آهن ودوان
اُڏري وئي آڪاش ۾ وڻ تي ويٺل ڪوُنج
لامن تي رهجي وَئي هنجي جهيڻي گوُنج
هَڙ ۾ هوندي سگهن جو پنهنجو سڀ سامان
بڻي جي سگهہ جي ساڙ ۾ ڏُکي بڻيو اِنسان
آس مِٽي، چنتا لٿي، اکڙين آيو آبُ
اوندهہ ۾ رستو ڏنو مون هڪڙو ناياب
ڪاغذ تي رهجي وياهي سارا الفاظ
خاموشي ويٺي اچي اورڻ مونسان راز

دنيا

-ڊا. نرملا اين. آسناڻي

نہ سوچ منا،
تہ هيءَ دنيا ڪهڙي آ...
ڪٿي شروع ڪٿان، ۽ ختم ڪٿي آ
آهي حقيقت يا وري ڪوئي خواب آ
نہ تنهنجي آ، نہ منهنجي آ... نہ سوچ منا...
هيءَ دنيا،
هلندي آ سمنڊ جي لهرن جيان.
بيهندي آ اُس جي پاڇي جيان.
هيءَ نہ هلندي آ نہ بيهندي آ... نہ سوچ
هيءَ دنيا،
ملندي آ رُڃ جي پاڻيءَ جيان
گم ٿيندي آ رات جي سُپني جيان
هيءَ نہ ملندي آ نہ گم ٿيندي آ... نہ سوچ
هيءَ دنيا،
شطرنج جي هڪ بازي آ،
آهي ڪوئي شاھہ تہ ڪوئي پيادو آ
تون ڪٿين هتي يا وري هارائين
سڀ بازيگر جي بازي آ... نہ سوچ
هيءَ دنيا،
مالڪ جو عجب تماشو آ
بس چار ڏينهن جو ميلو آ
جي وچ هنڪي تون پنهنجي مستيءَ سان
آخر تہ هتي سڀ ڇڏڻو آ
نہ سوچ منا تہ هيءَ دنيا ڪهڙي آ

كويتا

-بلوُ چوئنتاڻي

پيسي جي هاءِ هاءِ

پيسي جي هاءِ هاءِ ۾، صحت هلي ويئي
وري صحت کي پائڻ ۾، دؤلت هلي ويئي

- جلدي لکه ڪمائڻ لاءِ، ڊوڙون پاتم تيز
پرشٽاچار ۽ رشوَت کان، ڪون ڪَيَم پرهيز
لوڪپال بِلَ جي به اندر مان، دهشت هلي ويئي
وري صحت کي پائڻ ۾، دؤلت هلي ويئي

- چڪا چوند هو چريو ڪيو، چاهه هئي چمڪڻ جي
هئي چاهنا هيرن سان ۽، موتيُن سان دمڪڻ جي
هاڻي روز لڳن ٿا چاپا، عزت هلي ويئي.
وري صحت کي پائڻ ۾، دؤلت هلي ويئي

- ماني گُهرون ته ڪونه ملي، گوريون پيا ڦڪائين
پاڻي گُهران ته گُلوڪس جي، بوتل پيا چڙهائين
خوب ڪمايا نوٽ مگر، برڪت هلي ويئي
وري صحت کي پائڻ ۾، دؤلت هلي ويئي

- غلط راهه تي هلي هلي، جام ڪئي مون ڪمائي
ڏٻَڻ ڪئي خدَ کان وڌيڪ، پر ڪهڙي ڪم آئي
ويتر اَڳه ۾ واري رَبَ جي، رحمت هلي ويئي
وري صحت کي پائڻ ۾، دؤلت هلي ويئي.

هوُ هيٺ نہ آيو
راھہ ڏٺم
انتظار ڪيم
پر ھو ھيٺ لهڻ جي ٿي نہ ڪري
مان چڙھي ويس وڻ تي
سچ ڪي ويجهڙائيءَ تان ڏٺم
يڪدم ڪيس سوگهو جهليم
سچ پاڻ ڇڏائڻ جي
ڪابہ ڪوشش نہ ڪئي
صرف تاڪيد ڪئي -
مون کي ڇڏ، هٿ نہ لاءِ
هٿ لائيندين تہ پڇتائيندين
مان وڪرم
ڪٿي ٿو ضد ڇڏيان
هن کي ڪلهيءَ تي چاڙهيم
پر هن مون کي
اهڙي تہ لت هنئي جو
مان هيٺ ڪريس
اڄا ڪريو ئي پيو آهيان
مان مورک !

-هوندراج بلوڻي

وڻ تي

سچ هتي ئي تہ بيٺو هو
اڳي
منهنجي ير ڀر
منهنجي آسپاس
اڄ اهو هتي نہ آهي.
ڳولهيندو ٿو رهان
مان ڪيس هرهنڌ.
سچ گم ٿي ويو آهي
سچ هليو ويو آهي
ڪنهن اڳيات هنڌ.
ڪنهن چيو -
سچ کي ڳولهيندو ٿو وتين
مون وٽ ان جو پتو آهي.
مون چيو -
ٻڌاء سچ ڪٿي آهي ؟
هن ٻڌايو -
سچ کي مون ڏٺو آهي
پريان ڪان ڏٺو آهي
جڏهن ڪان ڏٺو اٿم
تڏهن ڪان ننڊ نہ آئي آهي
تون بہ ان جي پچر ڇڏ
مان ضدي
چيم - سچ جو پتو ڏي
مان ڪيس وٺي ٿو اچان
هن آکيو -
تہ ٻڌ
سچ وڃي وينو آهي
وڏتال وانگر وڻ تي
وڻ جي سڀ کان اوچي ٽاريءَ تي
مان پهچي ويس
انهيءَ وڻ وٽ
ڪنڌ مٿي ڪري ڏٺم
وڻ جي پنن ۽ ٽارين وچ ۾
هڪ آڪرتي نظر آئي
شايد اهو سچ هو.
ڪيس سڏ ڪيم
اڙي او سچ !
هيٺ لهي آءُ.

سج جا تروارا ڦهلائي ويني.
پالڪ هن نار جو
اطمينان سان آرامي آهي.
ڦتهڻ اُس ٻپهريءَ جي
فوٽ پاٿ جي گٽر جي لوهي ڍڪڻ تي!
پوءِ بہ گرميءَ وچان پسيني ۾ ترترين
رُخانا انگ پنهنجا بار بار سهيلائي ويني
گراهڪن جو ڌيان ڇڪائي ويني
مون ڏٺا
آبدار جسم تي سانورا ترورا
اوجل من هن جو نرمل نرمل
حرڪتن سان هر ڪنهن کي اؤقات بہ جمائي ويني نار

نئين ڪويتا

-سريچند ڪيسواڻي

فوٽ پاٿ تان

هر ڪنهن
لانگهائوءَ جي نظر، جاچيندي رهي ٿي،
فوٽ پاٿ تي وينل -
ڳيرو - محنت ڪش نار کي
روز - مان ٻ،
ڪي ساعتون رڪجي
ضرور ڏسان - جاچيان ٿو وکر هن نار جا
ڏينهن پر نتهڻ اُس ۾
ٿر ڪي، پنوڙي جاڙي هوءَ ڪڏي ويني
پٿر سان ترترين هن جو جسم
شهر جي بنجر زمين تي جٽڪ کيتي ڪري ويني.
عاليشان شو رومن اندر
وينل رنگين مزاج سيلس گرلس کي ٻ لڄائي ويني
هوءَ هر ڪنهن جو ڪنهن نہ ڪنهن ريت ڏيان ڇڪائي ويني
بار بار - پسينو ڇاتيءَ جو
ميري پلوَ سان سڪائي ويني
مون، جٽڪ، سونهن جي سمنڊ ۾
ميري چنڊ جو عڪس ويني ڏٺم
نيم ننگو - اڌ اگهاڙو بي پڙدا چنڊ
گهري چمڙي نار جي جرڪي ويني

دفن جي انتظار ۾

-رتن آڏتاڻي

کيڏي نہ گرمجوشيءَ سان مليو هو !
وياسين تہ پونيي تان ئي کيائين ”آوجو!“
خبر سيني کي پئجي وئي آ تہ...
تہ تبديل ٿي رهيو آ کنڌهر ۾
هر صبح شام جو
پوءِ ارتُ ئي کھڙو رهيو آ هنجي ڳالهہ جو ؟
هنجي چال جو ؟
جو نہ ماضيءَ جو رهيو آ نہ حال جو ؟
توهان شيدائي هئا هُنجي علمو عقل جا
جو رهيو نہ قابل
کنهن ڳالهہ جو !
ڪال جي دفتر ۾ -
ڪيرُ هن شخص جي شاهدي پوري ؟
هلُ جلدي هلُ
سڄاڻ ڪان ئي اِنڪار ڪري !
آئيندي جي خبر ڪنهنکي آ ؟
شايد ڪوئي اتهاسڪارُ
دفنُ ڪري ڇڏي هنکي
ڪنهن جُلد ۾ !
تنهنڪري تہ چوانٿو :
هلُ جلدي هل - هِتان
سڄاڻ ڪان اِنڪار ڪري !

ڪوتا

سال 2011 جو آخري اڌپورو نظم

-موهن همٿاڻي

اوباما
توسان ناراض ٿي سگهي ٿو
۽ پنهنجو مفاد پرست سوچ
کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ
توسان تعلقات
ڪڏهن ٽوڙي
۽ جوڙي به سگهي ٿو
پر ڪائي ڳالهه ڪانهي...دوست
تون وري به
منهنجو دوست ٿي رهندي
مان پنهنجي حصي جي
دوستي
نڀائيندو ايندُس
دوست جي ٿي پيس ۾.
منهنجو رڳُن ۾
رڻ جي ريگستاني مٽيءَ جي
سڳنڌ سمايل آهي -
مان
لفظن جو
۽ اُنهن جي معنائن جو
احترام ڪندو آهيان -
ڪائي ڳالهه ڪونهي...

لفظ
مون وٽ
باحفاظت رهندا آهن
تنهنجو سيو (Save) ڪيل
هِڪ هِڪ لفظ
روز تو سان
نئون تعرف ڪرائيندو آهي
۽
ڪڏهن ڪڏهن
مشڪي
چئي ڏيندو آهي :
”شاباش
توکي شابس هجي“

مان هڪ عشق باز

-ڊا. روي پرڪاش ٽيڪچنداڻي

منهنجي هردي ۾
جڏهن
اُپرندو آهي
عشق جو گونچو
تہ جيئاريندو آهيان
پنهنجي اَڱڻ ۾
هر هڪ موسم کي
پري وٺندو آهيان
ياڪر ۾
هر هڪ ڪليءَ کي
هر قسم جي
گلن جي خوشبوءِ کي
۽
هوريان هوريان
لهي ايندو آهيان
عطر سان پريل
نديءَ جي هنج ۾
ترڻ لاءِ
دير دير تائين.
مونکي
ڏاڍي وڻڻ لڳندي آهي
ڌرتيءَ جي ساوڪ

رِم جهم-رِم جهم بارِش
سترنگي اِندلٺ
۽ منهنجي مومل.
مان من مؤجي راڻو
پنهنجي من موسم
جي وس تي
لکڻ لڳندو آهيان
هڪ ڊگهو، لنبو خط
لُڪي-لُڪي لڪيل
پريم پتر
جڏهن
پهچندو آهي سندس هٿ ۾
تہ جهولڻ بہ خوش تي
هنجي جهول
هڪ سهڻي گلڙي سان
پري چڏيندو آهي.
’مان هڪ عشق باز‘
جڏهن
جڏهن جهليندو آهيانس
چيچ
تہ ڪمسِن جي جيون مان
لهر-لوڏا

لِڪل ڪوُنس

-منوج راجڪمار چاولا

هنن ڪي لهرُن سان رَکي رَکي
تون هر گهڙيءَ
ڪا ڪوُنس ڪندو آهين
تنهنجي دِل ۾ ڪُجهہ تہ آهي...
تون ڪِنارن تي
ڪنهن نہ ڪنهن مطلب سان ئي
ايندو هوُندين
دَرياه جون لَهرون سياڻيون آهن
چنڊ جي چانڊوڪي
سُڃاڻي وَٺن ٿيون...
هوُا اِيم ئي چنچل هونديون آهن
ءَ وَري چانڊوڪيءَ تي مَڇي پَوَن ٿيون
سَڄِي رات بيچين رَهن ٿيون
مستي بہ ڪن ٿيون
پر،
صبح ٿيندي ئي ٿوريون لڄاريون ٿي
منهن ڦيري ڇڏن ٿيون
پر پوءِ بہ هر روز
تنهنجو ئي اِنتظار ڪنديون رَهن ٿيون...
تون شام ٿيندي ئي
هي ڪِنارا ماپڻ ايندو آهين
تنهنجي دل ۾
آخر ڇا آهي...
ڪنهن نہ ڪنهن مطلب سان ئي
تون هِتي ايندو هوُندين
ڪا لِڪل ڪوُنس ڪرڻ...

ديوواڻي

-نند جويري

شروعات ۾
ديوواڻي
اَڀول هئي
اَڀول هئي
تہ اورت هئي
اورت هئي
تہ نہ پاڪ هئي
نہ ناپاڪ هئي

نہ پاڪ هئي
نہ ناپاڪ هئي
تہ سڀ جي هئي
ديوواڻي
جڏهن اَڀول هئي پر جيئن ئي
ديوواڻي
ڀول ۾ آئي
تہ مورت تي پئي
هڪ تنهنجي
ٻي مورت منهنجي
تي پئي
مورت جيڪا

سدا ڪان ڪونہ هئي
تہ
سدائين ڪيئن رهندي
جيڪا سدائين ڪونہ رهندي
ديوواڻي ڪيئن ٿيندي
ساڪي
معرفت جي ماٺ سين
ڏيساندڙ ڏوڙي
اَڀول ئي اَڀول
چئي ويو لطيف

دور پڇي ويندا آهن
۽
سمائي وٺندو آهيانس
جڏهن
پنهنجي اندر ۾
جيئن، سِپ سمائيندي آهي
موتي داڻي کي
تہ راڳائي راڳڻي
ڳائڻ لڳندا آهن
ساجيندا ساز وڄائڻ لڳندا آهن.
’پر‘
سڳند ۽ سُمن جيان
عشق ۾ ڇُنبڙيل
مان سانورو
اڄ ڏينهن تائين
نہ سلي سگهيو آهيان
اِها ڳجهارت
تہ
’سندو‘ پنهنجو وهڪرو ڇو مٽائيندي آهي؟

غزل

- آصف منياٽوي

هن مان منهنجو رستو آهي،
تڏهن تہ مون وٽ پهتو آهي.

(۱)

دل جي عيوض دل ملي تي،
سودو ڏاڍو سستو آهي.

(۲)

هن جو اُڇليو پٿر مون تي،
مون پانيون گلدستو آهي

(۳)

قرب ۾ علفت جو مون هن سان
حال ڪيو سربستو آهي.

(۴)

هن کي پنهنجو نيڻ ڪندس مان
خيال ڪيو مون پختو آهي.

(۵)

’آصف‘ هن خوشيءَ جي ناهي،
هن سان منهنجو رشتو آهي.

اُفق

- نامديو تاراچند اڏي

ڌرتي ۽ آڪاش
آهن اِنسان جي اک ۾
پوتڪ سُک
سَڏُ ڌرتيءَ جو سمجهُون
۽ آنند اَڏياتم
جو
پانيوُن پَڙاڏو آڪاش ۾!
ڪانهي ميل ٻنهي جو مُشڪل
اَکين ڏسجي تو اُفق ۾!

•

ديهه ۽ آتما
جڻ آه اَصل ۾ هڪ
ديوارُون پر اَنيڪ
ديس ۽ ڌرم جُون!

•

اِنساني فطرت اَصل ۾
نيتي ۽ وويڪ
ڪندا ۽ ڇَهبوُڪ
پوءِ کهڙي ڪم جا!

•

نہ ڪو شاستر کپي
نہ کپي شاستري ڪو
پنهنجو پاڻ سان ايمان
ڪافي آ اِنسان لاءِ!

•

اِنسان سڀ پاڻ ۾
ساڳي ٻيڙيءَ جا سوار
وات ساڳي منزل ساڳي
لَهون سار-سنڀال جي
سفر سڻائو ٿي وڃي!

•

واٽي ويس وڳا انيڪ
انيڪ ڌرم ۽ ديس
اَصلي پوشاڪ پر هِڪڙي
هڪڙو اگم ديس!

•

دنيا جا دستور ڏِسن
روحاني وات اِهائي
پنڌ پر پنهنجا-پنهنجا
منزل ۾ ڪانہ ٻيائي!

•

هيڪر نِهار اُفق ڏي
ڌرتي ملي آڪاش سان
وري جو نِهار اک کڻي
آڪاش ملي تو ڌرتيءَ سان!
ڪانهي جدا ئي تِنِ ۾
۽ نہ تو ۾ آ نہ مون ۾
منش نگريءَ جا ماڻهو مِڙيئي
سُسِيل ڏِل وڏي ڪريون جي
مِٽيا جَڳُت بہ مِنو لڳي!

سدائين گڏ

-شوڪت حسين شورو

زلزلا رڳو ڌرتي ڌُٻڻ سان ڪونہ ايندا آهن. ڪي ڳالهيون، ڪي واقعا، ڪي حادثا زلزلي جو روپ وٺي ايندا آهن ۽ ماڻهوءَ جي من ۾ جڙيل هر شئي کي ڊاهي اجاڙي ڇڏيندا آهن. هڪڙي زلزلي ڪانپوءِ جڏهن ماڻهو پنهنجي سموري سگهہ کي ميڙي پنهنجي من کي نئين سر جوڙيندو آهي تہ وري اوچتو ڪو زلزلو اچي ويندو آهي ۽ سڀ ڪجهہ ڊهي پٽ پئجي ويندو آهي.

منهنجي زندگيءَ ۾ ڪجهہ اهڙا زلزلا آيا جن مون کي ڌوڏي ڇڏيو، من جي اندران پڄي پوري ڇڏيو آهي. اهي زلزلا منهنجي زندگيءَ ۾ داخل منهنجي من سان واڳيل ٽن شخصن جو گذاري وڃڻ آهي. پهرين شخصيت منهنجي ماءُ جي آهي. هن جي هٿن ۾، هن جي هنج ۾، هن جي ٻانهن ۾، پٽ تي سُرڻ ڪان وٺي پيرڙا کڻڻ، وکون وڌائڻ تائين ڏينهن توڙي رات هن شفقين نظرن ۽ دعائن سان منهنجي زندگي وڌي ويجهي. اٺون ڀيڄڙو ٻہ ڀائر آهيان، جيئن ٻہ آهيان، امان جي ڪري آهيان. اٺين برابر آهي تہ هر ماءُ اولاد جي لاءِ تڪليفون سهندي آهي، ان لاءِ سڀ ڪجهہ ڪندي آهي. منهنجي ماءُ بہ ڪا خاص ماءُ نہ هئي، پر اهائي آد جڳاد واري ماءُ هئي. اٺون سندس پهريون اولاد هئس، پهريون پٽ هئس، ان ڪري هن جو پهريون پيار هئس. هن مون کي هلڻ سيکاريو، پر اها منهنجي نالائقي هئي جو مون کي زندگيءَ جي شاهراهہ تي هلڻ نہ آيو. هلندي هلندي ٿڙندو ٿاٻڙجندو هئس ۽ ڪري پوندو هئس. اٿارڻ وارو ٻيو ڪير ڪونہ هوندو هو - اها امان هئي جيڪا هر ڀيري اٿاريندي هئي، دعائون ڏيندي هئي ۽ ڪڏهن بيزار نہ ٿيندي هئي. هن جي پيار ۽ هن جي شفقت جي عيوض مون هن کي خوشيون ٿوريون، ناخوشيون گهڻيون ڏنيون. هن ڪڏهن شڪايت نہ ڪئي. منهنجين بيشمار غلطين سبب ڪڏهن ڪڏهن ناخوش ٿيندي بہ دعاگو هوندي هئي منهنجي لاءِ هوءَ دعائن جو در هئي ۽ ان ڳالهہ جو

رانجي

- موهن مدهوش

رات سموري جاڳ ۾، سار ستائي ٿي،
تنهنجي ڳولا ٿي رهي.

تو سان گهاريل هر گهڙي، تن تڙپائي ٿي،
تنهنجي ڳولا ٿي رهي.

ايندين؟ ايندين؟ اوچتو، دل، پرڀائي ٿي،
تنهنجي ڳولا ٿي رهي.

موهن مَن 'مدهوش' آ، اڪ الهجائي ٿي
تنهنجي ڳولا ٿي رهي.
رات سموري جاڳ ۾.

نجي ڳالهہ دل ۾ ڪري، رنج ٿئي يا ڪاوڙجي پئي. هو وينو ڪلندو هو
جو نيٺ منهنجي ڪاوڙ ختم ٿي ويندي هئي ۽ آئون بہ سائڻ گڏجي
ڻ لڳندو هئس.

هريءَ سان منهنجي پهرين ملاقات 1986ع ۾ ٿي. هوءَ تہ 15 سالن کان
ڪ بئي سان خطن پٽن، ڪتابن ۽ رسالن جي ڏي وٺ وسيلي تعلق
ڏجي ويو هو، پنهنجن ڪجهہ مٽن ۽ مائٽاڻين سان گڏ بمبئي جي
رنيشنل ايئرپورٽ تان ٽيڪسي ۾ چڙهي سڌا ڪولابا ۽ گريٽ ويسٽرن
ڊنگہ وٽ اچي لٿا هئاسين. سامان سان گڏ مٿي ڏاڪڻيون چڙهندي سهڪي
هئاسين. نيٺ سهڪندي هريءَ جي فليٽ تي اچي پهتاسين. مون در
ي گهنٽي وڄائي. در کليو ۽ هري ٻاهر آيو. هن جي نظر جيئن اسان تي
ي سندس منهن ٽڙي پيو. وڏا وڏا ٽهڪ ڏئي مليو. پاڻ سامان کڻي اندر
ليو. گهر ۾ اچا ٿانئيڪا تي مس ويناسين تہ هريءَ پڇيو، ”شوڪت،
نڌ مان ڪتاب آندا اٿئي؟“ هن ايتري پنهنجائپ ۽ محبت مان چيو
ڻ اسين ورهين کان گهاٽا دوست هئاسين. سنڌ جي ڪتابن جي لاءِ هن
و اتساهہ ۽ انتظار ڏسي مون اٽي بئگ کولي. مٿان مٿان رکيل ڪتاب
نامانس. بئگ جي تري ۾ بہ ڪجهہ ڪتاب رکيل هئا. سامان ڪڍڻ
دران بئگ جي تري ۾ هٿ وڌم. اوچتو آڱر کي وڍ آيو، چرڪي هٿ ٻاهر
ڪڍيم، تري ۾ پيل ريزر آڱر کي وڍي وڌو هو ۽ ان مان رت نڪرڻ لڳو.
ري اهو ڏسي پريشان ٿي ويو. ڊوڙندو ڪپهہ ۽ شايد ڊٽول کڻي آيو. هن
رت صاف ڪري آڱر تي پٽي ويڙهي ڇڏي. ان گهڙيءَ جڻ هري سان رت
جو رشتو قائم ٿي ويو.

80 جي ڏهاڪي ۾ اڃا لئنڊ لائين فون جو رواج هو. انڊيا فون ڪرڻ جي
لاءِ ڪراچيءَ ۾ گيٽ وي جي فون آپريٽر وٽ ڪال بڪ ڪرائڻي پوندي
هئي. جڏهن ڪال ملندي هئي ۽ هري فون کڻي هلو چوندو هو ۽ جيئن
منهنجو آواز ٻڌندو هو تہ جڻ ٽڙي پوندو هو. پوءِ مون کي ڳالهائڻ جو موقعو
ئي نہ ملندو هو. پاڻ بنا ساهي جي مسلسل ڳالهائيندو هتان هُتان جا حال
احوال ڪندو وهندو هو. تان جو پنجن منٽن جي ڪال جو وقت پورو ٿي
ويندو هو. جيڪڏهن مون وچ ۾ ڳالهائڻ جي ڪوشش بہ ڪئي تہ ٻڌ ٻڌ ڇئي
وري پاڻ شروع ٿي ويندو هو. سچي ڳالهہ اها آهي تہ آئون ڪيس پنهنجون

احساس هن جي وجڻ ڪانپوءِ ٿيو.

جڏهن امان کي هارٽ اٽيڪ ٿيو، اها خبر ڪانه هئي تہ ڪو هارٽ اٽيڪ هو، هن سخت پيڙا ۽ تڪليف وچان پنهنجو مٿو منهنجي هنج ۾ رکيو، لڳو هوءَ ننڍڙي ٻارڙي هئي ۽ پنهنجي بابا جي هنج ۾ مٿو رکي هن سمهڻ ٿي چاهيو.

هن چيو ”اباڙي، اوهان کي ڇڏيو پئي وڃان...“

نہ ان وقت مون کي ڏڪڻو نہ آيو، منهنجي دل نہ مڃيو. اهو ٿي نٿي سگهيو تہ امان اسان کي ڇڏي وڃي. من ۾ هڪ سطحي قسم جو خيال آيو تہ امان وڏيون وڏيون بيماريون سٺيون آهن. هيءَ بہ هڪڙي وقت تڪليف آهي، تڪليف جون گهڙيون گذري وينديون. امان ٺيڪ ٿي ويندي، پر اسپتال وڃڻ ضروري هو. ڊاڪٽر ٻڌايو تہ امان کي هارٽ اٽيڪ ٿيو آهي. تڏهن لڳو تہ من جي ڌرتي ڏڏڻ لڳي آهي. امان کي 30 سيپٽمبر 2004ع تي شام جو هارٽ اٽيڪ ٿيو ۽ هوءَ 2 آڪٽوبر تي صبح جو سويل اسان کي ڇڏي هلي وئي. ڌرتي سچ پچ ڏڏي وئي - ۽ اهڙو زلزلو اڳ ۾ ڪڏهن نہ آيو هو منهنجي زندگيءَ ۾.

ان زلزلي کي مون ۾ سهڻ جو ساهس پيدا ڪيو هري موٽوانيءَ. هري ڪجهہ سال اڳ جڏهن اسان جي گهر ۾ آيو هو تہ هن کي امان سان ملي ائين لڳو هو ڄڻ هو پنهنجي ماءُ وٽ آيو هو. هن امان کي پنهنجي ماءُ سڏيو. امان جي گذاري وڃڻ جو ٻڌي جي هن جو وس هلي ها تہ انڊيا مان اڏامي هليو اچي ها. مون کي فون ڪئي، پر فون تي ڳالهائڻ جي بدران اوڇنگارون ڏئي روئڻ لڳو. جڏهن آئون بہ هن سان گڏ روئڻ لڳس تہ مون کي پرچائڻ لڳو، آٿت ڏيڻ لڳو. منهنجي ڍهي پيل، وکري ويل من کي ميڙڻ ۾ هريءَ جي پنهنجائپ ۽ پيار جو وڏو هٿ هو.

هري منهنجو وڏو ڀاءُ هو، دوست هو، همدرد هو ۽ همراز هو. هن سان منهنجا الائجي ڪيترا من جا رشتا ۽ تعلق هئا. هونءَ تہ سنڌ جي عاشق هجڻ جي ناتي هري سنڌ مان هر ايندڙ ماڻهوءَ جو خيال رکندو هو، پر هن جو مون سان پيار جو رشتو هو. ٻيا ماڻهو احترام وچان کيس ڪاڪا سڏيندا هئا ۽ کيس منهن تي ڪا ڳالهہ چئي نہ سگهندا هئا. آئون سائس سندس غلطين تي ڪڏهن وڙهي بہ پوندو هوس. پر هري مجال آهي جو

ٽن هفتن جي انهيءَ ڊگهي سفر ۾ اسين دهلي، لکنو، ڪانپور، آگري، يدرآباد، بئنگلور، اجمير، جئپور ۽ بمبئي ۾ ڪوناڻل سيمينارن ۾ شريڪ اسين. پروگرامن جي پڄاڻي تي سنڌ مان آيل ليکڪ واپس موٽي ويا. ريءَ بمبئيءَ مان فون ڪري چيو ته ”تنهنجي ويزا ۾ اجا هڪ هفتو ي. بمبئيءَ هليو اچ.“

ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻي ممبئي يونيورسٽي جي سنڌي ڊپارٽمنٽ پاران ون کي ليڪچر ڏيڻ جي لاءِ چيو هو. آئون دهلي ۾ هيرو ٺڪر جي گهر ۾ هيل هئس. هيرو مون سان ممبئي گڏجي هلڻ جي لاءِ تيار ٿيو. هن راجڌاني ڪسپريس ۾ ٻه ٽڪيٽون بڪ ڪرايون. پر جڏهن ريلوي اسٽيشن تي هتاسين ته خبر پئي اسان جون ٽڪيٽون ڪنفرم نه ٿي سگهيون هيون. وائي جهاز وسيلي ان ئي رات 3 وڳي ممبئي پهتاسين. ڊاڪٽر ٻلديو يتري دير ٿيڻ جي باوجود اسانجي آجيان جي لاءِ ايئرپورٽ تي موجود و. اسان کي وٺي ممبئي يونيورسٽي جي گيسٽ هائوس تي آيو ۽ چيا تو سان ته اتي هري رات کان وٺي اسان جي انتظار ۾ ويٺو هو! اسين ٽي چار ڏينهن گيسٽ هائوس ۾ ترسيل هئاسين ۽ هري موٽواڻي به اسان سان ڏ اتي ئي رهيو پيو. اهي راتيون اهي ڏينهن هريءَ سان جيڪي ڪچهريون ٿيون تن جو مزو وسري ئي نٿو. اها خبر پوءِ پئي، اهي هريءَ طرفان موڪلائيءَ جون ڪچهريون هيون ۽ ان کان جلدي پوءِ هريءَ کي ڪ ختم نه ٿيندڙ سفر تي اُسهڻ جي لاءِ اسان کان جدا ٿيڻو هو.

گيسٽ هائوس ۾ رهڻ واري ٻئي ڏينهن تي هري اسان کي ٻاهر ٿهمائڻ وٺي هليو. منجهند جو هڪ ريسٽورنٽ/بار ۾ هلي ٻيغ ٽڏو بيئر دل ري پياريائين ۽ پاڻ به پيتائين. گڏ کاڌو به هلندو رهيو. ڪيڏي مهل ڇي، ڪيڏي مهل گوشت، ڪيڏي مهل کهڙي شئي پيو گهرائي. ٽئين ڏينهن ليڪچر کان واندا ٿي مون کيس فرمائش ڪئي ته اڄ شام جو ڪولابا وٺي هل. 20 سال اڳ آئون به پيرا بمبئي آيو هئس ته سندس گهر جي ويجهو ڪولابا جي هڪ هوٽل ۾ ٽڪيو هئس. Nostalgia جي ڪارڻ وري ڪولابا ۽ گيٽ وي آف اِنڊيا وڃڻ ۽ ڏسڻ تي دل ٿي رهي هئي. هري سمجهي ويو ته ڪولابا سان منهنجون ڪي يادگيريون ڳنڍيل هيون. هو ڪلي پيو ۽ هڪدم ها ڪيائين. هريءَ کي هلڻ ۾ تڪليف هئي ۽ لڪڻ جو

ڳالهيون ٻڌائڻ جي لاءِ نہ پر سندس ڳالهين ٻڌڻ جي لاءِ فون ڪندو هئس. پوءِ جڏهن موبائيل فون اچي ويو ۽ لئنڊ لائين بہ ڊائريڪٽ ٿي وئي، تہ اسان جون موجون ٿي ويون. چو تہ ٻئي ڄڻا آسانيءَ سان ڳالهائي سگهندا هئاسين.

هريءَ جي لاءِ عام طور اها ڳالهہ مشهور هئي تہ هو پيٽ جو هلڪو هو. ڪيڏي بہ راز جي ڳالهہ هجي ۽ هريءَ کي چيو وڃي تہ ٻئي ڪنهن کي ناهي ٻڌائڻي تہ هن جي پيٽ تي بار ٿي پوندو هو ۽ ڳالهہ کي گهڻي وقت تائين لڪائي رکي نہ سگهندو هو. پوءِ اها ڪنهن نہ ڪنهن نموني سندس پيٽ مان ضرور نڪرندي هئي. پر مون کي حيرت آهي تہ هن منهنجون ڪي ذاتي ۽ راز جون ڳالهيون پنهنجي پيٽ ورن ۾ لڪائي رکيون ۽ انهن کي هضم ڪري ويو. هن جي گذاري وڃڻ ڪانپوءِ بہ بہ پيرا انديا ويو آهيان. پر ڪڏهن بہ ڪنهن دوست اهو نہ ٻڌايو تہ هريءَ تنهنجي هيءَ ڳالهہ اسان کي ٻڌائي.

2005ع ۾ هريءَ سان آخري گڏجاڻي ٿي. نيشنل ڪائونسل فار پرموشن آف سنڌي لئنگيج، سنڌي اڪيڊمي دهلي ۽ سنڌي ڪائونسل آف اِنڊيا پاران سنڌي مهااتسو جي موقعي تي انڊو-پاڪ سنڌي ادبي ڪانفرنس ڪوٺائي وئي هئي. انڊيا جي 11 شهرن ۾ سنڌي زبان، ادب، آرٽ ۽ ڪلچر تي سيمينار ۽ سمپوزيم رکيا ويا هئا. انڊيا جي سنڌي اديبن ڪانسواءِ سنڌ جي اٽڪل 30 ليکڪن کي شريڪ ٿيڻ جي نينڊ ڏني وئي هئي. اهو پهريون ڀيرو هو جو انڊيا جي ايترن سارن شهرن ۾ سيمينار ۽ سمپوزيم رکيا ويا هئا جن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ سنڌ جي ليکڪن جو هڪ وڏو ڊيليگيشن انڊيا پهتو هو. اها سڄي ڪوشش شري سريش ڪيسواڻي جي هئي. اسين 16 سيپٽمبر 2005ع تي دهلي پهتاسين. ڪانفرنس جا ڪرتا ڌرتا اسان کي وٺڻ لاءِ اندر لائونج ۾ آيا هئا. ٻاهر نڪتاسين تہ گيٽ وٽ هري موٽواڻي، هيرو ٺڪر ۽ نند ڇڳاڻي اسان جي آجيان جي لاءِ بيٺا هئا. انڊيا پهچڻ سان هنن کي ڏسي اسان جي خوشي ٻيڻي ٿي وئي. پر اهو ٻڌي ڏک ٿيو تہ ٽنهي ڄڻن کي ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ جي دعوت نہ ڏني وئي هئي. هري ۽ نند رڳو اسان سان ملڻ جي لاءِ خاص بمبئي مان هلي دهلي آيا هئا ۽ وري ڪين واپس موٽي وڃڻو هو.

بيٺو هو. هريءَ فون تي ڳالهايو. ڪيس ڏک هو تہ پاڻ مون کان موڪلائڻ جي لاءِ اچي نہ سگهيو هو. ڪلب ۾ ووڊڪا تي اها آخري ملاقات هئي. ائون 14 آڪٽوبر 2005ع تي واپس سنڌ موٽي آيس.

سليم ميمڻ ۽ مون گڏجي 2006ع ۾ سنڌي انٽرنيشنل ڪانفرنس ڪوٺائڻ جو پروگرام ٺاهيو هو. اها ڪانفرنس ڪراچي يونيورسٽي جي سنڌي ڊپارٽمينٽ ۽ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌي يونيورسٽي طرفان گڏيل هئي جنهن ۾ انڊيا مان بہ ليکڪن جي لاءِ ويزا جون ڪوششون هليون پئي تہ اوچتو هريءَ کي هارٽ اٽيڪ تي پيو. مون سندس پوٽي وشاڪا جي موبائيل نمبر تان ساڻس ڳالهايو. هن کي پنهنجي هارٽ اٽيڪ کان وڌيڪ سنڌ جي دوري جو اونو هو تہ اهو رلي ويو. مون کيس آٿت ڏني تہ سنڌ ڪڏهن بہ اچي سگهين ٿو، پهرين نيڪ ٿي. شايد هريءَ جي دل مان اهڙي آهہ نڪتي جو پاڪستان جي حڪومت انڊيا جي ليکڪن کي ويزا ڏيڻ کان انڪار ڪيو.

هريءَ مون کي فون تي ٻڌايو تہ ”مورج منگهاڻيءَ مون کي چيو آهي تہ پلي ڪيترو بہ خرچ ٿئي آئون پريندس. تون علاج ڪراءِ.“ ڊاڪٽرن هريءَ جي باءِ پاس سرجري ڪرڻ کان نٽايو پئي. هڪ تہ هن جي عمر وڏي هئي، ٻيو وري ڊائيبيٽڪ بہ هو، پر پوءِ نيٺ هن جي باءِ پاس ڪرڻ جو فيصلو ٿيو. ان وچ ۾ هري موٽي گهر آيو هو. هن مون سان فون تي ڳالهايو. خوش پئي لڳو تہ هاڻي طبيعت بهتر آهي. باءِ پاس ٿيڻ کانپوءِ سنڌ ضرور ايندو. 7 مئي 2006ع تي هن جي گذاري وڃڻ جي خبر آئي. اها خبر ڌڪو نہ پر زلزلو هو. ڪي گهڙيون تہ ذهن سُن ٿي ويو. پوءِ پاڻ سنڀالي مون وشاڪا کي فون ڪيو. هوءَ پنهنجي ڏاڏي کي بي‌انتها چاهيندي هئي ۽ کيس خبر هئي تہ هري پنهنجن کهڙن دوستن کي پيار ڪندو آهي. هريءَ هن کي اهو سڀ ٻڌايو هو. وشاڪا روئندي مون کي هريءَ جي آخري وقت جون ڳالهيون ٻڌايون. مون کيس آٿت ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. پر مون کي پاڻ کي آٿت جي ضرورت هئي ۽ اها ڪير ڏئي!

هري هڪ عجيب ۽ بيمثال شخص هو. ايترو پيار ڪندڙ ۽ ننڍي ننڍي ڳالهہ جو خيال رکندڙ. منهنجي ۽ هن جي وچ ۾ ايتري پنهنجائپ ڪيئن ٿي. اهو مون کي اڃا تائين سمجهہ ۾ نہ آيو آهي. بس ٿي وئي ۽ اها ڳالهہ

زور تي هلندو هو. پر منهنجي ڪري ڪولابا جي روڊن رستن تي ۽ گيٽ وي آف اِنڊيا تي مون سان گڏ هلندو رهيو. پوءِ اتي ئي هڪ ريسٽورنٽ ۾ وٺي آيو. مون چيومانس، ”بيئر سان تہ ڪجهہ ٺٺي ئي ڪونہ ٿو. منهنجي لاءِ وهسڪي گهراءِ.“ هن منهنجي لاءِ وهسڪي، ڊاڪٽر منلاڻي ۽ پنهنجي لاءِ بيئر گهرايو. ان سان گڏ مڇي گهرائي. آئون اڃا هڪڙو پيگ خالي ڪريان تہ هڪدم ٻيو پيگ گهرائي مڇي اڃا ختم ٿيڻ تہ هجي تہ وري گهرائڻ جي لاءِ آرڊر ڏئي. جيڪڏهن ويٽر اچڻ ۾ دير ڪري تہ پنهنجي لڪڻ سان ٺڪ ٺڪ ڪري سيني جو ڏيان پاڻ ڏانهن ڇڪائي ۽ وري پرواهہ بہ نہ ڪري. پُر ٿي نڪتاسين تہ ٻاهر موج لڳي پئي هئي. اها شوراتري هئي. نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون ڏانڊيا ناچ ڪري رهيا هئا ۽ ماڻهن جو هجوم گڏ ٿيل هو. اسين دير تائين ناچ جو مزو وٺندا رهياسين.

هريءَ جو گهر جيتوڻيڪ ڪولابا ۾ هو، پاڻ چاهي ها تہ اتان پنهنجي گهر هليو وڃي ها. پر هن منهنجو ساٿ ڇڏڻ نٿي چاهيو. اسان سان گڏ لوڪل ٽرين ۾ چڙهي يونيورسٽي گيسٽ هائوس هليو. صبح جو نند جويري مون کي وٺڻ آيو. هري نند جي گهر تائين گڏجي هليو ۽ پوءِ اتان پنهنجي گهر ويو. تڏهن ڪنهن ڳالهہ جي ڪري نند جويري ساڻس ناراض هو، پر هريءَ کي ان ناراضگيءَ جي پرواهہ نہ هئي. آئون جيترا ڏينهن نند وٽ ٽڪيل هئس مون سان ملڻ جي لاءِ شام جي وقت هريءَ جو اچڻ لازم هو.

هڪ ڏينهن نند جويريءَ اسپورٽس ڪلب تي لنچ ڪرڻ جو پروگرام ناهيو. هن هريءَ کي بہ اتي اچڻ لاءِ چيو. اسان کي شهر ۾ ڪجهہ دير ٿي وئي. ڪلب پهتاسين تہ هري اسان جو انتظار ڪري رهيو هو، نند سان تہ نہ، مون سان هلڪيءَ شڪايت بہ ڪيائين تہ ايترو انتظار ڪرايو اٿو. هن ڪلب جي شاپ تان منهنجن ٻارن جي لاءِ جام شيون ورتيون هيون. ”اِچي هي سنڀال ٻارن کي منهنجي طرفان ڏجانءِ تہ ڪاڪا موڪليون آهن.“ هن شاپر منهنجي حوالي ڪيو. نند جويريءَ ڪلب جي خاص شئہ ووڊڪا مصالحا گهرائي. وڏو گلاس پوروئي نہ ٿئي. هڪڙو پي ورتوسين. تہ نند وري ٻيو گلاس گهرايو. ووڊڪا ۾ ڪو خاص مصالحو ملايل هو. لوڻ مرچ ۽ وري مناڻ بہ هري اڳي ئي ڊائبيٽڪ. گهر ويو تہ رات جو ڪيس سخت تڪليف ٿي پئي. ٻئي ڏينهن مون کي دهليءَ ۽ اتان واپس ملڪ روانو

شاهه لطيف جو تاريخي ڪردار

- تاج جويو

شاهه لطيف جي شاعري عظيم ڪلاسڪ ۾ شمار ٿئي ٿي ۽ ان حوالي
ي نه رڳو اسان جي ماضيءَ جي ترجمان آهي، پر اسان جي حال ۽ مستقبل
ي پڻ ترجمان شاعري آهي. شاهه پنهنجي موضوع ۽ مخصوص اظهار
ب سنڌي ٻوليءَ جو هڪ بي مثال شاعر آهي، جنهن جي شاعري اڍائي
سؤ سال گذري وڃڻ جي باوجود نه رڳو دائمي ۽ آفاقي قدرن سان مالا
ي آهي. پر نِت نئين آهي، جنهن جو اثر صدين جي سفر ڪانپوءِ به قائم
ائم رهڻو آهي.

شاهه‌لطيف پنهنجي دور ۾ پنهنجي قوم، وطن تهذيب، تاريخ ۽ ٻوليءَ
ي رکپال شاعر رهيو آهي. هن پنهنجي تخليق ''شاهه جي رسالي'' ذريعي
دين جي امرتا حاصل ڪري ورتي آهي، جيئن ته سنڌس تخليقي پورهيو
اهه جو رسالو) سنڌي ٻوليءَ ۾ آهي. انڪري شاهه صاحب پنهنجي
عريءَ ذريعي پنهنجي دور جي ٻوليءَ کي سدا حيات ۽ سدا بهار بڻائي
ڇڏيو آهي.

پيدائيءَ اُن پر آشوب دور ۾ جنم ورتو هو، جڏهن مغل سلطنت زوال
ير هئي ۽ پنهنجي بچاءَ ۽ بقا لاءِ چڙهيون هڻي رهي هئي. مغل گورنرن
سنڌ جي جاگيردارن پنهنجي اقتداري مفادن لاءِ پاڻ ۾ ٻٽُ ۽ جُٽ ٿي،
ر زمين سنڌ جي عظيم انقلابي ''شاهه عنايت'' کي شهيد ڪرايو هو،
نهن اُن دور ۾ جاگيردارن ۽ سندن مُربي مغل حڪومت خلاف تحريڪ
ائي هئي ۽ زمين جو مالڪ انگ اگهاڙي ۽ پيٽ بُکئي هاريءَ کي قرار
و هو. هن ''جو کيڙي سو کائي'' جو اُصولي پيغام ڏئي، ''بيشڪ زمين
له جي آهي'' جو سچو سبق ڏنو هو. نتيجي طور جاگيردارن جا ستايل
ري شاهه عنايت وٽ اچي گڏ ٿيا هئا ۽ گڏجي پوک ڪندا هئا ۽ پوک
ي ڪمائي پاڻ ۾ ونڊي ورهائي کائيندا هئا. اُن دؤر جا مغل-مُطيع
اگيردارَ هيءَ انقلابي هلچل، جيڪا اقتصادي ڦُرمار جي خلاف هئي،

منهنجي لاءِ ڪوڙ آهي. ٻين ماڻهن جي نظر ۾ هري موٽوائي جي شخصيت ۾ يلي ڪيتريون اوڻايون هجن، ڪيتريون خاميون هجن، پر منهنجي لاءِ هر مجسم پيار هو، خلوص هو. هريءَ جو مون کانسواءِ جنهن ٻئي شخص سان حد کان وڌيڪ پيار هو اهو نواب منظور حسين ٽالپر هو. جيتوڻيڪ نوابن جي گهرن ۾ پردي جي پابندي آهي، پر هري نواب منظور جي گهر جو فرد هو. سندس گهر جي سمورين ڳالهين ۽ مسئلن ۾ رهي گهر جي وڏي جيان شريڪ رهندو هو. هريءَ پنهنجي سفرنامي ۾ نواب منظور حسين ٽالپر جي ڏيءُ جي حوالي سان ڪجهه ذاتي قسم جو ڳالهيون لکيون هيون. ٻيو ڪو ماڻهو هجي ها ته هريءَ سان ڪاوڙجي تعلق ٽي ختم ڪري ڇڏي ها. پر نواب منظور ڪاوڙجڻ بدران چيو، ”ڪاڪي هريءَ سان ڪهڙا ليکا!“ اهو ٻنهي جو پاڻ ۾ پيار هو جنهن ۾ ويڇو نه پئجي سگهيو.

هريءَ جي گذاري وڃڻ تي مون کي ڪير آٿت ڏيڻ وارو هو ته اهو نواب منظور حسين هو. هن جي دوستيءَ ۾ به ايترو پيار ۽ پنهنجائپ هئي جيتري هريءَ وٽ هئي. اڄ اهي ٻئي جڻا ڪونه آهن. هري هليو ويو. نواب منظور هليو ويو. هڪ ڏينهن آئون به هليو ويندس. خبر ناهي هن جهان کان سواءِ ٻيو جهان آهي يا نه! جيڪڏهن ٻيو جهان آهي ته اسين ٽئي جڻا اتي ملي سگهنداسين! پر ائين ڇوڻ ۾ ڪهڙو هرج آهي ته وري ملنداسين... سدائين گڏ.

ڪ وسيع شاهوڪار، عوامي ۽ قومي زبان بنائي ڇڏيو.

شاهہ لطيف، ڪلهوڙن جي دور يعني 18 صديءَ واري سنڌ ۾، سنڌي زبان کي پنهنجي شاعريءَ ذريعي جيڪا تخليقي سگهہ، جيڪو اظهار جو حسن، جيڪا اِحساس ۽ ڪيفيتن جي بيان جي قوتَ ۽ جيڪو وياڪرڻي، ستاءُ (Grammatical Structure) ۽ سونهن بخشي آهي، اُن جو مثال ملڻ مشڪل آهي.

شاعَر، سياستدانن ۽ حڪمرانن کان وڌيڪ دؤر انديش ۽ دوربين نگاهہ جا مالڪ هوندا آهن. اُن ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ ڪلهوڙا سنڌ جا محب وطن حاڪمَ هئا، هو مغل سامراج جي زوال کي اکئين ڏسي رهيا هئا، اُن کري سنڌ کي سندن تسلط کان آزاد ڪرڻ لاءِ ڪوشش ۾ مصروف هئا؛ پر اُن جدوجهد دوران حڪومتي مصلحتن ۽ مفاد پرست سياست جو شڪار ٿي هنن ٿي وڏيون غلطيون ڪيون، جهڙوڪ: (1) يار محمد ڪلهوڙي پاران شاهہ عنايت جي شهادت ۾ مغلن جي پرجهلائوءَ جاگيردارن- عبدالواسع شاهہ، حمل جت ۽ نور محمد پليجي جي سهڪاريءَ طور ڪردار ادا ڪرڻ؛ (2) نور محمد ڪلهوڙي پاران شاهہ لطيف جي شُهرت کان خائف ٿي، ڪوتاهہ انديش صلاحڪارن جي مشوري تي شاهہ لطيف کي جَڙي گهوڙي سُواريءَ لاءِ ’فارسي زبان‘ کي دربار، سرڪار ۽ مَڪتبن جي زبان بنائڻ، جيتوڻيڪ مغلن جو دور کان وٺي ڪلهوڙن جي دور تائين ڪيترائي محب وطن عالم، مڪتبن ۽ مدرسن ۾ سنڌي زبان ۾ درس ۽ تدريس ڏيندا رهيا هئا.

جيڪڏهن ڪلهوڙا حڪمرانَ اِهي ٽي سياسي غلطيون نہ ڪن ها، ۽ پنهنجن وڏن آدم شاهہ ڪلهوڙي ۽ شاهہ علي عرف شاهل محمد ڪلهوڙي جي پيروي ڪندي، شاهہ عنايت جي ’عوامي سگهہ‘ ۽ شاهہ لطيف جهڙي عوامي شاعر جو ساٿُ حاصل ڪن ها ۽ کين پنهنجو همدرد ۽ همدم بنائين ها، تہ هو ڪافي وقت اڳ نہ رڳو سنڌ، مغل تسلط کان آزاد ڪرائي وٺن ها، پر سنڌ ۾ پنهنجي مستحڪم ۽ مضبوط حڪومت پڻ قائم ڪري سگهن ها.

ڪلهوڙن حاڪمن جي پيٽ ۾ شاهہ لطيف جي دوررانديشي ۽ مستقبل

برداشت نہ ڪري سگهيا ۽ هنن مغل حڪمرانن سان گڏجي شاهہ عنايت کي شهيد ڪرائي ڇڏيو. اُن ڪُڌي عمل ۾ ٻاهرين حاڪمن جو پرجهلائو متعصب مُلان بہ مقامي جاگيردارن سان گڏ هو ۽ ٽئي قوتون، سنڌ اندر انسان دوستي رواداريءَ، حب الوطني ۽ برابريءَ تي ٻڌل سماج جي تعمير لاءِ ڪوششون ڪندڙ فڪر جي پاڙ پٽڻ لاءِ سندرو ٻڌي بيٺيون هيون.

ساڳئي وقت ٻئي پاسي اهڙي ماحول ۾ اڪيون ڪوليون هيون، جڏهن دربار ۾ سرڪار جي زبان فارسي هئي. مغل-مطيع سنڌي حڪمرانن (ڪلهوڙن) جو سمورو دفتري ڪاروباري فارسي زبان ۾ هلندو هو ۽ حڪمرانن جي بولڙين- ”سنڌي وائي، قلم نہ آئي“ ۽ ”پارسي گهوڙي چاڙهسي“ جهڙا فقرا گهڙي، مغل سلطنت جي خوشامد ۾ حد ڪري ڇڏي هئي. اهڙيءَ ريت مقامي حڪمرانن ۽ سندن درٻاري خوشامدڙين ڄڻڪ هڪ طرح سنڌي ٻوليءَ سان پنهنجو ناتو ئي ٽوڙي ڇڏيو هو.

اِن پسمنظر ۾، شاهہ لطيف غلاميءَ واري ماحول ۾ ڪوڙ ۽ خوشامد جي گهيرن کي ٽوڙڻ لاءِ انسانيت، اخوت، اتحاد، محبت ۽ حب الوطنيءَ جو پيغام ڏنو. اُن لاءِ هن هڪ طرف مخدوم معين عرف مخدوم ٺاري ٺٽويءَ، ميان صاحب ڏني فاروقيءَ، مخدووم محمد زمان لنواريءَ واري ۽ شاهہ عنايت رضويءَ جهڙن محب وطن، آزادي پسند ۽ حق پرست عالمن ۽ بزرگن سان دوستيءَ، ويجهڙايپ ۽ علمي رابطي جو رستو قائم رکيو تہ ٻئي طرف پنهنجن جذبن ۽ اُمنگن جي اظهار لاءِ جيڪا زبان منتخب ڪئي. اُها عام ماڻهن جي زبان ”سنڌي“ هئي. ان ريت پٽ ڌڻيءَ پنهنجي شاعريءَ جي ذريعي ٻِئي غلاميءَ خلاف جدوجهد ڪئي. هڪ طرف هن پنهنجي شاعريءَ جا موضوع ۽ ڪردار اهڙا چونڊيا، جيڪي عوامي هئڻ سان گڏ حب الوطنيءَ، بهادريءَ، سچائيءَ، انسانيت، قربانيءَ، اخلاقي قدرن، قومي ڪردار ۽ تهذيبي حسن جي علامت هئا، جن جو مطالعو عوام ۾ هڪ حقيقي قوم واريون خصوصيتون ۽ گُڻ پيدا ڪري پئي سگهيو تہ ٻئي طرف هن پنهنجي مادري ۽ قومي ٻولي سنڌيءَ جو پاسدار بنجي، فارسيءَ جي سياسي، لساني، تعليمي ۽ ادبي غلبي خلاف نعرو بلند ڪري، پنهنجي سدا حيات شاعريءَ وسيلي سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجي دور جي

ڄڻ نہ ٿي چاهيو تہ مقامي حڪمرانن جي اِن ظلم ۽ غلط ڪاريءَ خلاف
ڏي وڏي ڪا ’طبقاتي جنگ‘ شروع ٿي وڃي، جو سنڌ جي آزادي ۽
دت واري وڏي مقصد کي ڇيهو رسي، پر اها بہ حقيقت آهي تہ شاهہ
احب سنڌي زبان واري معاملي تي ڪمپرومائيز ڪرڻ ۽ مصلحت کان
م وٺڻ لاءِ ڪنهن بہ صورت ۾ تيار نہ هو؛ ڇو تہ هن ڄاتو ٿي تہ جڏهن
ڪومتن جي سياسي ۽ اقتصادي محاذن تي شڪست کائڻ جو امڪان
جي. يا اُهي ٻئي محاذ مڪمل طرح عوامي وس ۾ نہ هجن ۽ ملڪي
حدت کي خطرو سامهون هجي تہ اهڙي سمي ’ثقافتي محاذ‘ تان جنگ
وٽڻ گهرجي، جيئن تہ ثقافت يا تهذيب جو وڏو ۽ متحرڪ عنصر زبان
هي، اُن ڪري لطيف سائينءَ، هڪ شاعر جي حيثيت ۾ ’سنڌي زبان‘
ي بچاءَ ۽ سلامتيءَ جو جهنڊو بُلند ڪيو، ڇاڪاڻ تہ کيس خبر هئي تہ ان
جنگ ۾ هو مڪمل عوامي حمايت حاصل ڪري سگهيو ٿي ۽ مقامي ڪلهوڙا
ڪمران پڻ سنڌي هئڻ جي ناتي هن لاءِ ايڏو وڏو خطرو بڻجي نہ پئي
سگهيا، ڇو تہ اُنهن فارسيءَ کي درٻاري ۽ سرڪاري زبان جو درجو فقط
نهنجي اقتدار جي بحاليءَ جي هڪ وسيلي طور ڏنو هو.
يت ڌڻيءَ جي حب الوطنيءَ واري ساڃاهہ ۽ ڏاهپ جو اُهو ڪمال آهي
ہ هن انهيءَ (ٻوليءَ واري) هڪ مورچي تان، وطن جي وحدت ۽ ٻوليءَ
جي بچاءَ ۽ سلامتيءَ جي ٻنهي جنگ ڪاميابيءَ سان وڙهي. هن هڪ طرف
مغل سامراج ۽ مقامي ڪلهوڙن حاڪمن جي پرجهلائو متعصب، اورنگزيبي
سياست جي حامي ۽ وحدت الشهودي ملان جي مخالفت ڪري، سنڌ اندر
’قومي وحدت‘ ۽ ’هندو مسلم ايڪتا‘ جي فضا قائم رکڻ جي ڪوشش
ڪئي، جنهن لاءِ ’سنڌي زبان‘ هڪ مؤثر ذريعو هئي، جيڪا سنڌي مسلمان
۽ هندوءَ جي مشترڪ مادري ۽ قومي زبان هئي، جنهن سان ٻنهي جي
جيءُ جون جڙون هيون. ٻئي طرف هن درٻار ۽ سرڪار جي زبان توڙي
سرڪاري مڪتبن ۽ مدرسن جي زبان فارسيءَ جي سياسي، لساني، ادبي
۽ تعليمي غلبي خلاف آواز اُٿاري، سنڌي ماڻهن جي دلين جي ترجماني
ڪئي ۽ کين پنهنجي ٻوليءَ ۾ وطن جي وحدت ۽ آجپي جو سنيهو ڏنو.
آءُ پنهنج مؤقف جي حمايت ۾ ڪجهہ بيت پيش ڪرڻ مناسب

شناسيءَ ڪي داد ڏيڻ کان رهي نہ ٿو سگهجي؛ جنهن هڪ اهڙي وقت ۾ جڏهن، مغل سامراج پوئتو پئجي رهيو هو، مقامي ڪلهوڙن/سنڌي حاڪمن خلاف ڪابہ بغاوت نہ ڪئي، بلڪ روايت آهي تہ شاهہ صاحب، نور محمد ڪلهوڙي کي دُعا ڪئي هئي تہ ڪيس ڳُلان مان هڪ اهڙو گُل پيدا ٿيندو، جيڪو سندس ناماچاريءَ سان گڏ سنڌ جي ناموسَ جو بہ ڪارڻ بڻيو. اها بہ حقيقت آهي تہ نور محمد ڪلهوڙي جو فرزند غلام شاهہ ڪلهوڙو، مغلن کان سنڌ کي مڪمل خودمختيار ۽ آزاد ڪرائڻ ۾ ڪامياب ويو هو، اُها ڳالهہ آهي تہ اُن کي استحڪام بخشڻ جي ڪيس مناسب موقعو ۽ وقت نہ مليو.

شاهہ لطيف، شاهہ عنايت جي شهادتَ واري واقعي تي رَنجيدو هو ۽ هو يار محمد ڪلهوڙي ۽ سندس فرزند نور محمد ڪلهوڙي جي ڪردار ۽ عملَ جو سخت مخالف هو، اِهو ئي سبب آهي، جو شاهہ صاحب پنهنجي شاعريءَ ۾ مختلف هنڌن تي علامتي انداز ۾ شاهہ عنايت جي تحريڪ جي نہ رڳو حمايت ڪئي آهي، پر اُن واقعي کي ڳايو بہ آهي، جيئن هيٺين بيتن مان ظاهر ٿئي ٿو:

پنيءَ پڙڪا ڪن، باهيون بيراڳين جون،
هلو تہ سيڪيون هٿا، مٿي تن مچن،
مون پڻ مُلاءِ تن، جڙ لڳي جانِ ۾.

—

جهڄان پسيو جهوڪ، آيل سنگهارن جي.

—

اڄ نہ اوطاقن ۾، طالب تنوارين
آديسي اُٿي ويا، مڙهيون مون مارين،
جي جيءَ کي جيارين، سي لاهوتي لڏي ويا.
(رامڪلي)

ليڪن شاهہ صاحب هن ’عظيم سانحي‘ تي شديد رد عمل ۾ اچي، ’عوامي بغاوت‘ جي اڳواڻي نہ ڪئي. اُن جو ڪارڻ منهنجيءَ نظر ۾ اهو هو

ن،، پر اُنهن ۾ ’پناڻن‘، ’سنڌي جو سعيو‘، ’پارسيون‘، ’فارسي‘، ولو‘، ’چام‘، ’عامن‘ ۽ ’خاصن‘ جهڙا لفظ ۽ ترڪيبون خاص اهميت ٽن ٿيون. سسئيءَ کي پنهونءَ جا ڏيرَ ٻروچَ ڪٽي ويا هئا ۽ نہ ڪيس ’پناڻن‘ وا ڪيو هو، اُن ڪري هي ٻيئي بيت ۽ اُنهن ۾ بيان ڪيل لفظ ۽ ترڪيبون ص ڏِيانُ ڇڪائين ٿيون. ’پناڻن سان پوڻ‘، ’ٻولي نہ ٻجهڻ‘، ’سنڌيءَ و سعيو ڪرڻ‘، ’پارسيون پڇڻ‘، ’سور پرائڻ‘، ’فاري سکڻ‘، ’گولو ۽ غلام ٻڻ‘ ’ٻن ڳالهين ۾ ٻڌجڻ‘، ’چام چوائڻ‘، ’عامن مان ٿيڻ‘ ۽ ’خاصن ن نہ ٿيڻ‘ وغيره اصطلاح، ان سموريءَ صورتحال ۽ مسئلي کي بلڪل ضح ڪري بيهارين ٿا تہ ڌارين سان دوستي ۽ مٿن اعتماد سان غلامي اصل ٿئي ٿي ۽ ماڻهوءَ جي ’خاص‘ (آزاد منش) واري حيثيت گهٽجي ام‘ (غلام/ٻانهي) واري حيثيت ٿي وڃي ٿي.

هتي آءٌ اها ڳالهہ بہ واضع ڪري ڇڏيان تہ ڀٽائي صاحب، فارسي زبان ڪڻ جو مخالف ڪونہ هو، ڀٽائي تہ خود فارسيءَ جو وڏو عالم هو، هو ثنوي مولانا روم هميشهہ پاڻ سان گڏ کڻندو هو، جيڪا فارسيءَ ۾ هئي. ندس شاعريءَ ۾ ڪيترائي فارسي لفظ ۽ اصطلاح ڪم آندل آهن، خاص ڪري شاهہ عنايت جي شهادت واري بيان واري بيت ۾ ’سردر قدم يار دا شد چہ بجا شد‘ فارسي شاعريءَ جي ست تضمين طور ڪم آندي تس، جيڪا ان ڳالهہ جي ثابتي آهي تہ ڀٽائي نہ رڳو فارسي ڄاڻندو هو، ر فارسي شعرن جون سٽون تضمين طور بہ ڪم آڻڻ جو هنر ڄاڻندو هو. هو ولانا روم سان گڏ ڪيترن ئي اعليٰ قسم جي فارسي شاعرن جو وسيع طالعو رکندو هو، جن جا ڪيترا تاريخي شعر سنڌيءَ ۾ تخليقي طرح رجمو بہ ڪيا اٿس- جهڙوڪ:

پيرِ را بُگزين کہ بي پيرِ اين سفر
هست بس پُر آفت و خوف و خطر

—

هر کہ او بي مرشدي در واهہ شد
تو ز غولان هداُو در چاهہ شد

سمجهان ٿو، جن مان متعصب وَحدت الشهودي مُلي جي مخالفت ۽ سنڌي زبان جي حيثيت جي بحاليءَ جي حمايت ظاهر ٿئي ٿي:

مُنهن ته آهيريانئي اُجرو، اندر ۾ ڪارو،
ٻاهر زيبُ زبانَ سين، دِل ۾ هڇارو،
اِن پر ويچارو، ويجهو ناهه وِصال کي.

—

مارِ مَر مُطيعَ کي، مَجوُسيءَ کي مارِ،
وڏي جنگ مَر وِسارِ، ننڍيان نفعو ناهه ڪِي.

—

پيِيم ”پناٽن“ سين، ٻوليِ جي نه ٻُجهن.
آءٌ سنڌيءَ جو سعيو ڪريان، هو پارِسيون پُڇن،
موُن پڙ مَلان تن، سَرتيون سوُر پرائيا!

—

جي تون سِکيو فارسي، گولو توءِ غلامِ،
جو ٻڌو ٻن ڳالهئين، سو ڪئن چائي چامِ،
اُجيو تا آب کُهري، ٻُکيو تا طعامَ،
اِيءَ عامن سندو عامِ، خاصن منجهان نه ٿئي.

هنن بيتن مان پهريون بيت، اُن وحدت الشهودي مُلان جي خلاف آهي، جنهن جو مُنهن ته آهريءَ/آرسيءَ کان به وڌيڪ چمڪندڙ آهي، پر اندر ۾ منافقت جي ڪاراڻ سَمايو وتي، ٻاهران زبان زيبُ واري اٿس، پر دل ۾ هڇارو آهي ۽ ’قومي وحدت‘ ۽ ’قومي وصال‘ کان وانجهيو رهيو آهي. ٻيو بيت اُن هڇاري ملان بابت آهي، جيڪو ’هندو-مسلم تضاد‘ واري اورنگزيبي سياست جو قائل آهي، توڙي اُن ’طبقاتي ويڙهه‘ جي حاميءَ، جيڪو ’قومي آجپي جي جنگ‘ تي ننڍين ننڍين جهيڙن کي اهميت ڏئي ٿو، ٻنهي تي اها ڳالهه واضع ڪري ٿو ته وڏي جنگ (وطن جي وحدت ۽ آزاديءَ واري جنگ) کي نه وسارڻ ۽ ننڍين جنگين (هندو مسلم ويڇن ۽ طبقاتي ويڙهه) ۾ نفعي نه هجڻ جو فلسفو ئي سچو فلسفو آهي.

۽ باقي به بيت جيتوڻيڪ ”سسئيءَ جي داستان“ سان واسطو رکندڙ

ساڳيو مفهومُ، ڏسو تہ لطيف سائين ڪيئن تہ بيان ڪري ٿو ۽ 'خون بها' لاءِ اُن جو سنڌيءَ ۾ هم معنيٰ لفظ ''ديت'' استعمال ڪري ٿو، جيڪو غور طلب آهي.

ڪنارو ۽ ڪوس، اڳئي آريءَ جام جي،
ديت آهي دوسُ، مارڳ ۾ سين جي.

فارسي زبان ۾ لکيل اُهي بہ خط تہ عالمن ضرور پڙهيا هوندا، جن مان هڪ خط ۾ شاهہ لطيف، مخدوم محمد معين ٺٽويءَ کان اُويسي طريقي بابت ڪي سوال پڇيا آهن ۽ ٻئي خط ۾ مخدوم معين ڪيس جواب ڏنا آهن. اُهي ٻئي خط 'رسالہ اُويسيہ' نالي ڪتاب ۾ ڇپيل آهن، جيڪو نياز همايونيءَ، سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي، ۽ ثقافت کاتي پاران ڇپيو آهي.

آءٌ مثال طور: صرف شاهہ لطيف جي خط جا اصل لفظ هتي درج ڪريان ٿو:

''چہ فرمايند علماء ڪرام مراجع اَنام اندر آنچہ لفظ 'اُويسي' در ڪلام طائفہ صوفيہ رِضوان الله تعاليٰ عليهم اجمعين واقع شده يا نہ؟ شماکہ علمائي حامي-دينِ و بيان ڪُنده قبيح و حسن اند، مي پرسم شماراکہ جواب اين مقامات چہ باشد؟ ميخواهم ڪي بعبارتِ فارسي سهلِ الماخذ آنرا بقيدِ قلم آريد کہ نفع عام شُوده وَانتفاع باقي ماند.''

هن خط ۾ شاهہ صاحب لکيو آهي تہ عالمن جو ان بابت ڪهڙو رايو آهي تہ لفظ 'اويسي' صوفين جي جماعت ۾ آهي يا نہ؟

''-۽ آءٌ چاهيان ٿو تہ انهن جا جواب سليس فارسيءَ ۾ قلمبند ڪيا وڃن جيئن عام ماڻهن کي فائدو ٿئي ۽ اهو نفعو هميشهہ لاءِ باقي رهي.''

اُهو خط پڙهي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب، اُن راءِ تي پهتو آهي تہ:

''شاهہ صاحب جو مخدوم صاحب کي خاص تاڪيد تہ 'سليس فارسي' ۾ جواب ڏنووڃي، انهيءَ لاءِ تہ هرڪو ان ڳالهہ کي سمجهي سگهي، ڏيکاري ٿو تہ شاهہ صاحب کي 'سليس' ۽ 'ڳوڙهي فارسي'

(مرشد ڳڙول، جو رهبر بنا هيءُ سفر مصيبتن، خوفن ۽ خطرن سان پريو پيو آهي، جيڪو به هن وات تي بنا مرشد هليو، ديون ۽ راڪاسن هٿ گمراهه ٿي وڃي کوهه ۾ پيو.)

مولانا روميءَ جو هي چئن سٽن وارو شعرُ، لطيف سائينءَ ٻن سٽن ۾ نه رڳو ترجمو ڪيو آهي، پر ان کي اهڙي ته تخليقي سنڌي ٻوليءَ ۾ بيان ڪيو آهي، جو ڪير به نه چوندو ته ڪو هي ترجمو آهي ۽ ترجمو به اهڙو جو اصل کان وڌيڪ تخليقي ۽ مڪمل:

> اَوَجهڙ آسونهن، ڏيهه گهٽو ئي ڏوريو،
> سڄَر ريءَ سونهن، پهتي ڪانه پنڌ ڪر،

روميءَ جو ٻيو بيت آهي:

> تَشنگان گر آبْ جَويند آو جهان،
> آب هم جُويد بِعالم تشنگان

(جيڪڏهن اُجايل جهان ۾ پاڻي ڳولين ٿا، ته پاڻي پڻ دنيا ۾ اُجايلن کي ٿو ڳولي)

هن به سٽي شعر جو لطيف سائينءَ، بيت جي هڪڙيءَ سٽ ۾ ڪمال جو ترجمو ڪيو آهي:

> اندر جنين اُڃ، پاڻي اُڃئو اُن کي.

روميءَ جو هڪ چئن سٽن جو شهر آهي.

> مابها و خون بها را يافتيم،
> جانبِ جان باختن بشتا فتيم،
> اي حياتِ عاشقان در مُردگي،
> در نيا بي خُز که در دل بُردگي.

(يعني: اسان ٻها ۽ خوُن بها ٻئي حاصل ڪيا. جانِ ڏيڻ لاءِ تڪڙا ٿياسين. مرڻ (فنا) ۾ عاشقن لاءِ حياتي (بقا) آهي، (جا) دل ڏيڻ بنا حاصل ڪري نه سگهندين.)

بولي تخليق ڪري ٿو ۽ پنهنجي مادري زبان سنڌيءَ جي اهڙي
ڪيل ۽ تعمير ڪري ٿو، جيڪا قوم ۽ وطن جي تعمير ۽ تشڪيل جو
عو بنجي ٿي. اُن صورت ۾ شاهه لطيف 18 صديءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جو
ڙو اهڙو معمار شاعر ظاهر ٿئي ٿو، جيڪو جهنگ جهر، وستي واهڻ،
چي، ڪوهستان، ٿر ۽ لاڙ ۾ نڪري پيو ٿو. ڳوٺن ۽ واهڻن ۾ موجود
مي ٻوليءَ کي پنهنجي شاعريءَ ۾ مختلف موضوعن لاءِ منتخب ڪري
۽ اظهار جي مخصوص انداز ذريعي هڪ مثالي سنڌي ٻوليءَ کي جنم
ي ٿو، ان صورت ۾ علامه آءِ آءِ قاضيءَ جي لفظن ۾ ائين چوڻو ٿو پوي ته:
”دراصل اُها لطيف جي هٿن جي برڪت هئي، جو 18 صديءَ واري
ڌي زبان ايترو وسيع ۽ ملائم صورت اختيار ڪئي. سنڌي زبان، جيڪا
وقت هڪ محاوري يا لهجي جي حيثيت رکندي هئي. جڏهن لطيف
ي هٿن ۾ پهتي ته نهايت گران مايه وسيع ترين زبان بنجي وئي.“
علامه آءِ آءِ قاضي، لطيف جي ان ڪرشمي کي عربيءَ جي وسعت سان
ت ڏيندي چوي ٿو :
”عربي ٻوليءَ جي مضراب کي جنهن قُوت ۽ شگفتگيءَ سان بلڪ
نهن اثر انگريزيءَ جي حد تائين گذريل 1500 سالن اندر محمد
بيءَ، ان جو استعمال ڪيو، اهو ٻيو ڪوبه نه ڪري سگهيو آهي. لطيف
نڌي ٻوليءَ جو اهڙو استعمال ڪري ڏيکاريو جيڪو نه هن کان اڳ
نهن ڪيو ۽ نه وري ڪانئس به صديون پوءِ ائين ڪري ڏيکارڻ جي جُرئت
ري سگهيو آهي.“

(Shah Abdul Latif: An Appriciation of his art)

جيڪڏهن نور محمد ڪلهوڙي جي دؤر ۾ لطيف چاهي ها ته پنهنجي
رگيءَ ۽ عملي ڄاڻ جي روشنيءَ ۾ فارسيءَ ۾ شاعري ڪري ها ۽ پڪ
ئم ته سندس اها شاعري، درٻاري شاعر عظيم ٺٽويءَ جي فارسيءَ شاعريءَ
ان هزار درجا اُتم هجي ها، پر ائين نه ڪيو، هن سنڌي سماج ۾ مقامي
ڪمن طرفان سنڌ جي خودمختياريءَ لاءِ هٿ پير هڻڻ جي باوجود
يڪا مايوسي ڇانيل ڏٺي ۽ نادرشاهه لاچار ۽ احمد شاهه ابداليءَ جي
رمار وسيلي پيدا ٿيل جيڪا صورت حال ڏٺي ان جو اظهار، هن ريت

عبارت جي فرق جي پوريءَ ريت ڄاڻ هئي ۽ سليس فارسيءَ جي عام فائدي جو بہ احساس هو. هيءَ اندروني شاهدي شاهہ صاحب جي فارسيءَ مان واقفيت تي هڪ خاص دليل آهي.''

تہ پوءِ اهڙو شاعر فارسيءَ جو مخالف ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ ياد رکڻ گهرجي تہ شاهہ صاحب فارسي پڙهڻ ۽ سکڻ جو ڪڏهن بہ مخالف نہ رهيو هو، پر جڏهن فارسي زبان کي حڪمران دربار ۽ سرڪار جي زبان سان گڏ ذريعہ تعليم جي بہ زبان بنائي ڇڏيو تہ لطيف سائينءَ نہ رڳو فارسيءَ جي اُن 'لساني ۽ ادبي غلبي' ۽ 'ذريعہ تعليم طور مڙهت' جي خلاف آواز اٿاريو، پر حڪمران ۽ سندن چاپلوسي ڪي، جيڪي فارسيءَ ۾ قصيده گوئي ڪندا هئا، مخاطب ٿي چيو آهي تہ:

''اوهان فارسيءَ کي دربارن ۽ سرڪارن ۾ لاڳو ڪرڻ ۽ ذريعہ تعليم طور سکڻ واري ڳالهہ عوام تي مڙهيو ٿا، اُها گولائپ ۽ غلاميءَ جي ڳالهہ آهي، اوهان ٻن ڳالهين، اقتدار ۽ ذاتي مفادن لاءِ جدوجهد ڪريو ٿا. اوهان 'جام' (حڪمران جو نعم البدن لفظ) سڏائڻ جي لائق نہ آهيو، اوهان تہ اهڙا 'عامي شخص' (غلام/مطيع) آهيو، جن کي اُڃ اُجهائڻ لاءِ پاڻيءَ ۽ بک مٽائڻ لاءِ طعام (اقتدار) جي ضرورت آهي. اوهان 'خاص ماڻهو' يعني آزاد حاڪم ٿيڻ جي لائق نہ آهيو ۽ عوام جي نمائندگيءَ جي اهل نہ آهيو، ڇو تہ 'جام' ۽ 'خاص' (آزاد حاڪم) عوام جي حقن جا محافظ ۽ رکوالا هوندا آهن.''

اهڙي غلاميءَ ۽ غلبي واري ماحول ۾ ئي لطيف سائين چوي ٿو: ''اسان جي اهڙن ماڻهن (ڌارين/سامراجين) سان اچي پئي آهي، جيڪي اسان جي ٻولي (سنڌي) سمجهي ئي نہ ٿا سگهن. آءٌ سنڌيءَ ۾ مافي الضمير بيان ڪرڻ گهران ٿو ۽ هو فارسي ڳالهائڻ جي تلقين ڪن ٿا. اهڙن ڌارين سامراجين/پنهاڻن (مغلن) سنڌ کي سور ڏنا آهن ۽ غلام بنايو آهي.''

ان حوالي سان جڏهن لطيف سائين فارسيءَ جي سياسي، ادبي ۽ تعليمي غلبي خلاف آواز اُٿاري ٿو ۽ سنڌي زبان کي پوري حسن، سگهہ ۽ تهذيبي قدرن سان مالا مال ڪري، پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪم آڻي ٿو ۽ اُن ۾ تخليقي حسن، وسعت، بلند خيالي بيان ڪري ٿو تہ جڻ پنهنجي دؤر

ي ويو آهي، پر پوءِ بہ لطيف سائينءَ بچيل ۽ معلوم سموري ميڙي چونڊيءَ
و حسن ۽ ڳر سهيڙي، پنهنجي شاعريءَ ۾ پيش ڪيو آهي. ائين اسان
ي آڏو سنڌ جي صدين جو سرمايو، سنڌي ٻوليءَ ۾ پيش ڪري، لطيف
ائينءَ جتي سنڌي ٻوليءَ کي وسعت، دائميت ۽ شاهوڪاري بخشي آهي،
تي اسان کي فڪري طور بہ مالا مال ڪري پنهنجو تاريخي ڪردار اد
ڪيو آهي. لطيف سائين، سنڌ جي هزارين ورهين جي فلسفي ۽ فڪري
رتقا جو تُت ۽ نچوڙ آهي. هن صدين جي سڄ ڳرهڻ مان سنڌي ٻوليءَ
جي فڪري سونهن جي سڄ کي آزاد ڪري، هن ڌرتيءَ تي اهڙو تہ چمڪايو
جرڪايو آهي. جنهن تي وري ٻيهر ڳرهڻ اچڻي ڪانہ آهي.

يٽائي سنڌي ٻوليءَ جي خَمير ۾ ايڏي تہ ڪشادگي، وسعت، بلند
خيالي ۽ صلاحيت پيدا ڪري ويو آهي. جو اُهو دنيا جي سُڌريل ۽ جديد
زبانن جي مرتبي ۽ مقام تي پهچي سگهي ٿي.

پنهنجيءَ شاعريءَ ۾ ڪيو:

نڪا بوءِ بزار ۾، نڪا چلر چڻ
جتي ڏنيرين جي، اڳي هئي اگهڻ،
هي پڙ پئسو ٽڪ، ماڻهو وڃن موڙيا!

—

اڄ پڻ ڪِنجهو ڪنجهه واڌوڙڪي منهين،
جہ پڻ پيين سنجهہ هو پنيون، هو ٽليون!

ٻيائيءَ سنڌ جي سماجي ڪربَ کي بيان ڪري تاريخي حوالي سان، پنهنجو تاريخي ڪردار ادا ڪيو آهي، اُن بيان ۾ پيڙا تہ حد درجي جي آهي، پر سندس بيان جو انداز ۽ ٻوليءَ جي سهڻي جڙت تخليقي حسن بہ انتها درجي جو آهي.

ٻيائيءَ وٽ شاعريءَ جو فن پنهنجي پوري ڪمال تي پهتل آهي، هن بنتهائي ڳُوڙهن ۽ فڪر انگيز خيالن ۽ مسئلن جو اظهار پنهنجي دؤر جي سادي، آسان ۽ عام زبان ۾ ڪيو آهي، ليڪن سندس زبان جي اُن سادگيءَ ۽ سليس پڻي ۾ عوامي سمجهہ ۽ فڪر توڙي فن جو اهڙو تہ رچاءُ موجود آهي، جنهن ۾ سنڌ جي صدين جي ڏاهپ ۽ حسن سمايل آهي.

ٻيائيءَ جي شاعريءَ جي فڪري تسلسل تي نظر وجهڻ لاءِ وڏي تفصيل جي ضرورت آهي. مختصر لفظن ۾ ائين چئي سگهجي ٿو تہ هن پنهنجي دؤر جي انساني برابريءَ وارين تحريڪن ۽ فڪري/روحاني هلچلن جو روح، پنهنجيءَ شاعريءَ ۾ ڳوهي پيش ڪيو آهي. سندس ذات توڙي ڏانءَ جي تاڃي پيٽي ۾، جنهن ۾ ٻوليءَ جو حسن، خوبصورتي، سٽاءُ ۽ رچاءُ اچي وڃن ٿا. فقط ئي فقط سنڌ ڌرتيءَ جو ڪمال ۽ ڪنٽريبيوشن شامل آهي. شاهہ پنهنجي ٻوليءَ کي سنڌ جي تهذيبي روايتن، تاريخي ۽ نيم تاريخي داستانن ۽ ڪهاڻين. تمثيلن، محاورن، علامتن، اُهڃاڻن، استعارن، تشبيهن، سلاست، فصاحت، بلاغت ۽ جدت جي خوبين سان ڳُتي ۽ مڙهي پيش ڪيو آهي. جنهن ۾ ماضيءَ جو سمورو حسن، فڪري ۽ تهذيبي ورثي جي سموري سونهن موجود آهي. سنڌ جي تاريخ جي ستم ظريفي اها آهي تہ اسان جو اڳانو تخليقي سرمايو تاريخ جي لٽ ۾ گم

ڪراچيءَ ۾ اچڻ ڪانپوءِ اياز صاحب انهن پنهنجن دوستن سان وري
ڪ پيرو ويجهو ٿيو، جيڪي سکر ۾ رهڻ دوران ڪائنس پري ٿيل هُئا.
اص طور اديبن جو اُهو حلقو، جيڪو ساٺس پاڪستان ٺهڻ بعد ويجهو
ٿيو هئو ۽ جنهن جي ويجهڙائيءَ جي ڪري اياز اردو شاعري ڪرڻ لڳو هئو
اڳتي پاڻ ئي محسوس ڪيو هئائين ته ڪيس اردو ادب ۾ اها جاءِ اردو
لقو نه ڏيندو، جيڪا جاءِ هن فيض احمد فيض کي ڏني هئي ائين هن
تت ئي سنڌي شاعريءَ ڏانهن موٽ ڪاڏي ۽ 'وڄون وسڻ آئيون'، 'ڪلهي
تم ڪينرو' ۽ 'ڪي جو بيجل بوليو' جهڙا ڪتاب لکيائين، جن مان ڪن
ي اڳتي هلي پاڪستان حڪومت بندش لڳائي. وقت ڦريو انهن ڪتابن
ي بين سندس سيني ڪتابن سان گڏ خوش نصيبي اها هئي يا وقت جي
ڪست ۽ اياز جي نظمن جي فتح اها هئي جو پوءِ سندس سڀ ڪتاب
نڌ حڪومت جي ثقافت واري ڪاتي، اياز جي مان ۽ مرتبي وٽان ڇپرائي
ڌرا ڪيا. جن نظمن تي وقت جي حڪومت پابندي لڳائي. اهي نظمون
ڙهي وقت جي حڪمران پنهنجي تقريرن جي شروعات ڪرڻ پنهنجي
ءِ فخر سمجهيو، جيتوڻيڪ هيءُ ملڪ ۽ ان جا مالڪ اجا تائين اهي
اڳيا آهن. مني صديءَ ۾ سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي سورن ۾ ڪابه ڪمي
ه آئي آهي، البت اياز جي نظمن پنهنجي فتح ماڻي ورتي آهي. اها ٻي
الهه آهي ته اياز جي نظمن ۾ ڏنل سنڌ جي آجپي، آزاديءَ ۽ خوشحاليءَ
ارا خواب اجا ساپيا ماڻي نه سگهيو آهي. شايد اياز جي نظمن ۾ آيل سنڌ
ي خوشحاليءَ وارو خواب جڏهن ساپيا ٿئي. تڏهن اياز اجا وڌيڪ اُڀري
چي، ڇاڪاڻ ته اياز جا نظم تخليق جي جنهن سطح تي آهن، اجوڪي
نڌ جو شعوران سطح تائين پهچڻ ۾ اجا هڪ سؤ سال لڳي وڃن ۽ منهنجو
يال آهي ته شعور ۽ تخليق جي اعليٰ ترين شڪل ڏيندڙ نظم اياز
ڪراچيءَ ۾ رهڻ واري وقت ۾ لکيا آهن. اُهو منهنجو خيال آهي جنهن
ان اختلاف اياز جي هر چاهيندڙ/پڙهندڙ جو بنيادي حق آهي. اياز
ڪر ۾ رهائش دوران به ڪراچيءَ ۾ پنهنجون موڪلون گذارڻ لاءِ ايندو
هندو هئو ۽ هزارن روپين جا ڪتاب خريد ڪري ويندو هئو، پر اياز
ڪراچيءَ ۾ رهڻ واري وقت ۾ پنهنجي عمر جي آخري گهڙيءَ تائين
ڪتابن جي خريد ڪرڻ جو پنهنجو شوق نه گهٽايو، اهڙي شاهدي اياز

سمنڊ- شيخ اياز ۽ ڪراچي

- رکيل مورائي

اُهو اناسيءَ جو سال هئو، جڏهن هوُ وري پنهنجي پراڻي محبوبه ڪراچيءَ ڏانهن آيو هئو، اياز صاحب جي زندگي جو اهو وڏو سچ آهي ته ڪراچي هن جي محبوبه هئي ۽ سمنڊ هُن جو دوست هئو، جنهن سان هُن پنهنجي دِلي دوست رشيد ڀٽيءَ وانگر عمر جي آخري گهڙيءَ تائين دوستي نباهي. هُن ڪراچيءَ ۾ ئي پهرئين نوڪري ڪئي. غالبا سندس پهريون عشق به ڪراچي ۾ ئي ٿيو، بعد ۾ باقي سندس سموري زندگيءَ ۾ ڪيل هن جا عشق ان عشق جا الڳ الڳ عڪس هئا.

هو جڏهن پرنس ڪامپليڪس ۾ اچي رهيو ته ڏاڍو خوش هئو، شايد شخصي طور ان جو سبب سندس اولاد جو ڪراچيءَ ۾ رهڻ هُجي. چاڪاڻ ته ساڻس گڏ رهندڙ ٻئي پٽ انيس ۽ سليم ڪراچيءَ ۾ رهندا هئا جنهنڪري آخري عمر ۾ ڪيس اُنهن جي ويجهڙائي گهربي هئي. اها الڳ ڳالهه آهي ته ذهني طور سندس ٻئي پٽ ڪائنس گهڻو گهڻو الڳ ۽ پري هئا جنهن جو اظهار هو شدت سان ڪندو به هئو، شايد ڪٿي هُن لکيو به آهي. تنهن هوندي به هو پنهنجي هن محبوب شهر ڪراچي ۾ خوش هئو. جنهن جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو ته هن ڪراچيءَ ۾ رهڻ واري عرصي ۾ سموري زندگيءَ ۾ لکيل پنهنجي ادب کان گهڻو وڌيڪ لکيو، هن ايتري تيزيءَ سان لکيو جو وقت هن جي طابع ٿي پيو. هُن کي وقت جي ڪابه ڪاڻ ڪڏهن نه پوندي هئي. هن پنهنجو وقت سمهڻ جو ۽ جاڳڻ جو پاڻ ناهي ورتو.

هر صبح جو پرهه ڦٽڻ تائين لکندو هئو، جڏهن صبح جاڳندو هُئو ته هو سمهندو هئو ۽ ائين هن وقت کي پنهنجي شرطن تي قبول ڪيو، جيتوڻيڪ آخري فتح وري به وقت کي آهي پر سنڌ ۾ اياز اهڙو هڪ ئي تخليقڪار هئو جنهن وقت جي ڪاڻ ڪانه ڪڏي. شايد دنيا جا سڀ عظيم تخليقڪار ائين وقت کي پنهنجي پويان هلائيندا آهن، جيئن اياز وقت کي هلايو.

سنڌي ثقافت





سنڌي لوڪ ادب سيمينار

راشٽريه سنڌي ٻولي وڪاس پريشد، نيو دهليءَ طرفان ٻني سنڌو سيوا سنگهه، پناواريءَ جي سهڪار سان 27-26 نومبر 2011 تي گيٽ وي آف رن ريسورٽ، ڏورڙو، ٻني-ڪڇ ۾ ”سنڌي لوڪ ادب“ وشيه تي راشٽريه سيمينار جو آيوجن ڪيو ويو. ٻن ڏينهن جي هن سيمينار جو ڪاريه‌ڪرم هن ريت رهيو.

تاريخ 26 نومبر 2011 منجهند جو 3 ٻجي مهورت.

سواگتي تقرير : شري نرمل گوپلاڻي، ڊائريڪٽر

شري ميان حسين متوا، سرپنچ، ڏورڙو

مهورت : شري ايم. ٿينارسن، ڪليڪٽر، ڀڄ.

مکيه مهمان : شري ڪنعيالال ڪيولراماڻي، چيئرمن سنڌي - ڪڇي ٽي.وي. چينل.

مهمان : شريمتي ششما آينگر، شري منوج گوهل، شري جينتي جوشي ’شباب‘ ۽ ڊاڪٽر لڇمڻ خوبچنداڻي.

ڪي نوٽ : ڊاڪٽر ستيش روهڙا - شڪرگذاري شري عيشا متوا، ڪارروائي شري ڪلاڌر متوا.

رات جي ڪچهري : جنهن ۾ ٻنيءَ جي لوڪ ڪلاڪارن - لوڪ سازيندڙن، ڳجهارت جي ماهرن ۽ ٻين سنڌي موسيقيءَ جي رنگت ڄمائي.

تاريخ 27 نومبر 2011 جدا جدا ٻئٺڪون صبح جو 30-9ٻجي کان.

پهرين ٻئٺڪ : وشيه ”ڪڇ ۾ سنڌو سنسڪرتيءَ جو ڦهلاءُ“ - **ڊاڪٽر چينو** لالواڻي، صدارت، ڊاڪٽر نرملا آسناڻي. **ٻين ٻئٺڪ :** وشيه ”ٻنيءَ جو لوڪ ادب“ شري ويڙهو رفيق، **صدارت :** ڊاڪٽر لڇمڻ خوبچنداڻي **ٽين ٻئٺڪ :** وشيه ”سنڌ ڪڇ جا لوڪ ساز“ شري ڪلاڌر متوا، صدارت شري ماڌو جوشي. **چوٿين ٻئٺڪ :** وشيه ”لوڪ ادب جي سهڻي صنف ڪافي“ **شري هيرو ٺڪر** صدارت ڪملا گوڪلاڻي **پنجين ٻئٺڪ** : وشيه ”وائي“ **ڊاڪٽر موتي پرڪاش** صدارت : شري جمون ڇگاڻي. **ڇهين ٻئٺڪ :** وشيه ”ڪڇي لوڪ ادب“ شري نارائڻ جوشي ’ڪارايل‘ صدارت : **ڊاڪٽر چينو لالواڻي.**

سماپتي ٻئٺڪ : صدارت شريمتي آشا چاند، تاثرات : شري ڪيمن مولاڻي، شڪرگذاري شري نرمل گوپلاڻي. سيمينار ڪنوينر : شري ڪلاڌر متوا.

ٻنيءَ جي خاص-خاص هنڌن جو دؤرو پڻ ڪرايو ويو. سيمينار ۾ پڙهيل مقالا، مخزن ۾ شامل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

سنڌي ثقافت









سنڌي ثقافت







سچل سرمست


(1739-1829)

سنڌي
ادبي مهڪ



شاه عبداللطيف

(1689-1752)



نارایڻ شیام

جنم : 25-7-1922 وفات : 10-1-1989



سامي

(1743-1850)

ڪڇ ۾ سنڌو سڀيتا جو ڦهلاءَ

- چينو لالواڻي

مڪا :

ٿل، ڦٽل، زبون ٿي ويل قلعا، شهر، دڙا، ڪنڌهر جن ڪي آثار قديمه
ي پراڻا يادگار، پراڻيون تواريخي عمارتون سڏيو وڃي ٿو. اُهي دنيا جي
ملڪ ۾ موجوده آهن. اُهي اُنهيءَ ملڪ جي اِتهاس، ثقافت ۽ تمدن جا
گار، اُهڃاڻ، نشان آهن. سنڌو ماٿريءَ ۾ به سنڌ جو موروثي سرمايو
ن ۽ پڙن ۾ پوريل کوٽائيءَ دوران نڪري نروار ٿيو آهي. سنڌ ۾ اهڙا
ڪ دڙا آهن پر موهن جي دڙي جي هاڪ، ڌاڪ، دنيا ۾ رهي آهي. سر
ن مارشل سنڌو ماٿري تهذيب تي ڪتاب لکي علمي دنيا ۾ هڪ انقلاب
ب ڇڏيو. ڇاڪاڻ ته اُن ۾ تمام گهڻو قيمتي مواد درج ٿيل هو جنهن
نقيق ڪرڻ لاءِ عالمن کي آماده ڪيو. سر جان مارشل 'ٽئڪسيلا' ڪتاب
جلدن ۾ شايع ڪيو. اُن ۾ قديم سنڌ جي تاريخ، تهذيب ۽ تمدن تي
ٽي نموني تنقيدي ۽ تحقيقي روشني وڌي آهي. موهن جي دڙي کي
ا سان واقف ڪرائڻ لاءِ مارشل 20 سيپٽمبر 1924 ۾ اعلان ڪري دعويٰ
ي هئي ته "اڄ کان، پنج هزار سال اڳ سنڌ ۽ پنجاب جا ماڻهو تمام
يءَ طرح نهيل شهرن ۾ رهندا هئا. سندن تهذيب پختي ۽ جامع هئي.
ن هنر ۽ ڪاريگري چوٽ تي هئي، سندن لکڻ جو طريقو به نهايت
قي يافته هو." (اصلي حوالو السٽريٽيڊ لنڊن نيوز-سيڪنڊري حوالو
ر جان مارشل' ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ 'موهن جو دڙو' سمپادن خليل مورياڻي
ن 2011 ص. 274)

سر جان مارشل ڪنڌهرن جي کوٽائيءَ مان لڌل شيون، قديم يادگار،
هب، ثقافت، سنڌو سڀيتا جو دائرو، اڏاوت جو نمونو، سنڌو قديم
رتخطي، زيورات، رانديڪن، مهرن سان گڏ سنڌو ماٿريءَ ۾ اِنسان ذات جي
وعات، اِنساني تهذيب جي ارتقا وغيره عنوانن هيٺ انيڪ ڪوجناتمڪ مضمون
آهن.



شيخ اياز

جنم : 2-3-1923 وفات : 28-12-1997

واريخ ۾ وڏ ۾ وڏ سنگهرش، اُٿل-پاٿل، لڙايون، زلزلا، قدرتي آفتون سهندڙ هي. تنهن هوندي به ڪڇ اڄ به اڏ دنيا جي سنسڪرتين کي پاڻ وٽ ڪٺو ڪري رکندڙ، وقت به وقت ڌرتي ڏڏڻ ڪري دنيا جي سياسي سطح تي ڏيک اُڀريل آهي. ڪڇ جي چئني طرف بيابان ۽ سمنڊ پکڙيل آهي. اُهو سان کي ''برڊ آءِ ويو'' پاڻيءَ ۾ ترندڙ هڪ وشال ڪُميءَ جيان نظر اچي نو. ڪڇ سنڌ جي ڏکڻ طرف جاگرافيائيءَ جي لحاظ کان، اڄ به سنڌ جو هڪ ننڍو حصو آهي. جيڪو رڻ-پٽ جي ڪري سنڌ کان ڌار ٿي پيو آهي. ڪڇ کي سنڌ جي وسعت به سڏيو ويندو آهي. ڪڇ-سنڌ جا تواريخي، سياسي، سماجڪ، آرٽڪ، تجارتي، ثقافتي لاڳاپا صدين کان پئي رهيا آهن.

جديد ساهتيه مان ڄاڻ پوي ٿي ته ''سنڌو ندي هماليه مان شروع ٿي اُتر ڀارت جي ليهه لداخ، پنجاب، سنڌ، راجپوتانا مان ٿيندي عربي سمنڊ ۾ چوڙ ڪري ٿي. سنڌو ۽ سرسوتي به وڏيون نديون وهنديون هيون. عيسوي سنه کان به هزار سال پهرين ڪڇ ۽ ڪنيات جي رڻ مان سرسوتي نديءَ جو هينيون وهڪرو نل ڪاننا مان ٿيندو ڪنيات جي هڪ ڪنڊ مان وچي سمنڊ ۾ ملندو هو ۽ ڪنيات جي نار هن نديءَ جو منهن سڏيو ويندو هو.'' (حوالو ''گجرات نا اِتهاسڪ ليکو'' ڀاڱو-2-ص. 122-121، رام سنگهه راٺوڙ)

ڪڇ راجپوتانا گزيٽيئر ۾ پڻ ڄاڻايل آهي ته اڄ جو ڪڇ رڻ پٽ اُن وقت ساموندي پاڻيءَ جي آمدرفت جي ايراضي هئي. جنهن جي ڪناري تي ڪافي بندرگاهه هئا. ننڍي رڻ پٽ مان جيڪي شيون بيڙا، بيڙيون مليون آهن، اُهي ثابت ٿيون ڪن ته ڪڇ جو رڻ پٽ اُن وقت بيابان نه پر نديءَ جي وهڪري جي ايراضي هو.

وئدڪ يگ ۾ ''سپت سنڌو'' نالو نظر اچي ٿو. تواريخ ٻڌائي ٿي ته مڌيه يگ ۾ سنڌو ۽ سرسوتي به مها نديون، پنجاب جي پنجن ندين جو وشال پاڻي ڪٺو ڪري، رڻ مان ٿينديون، سمنڊ ۾ شامل ٿينديون هيون اِن لاءِ ''سپت سنڌو'' نالو پيو. وقت پٽاندڙ سرسوتي گم ٿي ويئي. سنڌو نديءَ جي هڪ شاخ تمام گهڻو پاڻي کڻي ڪڇ ۾ ايندي هئي. هڪ طرف زلزلو ٿيو ٻئي طرف ۽ ڪوري شاخ تي سنڌ جي غلام شاهه ڪلهوڙي بند جوڙايو، زمين ڏڏڻ سان رڻ جي وچين زمين مٿي آئي جنهن کي ''اللهه بند'' سڏيو

سنڌو ماٿري سڀيتا، موهن جو دڙو جي پراچين سڀيتا، سنڌو تهذيب جي اُسرڻ-ڦهلجڻ، سنڌو تهذيب جي خصوصيتن، تهذيبي آثار وغيره کي ڪٺي سنڌيءَ جي انيڪ ودوانن، محققن گهڻو ڪجهه قلم بند ڪيو آهي ۽ ڪتاب جوڙيا آهن. مقالا لکيا به آهن.

هن مقالي جي وشيه جو دائرو ''ڪڇ ۾ سنڌو سڀيتا جو ڦهلاءُ'' تائين محدود آهي.

ڪوتاين، تحقيق جي آڌار تي اِهو ثابت ٿي چڪو آهي ته سنڌو تهذيب دنيا جي ٽن مشهور قديم تهذيبن مان هڪ آهي. سنڌو تهذيب، سنڌو نديءَ ۽ سنڌو نديءَ جي ماٿريءَ جي پنهنجي تهذيب آهي. اُها ڪنهن ٻئي هنڌان نه آئي آهي ۽ نه آندي ويئي آهي. پر اُن جو ڦهلاءُ دور دور تائين ٿيو آهي. هن جي قدامت ۽ وسعت ڪافي-ڪافي وڏي آهي. سنڌوءَ جي واديءَ جو هر فن خاص شان رکي ٿو.

مختصر ۾ چئجي ته سنڌو تهذيب دنيا جي سڀني قديم سڀيتائن ۾ وڏيڪ اهم، مکيه، اعليٰ ترين، ممتاز ۽ مٿاهين سطح واري آهي.

وسعت جي لحاظ کان سنڌو تهذيب اُتر ۾ ٿل، اولهه ڏکڻ ۾ اوٿل ۽ ڏکڻ اوڀر ۾ لوٿل آهي. لوٿل گجرات ۾ آهي. سنڌو تهذيب جا جيڪي ماڳ حاصل ٿيل آهن جن ۾ رنگه پور ۽ لوٿل تمام گهڻا مشهور آهن. اِها به ڄاڻ حاصل ٿي آهي ته سنڌو تهذيب مصر ۽ سمير جي تهذيبن کان عمر جي لحاظ کان ٽي هزار سال وڏي آهي.

سر مارٽيمر ويلر لکيو آهي ته ''سنڌ تهذيب وارن کي مجموعي طور اٺ سؤ ميلن ۾ سامونڊي ڪناري تي قبضو هوندو هو.''

(The Indus Civiliaztion: Sir M.wheeler.P2)

اڪنڊ ڀارت وقت سنڌ طرف وڃڻ جا جيڪي رستا هئا اُنهن ۾ گجرات مان ويندڙ شخص ويرم گام، نگر پارڪر، ٿي اسلام ڪوٽ، مٺي، جهڏو، ميرپور خاص ٿي حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ وڃي سگهندو هو. ڪاٺياواڙ مان موربي، ماڙيا رڻ، ڪڇ ۽ ڪڇ مان ڪاوڙا جي رڻ مان ٿيندو يا نکترانا ٿي، نٽي مان ٿيندو ڪراچيءَ وڃي سگهبو هو. اِهي خشڪي رستا هئا.

ڪڇ-سنڌ جا لاڳاپا

ڪڇ دنيا ۾ هاڪارو، گجرات راجيه جو وڏي ۾ وڏو ضلعو، ڀارت جي

هو، اِن سبب ڪري اِهو تيز وهڪرو جهاز راني لاءِ ڪارگر هو. ڪڇ جو ڍولا ويرا، ناني رايڻ ۽ نوي ناڙ بندرن تان وڏي پئماني تي جهاز رانيءَ معرفت وديش سان واپار هلندو هو.

ڪڇ ۾ سنڌو سڀيتا جي رهائشي هنڌن ۾ صرف ڍولا ويرا هنڌ شهري آهي باقي سڀ ايراضيون ڳوٺ طبقي جون آهن. ڪڇ ۾ سڀ کان اول 72-1970 ۾ نکتراڻا تعلقي جي ديشل پور گُنٿيلي ڳوٺ ۾ ڊاڪٽر ڪي. وي. سندر راجن جي رهبريءَ ۾ کوٽائي شروع ڪئي ويئي. اهو ڳوٺ تيرٿ ڌام هاجي پير وڃڻ واري رستي تي آيل هڪ ننڍڙو ڳوٺڙو آهي. هتان هڙپن تهذيب جا پڪل باسڻ، مٽڪا، تور جا وٽ، مُهرون حاصل ٿيون آهن. هتان هڙپن کان اڳ ۽ اُسريل هڙپن بنهي وقت جا نشان حاصل ٿيل آهن.

پالو مٺ جو دڙو سُوئي ڳوٺ ويجهو آهي. 87-1979 عرصي ۾ شري ڇتلوالا جي کوٽائي شروع ڪئي هئي. هتي جدا جدا وقت ۾ ٿيل اڏاوت جا هڪ ٻئي مٿان چار تهه حاصل ٿيا آهن. هتان هڪ سنڱ واري جانور جي مُهر پڻ حاصل ٿي آهي. هن مُهر تي هڙپن لپي اُڪريل آهي. هتان حاصل باسڻ بهترين قسم جا آهن. هنن باسڻن تي نباتات مان تيار ڪيل ڪاري رنگ ذريعي چٽسالي ڪيل آهي. هن چٽساليءَ ۾ مور، پپل جا پن، ٽبڪا ۽ سڌيون-اُڀيون ريکائون چٽيل آهن. هيءَ ٻئنڪ سنڌو سنسڪرتيءَ سان هڪجهڙائي رکي ٿي جنهن جي آڌار تي چئي سگهجي ٿو ته سنڌ مان ڪڇ طرف هجرت ڪري آيل ماڻهن جي هيءَ ڪالوني آهي.

نيترا جي دڙي مان رهائشي هنڌ حاصل ٿيا آهن ۽ اُتان سنڌو سڀيتا جون ٻه سندر مُهرون پڻ حاصل ٿيون آهن.

ناني رايڻ ماندوي تعلقي جي ماندوي شهر کان 5 ڪ.م. پري آيل هڪ ننڍو ڳوٺ آهي. رُڪماوتي نديءَ ڪناري آيل هن هنڌ مان پنجن هزارن سالن کان ٻه وڌيڪ پراڻا اِنساني رهائشي هنڌ جا نشان حاصل ٿيا آهن. گڏوگڏ وديشي ملڪن سان هلندڙ واپار جا ثبوت پڻ حاصل ٿيا آهن. هتان جيڪي باسڻ ۽ گهر ۾ ڪتب ايندڙ شيون حاصل ٿيون آهن. اُن ۾ روم مان آمدني ڪيل اٺو پيسڻ جي چڪي پڻ حاصل ٿي آهي. هتان پڪين جا ڪٽيل سر، پڪل مٽڪا، پٿر جا مٽڪا ۽ مٽيءَ جا چِدا پڻ حاصل ٿيا آهن. شڪارپور، ڪڇ جي اُتر-اوڀر طرف آيل دڙو سام خياليءَ کان 19 ڪ.م

ويو. نديون، وهڪرا سڪندا ويا ۽ ندين جو سڪل پٽو ڪڇ جو رڻ پٽ بڻيو.
مختصر ۾ چئجي ته ڪڇ مان سنڌو-سرسوتي نديون وهنديون هيون. سنڌوءَ جي ڪناري تي هڙپن ۽ سنڌو سيتا جو وڪاس ٿيو. ڪڇ قديم زماني کان وٺي سنڌ ۽ اُن جي تهذيب-سيتا سان جڙيل رهيو آهي.

ڪڇ ۾ سنڌو سيتا

ڪڇ جو دڙرو ۽ اييباس ڪندي جاڻ حاصل ٿي ته، ڪڇ ۾ اهڙا ڪيترا ڳوٺ آهن جن جا نالا سنڌ جي ڳوٺن سان بلڪل ملن ٿا. ڪڇ جو ڪنٽ ڪوٽ ۽ سنڌ جي لاڙڪاڻي ضلع جو ڪنڊ ڪوٽ، هتي جو ٻيلو ته سنڌ جي ڪراچي ضلع جو ٻيلو ساڳيا نالا آهن. ڪڇ ۾ گوروا ڙي آهي ته دادو ضلع جو گرواڙي ۽ ڪراچيءَ جو گهوڙا ٻاري، هتي بولاري ته اُتي ٻولهاري، هتي جو هب پرديش ته سنڌ ۾ به هب ندي، ڪڇ جي ڪوٽڙي ته دادوءَ جي ڪوٽڙي، جڻڪ پنهنجا ئي آستان آهن. هتي بچاوئو تعلق ۾ هڪ ڳوٺ جو نالو شڪارپور آهي. اڪنڊ يارت ۾ پنج هزار سال اڳ سنڌو نديءَ جي ڪناري جيڪي موهن جو دڙو ۽ هڙپن تهذيب جا ڀرپور اُهڃاڻ حاصل ٿيا. ساڳئي ئي قسم جا ثبوت-شيون ڪڇ مان به حاصل ٿيون آهن. جنهن کي سنڌو سيتا سڏيو وڃي ٿو. جاگرافيائي نقط نگاهه کان هيءُ هنڌ هڪ ٻئي کان دور هئڻ جي باوجود پڻ اُن وقت جي سيتڪ ايڪتا، سوچ-ويچار، حڪومتي سرشتي ۽ وڏي پئماني تي ڏيٺي-وٺڻي وهنوار ۽ ٻين انيڪ ڳالهين جا ثبوت ڇاڻائين ٿا ته اُنهن ۾ هڪ جهڙائي آهي.

اِئين پڻ مڃيو وڃي ٿو ته هڙپن لوڪ ڪڇ-سؤراشٽر ۾ آيا اُن کان پهرين پٿر يگ جا لوڪ جيڪي وڪاس حاصل ڪري رهيا هئا اُنهن اڻ سڌريل لوڪن جون بستيون هنيون. هڙپن اُنهن سان گڏ پنهنجا شهر اڏيا. هڙپن واپاري هئا اُنهن کي هنن مڪاني لوڪن ۽ جهنگلي جانورن جو ڊپ هو اِن ڪري هنن پنهنجي بچاوَ، سلامتيءَ لاءِ رهائشي نگرن، ڳوٺن چؤطرف قلعي بندي ڪئي.

ڪڇ ۾ ڍولا ويرا، ديشل پر، ڳُنلي، شڪارپور، پلوپٽ، ناني رايڻ ۽ هاٽي ڪُرن ۾ سنڌو سيتا جا ثبوت-شيون آرڪالاجي وڀاڳ کوٽائيءَ ۾ ڳولهي ڪڍيون آهن.

جيئن ته سنڌو نديءَ جو وهڪرو ڪڇ مان ٿيندو سمنڊ سان وڃي ملندو

پهه، ڪڻڪ، جوئر، ٻاجهري ۽ جَون جا داڻا مليا آهن.
ڪوٽائيءَ ۾ چٽسالي ڪيل مٽيءَ جا ٿانو ۽ رانديڪا، مُهرون، جدا جدا
سمن جي ٻهن ۽ هٿيارن جا ٽُڪر وغيره به مليا آهن. هتان سِپ جي نهيل
ل پٽي به ملي آهي. جنهن تي ٻارهن اُڀا چير نڪتل آهن. ودوانن جو
يو آهي ته اِهي ٻارهن چير راشين جا پرتيڪ آهن. اِن آڌاري تي چئي
گهجي ٿو ته اُن وقت لوڪ ٽيپٽي جو اِستعمال به ڪندا هئا. ڪين سج ۽ چنڊ
ي ڦيري ۽ رفتار جي پڻ ڄاڻ هئي.
هِتي جُڙيل سماڌين مان اِنساني هڏا نه ٿا ملن. اِن مان اندازو لڳايو
جي ٿو ته ڍولا ويرا جا رهاڪو مُئل پراڻيءَ جو اگني سنسڪار ڪري، هانيون
مين ۾ دفنائي اُن جي مٿان سندس سماڌي جوڙائيندا هئا. هو ايشور جي
راڪار روپ کي مڃيندا هئا. هو شوَ، گڻيش (سواستڪ)، ناگ ديوتا ۽ وڻن،
ڻن وغيره جي به پوڄا ڪندا هئا.
ڍولا ويرا ۾ زيور ۽ مڻڪا جوڙڻ جا هڪ قطار ۾ دڪان حاصل ٿيا آهن.
جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته اُن وقت جا لوڪ زيورن جا شوئنقين هئا.
نگر جي ٻاهر ٽن پاسي قبرستان حاصل ٿيل آهي. اِهو اَنومان لڳايو ويو
آهي ته اُتي ڪاسمو پوليٽن اِنسان ذات رهندي هئي.
آفريڪا جي جهنگلن ۾ جئن وگيانين آدي اِنسان جا قدم ڳولهي ڪڍيا
آهن، تئن بسٽ ڍولا ويرا ۾ هڙپن اِنسان جي قدمن جا نشان پڻ ڳولهي لڌا
آهن. سُميرين تواريخ ۾ سنڌوءَ جي مُک وٽ هڪ وڏي بندر جو ذڪر ڪيل
آهي. شايد اِهو ڍولاويرا ئي سگهي ٿو.
سنڌو سڀيتا جي اُسرڻ جو وقت طيءِ ڪرڻ لاءِ ڪاربان ڊيٽنگ سرشتي
جو واهپو ڪيو ويو. جنهن موجب هڙپن لوڪ عيسوي سن کان ۲۵۰۰ سال
اڳ ڪڇ ڳوٺ ۾ آيا. عيسوي سن کان اڳ ۲۲۰۰ کان۲۵۰۰ تائين لوٿل،
ڍولاويرا ۽ روجهڙي وجود ۾ آيا.
ڪڇ مان حاصل سنڌو سڀيتا جا نشان اَسان کي ڄاڻائين ٿا ته،
”پاڻي بچايو، پاڻي توهانکي بچائيندو“ اِن جديد سُخن جي پنيرائي
سنڌو سڀيتا ڪري ٿي. برساتي پاڻيءَ کي ڪٺو ڪري، اُن جو واهپو ڪرڻ
۽ وڻن جي پوڄا ڪرڻ جو گيان پڻ حاصل ٿئي ٿو. ڍولا ويرا جي کوٽائيءَ ۾
283.45 ميٽر هڪ وشال مئدان حاصل ٿيل آهي. کوٽائي ڪندڙن ۽

پري آيل آهي، پنجن هيڪٽرن ۾ اُهو ڦهليل آهي ۽ اُهو دڙو 20 فوٽ اوچو آهي. جنهن ۾ سنڌو سڀيتا جو خزانو پريو پيو آهي. 90-1988 ۾ شري ورما آرڪيالاجسٽ شري چوڌري ۽ جي رهبري ۾ کوٽائي شروع ڪئي. هتان لڌل شين جي آڌار تي چيو ويو آهي تہ هتان جا رهواسي سشيل، شوقين ۽ ڪلاڪار تہ هئا پر گڏوگڏ خوبصورتي ۽، سندرتا جا پڻ پوڄاري هئا. ٻاڙهي ۽ اڇي رنگہ جا ويڪرا مٽيا هتان جي خاصيت آهي. هتان جا ماڻهو چانور، ٻاجهري، جوئر جي پوکہ ڪندا هئا. مڇيون پڪڙڻ جا ڪُڪ پڻ هتان حاصل ٿيا آهن. سواستڪ نشان واري هڪ لاڪيٽ جهڙي مُهر پڻ حاصل ٿي آهي. هتي قبرستان ۽ مڙدا پورڻ جا هنڌ پڻ لڌا ويا آهن. ڪالوني ڪنهن باهہ ۾ سڙي تباهہ ٿي هجڻ جو انومان آهي.

ڍولا ويرا ڪڇ ضلعي جي اُتر واري ايراضي ۾ چوڌاري رڻ پٽ سان گهيريل آستان آهي. اِن جي کوج جو شرف 68-1967 ۾ شري جي.پي. جوشي ۽ لهٽو. سنہ 72-1970 ۾ ڊاڪٽر ڪي. وي. سُندر راجن جي رهبري ۾ کوٽائي شروع ٿي ۽ سنہ 1990 ۾ شري آر. ايس. شسٽ اِن ڪم کي اڳتي وڌايو.

کوٽائي ۽ مان هي ۽ شهر چوڪنڊي ايراضي ۾ رٿائتي نموني جوڙايل شهر جي رچنا ظاهر ٿي آهي. اندازي 48 هيڪٽرن ۾ قلع بندي ڪري هي ۽ شهر وسايو ويو هو. ٽن حصن ۾ ورهايل اِهو شهر اڏاوت جو بهترين مثال آهي. هن شهر ۾ راجمحل سان گڏوگڏ مڪان بہ رٿائتي نموني جوڙايا ويا آهن. موئن جي دڙي جئان هت بہ شاهي رستا، گهٽيون، عاليشان مڪان، پڪا کوهہ، تلاءَ ۽ هر گهر مان پاڻي ۽ جو نيڪال وغيره جهڙيون سهوليتون ملن ٿيون.

راج محل جي چئني دروازن ۾ لسن پٿرن جا سندر ٿنڀا جوڙايل آهن. جن تي دلڪش ڪاريگري ڪيل آهي. هڪ دروازي تي سنڌو لپي ۽ ۾ لکيل ڪجهہ بيان ملن ٿا. جيڪي پڙهي سگهڻ مشڪل آهن، پر هڪ خاص ڳالهہ اِها آهي تہ اِنهن اکرن ۾ مٽڪا جُڙيل آهن.

راج محل ۾ هڪ وڏو حوض آهي. جنهن ۾ برساتي پاڻي نالين ذريعي صاف ڪري ڪٺو ڪيو ويندو هو. هر گهر مان رٿائتي نموني پاڻي ۽ جي نيڪال جو بندوبست هو. لوڪن لاءِ عام سنان جايون ۽ وندر گاهہ بہ جوڙايا ويا هئا. حاصل مطلب تہ جديد شهرن جهڙيون سڀ سهوليتون موجودهہ هيون. هتي جا لوڪ کيتي ۽ سان گڏوگڏ گهرو هُنرن ۾ بہ ماهر هئا. هتان

ساڳئي نموني ڪڇ ضلعي جي نکتراڻا تعلقي ۾ ڪوٽڙا ويجهو 'پڙلي'
ٺ ايراضيءَ ۾ هڙپن سائيٽ ملي آهي تہ وري ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ جي
نگم آستان تي 'ڪُنتاسي' بندر تي پڻ سنڌو سڀيتا جون انيڪ شيون
صل ٿيون آهن.

في الحال ايترو چوڻ ئي واجب ٿيندو تہ ڪڇ ۾ سنڌو سڀيتا انيڪ
ڌن تائين ڦهليل آهي. ڪوٽائي اَڃا پوري ٿي نہ آهي. مستقبل ۾ اَسانکي
ان بہ وڌيڪ ڄاڻ، شيون حاصل ٿي سگهن ٿيون جيڪي اَسانجي گيان ۾
افو آڻينديون.

يجو :

اَسان وشال اَکنڊ ڀارت طرف موٽ ڪائينداسين تہ نظر ايندو تہ وشال،
تر سنڌو نديءَ جيٴ ڪناري جتي ويدن جي رچنا ٿي جي ڪناري وسيل
ندو ماتري سڀيتا جنهن جي اُتر ۾ موهن جو دڙو، اوپر ۾ هڙپن (پنجاب)
ن ڏکڻ ۾ مهاراشٽرا جي ڊائيماباد تائين ۽ ڍولاويرا ڪڇ کان مڌيہ پرديش
لوٿل تائين ڦهليل هڪ جهڙي لپيءَ واري، هڪ جهڙي علم عمارت،
روچوٽ قاعدي-قانون واري حڪومت، هڪ جهڙن توڙڻ جي وزن ۽ ماپ
رن ساڌنن واري هڪ مهان سنڌو سڀيتا اَکنڊ ڀارت جو عڪس اَسانجي
هن ۾ اُڀاري ٿي. اِها تهذيب اَڄ پڻ زنده آهي، ڀارتي جيون ۾ اوت-
رت ٿيل آهي. سواستڪ، شو، نانگ پوڄا، وڻ پوڄا، ديوي پوڄا وغيره
ڪنهن بہ نقط نگاهہ کان ڏسون ٿا تہ اَڃان پڻ سنڌو سڀيتا، ڪڇ-ڀارت ۾
نده آهي. اَسين اُن مهان تهذيب جا وارث آهيون. جنهن جي شاهدي
ولا ويرا، مِني موهن جو دڙو اَڄ بہ ڀري ٿو.

هر سنڌيءَ جو فرض بڻجي ٿو تہ ڍولا ويرا ۽ لوٿل جي ملاقات ضرور
ون، نئين پيڙهيءَ کي اِنهن دواران پنهنجي ورثي جي ڄاڻ ڏيون ۽ مِني
وهن جي دڙي ڏسڻ جون سڪون لاهيون. آمين.

''ڍولاويرا'' تي سانگو رباريءَ جي ڪڇيءَ ۾ جوڙيل هڪ ڪوتا هن ريت
هي.

هٽايو گُوڙ اَرسين جي ڍٽڻ ٿئي ويو نگر ائنيئا
وکت ويندل آئيئان ني ٿي چٽان تاجي خبر آئينيان

ڪوجناڪارن جي اِها مجتا هئي تہ اِهو ”اِسٽيڊيم“ آهي، پر مشهور آرڪيالاجاسٽ رويندر بسٽ ۽ گجرات جي آرڪيالاجي شعبي جي وڏي ڊائريڪٽر يدورسنگهہ راوت جي ڪوجنا ۾ جاٿايل آهي تہ ”هن اِسٽيڊيم جو واهپو ٿئيٽر طور پڻ ٿيندو هوندو.“ اِسٽيڊيم جي آسپاس جو اَپياس ڪري هن اِهو اَنومان قائم ڪيو آهي. هن اَپياس ۾ جاٿايو آهي تہ اِسٽيڊيم جي اِرد-گرد جدا جدا قسمن جا مُکوٽا، سينگار جون، سجاوٽ جون شيون ۽ زيورات پڻ حاصل ٿي آهي. جيڪو ثابت ٿو ڪري تہ ڊولاويرا جي روپ ۾ دنيا جو قديم ۾ قديم ٿئيٽر پارٽ جو آهي. هن ڪان اَڳ اِها مجتا قائم ٿيل آهي تہ گريڪ ۽ روم جي رنگ پومي قديم آهي پر هاڻي ثابت ٿي رهيو آهي تہ اُن منچ ڪان بہ وڌيڪ قديم رنگ منچ ڊولاويرا جو آهي. پر پارتيہ سنسڪرتيءَ ۾ نرتيہ، ناٽڪ ۽ اَداڪاريءَ جو اعليٰ سرشتو سنڌو-هڙپن سيپتا ۾ حاصل آهي. نرتڪي اُن جو ثبوت آهي. اُن سلسلي تحت ڊولا ويرا قديم ترين رنگ پومي، ڪچ گجرات ۾ آهي. جيڪا ڳالهہ سيني لاءِ ڳات اوچو ڪندڙ آهي.

اِن ڳالهہ جي تصديق ڪرڻ ۽ نتيجا قائم ڪرڻ لاءِ ۴-۳ فيبروري ۲۰۱۱ ۾ اَحمدآباد جي روي شنڪر راول ڪلا پون ۾ ٻن ڏينهن جو اِن وشيہ کي ڪٽي سيمينار ٿي گذريو. جنهن ۾ اَنيڪ ودوانن، ڪوجنا ڪندڙن، آرڪيالاجيءَ جي ماهرن، تواريخدانن اَنيڪ ثبوت ڏيئي بحث مباحثو ڪيو ۽ آخر ۾ اِها مجتا قائم ڪئي تہ ڊولاويرا جو اِسٽيڊيم بين مشغولين سان گڏ ناٽڪ ڪرڻ جي لاءِ پڻ واهپي ۾ هو. لوڪ اُن جي ٽن پاسي ٺهيل ڏاڪڻين نما هنڌن تي ڏاڪن تي وهندا هئا ۽ اِسٽيڊيم جي منچ واري هنڌ جي ٻنهي پاسي آيل جڳهہ جو واهپو گرين روم طور ڪندا هئا. ”فيوچر سٽڪ ميٽرو پلس“ سڏجندڙ ڊولاويرا ناٽڪ منچ جي جهوني ۾ جهونو آهي. اَجان کوج ڪاريہ چالو آهي پر هن نئين اَنومان-مجتا فلحال اِتهاس کي هڪ نئين موڙ تي اَچي بيهاريو آهي.

تازو پيچ تعلقي جي ڪاوڙا ڪان ڪارو پهاڙ (ڪالا ڊونگر) ۽ ڌرم شالا طرف ويندڙ رستي جي ساڄي پاسي مکيہ رستي ڪان اَندازي ٽي-چار ڪ.م. پري هڪ نئين بستي ”ڪُرن“ لڌي ويئي آهي. جنهن جي ڪوٽائيءَ مان پڻ سنڌو سيپتا جا نشان ۽ ثبوت حاصل ٿيل آهن. ڪوٽائي گهڻي نہ ٿي آهي.

سنڌ ۽ ڪڇ جا لوڪ ساز

- ڪلاڌر مُتوا

اهڙو تمام گهٽ ٿيندو آهي ته ٻه زمين جا ٽڪرا جن جي سنسڪرتي
ت، سيتا، رهڻي ڪهڻي ساڳي هجي، مندون مينهن ساڳيا هجن پر
رافيائي لحاظ کان اِهي ٻئي ٽڪرا ٻن حصن ۾ ورهايل هجن. ڪڇ ۽
سان قدرت ائين ئي ڪيو آهي. ڪڇ ۽ سنڌ تواريخي، جاگرافيائي ۽
فتي لحاظ سان هڪ جهڙائي رکن ٿا، پر هڪ ٽڪرو هڪ ملڪ ۾ ته ٻيو
ڙو ٻئي ملڪ ۾ آهي. اهو سڀ ورهاڱي جي ڪري ٿيو نه ته قديم دور
سنڌ ۽ ڪڇ هڪ هئا. جنهن جي ثابتي ۽ ساک سنڌ ۾ موهن جو دڙو، ته
ڇ ۾ ڍولا ويرا ڏيئي رهيا آهن. ڪڇ ۽ سنڌ تي مختلف حملاورن ڪاهون
گڏ ڪيون ته ٻنهي علائقن جي راجائن حڪومتون به ٻنهي ڌرتين تي
يون.

آزاديءَ کان اڳ ٻنهي ملڪن ۾ آزاد اچ-وڃ ٿيندي رهندي هئي.
وبه ٻنڌن يا ڪا پابندي ڪانه هئي. انهي ڪري ته ڪڇ ۾ جيڪي قومون
نديون آهن تن مان تقريبن سٺ سيڪڙو سنڌ کان هجرت ڪري آيل
ن. پڇم ٻنيءَ واري علائقي کان وٺي ويندي لکپت، ابڙاسي ۽ مانڊويءَ
ريءَ ساحلي پٽيءَ ۾ جيڪي به جاتيون رهن ٿيون اهي ٻوليءَ جي اعتبار
ثقافت جي اعتبار سان سنڌ جون سڪون لاهين پيون.

جن ملڪن جون ثقافتي لحاظ کان پاڙون هڪٻئي سان ايڏيون اونهيون
زيل هجن انهن جي لوڪ سازن ۾ به ڀلا هڪ جهڙائي چو نه هوندي؟ ڪڇ
سنڌ جا لوڪ ساز هڪ ئي آهن. جيڪا تار هٿ سر ڪڍي ٿي سا تند هٽ
سنگيت آلاپي ٿي. جن جي تواريخ صدين تي محيط آهي ۽ ٻئي علاقا
ڪ سازن جي معاملي ۾ غريب ڪونه آهن.

لڪل هِڪڙيڪ پاڻ ۾ بيان مونجي زماني جو
ڪڏي نبري ڳنو هم ڏم اَگ پيشي نظر آئينيان
ڪڙير جي بيت ۾ ڏوڙوويرو هون مونيہ جو ڊيرو
هِندا پڻ ڏيج هونڪارو جوني جُگ جو جِڪر آئينيان
جورل ٺانجي کُيڻي نِڪري ڪڙي مَنجو ستاروهو
پُراتن ڪاڙ جي ڪيفي نہ اُتر ئي سي اَثر آئينيان
ڏُنڻي ما شروني انجا مٽيا ونگا جي ويا
پنايو هيڊسر مونڪي کهاني گر پوگ آئينيان.
چٽيلا ڪُنگرا گڙ جا مِڙي ٽُڪري ٽُڪر نيري
جوني اُن جاڏ جي اوگار تي پسڊر گُجر آئينيان
حياتي جو ڏسي فوٽو فنا ڪي ڪو ڪُناميو تا؟
روگي واني ج هٿ گيڏي هونڪارين جي ڪِير آئينيان
اُڙي ويو سا پلي مونجو اُڏامي ناء ويو اَروا
سميہ جي جور حُڪي سبن اَچي ويندل ڊِڪر آئينيان.

اگهر يا دلو : اڳئين زماني ۾ ڳوناٽي ايراضيءَ ۾ اڄ جهڙيون سهوليتون
هيون انهي ڪري ماڻهو جيڪو ڪجهه انهن جي علائقي ۾ دستياب
هو انهي تي گذارو ڪري وينا هوندا هئا. ڳوناٽي ڪچهريءَ ۾ ڪو
ون ڪلام چوڻ وارو اچي نڪرندو هو تہ وڄائڻ لاءِ پکواز جي ضرورت
هئي. پر پکواز جو هر هنڌ ملڻ محال هو. پوءِ ڪو دلو کڻي اچي
ءِ ڪافين واري کي تال جو سهار ڏنو ويندو هو ۽ اُتان کان شايد دلي
ڻ وارو رواج پئجي ويو. هاڻي تہ دلي باقاعدي سنگيت ۾ پنهنجي
ي جاءِ والاري ورتي آهي. ۽ سنگيت جي سيني سازن سان ساٿ نڀائيندو

هرين ننڍو دلو وڄايو ويندو هو هاڻي وڄائڻ لاءِ خاص دلو يا گهاگهر
ي ويندي آهي. اسان جي هندستان ۾ سائين رام پنجواڻي صاحب
کي هند-سنڌ ۾ ڏاڍو مشهور ڪيو. ڪڇ ۾ اڄ بہ ميگهواڙ يا سوڍا
جي گائڪيءَ ۾ دلي جو ڀرپور استعمال ڪندا آهن. دلي جي منهن تي
چمڙو ٻڌي ان مان دهل جو ڪم ورتو ويندو آهي. دلو ٻنهي هٿن سان
و ويندو آهي. اڄڪلهہ سنڌ ۽ ڪڇ ۾ ڪافين سان گڏ دلو وڄائڻ جو
عام آهي.

ڏنبو : سنڌ ۾ يڪتارو هڪ فقرائي ساز ليکيو ويندو آهي. فقير هڪ هٿ
يڪتارو وڄائيندا آهن تہ ٻئي هٿ سان ڏنبو وڄائيندا آهن. ڏنبي
بناوت ڪجهہ هن طرح هوندي آهي. ڪاٻہ ٻہ ڦوٽ ڊگهي پڪل ڪاٺي
ان جي مٿي ۾ پاسي کان ٽنگ ڪڍيا ويندا آهن. انهي ٽنگ ۾
وط ڌاڳو وجهي ان ۾ مٿان چمڙي جي گولي ڪنگريدار چپڙي رکندا
. ان مٿان پنج وڏيتڙا گهنگهرو ٻڌاندا آهن. بس پوءِ انهيءَ کي يڪتاري
تار تي چمڪو ڏيندا آهن.

سنڌ ۾ ڏنبو وڄائڻ وارو رواج آهي پر ڪڇ ۾ اهو رواج هاڻي ڏسڻ ۾
ہ تو اچي. ڪڇ ۾ ڪٿي ڪٿي ڏنبي جي بدران ڪڙتال وڄائڻ جو رواج

لوڪ ساز بہ پنهنجي تواريخي حيثيت رکن ٿا. چون ٿا تہ حضرت آدم
عليہ السلام جي ڇهين پيڙهيءَ ۾ يوبل (جوبل) نالي هڪ شخص ٿي گذريو
هو جنهن اوغون (آرگن) ناهيو ۽ وڄايو. تنهن کانپوءِ حضرت دائون عليہ
الرلام چنگ ايجاد ڪيو. جنهن کي پاڻ وڄائيندا هئا. اُتان کان ئي شايد
لوڪ سازن جي شروعات ٿي ۽ آهستي آهستي وڌندا ويا.

ارجينٽائين جي غارن ۾ بہ ڪي اهڙيون اڏ اُگهاڙيون تصويرون اڪريل
آهن، جن جي هٿن ۾ هڪ ئي وقت ۾ بہ بنيون (الغوزا) آهن.

هندستان ۾ امير خسرو ستار ايجاد ڪئي ۽ پکاوج کي وچان وڍي ان
مان طبلو ناهيائين. مطلب تہ ائين ئي دنيا ۾ ساز جنم وٺندا ويا.

پوڙيندو، نڙ، الغوزو، دنبورو، گهڙو ۽ چنگ ڪڇ ۽ سنڌ جا لوڪ ساز آهن.
جيڪي اڄ تائين بنهي ثقافتن جا اٽوٽ حصو آهن.

لوڪ سازن تي مالوندا ماڻهو ڳئون مينهون چاريندي پنهنجي من کي
وندرائيندا رهندا آهن. باقي انهن سازن تي سر وغيره چيزڻ البت ڏکيو
ڪم آهي.

لوڪ سازن ۾ پوڙيندو، گهاگهر يا دلو، چنگ، يڪتارو ۽ نڙ مکيہ آهن. اچو
تہ انهن لوڪ سازن ڏي جهاتي پايون.

پوڙيندو : پوڙيندو مٽيءَ مان نهندو آهي جنهن جو آڪار ڪينهوڙي وانگر
هوندو آهي. جيڪو اندريان پولو هوندو آهي. انهي گولي جي مٿان هڪ
سوراخ ۽ پاسن کان ٻيا بہ بہ يا ٽي سوراخ ڪيل هوندا آهن. ان کي سڪائي
ٿانديءِ ۾ پچايو ويندو آهي. ائين پچڻ کانپوءِ پوڙيندو تيار ٿي ويندو آهي.
پوءِ مٿئين سوراخ تي چَپ رکي بانسليءَ وانگر وڄايو ويندو آهي. پوڙيندو
ڌنار جهنگ ۾ مال ڪاهيندي يا ڪنهن ٿڌي وڻ جي ڇانوَ ۾ ساهيپٽيندي
وڄائيندا آهن ۽ وقت ڪاٽيندا آهن. ڪنهن زماني ۾ ڌنار مال کي پاڻيءَ
تي يا وٿاڻ تي وراڻڻ لاءِ پوڙيندي جو استعمال ڪندا هئا. سنڌ ۾ اڄان بہ
پوريندو وڄائڻ جو واهپو آهي پر ڪڇ ۾ هاڻي پوريندو غائب ٿيندو پيو ٿو
وڃي. پوڙيندو اسر ۽ شام ويلي وڄندي ڏاڍو سٺو لڳندو آهي.

عرب ۾ اڄ بہ حَدي خواني وارو رواج قائم آهي. انن جي ريس ۾ اٺن
تيز ڊڪائڻ لاءِ اٺ مٿي ٻار ٻڌندا آهن يا حَدي خواني يعني وڏي آواز
ي هُل حشر ڪري اٺن کي ڊوڙائيندا آهن.
نڙ ڪنگور جي ڪاٺيءَ مان ٺاهيو وڃي ٿو. سڌي سوڌي ڪنگور کي وڍي
ي کي ڏاڍا انگ اڪر هٽي ٻنڌين سان مضبوط ڪري پارا يا رنگ بہ هڻبا
ن. پوءِ هينين سوراخن تي چار آڱريون رکي سر ڪڍيا ويندا آهن اهو
نگور جو نڙ ڏيڍ فوٽ کان سوا فوٽ جو مڏ هوندو آهي.
نڙ تي بيت بہ ڳايا ويندا آهن. بيتن جي ڪچهريءَ ۾ جيڪي نڙ وڄايا
ندا آهن اهي ڪنگور جي نڙ کان ٿورا وڏا هوندا آهن. جنسار ان تي بہ
ڪيو رکندا آهن. انهن نڙن ۾ نرائي نِڙي بہ وڄائيندا آهن. انهن نڙن
جائڻ جون بہ چالون ٿينديون آهن. هڪ تال اٺن جي قدم قدم هلڻ جهڙو
يندو آهي ۽ ٻيو تال اٺن جي ڊوڙ جي رفتار تي ٿيندو آهي جڏهن نڙائيءَ
هريون لهرو وڃاءِ ٻئي تي لهندو آهي تہ بيتن ڏيڻ وارو ڪن تي هٿ رکي
يت ڏيندو آهي ۽ جڏهن بيت پورو ٿيندو آهي تہ هونگاري وارا هونگار
جهلائيندا آهن. اڄڪلهہ سنڌ ۾ ساوڻ فقير جا بيت مشهور آهن. ڪڇ ۾
ٺاٽي نڙ تي بيت ڏيڻ وارا ڪونہ رهيا آهن. ابڙاسي ۽ لکپت ۾ سنڌ واريون
راٺيون ڪي روايتون قائم آهن تي سگهي ٿو اتي ڪي نڙائي هجن.

الغوزا : نڙ وانگر الغوزا بہ سنڌ ۽ ڪڇ جو مشهور ۽ قديم ساز آهي.
الغوزن کي ڪڇ ۾ پاوا چوندا آهن تہ بينون بہ چيو وڃي ٿو. جيئن تہ هن
کان اڳ ذڪر ڪيل آهي تہ ارجينٽائين جي غارن ۾ بہ اهڙي تصوير اُڪريل
آهن جنهن ۾ هڪ اڌ اگهاڙي نينگر پاوا وڄاءِ رهي آهي. پاوا نر ۽ مادي بہ
ٿيندا آهن. سنڌ ۽ ڪڇ ۾ اڄ بہ پنهنجي عروج تي آهن.

پاوا : نڙ وانگر پوريون ڪانيون ٿيندا آهن. اهي ڪانيون گهٽو ڪري
ڪرڙ جون هونديون آهن جن کي ڪاريگر پورو ڪري، ان مان ٺاهيندا
آهن. انهن مان هڪ کي نر چوندا آهن. نر رڳو سر جو جوڙ ڏيندو آهي. نر ۾

وڏي رهيو آهي. اهو ڪڙتال وڄائڻ وارو رواج راجستان جي لوڪ سنگيت کان متاثر ٿيل به ڏسجي ٿو.

نڙ : نڙ سنڌ جو خاص ساز آهي ته ڪڇ ۾ به خاص هو جيڪو هاڻي تقريبن ان لپ آهي. اڳي ڪڇ جي ٻني ايراضيءَ ۾ نڙ وڄائڻ وارا يا نڙ تي بيت ڏيڻ وارا هئا، پر هاڻي ايڪڙ ٻيڪڙ ڪانسواءِ ڪونه آهن.

نڙ، هڪ قديم ساز آهي. جنهن جي تاريخ مان ثابتي ملي ٿي. اڳي جڏهن لاريون، موٽر گاڏيون يا ريل گاڏيون ڪونه هونديون هيون تڏهن سنڌ ۽ ڪڇ جا ماڻهو اٺن تي قطارون ڪندا هئا. جن کي قطاريا چوندا هئا. جن کي شاه صاحب ”اهي قطاريا ڪالهه ويا“ چئي ياد ڪيو آهي. اهو ڪم سنڌ ۾ مير جت ڪندا هئا جيڪي ڪيڇ مڪران يا ديبل بندر ڏانهن پاڙي تي ويندا هئا. اٺن جي قطار جي گوڏن ۾ گهنگهرو ٻڌي ڇڏيندا هئا ۽ ڳچيءَ ۾ ڇڙا يا گهنڊ ٻڌندا هئا جنهن جو مطلب اهو هو ته جي ڪو اٺ قطار مان ڇڄي وڃي، ته ڇڙي ۽ گهنگرو جي آواز مان خبر پئجي سگهي ۽ ڪيس ڳولهڻ ۾ سولائي ٿئي. پر اٺ جڏهن قطار ۾ هلندا هئا ته سندن گهنگهرو ۽ ڇڙا تال ۽ موسيقي پيدا ڪندا هئا. پوءِ انهي قطار جو سرورڻ انهي موسيقيءَ تي بيت ڏيندا هئا ۽ باقي اٺن وارا هونگار جهلائيندا هئا. جنهن جو مقصد صرف اهو هوندو هو ته اٺن وارا غافل ناهن، جاڳن پيا ۽ سندن وقت به سولو گذرندو هو.

عرب ملڪ ۾ جَدي خوانيءَ ۾ ملي ٿو. جڏهن قافلي وارا منزل ڪندا هئا ته ڪين چورن ڌاڙيلن کان حفاظت لاءِ جاڳڻو پوندو هو. انڪري وقت گذارڻ جي لاءِ بيتن جي محفل ڪندا هئا. پر اتي ڇڙن ۽ ڇيرن جو آواز ڪونه هوندو هو. ان ڪري نڙ ايجاد ڪيائون. رات جي محفل ۾ نڙ ۽ نري وڄائيندا هئا ۽ لهرن تي بيت ڏئي وقت گذاريندا هئا. ائين اهو نڙ سنڌ ۾ عرب مان آيو جيڪو پوءِ ڪڇ تائين پهتو. جيڪو اڄ ڏينهن تائين هلندو پيو تو اچي.

بنيءَ جو لوڪ اَدب

-ويڙهو رفيق

وشيہ جي تہ ۾ وڃڻ کان اڳ ڏسون تہ لوڪ اَدب جي ڪهڙي وصف
ي. لوڪ جي معنيٰ آهي عام ماڻهو شري واسديو شرڻ اگروال جي لفظن ۾
ڪ اَدب گويا اَسان جي زندگيءَ جو مهاساگر آهي. لوڪ اَدب ۾ اَسان جي
ندگيءَ جو حال، ماضي ۽ مستقبل ٽيئي زمان سمايل آهن. لوڪ اَدب جي
عنيٰ عام جو اَدب. جنم کان وٺي موٽ، لوڪ اَدب ڪنهن نہ ڪنهن نموني
سانجي، جيون سان واسطو رکي ٿو.
مثال : جنم، ڇٺي، مُنڍڻ، جٽيا، مٽڻو، شادي يا اَنتم سنسڪار. اِنهن
وقعن سان واسطو رکندڙ ريتيون رسمون ۽ گيت وغيره لوڪ اَدب ۾ سمايل
هن. ڪنهن جو جاتيءَ يا لوڪ، قوم جي سنسڪرتيءَ جو لوڪ اَدب آئينو
هي. تنهن ڪانسواءِ اِنساني، اُمنگن ۽ جذبن جو اِظهار لوڪ گيتن جهڙوڪ
ڏا، اوراڻا، لوليون، پهَت وغيره ذريعي ٿئي ٿو.
لوڪ اَدب صرف لکيل نہ هوندو آهي پر اُهو هڪ پيڙهي کان ٻي پيڙهيءَ
ائين ڪٿائن، گيتن، قصن، ذريعي ڦهلجندو آهي. لوڪ اَدب زمان، مڪان
جي بندن کان گهڻو پري آهي. لوڪ اَدب لاز وال آهي. اُهو پاٽيءَ جي
هڪري يعنيٰ ڏارَ وانگر آهي. ڪنهن بہ قوم جي ريتن رسمن، اُٿڻي وهڻي،
هلت، چلت، رنج راحت، عقل ۽ چترائيءَ جو آئينو لوڪ اَدب آهي. لوڪ
ساهتيہ ۾ ڪنهن بہ ملڪ جي زمين جي مٽيءَ جي مهڪ سمايل آهي.
سنڌي لوڪ اَدب ڪهاڻين، قصن، ڏند ڪٿائن ۽ پهَت وغيره ۾ سمايل
آهي. سنڌي لوڪ اَدب کي سهيڙي قلمبند ڪري ڪتابي روپ ۾ ڇپڻ جو
ڪم گهڻي ڀاڱي سنڌ پاڪستان ۾ ٿيو آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
جي نگرانيءَ هيٺ سنڌي لوڪ ساهتيہ جا 40 ڪتاب سنڌي اَدبي بورڊ ڇپايا
آهن. ڀارت ۾ سيني کان اڳ لوڪ ساهتيہ ۾ گهڻي ۾ گهڻو ڪم ڊاڪٽر
ناراڻ ڀارتيءَ ڪيو آهي.

اهي ساز بہ سنڌ جا آهن. پر هينئر انهن جو واهپو تمام گهٽ آهي. سرندو اڄ بہ سنڌ ۾ وڄايو ويندو آهي. ڪڇ ۾ صديق جت هڪڙو تمام سٺو فنڪار ٿي گذريو آهي. هاڻي ڪڇ ۾ انهي ساز کي وڄائڻ وارو هڪڙو اڌ فنڪار بچيو آهي.

هونئن تہ سرندو سورٺ پرڳڻي جو ساز آهي جنهن تي راءِ ڏياچ بيجل نالي راڳائيءَ کي پنهنجو سر وڍي ڏيئي ڇڏيو. ائين انهن سازن جو ڪڇ يا سنڌ ۾ ايڏو ڪو واهپو ڪونهي ۽ ايترو وقت بہ ڪونهي جو انهن تي ڳالهاءِ سگهجي.

ماڊرن زماني ۾ سنڌ ۽ ڪڇ ۾ پاوا، چنگ ۽ دنبوري جهڙا ساز تہ پنهنجي پوري آب و تاب سان زنده آهن پر نڙ، پوڙيندو، سرندو پنهنجو وڃاءِ رهيا آهن. اهي لوڪ ساز جيڪي سنڌو سيتا جي سونهن آهن سوين سالن شال ائين پنهنجا سُر هوائن ۾ وکيري سنڌ ۽ ڪڇ جي ماڻهن جي روحن کي راحت ڏيندا رهن اهڙي انتر جي ايلاسا آهي.

ي فيسٽيول آف انڊيا ۾ دهلي ۾ اَپنا اُتسو ۾ بني ۽ ڪڇ جي فنڪارن
نڌي ڪلا ۽ سنگيت جو جوهر ڏيکاري سيني کي تپرس ۾ وجهي ڇڏيو.

لوڪ سنگيت ۽ لوڪ سازن ڪانسواءِ اَڄ بہ بنيءَ ۾ سنڌي ڀرت، چٽسالي ۽ ڪنيرڪي فن جو ٻول بالا آهي. بنيءَ جي ڀرت ڪلا ۽ چٽساليءَ جو ناماچار ڄي دنيا ۾ ڦهليل آهي. هر سال هتان لکين رپين جو مال وديش ۾ روانو ڪيو ويندو آهي. ڏڻ، وار شادي مڱڻو ۽ ٻيو سماجڪ رسمون پڻ جئن جو تئن ائم آهن ۽ اُهي اَسان کي سنڌ جي قديم سڀيتا جي ياد ڏيارن ٿيون. بنيءَ ۾ سنڌي لوڪ سنگيت جو اَڪت ڀنڊارو آهي. بقول ڊاڪٽر پرسو گدواڻي ''بنيءَ جا سنڌي اَنيڪ ڪشٽ ڪشالا سهندي اَڄ جو سنڌي ٻولي ۽ سڀيتا زندهہ رکي ويٺا آهن اُنهن سببن ڪري اُتي وڃڻ، اُتان جي ٻوليءَ جو اَڀياس ڪرڻ ۽ اُتان جي ڪلچر جو مزو ماڻڻ ڪنهن بہ درگاهہ تي وڃي سجدي ڪرڻ کان گهٽ ڪونہ آهي يا ڪنهن تيرٿ اِستان تي وڃي اُتي مندر ۾ مورتيءَ اڳيان متو ٽيڪڻ کان گهٽ ڪونہ آهي. هر دفعي پنهنجي سنڌي اَمڙ جو نئون ۽ نرالو روپ ڏسندو آهيان ۽ اُن جي ٻوليائي قسمن (Varieties) جو اَڀياس ڪري پنهنجي سنڌي اَمڙ جي شاهوڪاريءَ اڳيان سجدو ڪندو آهيان ۽ اُن جي شاهوڪار ڪلچر اڳيان متو ٽيڪيندو آهيان.''

بنيءَ جي لوڪ اَدب ۽ لوڪ سنسڪرتيءَ ڏانهن ڀارت جي سنڌين جو ڌيان ڇڪائڻ جو شرف ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ کي مليو. هن 1985 ۾ بنيءَ جي ملاقات ورتي ۽ اَنيڪ مشڪلاتن سهندي بنيءَ جي سنڌي ڪلچر ٻولي، رهڻي ڪهڻي ۽ لوڪ اَدب جو اَڀياس ڪري ڪيترا مقالا لکي ۽ ڪوجنا ڪاريہ کي نئون موڙ ڏنو. بنيءَ جي لوڪ اَدب کي روشنيءَ ۾ آڻڻ ۽ اُن جو وڪاس ڪرڻ ۾ گجرات سنڌي ساهتيہ اَڪادميءَ جو وڏو يوگدان آهي. اَڪادميءَ جيڻي لالواڻيءَ جي نائب صدر واري عرصي دوران 1987 ۾ پرسي گدواڻيءَ جي رهنمائي ۾ هڪ سيمينار سڏايو، چوٿين پنجين جولاءِ تي 1987 تي ڪوٺايل سيمينار ۾ ڪڇ ۽ بنيءَ جي لوڪ ساهتيہ جو اَڀياس ڪري اُن جو سمپادن پرڪاشن ڪري هڪ عملي يوجنا جي تحد گجرات سنڌي اَڪادميءَ بنيءَ جي لوڪ اَدب تي ڪيترا ڪتاب شايع ڪيا آهن.

''سنڌي ٻوليءَ جي زيارت'' 1989 ۾ ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ پهريون ڪتاب ڇپايو. هن ڪتاب ۾ ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ بنيءَ جي سنڌي لوڪن

سنڌي لوڪ اَدب جي وڪاس ۾ گجرات جو وڏو يوگدان پئي رهيو آهي.
گجرات سنڌي ساهتيه اڪادميءَ جو لوڪ اَدب جي وڪاس ۾ اَهم رول پئي رهيو آهي.

هينئر مان سڌو اَچان ٿو پنهنجي مقالي جي وشيه تي، وشيه آهي بنيءَ جو لوڪ اَدب.

بنيءَ جو لوڪ اَدب جي اوڪ ڊوڪ ڪرڻ کان اڳ اسين بنيءَ جي جاگرافيڪل، سيپتڪ، ساهتيڪ، خاص ڪري لوڪ اَدب جي پس منظر جو اَڀياس ڪنداسين. بني ڪڇ کي مليل قدرتي سوغات آهي. هيءُ علائقو نکتراڻا يچ ۽ اَنجار تعلقي جي اُتر ۾ 2144 چورس ڪلو ميٽرن جو وستار آهي جنهن ۾ چاليهه ڳوٺ اَچي وڃن ٿا. ڪنهن زماني ۾ سنڌو ندي هتان وهندي هئي، پر هاڻي هن جو دارو مدار برساتي پاڻيءَ تي آهي. هن وقت بنيءَ جون مکيه نديون آهن نرا، ڌرڙ، نروڻا، ڪايلو، ڪاري ۽ ڀوڪي وغيره. بنيءَ جي ڪارن ڊونگرن (پهاڙين) تي دتاتريه ڀڳوان جو مندر آهي. بنيءَ کي اُتر طرف ''ڪريڙ'' ۽ ''بيلو'' اُتر ۾ اولهه طرف ''پڇم پانور ۽ ڪائرڙو'' بيٽ آهن.

بني سنڌ جي سرحد کان 25-20 ميل پري ڏيپلو راهوڪي بازار 50-40 ميل، سمانگر يا سوميءَ جا کنڊهر 50-40 ميل پري آهي.

بنيءَ ۾ ڪابه کيتي ڪانه ٿيندي آهي پر قدرت صرف هيءُ ڌرتي چڙڪ گاهه جي پيدائش لاءِ ئي محفوظ رکي آهي. کير بني ۽ ڪڇ جو ديوتا آهي. کير لاءِ چوڻي آهي ''کير تان جيرو پير'' کير جي هارجي پوي ته اُن کي اَپ-سوڻ سڏين هارين کير ميڙي، اُهو مٽي تي تلڪ ڪري لڳائين ۽ خراب ٿيڻ لاءِ ڀڳوان کان معافي گهرن. گاين جو ڌڻ سامهون ايندو ڏسن ته اُن کي شڀ ۽ سنو سوڻ ڪري سمجهن. اُن لاءِ پڻ هڪ ڪويتا آهي ته

ڪارا ڊونگر ڪڇ جا، ڌورا ڌن چري
سڄ اُهندي ساها اَچي، ڏسندي ڏک ٽري.

جيستائين بنيءَ جي سيپتڪ يعنيٰ ڪلچرل ورثي جو سوال آهي بنيءَ جا لوڪ اَڄ به سنڌي لوڪ سنگيت، لوڪ نرتيه، لوڪ سازن ۽ لوڪ پرمپرا کي ساڻ ساڻ سانڍيو ويٺا آهن. سنڌي ساز جهڙوڪ نڙ، چنگ، بوڙيندو، بينون، مرلي وغيره ساز اَڄ به بنيءَ ۾ جئن تئن زنده آهن. گهڻا سال اڳ واشنگٽن

، ڪجھ ڏکي ڪجھ مثال هن ريت آهن:

بي ٻہ ٻڌائين ڳالهڙي سامهون ڳالھ سلاءِ
منجھہ تنهنجي جيءَ ۾ ويتر ويڌ ڪياءِ.

شاعر بسم الله الرحمن الرحيم)

سنڌي لوڪ اَب تي وڏ ۾ وڏ ڪوج ڪم ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ نارائڻ
رتي ۽ جينت ريلواڻيءَ ڪيو آهي. ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ کان پريرڻا هٿ
ري ڊاڪٽر جيٺي لالواڻيءَ ٻنيءَ ۾ وڃي اُتان جي لوڪن ۽ لوڪ اَدب ۽
ڪلائن سان واسطو رکندڙ شخصن سان ملاقات ڪئي. لالواڻي ٻنيءَ ۾
وب گهميو راتين جو راتيون گذاريائين ۽ پنهنجي ساڏنا ۽ اَپياس سان مواد
صل ڪيائين. ٻنيءَ جي شري لالجي همتوجي سوڍهڙ جيٺي کي ٻني جي
ڻن جو سئر ڪرايو اُتان جي لوڪن سان ملايو. لوڪ اَدب ڪٺو ڪرڻ رڪارڊ
رڻ ۽ ڪچهرين جي محفل ماڻڻ ۾ خوب مدد ڪئي. ”ٻنيءَ جو سنڌي
ڪ اَدب“ جيٺي لالواڻي جي لکيل هي ڪتاب سال 1992 ۾ ڇپجي پڌرو
يو. هن ڪتاب ۾ ليکڪ ٻنيءَ جي جدا جدا سنڌي لوڪ اَدب جي صنفن
ي مواد کي ڪٺو ڪري پيش ڪيو آهي. هن لوڪ اَدب ۾ سنڌي ٻوليءَ جي
دا جدا اُپ ڀاشائن جهڙو سوڍڪي، جتڪي، ڪڇي ڍاٽڪي ۽ ٿريءَ جا
ظ جيئن جو تيئن ڏنا آهن.

هن ڪتاب ۾ سنڌي لوڪ اَدب هڪ نظر لوڪ ڇوٽيون، اڳڪٿيون،
روليون، ڳجهارتون ڏور، ٻهڳلڻ جا ٻول ۽ لوڪ ڪهاڻيون شامل ڪيو ويون
هن. جيٺي ڪافي نور نچوئي هي ڪتاب سنڌي لوڪ اَدب کي اَرپڻ ڪيو
هي. هن ڪتاب جي آمد بعد ليکڪ جي شماري لوڪ اَدب جي کوجنيڪ ۾
يڻ لڳي. ڪتاب جي مهاڳ ۾ ليلارام لکي ٿو ”جيٺي ٻنيءَ ۾ چالو لوڪ
ڇوٽيون، اڳڪٿين، پرولين، ڳجهارتن، ڏڻن، ڏورن کان واقف ڪيو آهي.
ہ لوڪ ڪهاڻيون ”اوڍم جام ۽ هوتل پري“ ۽ ”سهڄان پري“ پڻ ڏنيون
هن. لوڪ ڇوٽيون اڳڪٿيون ۽ پروليون ڪتابي صورت ۾ ڀارت ۾ شايد جيٺي
ي ڇٽيون آنديون آهن.“ سنہ 1995 ۾ سوڍا رامنسنگھہ ڀڳت ”سوڍن جا
سنڌي ڀڄن“ ڇپائي اُنهن کي روشني ۾ آندو. اَڪثر شادين يا ٻين موقعن
ي رامسنگھہ سوڍي جي ڀڄنن جو پروگرام رکيو ويندو هو. هن جي آواز ۾
ميٺاج هو. هو سچي ڪچ ۾ رامنسگھہ ڀڳت جي نالي سان مشهور هو.

جي زهٽي کهٽي ڳوناٽين ڪڇهرين سنڌي سازن سنڌي ٻوليءَ جي اُپ ڀاشائن جو ذڪر ڪيو آهي. هن ڪتاب ۾ ڪُل 11 باب آهن جن ۾ سنڌي ٻولي، ڪلچر ۽ ريتن رسمن ڪانسواءِ اُتان جي ڳوناٽن، ڳوناٽي جيون، ڳوناٽين ڪڇهرين ۽ سنڌي ساز ٻوريندي جو تفصيلوار بيا آهي. اِن ڪانسواءِ ''ٻنيءَ جا ٻول جتن جو قولُ'' ليکڪ حاضي سليمان گل محمد جت جو ڪتاب ٻنيءَ جي شاعرن جي ڄاڻ ڏئي ٿو. ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ سان گڏ لالچي همٿوجي سونهڙ ''سنڌي ڳُجهارتون'' ڪتاب لکيو اِن ڪتاب ۾ ڳجهارتن جي مڪمل ڄاڻ ڏني آهي. هي ڪتاب مارچ 1990 ۾ ڇپيو. اِها ڇپائڻ جي جوابداريءَ گجرات سنڌي راهتيہ اَڪادمي پاڻ تي کنئي ڳجهارت کي ڏسبو تہ بلڪل سوُلائيءَ سان چئي سگهبو تہ هيءَ اُها لفظي رچنا آهي جنهن ۾ رچيندڙ ڳجهہ لڪائي ٿو رکي. ڳجهارت اڪثر نظمي روپ ۾ ئي پر اِهو ڪم لازمي شرط نہ آهي. ڪڇ ۾ مون کي ٻنهين قسمن جون ڳجهارتون مليون آهن، ڳجهارتن جي وڌيڪ اوک ڊوک ڪرڻ کان اڳ ۾ سنو آهي تہ ڪن ڳجهارتن کي کولي سمجهائجي جئن ان جي سيني پهلن کي سمجهڻ ۾ وڌيڪ سهوليت ٿئي. هيٺ هڪ ڳجهارت ڏجي، ٿي:

نرنان تنهنجي شهر ۾ مال جي هياس،
گاهہ ۽ ڪپڙ ۾ اَچي وڻ تي وياس.

ڳجهارتن ۾ لفظي اِشارا ۽ پڄٽي اهم رول ادا ڪري ٿي. انهن کي سمجهڻ جو مزو ڪجهہ اوُر آهي!

ڊاڪٽر پرسي گدواڻي ۽ لالچي همٿوجي جي هيءَ ڪوشش نهايت ڏيان ڇڪائيندڙ آهي. ٻنيءَ جا ٻول جتن جا قولُ حاجي سليمان جت جو لکيل هي ڪتاب گجرات سنڌي ساهتيہ اَڪادميءَ مارچ 1990 ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو هن ڪتاب ۾ ٻنيءَ جي جتن شاعرن جي ڄاڻ ۽ اُنهن جي شاعري ڏنل آهي. جت قوم ورهين کان ڪڇ ٻنيءَ ۾ رهندي پئي اَچي ۽ حالتن پٽاندڙ سنڌي اَدب جي خدمت ڪندي پيئي اَچي. ٿلهي ليکي اِئين مڃيو وڃي ٿو تہ جت اصل هندستاني آهن ۽ پوءِ ٻين ملڪن ڏي ويا. جت ڪڇ ۾ رهيا ۽ مسلمانن بادشاهن کين فتح ڪري اِسلام ڌرم قبولايو. جت معنيٰ مسلمان اِهو لفظ سنڌ ۽ ڪڇ ۾ صروج آهي. هن ڪتاب ۾ ليکڪ ڪُل ملائي 9 شاعرن جا شعر شامل ڪيا آهن ڪن شعرن جي، ٻولي نهايت سوُلي آهي تہ ڪن

ـين جو جائزو ورتايو آهي.

''بقول هيرو ٺڪر ''سنڌي فوڪ لور'' هيءَ ڪتاب قابل احترام ڪاوش ۽
ـيت ڀريو دستاويز آهي. جنهن جو ملھ فقط اُهي ئي ڪري سگهندا جن
لوڪ اَدب جو اونهو اَڀياس ڪيل هوندو.''

ـ پنجين فيبروري 1943 ۾ ڳوٺ ويڙهار، ٿر سنڌ ۾ ڄاول لالجي همٿوجي
ـهڙ ڪڇ جي ڳوٺن جو ناميارو شخص، محفلن ۽ ڪچهرين جو مور،
ـڌي لوڪ ادب جو شيدائي اَڄ بہ سنڌي لوڪ اَدب ۽ سنڌي ثقافت سيني
ـسانڍي وينو آهي. ڪڇ ۽ ٻنيءَ جي ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي، پوشاڪ
ـي پور.

ـ ثقافت، هندو مسلم ميل ميلاپ، وقت پٽاندڙ بدلجندڙ جيون وغيره
ـ ذڪر لالجي همٿوجي سوٺهڙ پنهنجي ڪتاب ''منهنجو ٿڙڙو- منهنجو
ـڇڙو'' ڪتاب ۾ ڪيو آهي. هي ڪتاب 2005 ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. هيءَ
ـجي ڀائي جي سنڌي اَدب کي ناياب سوغات آهي. ''متون جا گيت''
199ـ ۾ گجرات سنڌي، ساهتيہ اَڪادمي ڪلاڌر مُتوا جو ڪتاب ڇپائي
ـرو ڪيو. مُتوا قوم هڪ نهايت سهڻي قوم مڃي ويندي هئي. ڪنهن زماني
ـ هنن جي سونهن جي هاڪ چوڌاري ڦهليل هوندي هئي. گيت اَڪثر
ـوشيءَ جي، موقعن تي ڳايا ويندا آهن. گيت مُتوا سماج جي عڪاسي ڪن
ـ. شادين جي موقعن تي متيون جيڪي لاڏا ڳائيندون آهن تن کي ڳيت
ـيو ويندو آهي جنهن جو مطلب آهي لاڏو يا سهرو. ڪلاڌر مُتوا هن ڪتاب
ـ ڪُل 41 ڳيت شامل ڪيا آهن. جيڪي الڳ الڳ وشين تي لکي مُتوا سماج
ـي سماجڪ ۽ ثقافتي جيون جي ترجماني ڪن ٿا بدنصيبا اَڄ ڪيترن
ـونن مان، ڳيت ڳائڻ جو رواج عدم موجود ٿي ويو آهي پر جتي بہ گيت
ـايا وڃن ٿا تہ ماحول ۾ هڪ قسم جي رنگت ڦهلجي وڃي ٿي.

ڪجھہ مثال ڏسو:-

(1) هتي راڄ مان ڪوتايان،
ڪندون ڪير ورهايان
هن گهوٽ جي شادي
آهي وڏي شان واري

پڄڻ لفظ جو ڌاتو پڄ آهي جنهن جو مطلب آهي پوڄا ڪرڻ پڄڻ ڀڳتي رس سان ڀرپور هوندا آهن جنهن ۾ ايشور جي مهما جا گڻ ڳان هوندا آهن. ٻني ڪڇ ۾ جتي ميگهواڙ، ڪولهي، سوڍا، رميل اُهي پير پٿوريءَ جا ڪيترائي پڄڻ شرڌا وچان ڳائيندا آهن. ٻنيءَ جي هرهڪ ڳوٺ ۾ پير پٿوريءَ جو مندر نهيل آهي. چيتي چنڊ ۽ ٻين موقعن تي پڄڻ ڳايا ويندا آهن. پڄڻ جا مکيه قسم آهن ساکي، مال، راڳ مالا، پنجڙا سنڌيا، گٽيتي، گرو مهما، آرتي، پرياتي، آشاديواري وغيره. ان ڪانسواءِ لعل سائينءَ جا سلوڪ شبد، لولي، لاوٽي ۽ پد پڻ ڳايا ويندا آهن. ٻنيءَ جي ڪاوڙا ۾ لوهاڻا رهندا آهن جيڪي لعل سائين، درياه لعل جي پوڄا ڪندا آهن ۽ لعل سائين جي اُستتيءَ ۾ پڄڻ ڳائيندا آهن. ٻنيءَ سوڍن جا سنڌي پڄڻ سنڌي مشهور آهن. سوڍا رامسنگهه ۽ مهراڻسنگهه سنڌي پڄڻن کي صرف ڪڇ نه پر سڄي گجرات ۾ لوڪ پريه بڻايو آهي هن ڪتاب جي 200 صفحن ۾ اَهڙا ئي پڄڻ سمايل آهن جيڪي عام فهم آهن ۽ ڀڳتي سنگيت جو ڀرپور رس پان ڪرائنتا.

”سنڌي پروليون“

هي ڪتاب 1995 ۾ جيني لالواڻيءَ جو گجرات سنڌي ساهتيه اڪادميءَ ڇپايو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ پروليون جو وڏو ڀنڊارو اُهي جيڪو هڪ پيڙهي کان ٻي پيڙهي تائين صدين کان هلندو ٿو اَچي، پر جيني لالواڻيءَ جو لکيل ڪتاب ڀارت ۾ سنڌي پرولين تي ڇپيل هي پهريون وڏو سنگرهه آهي. ليکڪ ڪڇ ۽ راجستان جو دڙ کري اُتان جي روايتي پرولين کي ٻه هن ڪتاب ۾ محفوظ ڪيو آهي.

”سنڌي لوڪ ناٽڪ“ جنوري 1996ع ۾ جيني لالواڻيءَ هيءُ ڪتاب ڇپائي لوڪ ناٽڪ، سانگ ڪنپتلين جو کيل ۽ ڀڳت تي تفصيلوار چنڊ ڇاڻ ڪئي آهي. سنڌي فوڪ لور ”1998 ۾ شايع ٿيل ڪتاب ۾ جيني لالواڻيءَ الڳ الڳ وشين تي اونهو اڀياس ڪري هڪ دستاويزي ڪتاب پيش ڪيو آهي. ليکڪ سنڌي لوڪ اَدب جي اڀياس ۽ تحقيق لاءِ گجرات، ڪڇ ۽ سوراشٽريه جو دڙ ڪري ڪافي ذخيرو هٿ ڪيو آهي. ٻارهن بابن ۾ ڦهليل هيءُ ڪتاب جيني جي اڪٿ محنت، اَوَر چائي ۽ اَڀياس جي ساک ڀري ٿو. ٻارهن موضعن تي ليکڪ قلم آزمائي ڪئي آهي. لوڪ اَدب جي الڳ الڳ صنفن جهڙوڪ لوڪ گيت، لوڪ چوڻيون، لوڪ ڪهاڻيون، لوڪ ڀاڪا ۽

ريتن، رسمن، نکن، ڏٺن وارن، ويسن وڳن بابت گهرائيءَ سان لکيو
. هن ڪتاب ۾ لوڪ وهنوار جي کيڪار ۽ موڪلاڻيءَ جي جهلڪ ملي
هن ڪتاب ۾ گهڻو تڻو لوڪ ادب جي اُپٽار ڪيل آهي. ٻني (ڪڇ) ۾
ي گدواڻي ۽ چيني لالواڻيءَ وانگر لوڪ ساهتيه کي سهيڙڻ ڪنو ڪرڻ،
ڻ ۾ نور نچويو، اُهو ليکڪ ٻيو ڪونه پر جينت ريلواڻي هو. جينت
ي جيون لوڪ اَدب جي کوج ۾ سمپرڻ ڪري ڇڏيو. سنڌي هندي ۽
راتي اَخبارن رسالن جهڙوڪ ’جنستا‘، ’ڪڇ متر‘، ’لوڪ ستا‘ ساڌنا ’ٻال
يش‘، ’آجڪل‘ ۽ ’نوتن سوراشٽر‘‘ ۾ لوڪ اَدب تي ليکه ڇپايل آهن.
ڌ ڪانياواڙ جا سيپتڪ ناتا‘‘ نالي ڪتاب جينت ريلواڻيءَ کي لوڪ
تيه جي کيتر ۾ لاثاني بڻايو آهي. 2008 ۾ ڇپايل هي ڪتاب سنڌ ڪڇ
انياواڙ جي قديمي تواريخي ۽ تهذيبي آپسي ناتن تي لکيل آهي. ڪتاب
6 بابن ۾ ڦهليل آهي. هيءُ جينت ريلواڻيءَ جي هڪ نهايت اَٽلپ،
يقي کوجنا تي آڌارت هڪ ناياب سوغات آهي، هن ڪتاب ۾ ذڪر
ل ڪيترا ليکه وقت به وقت سنڌي، گجراتي ۽ هندي اخبارن ۽ رسالن ۾
! آهن ۽ ڪيترا آڪاشواڻي ۽ دوردرشن تان پڻ پرسارت ٿيا آهن. ليکڪ
ڪتاب ۾ ويدن واري زماني کان وٺي ويهين صديءَ تائين اِتهاس جي
جدا دؤرن ۾ سنڌ، ڪڇ، ڪانياواڙ ۽ راجستان جي، آپسي سيپتڪ ناتن
ترتيب وار ۽ سهڻي نموني پيش ڪيو آهي.
ٻنيءَ ۾ اڃا گهڻو ڪجهه آهي جو هٿ ڪري جاتيءَ اڳيان پيش ڪري
جي ٿو. شاهه ڀٽائيءَ جا اَڻڪل به هزار ناياب بيت هٿ ڪري سنڌ جا
ٻنيءَ مان لوڪ ادب جو جهجهو خزانو سنڌ ۾ ڪٽي ويا. اڄ به هڪ نندي
نندي ڀٽاري ۾ هڪ پريوار وٽ ستر اسي سال اڳه جو شاهه جو هٿ جو
رسالو پيو آهي، اُنجو هڪ نقل سنڌ جي مشهور عالم دائود پوٽي وٽ
ٻنيءَ ۾ لوڪ اَدب جو اڪت، املهه خزانو موجود آهي، ضرورت آهي
س، کوج ۽ محنت جي ۽ اُن کي سانڍي اُنجو ڦهلاءُ ڪرڻ جي.

(2) لاڏو موڙن سان پلين آيو
گهوٽ پلي آيوڙي؟''

ڪلاڏر مُتوا ڪافي، جاڪوڙ ڪري مُتون جا گيت هڪ سني ڪوشش ڪئي آهي ۽ هن جا پورهيا ثاب ٿيا آهن. ''بني ۽ جا سنڌي لوڪ گيت'' ''جيني لالواڻي ۽ جو لکيل هي دستاويزي ڪتاب هڪ ناياب سوغات آهي. 1993 ۾ بمبئي يونيورسٽي ۽ جيني لالواڻي ۽ کي تحقيقي مقالي تي ڊاڪٽر آف فلاسافي ۽ جي ڊگري عطا ڪئي آهي. بني ۽ جا سنڌي لوڪ گيت نالي ڪتاب 2002 ۾ ڇپي پڌرو ٿيو آهي، هي دستاويزي ڪتاب اٽڪل 600 پيجن ۾ سمايل آهي. جنهن جو ڦهلاءُ ستن بابن ۾ ڪيل آهي. جيني لالواڻي ۽ ڪشالا ڪڍي بني ۽ ڪڇ جي دور دراز علائقن جو دورو ڪري لوڪ شاعرن، لوڪ ڪٿاڪارن ۽ لوڪ ڪلاڪارن سان ملاقاتون ڪري لوڪ گيت ٽيپ رڪارڊ تي پريا آهن ۽ پوءِ اُهي قلبند ڪيا آهن. ''بني ۽ جا سنڌي لوڪ گيت'' ڪتاب گوناگون وشين تي لکيل آهي. جنهن ۾ نهايت باريڪي ۽ سان ليکڪ اُتان جي لوڪ جيون، لوڪ پرمپرائن ۽ لوڪ سنگيت جو اَڀياس ڪيو آهي. باب ستين ۾ لوڪ گيت جي هرهڪ قسم جي تفصيلوار ڇنڊڇاڻ ڪيل آهي ۽ اُنجا مثال پڻ ڏنل آهن نہ صرف ايترو پر گيتن ڳائڻ جي طرز، ۽ سازن جو بہ بيان ڪيل آهي. بني ۽ جا سنڌي لوڪ گيت هيٺين قسمن جا آهن :-

(1) پڇن، ساکي، مالا، پنجڙا، سنڌ جا پرياتي لال سائين جي مهما ۾ سلوڪ وغيره (2) ڪافيون (3) لاڏا (جدا جدا جاتين جا) (4) سوڊن، ميگهواڙن، مُتون جا گيت، گيڇ، لوليون، ڪجليو، همرچو، هوجمالو، وٽجارو سوالن جوابن وارا گيت، لوڪ ڪهاڻين تي آڌارت گيت، ڪولهين جا گيت، سينگار وارا ۽ بيا متفرق گيت. لالواڻي پنهنجي تاثرات ۾ فرمائي ٿو تہ ''لوڪ اَدب سان منهنجو ناتو تڏهن کان رهيو جڏهن مون سنڌي اَدب ۾ پير ڌريا آهن. هندواسي ۽ بين رسالن ۾ ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي ۽ بين جا ليک پڙهندو هوس... بني ۽ جي علائقن بابت ڊاڪٽر پرسي گدواڻي ۽ جا ليک پڙهيم ۽ بني ۽ جي سگهڙن لالجي، سوڙهڙ، پيردان سنگهہ سوڊا، حاجي سليمان جت کي محفل ۾ ٻڌو تڏهين پنهنجو پاڻ لوڪ اَدب سان منهنجو پيچ پختو ٻڌيو...''

''سنڌي لوڪ رنگ'' (2009) جيني لالواڻي ۽ هن ڪتاب ۾ سنڌي قوم

اکين آگم لائيا، ڪَرَ مُندائتا مينهن
مانَ مِلان ڪي سڄڻين
وائي وڃيم ڦالَ ڪنن سين سُڻان،
پلو ڪريم پالَ، اکين سان اندو ٿيان.
فارسيءَ ۾ 'واي' جو مطلب آهي 'هاءِ'- عاشق جي اندر جي وائويلا
ي ئي آهي
وائيءَ جو مطلب آلاپ بہ آهي-عاشق جو آلاپ يا فراق ۾ ورتل گهايل جو
ز. سسئي فراق ۾ پنهوُن لاءِ ڦَرِڙَ پَتڪندي رهي ٿي-هوءَ سمجهي ٿي تہ
ون ڪانئس اِنڪري رُسي ويو آهي جوهڻ:
ٻائي نہ وائي، اَديون! آريچن جي
وائيءَ ۾ ۽ ڪافي ۾ ڪجهہ فرق نہ آهي ئي.
وائيءَ ۾ هرهڪ مصرع هڪ ٽُڪ واري آهي. پهرين مصرع سڄي يا اِن
آڌ هر ڪنهن مصرع جي پُنيان اچي ٿو: ڪافيءَ ۾ هرهڪ مصرع هڪ يا
ن تائين ٽُڪون ٿي سگهن ٿيون.
شاهہ پنهنجي سُر يا داستان جي پڇاڙيءَ ۾ وائي چئي آهي جنهن ۾ يا
ي سُر جي نُڪتن مان چوند نُڪتا ڏئي ٿو يا سڄي داستان جو تت ڏيئي
.

شاهہ جي وائي هڏو، سُرُ يمن ڪلياڻ مان.
يار سڄڻ جي فراق ڙي جيڏيون! آئون ماري!
در دوستن جي ڪئين جو هوندا، مرن جيها مشتاقَ
ڙي جيڏيون، آئوُن ماري!
جاتي ڪائي محبوبن جي آهي حُسن جي هاڪ،
ڙي جيڏيون، آئوُن ماري!
عبدالطيف چئي پرين اسان جو هميشہ
حُسناڪ!
ڙي جيڏيون،آئوُن ماري!
وائيءَ ۾ ٻائڻ جو نمونو بہ نرالو آهي. ڪافي ٻائيندڙ ٽُڪن چوندي وچ
ڇ ۾ ڏوهيڙا ڏِيندا آهن، جيڪي ڪافيءَ جي پاوَ ڪي اوُچو ڪندا آهن پيو

وائي

-موتي پرڪاش

ڪافي ۽ وائي سنڌي شاعري جون نج سنڌي صنفون آهن، جيڪي ڳائڻ
ديسي سازن جهڙوڪ يڪتاري، سُرندي ۽ چنگ تي ڳائيندا آهن. هاڻي ت
موسيقيءَ جو رنگ چمائڻ لاءِ اِهي راڳائي بين سازن جي مدد سان ڳائيندا
آهن.

سنڌي موسيقيءَ جي ڄاڻن ڪافيءَ ۽ وائيءَ کي هڪئي صنف ۾ بيهاريو
آهي ڇو جو اِهي ساديون سوڌيون صنفون آواز يا راڳ معرفت ٻڌندڙن جي دل
جي تهن تائين پهچن ٿيون ۽ کين پاڻ ڏانهن ڇڪڻ جي طاقت رکن ٿيون.

سنڌي ڪافيءَ جو مضمون اڪثر عاشقاڻو آهي. محبت، فراق وصل ۽
وڇوڙي جو جي جن جزن جو اظهار موسيقيءَ يا سنگيت معرفت شاعر، عاشق
نه فقط اِهو اِظهار ڪري پنهنجي دل کي ڏڍ ڏيندا آهن پر پنهنجي معشوق
جي ڪنن تائين به پهچائيندا آهن.

ڪافي هڪ راڳڻي جا ديپڪ راڳ جي شاخ آهي. ديپڪ ۾ شعلن پڙڪائڻ
جي طاقت آهي، انڪري ڪافي ٻڌڻ سان جي دل ۽ محبت جا مچ ٻرن ٿا،
تنهن تي نار وجهي ٿي برسات.

شاهه چيو آهي:

ڪر منجهه ڪپار، جهڙُ نيطنون نه لهي،
اچ منهنجي چت ۾ اَنا پرين اپار،
آءُ سڄڻا لَهه سارَ، وِرهه ويڙهي آهيان.

شاهه جي وائي آهي:

وسائيندي مينهن، ماڻ مِلان کي سڄڻين
آءُ ملنديس پرينءَ کي راتيون ڏوري ڏينهن،
ماڻ مِلان کي سڄڻين.

ڙي ۽ پرديش وڃڻ تي جدائيءَ جو ذڪر آهي تہ منجهس سَسئي پنهونءَ
ن ۽ ڏونگر جو بيان اچي ويو آهي.

ڏک لاهيندم ڏونگر ووءِ ! ماءُ پرين جا مون کي سيئي
سو پسان سو ڀانئيان، پريان جو پهي،
ڏاڍي ذات جتن جي، ويئي ڏيلُ ڏهي،
آئون ڏوريندي اُن کي، رائي رات رهي،
ڏٺا وڻ ڪوهيار جا ويئي اُڃ لهي.

سنڌي شاعريءَ جي شاهہ کان اڳ ۽ شاهہ کانپوءِ واري دؤر جو ذڪر
ڏي عبدالجبار جوڻيجي سنڌي ادب جي مختصر تاريخ ۾ شاعريءَ
ن صنفون ۽ اُنهن شاعرن بابت لکيو آهي تہ شاهہ عنايت بيت ۽ وائيءَ، شاهہ
يف بيت ۽ وائي، صادق فقير بيت ۽ وائي، نور محمد خستہ غزل، سچل
مست بيت، وائي، ڪافي، غزل ۽ جهولڻو، عبدالرؤف ڀٽيءَ مولود، ميا
فراز مناجات ثابت علي شاهہ مرثيو، حمل فقير بيت، وائي ڪافي ۽ غزل،
ميءَ سلوڪ تي ڪلڪراني ڪئي.

مون کي سچل جي ڪلام ۾ بيت، ڪافي، غزل ۽ جهولڻو تہ مليا تو پر
تي بہ وائي نظر نہ آئي. ان جو ڪارڻ شايد اِهو بہ ٿي سگهيتو تہ جيڪڏهن
ن ڪٿ وائي لکي بہ آهي تہ ان کي سندس مريدن يا فقيرن ڪافي ڪري
يو هجي.

ورهاڱي کان اڳ ميلن ۽ مجلسن ۾ ڳائڻ واريون اڪثر ڪافيون ڳائينديون
ون. مثال

- **حاڪم هوت هلي آءُ هڪڙي گهڙي،**
  سوُرن ساڙي ڇڏيو دردن لائي دڙي
- **قبر تائين ڪندي ويئي اباڻا اباڻا**
  پسہ ٿياس پويان پنوهارن پُڄاڻا.
- **جن جي هٿان وِيڙا پرين**
  تن کون پڇو سُڌ سوُر جي.

ڀڳتن ۾ بہ اڪثر ڀڳتِ چير ڇمڪائي ۽ جامو پائي ڪافيون ڳائيندا هئا
ڏرمي وشين تي ڀڄن آلاپيندا هئا.

تہ ڪافي فقط هڪ ڳائي، ڳائيندڙ بس نہ ڪندا آهن پر اُن جو جوڙو ڪندا آهن.

شاهہ جون وايون ڳائڻ وديا جي سُرن تي يا داستان جي مضمون مطابق هونديون. سُر ڪوهياري ۾ آيل وائي سُر ڪوهياري ۾ هوندي تہ سُرَ مومل راڻي جي وائي سُر راڻي ۾ هوندي. البت، هڪ ڳالهہ اسان کي ڌيان ۾ رکڻ گهرجي، تہ شاهہ پنهنجي قلم سان پنهنجو ڪلام ڪين لکيو، هوُ چوندو ويندو هو ۽ سندس فقير ۽ مُريد اِهو ڪلام لکندا ويندا هئا. اصل لکيل رسالو جيڪو گنج جي نالي سان سڏجي ٿو، تنهن ۾ آيل ڪلام بہ سيني رسالن جي ڇاپي ۾ هڪ جَهڙو نہ آهي. ڪي اکر بدليل آهن يا اڳيان پٺيان آهن. اصلوڪو ڪلام لاڙي لهجي ۾ هو پر رسالن جي ڇاپي ۾، هوبهو ساڳيو لهجو ڏنل نہ آهي. ساڳيو حال وائيءَ سان بہ ٿيو آهي. الڳہ الڳہ ڇاپن ۾ لفظ بدليل آهن.

مثال طور : سُريمن ڪلياڻ ۾ ساڳي وائي مرزا قليچ بيگہ ۽ پروفيسر ڪلياڻ آڏوڻيءَ هيٺن ڏيکاري آهي :

قليچ

جيءَ جيئاريو ڪين منهنجڙو هاريو
پرينءَ جي پچار جڏڙو جيءَ جيئاريو
سيڻن جي سنهار جڏڙو جيءَ جيئاريو
اُجيو جن عميق مان پرين پوڄ پيئاريو
ڪرم ڪريمن جي مون کي اوکيءَ مان اُڪاريو...

ڪلياڻ آڏواڻي

جيءَ جيئاريو جيءَ جيئاريو ڪين منهنجڙو هينئڙو هاريو
پرينءَ جي پچار، سيڻن جي سنهار جڏڙو جيءَ جيئاريو
اُجيو جن عميق مان پرين پوڄ پيئاريو
مرض مريضن ٽان، اشاري ساڻ اُتاريو
ڪرم ڪريمن جي مون کي اُهکيءَ مان اُڪاريو...

ڪٿي ائين بہ آهي تہ سُر يا داستان موجب جيڪا وائي اُن سُر يا داستان جوتت هجي سا ٻئي سُر يا داستان ۾ ڏني ويئي آهي.

مثال طور، سُر سامونڊي ۾ وڻجارن ۽ سندن وهڻ جو ذڪر آهي. سندن

(۲)

سهندو ڪير ميار وو يار !

سنڌڙيءَ تي سِرُ ڪير نہ ڏيندو ؟

جهول جهلي جنهن وقت پڪائيءَ

ڪرندا ڪنڌ هزار او يار ! سنڌڙيءَ تي سِرُ ڪير نہ ڏيندو ؟

نيٺ تہ رهندي، ڪيسين رهندي !

دوکي جي ديوار او يار

(۳)

نڙي پوندا تاريين جڏهن ٻاڙها گل

تڏهن ملنداسين.

جڏهن ورنديون ڪونجڙيون هرهر ڪري هُل

تڏهن ملنداسين.

وچوڙي جا ڏينهڙا پورائيءَ جي پُل

تڏهن ملنداسين.

(شيخ اياز)

سنڌ جي حالت تي تاجل بيوس بہ نهايت اثردار وايون چيون آهن

ٽِسيون بازايون

رونق رنگ چڏي وئي !

لِڪيوُن پئن لوڪ ۾ وَهوُن ويچاريون

رونق رنگ چڏي وئي !

ڪنهن بہ مروڙيوُن ڪنڌ ڪان، ڏنئڙن جو ڏاريوُن

رونق رنگ چڏي وئي !

(تاجل بيوس)

عجز نياز سان جُهڪي ڪندو جو

سنڌڙيءَ کي پرنام.

اسانجو مٿس سلام !

جيئي سنڌ جو هر پل، هردم جيڪو پيئندو جام،

اسانجو مٿس سلام !

ورهاڱي بعد هند ۾ بہ شاهہ ۽ سچل جا بيت، روحل، بيوس ۽ بيدل وغيره جا ڪلام، بيجل راءِ ڏياچ، مومل مينڌري، سَسئي پنهونءَ جي ڪهاڻين ۾ پڳت ساڳي روايت قائم رکندا آيا.

هن دؤر جي وائي

سنڌ ۾ سنڌي جنتا جڏهن هند مان آيل مهاجرن سان منهن مقابل تي تڏهن سنڌيت، ٻوليءَ ڪلچر جي بچاءَ جي حق ۾ شاعري هڪ نئين دؤر ۾ پهتي. نوجوان شاعرن اِن جذبي جي اثر هيٺ، بيت ۽ وائيءَ جهڙي ديسي صنفن تي قلم آزمايو ۽ ٻُڌندڙن ۾ اُتساهہ ڦوڪيو. شيخ اياز، تنوير عباسي، نياز همايوني، شمشير ال حيدري، اُستاد ٻُخاري، تاجل بيوس، منصور ملڪ، ابراهيم مُنشي ۽ ٻين شاعريءَ ۽ شعر جو رنگ روپ بدلائي ڇڏيو.

شاهہ جي وائي اڳئين دره ۽ عشق، وڇوڙي ۽ وصل جي ذڪر ڪي ڇڏي سنڌي عوام ۽ ٻڌندڙن لاءِ هڪ نهايت اثرائتي صنف بڻي. منجهس وطن ۽ ٻوليءَ جي محبت، ڌارين جي ڌاڍاين ۽ تعصبي نظرين، فرقي پرستيءَ جي مخالفت ڪرڻ، ميل ميلاپ، هندو مسلم ايڪتا ۽ سنڌ جي الڳ حيثيت تي زور ۽ ڌارين جي لوڏ جو ذڪر بہ آيو. شيخ اياز جي وائين جي مجموعي 'لڙيو سج لڪن ۾' وڏي سڄاڳي آندي. مطلب تہ وائيءَ جو مضمون ئي بدلجي ويو. نارائڻ شيام چوي ٿو تہ هن دؤر جي شاعرن ڪي نئين سر جيئاريو آهي ۽ اُن ڪي رومانيت، جماليات ۽ جديد احساسات جي اظهار جو وسيلو ڪري ڪم آندو آهي. اياز پنهنجي وائيءَ ڪي سنڌ ۽ سنڌيت لاءِ اظهار بہ بڻايو آهي. مثال :

(١)

سنڌ ديس جي ڌرتي ٿوتي پنهنجو سيس نمايان
مِٽي مائي لايان.
سارا سڌ پڙاڏا تنهنجا وائيءَ ۾ ورجهايان
مِٽي مائي لايان.
گيت بہ مون وٽ تنهنجا ماتا ! بيت بہ تنهنجا ڳانيان
مِٽي مائي لايان.

(٣)

ٽانڊاٽي جي لاٽ رات انڌاري پنڌ گهڻو
هِڪ وِڪ ڪٽندي روشني، ٻي وک ڪٽندي ٻات
رات انڌاري پنڌ گهڻو
ٻوند ٻوند هيءَ روشني - اونده نجي اُسات،
رات انڌاري پنڌ گهڻو

(٤)

ڏنڏلو روشن منهنجو جيون
سنجها ويلا !
سپنيلي رنگن سان رڱيل هي منهنجو من -
سنجها ويلا !
پرت پريل منهنجي پوتيءَ جو جهرمر دامن
سنجها ويلا !
پل پل گهٽجي عمر ڇٽي جئن گُل جو پن پن
سنجها ويلا !

ارجن حاسد وائيءَ ۾ سفر، انتظار، ڏوڙ، ڏرتتيءَ ۽ پٽڪاءُ جو ذڪر ڪيو آهي:

وِک ٽا ڪٽندا وڃون هيءَ تہ آهي سفر
ڳوٺ هِتِ ۾ تہ هاڻي نہ شايد اچون.
هيءَ تہ آهي سفر
ڏرتتي ڏوڙ، رٽپٽ لڳن ٿيون لُڪون
هيءَ تہ آهي سفر

ڍولڻ راهي وائيءَ ۾ پيار جو اظهار نهايت سوکيم انداز ۾ ڪيو آهي :

قول ڪيئہ جي، ياد ڪجانءِ
او اچجانءِ !
پوپٽ جيان اُڏري آءُ جيءَ ۾ - گُل جيان جايون
ڏينديسانءِ
او اچجانءِ !

وڙهنديءَ وڙهندي ويرين سان جو سنڌ لئه لئي قتلام
اسانجو مٿس سلام !
سنڌي ٻولي، قومي ٻولي، آهه هي الهام
اسانجو مٿس سلام !

(منصوُر ملڪ)

هند ۾ وائي ٽورن شاعرن قلمبند ڪئي آهي جن ۾ نارايڻ شيام، هري دلگير، ارجن حاسد، ڊولڻ راهي، ڪرشن راهي، موتي پرڪاش ۽ ٻيا اچي وڃن ٿا.

شيام جي وائيءَ ۾ نه فقط خيال جي گوناگونيت آهي پر منجهس لريڪل سونهن چوٽيءَ تي آهي. سندس ڪي وايون جماليات جي ساک پرين ٽيون ۽ اسان جي اڳيان هڪ اڻ وسرندڙ تصوير به پيش ڪن ٿيون

(۱)

نِڪري پيو آڪاس

راڻو آيو ڪاڪِ تي !
ڪنول ڪکور يا ڪاڪ تَڙين اچ، ڏئي وراڪا واس.
راڻو آيو ڪاڪِ تي !
مِنڙي مِنڙي مُرڪ فضا جي - سُرهو سُرهو سواس
راڻو آيو ڪاڪِ تي !
سج جون سونيون ٻاکون جَرڪن - سوَن ورن احساس
راڻو آيو ڪاڪِ تي !

(۲)

ڪوئل جي ڪونجار - مون نه جوانيءَ ۾ لکي !
هير پِنيءَ جي اوٽ ۾ - آئي جا هبڪار
مون نه جوانيءَ ۾ لکي !
پوپٽ نچندا ئي رهيا،
رنگ رتي جهنڪار -
مون نه جوانيءَ ۾ لکي !

لوڪ ادب جي هڪ سهڻي صنف : ڪافِي

-هيرو ٺڪر

لوڪ ادب يا لوڪ ساهِتُ، لوڪ سنسڪرتيءَ جو هڪ اهم انگ آهي. لوڪ لفظ جون گهڻيون ئي معنائون آهن، پر لوڪ ادب واري حوالي سان ان جي معنيٰ ’عوام‘ يا ’عام طرح رواجي/ساڌارڻ‘ ماڻهوءَ واري آهي. لوڪ ادب واري مُرڪب ۾ ’لوڪ‘ ماڻهن جو اهڙو ’سٿُ‘ يا ’سمُوهه‘ آهي، جنهن ۾ شامل شخص پنهنجي اِنفراديت يا پنهنجي اِنفرادي سڃاڻپ ميٽي، هڪ گڏيل سڃاڻپ حاصل ڪري ورتي هجي يا جن جي اِظهار يا فيصلي کي اِنفرادي اِظهار يا فيصلي جي نه، پر گڏيل اِظهار ۽ فيصلي واري حيثيت حاصل هجي. سنڌي ٻوليءَ ۾ ’لوڪُ ڇا ڇا چوندو؟‘، ’لوڪ کِلائيندين‘، ’لوڪ آهي ٻوڪُ‘ ۽ ’هڙ ٻه خاشو، لوڪَ ٻه تماشو‘ واريون چوڻيون، ماڻهن جي اهڙي ئي سَٿ يا مجموعي ذاتهن اِشارو ڪندڙ آهن.

لوڪ ادبُ ٻه ماڻهن جي اهڙي ئي سٿ جي پسندگيءَ ۽ اِظهار سان جُڙيل ٿو، برعڪس اِن جي ته ادبُ شخصي خيالن ۽ جذبن جو اِظهار هجي ٿو. شخصي پسندي يا اِظهار جڏهن اهڙو مانيه ۽ مقبول بڻجي، جو ڪو عام رواجي ماڻهو به اُن کي پنهنجي ڳالهه پنهنجي من جي ڀاونا، پنهنجو اِظهار ڪري سمجهي ته پوءِ اُهو لوڪ ادب بڻجي پوي ٿو. ڪڇيءَ جي ڪوي دليراءِ ڪاراڻي ۽ سنڌي ڪوي هوندراج دکايل به پنهنجن اهڙين ڀاونائن وارين رچنائن ذريعي لوڪ ڪوين وارو درجو حاصل ڪري ورتو آهي ۽ آسام بينگال جي مهان شخصيت ڀوپين هزاريڪا، جنهن جو تازو ئي ديهانت ٿيو ۽ اُتان جي راجيه سرڪار ٽن ڏينهن لاءِ ماتم واريو تنهن به اهڙي ئي سبب سان لوڪ ڪوي ۽ لوڪ گائڪ وارو درجو پراپت ڪيو هو.

ڪافي آهي ته دراصل اسانجي سنڌي شاعري ۽ ڪلاسيڪي موسيقي

سَرِها سَرِها سواس گلابي گهڙي گهڙي گهوريندي سانءِ
او اچجانءِ !

موتي پرڪاش جي وائيءَ ۾ ڪٽنبي جيون جي جهلڪ بہ ملي ٿي

چمڪي جڏهن چير
گجر ! تنهنجي گهرَ ۾.
ورجي پاڪر ڪي چڏي اُٿينءَ اَسُر وير
چمڪي جڏهن چير...
سَهُرو پڻ سوچڻ لڳو : هِهڙي سُگهڙ ڪير ؟
چمڪي جڏهن چير...
سَسُ بہ چَنِ چن تي اُٿي ڏٺو بيني پير
چمڪي جڏهن چير...
ڏيراڻيءَ موڙو ڏنو، ڍينگو ڪندي ڍير
چمڪي جڏهن چير...

وائي ئي تال، سُرَ جون ضرورتون پوريون ڪري ٿي. اُن ۾ الڳ الڳ موضوعن تي ڪلڪرانيءَ اختصار جون قوتون آهن. ضروري آهي تہ شعوري طور بہ اِن نجي صنف کي اسانجي شاعريءَ ۾ ترجيح مِلي جيئن اسانجا نجا سنڌي فارم سنڌي شاعريءَ کي مالا مال ڪن ۽ وراثت سان ڪڙيءَ ۾ ڪڙي ملائي سُر ۽ سُرهاڻ ڦهلائين.

يار سڄڻ جي فراقئون ماري آهيان...
در دوسن جي ڪيئن جو هوندا، مون جيها مشتاق
مان وري آهيان، يار...

ر ڪن لکندڙن وري وائي کي بہ ’ڪافي‘ ڪري پئي سڏيو آهي.
شاهہ جي رسالي جي ڪِن ڇاپن ۾ شاهہ جي واين کي بہ ڪافيون ڪري
ويو آهي. ٻيءَ طرح ڪافيءَ جي وري اِها بہ وياکيا آهي تہ اُن ۾ هر
ري ۾ هڪ يا ڏيڍ ڪان وني، جئن تائين ٽُڪون بہ تي سگهن ٿيون،
ن :

منهنجي الغرضيءَ سان اڙي،
دل ديواني ڪئي درسن
1. ناز نيڻن جي ڪِيس نظاري
سڄڻ ساھہ توکي ٿو ساري
مان تہ سوز اِنهيءَ ۾ سڙي،
دل ديواني ڪئي درسن، منهنجي

يا وري بيدل فقير جي هيءَ مشهور ڪافي ڏسو :
عِشق نهين هئہ چرچي بازي، سُورئون سِر سنپاوڻ هئہ
جام عشق دا جو ڪوئي پيوي، لک لک واري مر مر جيوي
سوئي راز دا واقف نيوي، سَهَل نهين لِنو لاوڻ دي

اصلوڪي سنڌي ڪافيءَ جي سونهن جيتوڻيڪ اُن جي سادگيءَ سلاست
هئي، پر وچولي دور ۾ ڪافيون رچيندڙن ڪافيون جوڙڻ وقت اُنهن ۾
اريگري آڻي، اُنهن ۾ پنهنجي هنرمندي ڏيکارڻ جي بہ ڪوشش ڪئي.
سان ڪٿي ڪٿي تہ ڪافيءَ جو حسن وڌيڪ نِکريو آهي تہ ڪٿي ڪٿي
ي هترادو جُڙاءَ سبب اُن کي ضرب پڻ رسي آهي.

اصل ۾ ڪافيءَ ۾ هڪ ئي قافيو رکيو ويندو هو. بعد ۾ شاعرن، خاص
ور ويهين صديءَ جي شروعات وارن شاعرن هڪ ئي ڪافيءَ ۾ قافين جا
بہ، ٽي ٽي سِٽ (set) بہ اِستعمال ڪيا آهن، جيئن عثمان سانگيءَ جي
يت ڏنل ڪافي ڏسو :

توليءَ جا پيا ماڻهو مُکيہ ٻائيندڙ جي پيروي ڪن ٿا، اِنڪري اِن کي ’قافي‘ ڪونيائون جا پوءِ ڦري ’ڪافي‘ ٿي.

ٻئي طرف مشهور عالم ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جو وري رايو آهي تہ ’ڪافي ۽ ڪلام اِصطلاح عربي شاعريءَ جي ’قافيۀ، ڪَلِمۀ‘ تان ورتل آهن، جن جي معنيٰ آهي ڪوبہ منظوم ڪلام يا شعر. سنڌي شاعرن شعر لاءِ عربي لفظ قافيه جي اوٽ تي هن طرح جي ڪلام جو نالو ’قاضي‘ رکيو.

بهرحال، منهنجو پنهنجو خيال آهي تہ ڪافي لفظ سنڌ جي سرزمين جو پنهنجو اصلوڪو لفظ آهي، جنهن جو بنياد سنسڪرت ’ڪاويہ‘ مان آهي، جنهنجي معنيٰ بہ رَس ڀريا منظوم شعر ئي آهي، جيڪو ساڳيو عربيءَ وارو مفهوم رکي ٿو. منهنجو تہ اِهو بہ خيال آهي تہ خود شعر ۽ عربي لفظ ’ڪافِيۀ‘ بہ ’ڪاويہ‘ مان نڪتل آهن ڇو تہ ’و‘ جو مقاني اثر سبب ’ف‘ ۾ بدلجڻ ڀاشا وِگيان جي هڪ مڃيل حقيقت آهي، اِنڪري سنسڪرت ’ڪاويہ‘ مان ئي عربي ’قافيۀ‘ نهيو ٿو ڏسجي جيڪو بعد ۾ سنڌ جي مقامي اثر سبب ڦِري ’ڪافي‘ ٿيو آهي، جيئن ڀارتيہ ڦري ڀارتي ۽ انترراشٽريہ ڦري انترراشٽري ٿئي ٿو. بلوچ صاحب هڪ هنڌ لکيو آهي تہ ’ڪافي راڳ‘ بنيادي طور آڳاٽين سنڌي نظمن مان ئي اُسريو آهي.‘ جيڪڏهن آڳاٽين نظمن مان ئي اُسريو آهي تہ آڳاٽين نظمن جو ’ڪاويہ‘ سڏجڻ تہ پاڻ وڌيڪ اعتبار جوڳو ٿو لڳي.

ڪافيءَ جي شاعراڻي حيثيت

جيتوڻيڪ ڪافي سنگيت ۽ شاعريءَ جي گڏيل صِنف آهي ۽ اُن جو سچو رنگ اُن کي ڳائڻ سان ئي نکري بيهي ٿو، تہ بہ ڪافيءَ کي سنگيت ۽ شاعريءَ ۾ پنهنجي جدا جدا حيثيت بہ آهي. شاعريءَ جي نقط نگاهہ کان ڪافي نظم وارن بحرن ۽ وزنن ۾ ئي لکي وڃي ٿي. اُن جي سڌا سنڌي وائيءَ وانگر ئي ٿي ٿي. فرق فقط اِهو آهي جو وائيءَ ۾ هر مصرع هڪ ٿئي ٿي ۽ اُن جي پهرين مصرع جنهنکي ’اِستائي‘ يا ’ٿل‘ سڏجي ٿو. سا سڄي يا اڌ يا اُن جو ڪجهہ حصو هر پوءِ ايندڙ مصرع جي پڇاڙيءَ ورهائجي ٿي، جيئن تہ :

ليت کي پهچي تي، تهڙيءَ ئي طرح ڪافيءَ جي پوُرشناءِ ڪماليت
 جي ڳائجڻ ۾ آهي. سنگيت ڪافيءَ جو جڙ ته سُهاڳ آهي.
وسيقيءَ جي مقصد سان ڪافي جدا جدا راڳن ۽ راڳڻن ۾ ڳائي
 تي، ڪافيءَ کي راڳ به ڪري ليکيو ويو آهي ته بعد ۾ وري
يءَ 'ٺاٺ' يا 'ميل' واري حيثيت به حاصل ڪئي.
اريخي پسمنظر ۾ ڄاڻن جو رايو آهي ته اوائلي وقت ۾ ڪافي سنڌ
ان جي آڳاٽن راڳن - لوڙائو، جنگلو، ڀيرويءَ ۾ ڳائي ويندي هئي.
ي دور ۾ مارئي، سهڻي، ڌناسري راڳ جيڪو سنڌ ۾ مقبول رهيا،
ي ٽن راڳن ۾ به ڳائجڻ لڳي. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام
لوڪ پريتا کان تاثر تي، جڏهن پوءِ وارن ڪافيءَ جي شاعرن شاهه
ف وارا موضوع ڪافي ليکن ۾ آندا ته اُن جي اثر هيٺ گذريل ٻن
ي سؤ سالن کان وٺي ڪافي ڪنيات، سهڻي، ڪوهياري، سورٺ، ڪاموڏ،
رايل پرياتي وغيره راڳن ۾ به ڳائجي رهي آهي ۽ لکڻ جي خيال کان
دڙن مڪاني لوڪ قصا ۽ لوڪ ڪهاڻيون ڪٽي ڪهاڻيءَ کي لوڪ رنگ
ڪ سُرَ ڏيڻ جون به ڪوششون ڪيون آهن.
موسيقيءَ جي نقط نظر کان ڪي ماهر ڪافيءَ جو بنياد هندستاني
يقيءَ واري نظام جي ڪافي ٺاٺ کي سمجهن ٿا، پر اِها ڌارڻا اِن
ي درست نٿي لڳي، ڇو ته هندستاني موسيقي جي ڪافي ٺاٺ واري
طلاح جي قدامت ڪا گهڻي لنبي نه آهي، ٻيءَ طرح سنڌي ڪافيءَ
ي پاڙون ڪافي اونهيون ڇيون وڃن ٿيون. خود 'ٺاٺ' لفظ ئي سترهين
يءَ يا اُن کان پوءِ جو مروج ٿيل آهي. ڀارتي موسيقيءَ ۾ ڪافيءَ جو
ر ارڙهين صديءَ جي تُلاجيءَ جي ڪتاب 'سنگيت سار - امرت ڌار'
لي ٿو. اُن ۾ ڪافيءَ کي راڳڻي ڪري بيان ڪيو ويو آهي ۽ اُن کي
ڀيروي، شڌ ديسي، سئنڌوي حسيني ۽ ڌناسري (پويان ٽي سنڌي
ت وارا راڳ) سان گڏ، سري راڳ جون راڳڻيون ڪري بيان ڪيو ويو
ي.
اِن جي برعڪس، سنڌي ڪافيءَ جي گائڪيءَ جي تاريخ گهڻي جهوني
ي. ساڳئي وقت اِهو خيال به درست نٿو لڳي ته 'ڪافي' شاعرن جي

کَهڻ تون ڪانگ کَلا مان،
آهين تون جيءَ جيئاپو
منڙيون مِنڙيون تنهنجو مُعامان...

اصلوڪي هِڪ- قافيائي ڪافيءَ جو حسن تہ پنهنجو هو، پر بعد ۾ بہ قافِيائي ۽ بهوقافيائي ڪافيون بہ پسند ڪيو ويون ۽ اُهي بہ وڏي تعداد ۾ لِکيون ويون. اُنهن جا ڪي مثال هن طرح آهن :

جامين (يامين) شاعر جي ڪافي :

عمر اڄوڪي هيءَ ويلا مُئيءَ کي ٿي ماري
سِڪ تہ سانگين جي ڪيا سنڌ ساٿا.

1. هنڌ پترائيون طوُل وهاٿا، تُنهنجوُن سوڙيون مان پانيان سيل گهنگهر تي گهاري، مون نہ وٺن ٿا تنهنجا وڃاٿا... الخ

يا وري همايون مفتون جي هيءَ ڪافي ڏسو :

تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڏا، زندان هزارين مان نہ رڳو
تنهنجي شاهي دسترخوان مٿي، مهمان هزارين مان نہ رڳو
لکين ابروءَ تيغ شهيد ڪِيا، لکين ناز مزيد مُريد ڪيا
بنا ناٽي ديِد خريد ڪيا، سلطان هزارين مان نہ رڳو.

بهرحال، اِن جو نتيجو اِهو ٿيو، جو شعر جي گهاڙيتي يا بِناءَ ۾ انهن اندروني بدلين ڪافيءَ جي طرزن ۽ سُرن تي بہ اثر وڌو. اِنهن تبديلن ڪافيءَ واري گائڪيءَ جي انداز ۾ پڻ وسعت ۽ گوناگونيت آندي ۽ ڪافيءَ جا ايترا تہ روپ نکري پيا جو ڳائيندڙن لاءِ مونجهارو پئدا ٿي ويو ۽ اِن حقيقت جي مدنظر، ڪافيون لکندڙن ڳائڻ جو روپ ۽ راڳڻيءَ جو نالو بہ ڪافيءَ مٿان لکڻ ضروري سمجهو. سچل سائين، بيدل ۽ بعد وارن ڪيترن شاعرن جي ڪافين تي مٿان مٿان يا حاشيہ ۾ اُنهن جون راڳڻيون بہ گڏ ڄاڻايل آهن.

ڪافي ۽ موسيقي

ڪافيءَ جو جنم ڪري شعر يا نظم جي روپ ۾ ٿئي ٿو، پر موسيقي ئي آهي، جيڪا ڪافيءَ کي اُن جي اوج ۽ ڪماليت تي پهچائي ٿي. جيئن ڪا حسين عورت دلهن بڻجڻ يا سينڌ سجائڻ تي ئي پنهنجي

ل جو راڳ بنگلا آهي ۽ جوُنپور جو چُٽڪلا. دهليءَ ۾ ’قول‘ ۽ ’ترانا‘ تو. مترا ۾ ’بشن پد‘ ۽ آگري ۾ ’دُروپد‘ مشهور آهي. لاهور ۽ اُن جي ري ’ڇند‘ رائج آهي، جنهن ۾ مهر ۽ محبت جو جادو سمايل آهي. غليہ دور ۾ لڳي ٿو تہ سنڌي ڪافي گهڻو اوج کي رسيل هئي ۽ اميرن ن ۾ گهڻو مقبول هئي. اڪبر جي دربار ۾ ٻئي هڪ امير مير فاضل ي ۽ اڪبر جي وزير ۽ معصوم شان جو منارو جوڙائيندڙ مير معصوم يءَ لاءِ بہ مشهور آهي تہ اُنهن کي ڪافي لکڻ ۾ مهارت حاصل هئي. فريد بکريءَ جي ڪتاب ’ذخيره الخوانين‘ ۾ ذڪر آهي تہ ميرفاضل سنڌي قسم جي ڪافيءَ ۾ ڪمال جي فصاحت ۽ چوڻ ۾ مقبوليت ل هئي.

اصل لفظ هي آهن :

’’شعر برزبان سنڌي ازڪافي بڪمال فصاحت مي گفت و مقبوليت تہ.‘‘

اِنهن حقيقتن جي مدنظر اهڙو گمان ڪڍي سگهجي ٿو تہ ممڪن ي تہ ڪافي اڪبر جي شاهي محفلن جو بہ سينگار رهي هجي - خود بل لاءِ بہ مشهور آهي تہ هن کي بہ ڪافي راڳہ وڻندو هو.

ڪافي راڳ جي نسبت، خود تيرهين صديءَ جي امير خسرُوءَ سان بہ يل آهي ۽ هِڪ روايت اِها بہ آهي تہ اُها امير خسرُوءَ جي ئي ايجاد ي. جيتوڻيڪ اُن جي ڪٿي بہ تصديق نٿي ملي، بهرحال، اهڙا احوال ن ٿا، جن مان ڄاڻ پوي ٿي تہ امير خسرُو ڪافي راڳ کان بخوبي ف هو. اِن سلسلي ۾ سندس هِڪ گفتو نقل ڪيو ويندو آهي تہ هن ان مان آيل موسيقارن جي سفارت کي سمجهائيندي چيو هو تہ جن ن کي اوهين ’حسيني‘، ’دوگاهہ‘ ۽ ’عجم‘ سڏيو ٿا، تن کي اسين ي هند ۾ ’ڪافي‘ ۽ ’سارنگہ‘ سڏيندا آهيون.

راڳ ۽ راڳڻين جي اصل نسل ۽ بڻ بنياد بابت راين جي اختلافن ۽ جهارن سبب جيتوڻيڪ، اِهو طئہ ٿيل نہ آهي تہ ڪافي راڳہ ڪو سنڌ زمين جي ايجاد آهي، پر جيئن تہ ڀارتي سنگيت پرمپرا جي آڳاٽن وائلي ڪتابن ۾ ’ڪافي‘ يا اِن سان ملندڙ جُلندڙ نالي واري ڪنهن

سرتاج شاهه لطيف جي ايجاد ڪيل آهي، ڇو تہ تاريخي ڪتابن ۾ اهڙا حوالا بہ ملن ٿا تہ سترهين ارڙهين صديءَ ۾ ڪافي ناٽ وجود ۾ اچڻ کان اڳ ۽ خوش شاهه لطيف کان بہ گهٽ اڳ، سنڌ ۾ گهٽ تہ بہ سمن جي حڪمرانيءَ واري زماني ۾ بہ ڪافيءَ جي گائڪي مُروج هئي.

سمن جي مشهور حاڪم ڄام نظام الدين (1459-1512) جي گذاري وڃڻ بعد سنڌ ۾ بدامني ڦهلجڻ تي، اُتان خاص طور ٺٽي جي شهر جا ڪيترا سنڌي صوفي بزرگ لڏي هندستان جي برهانپور شهر ۾ اچي آباد ٿيا هئا. اُنهن ۾ هِڪُ ڳائڻو شيخ لاڏ جيئو (ممڪن آهي تہ لڏو جيئو هجي) سو بہ هو، جيڪو سنڌي ڪافي ڳائڻ ۾ مهارت رکندو هو. 'برهانپورڪي سنڌي اولياء' ڪتاب ۾ ذڪر اچي ٿو تہ ''شيخ جيئوءَ کي سنڌي موسيقيءَ ۾ خاص مهارت حاصل هئي ۽ خاص ڪري سنڌي ڪافي، جيڪو سنڌ جو مقبول راڳ آهي، سان تہ اهڙي درد ۽ سوز سان ڳائيندو هو، جو ٻڌندڙ پيا جهومندا هئا ۽ پاڻ بہ مست ٿي وجد ۾ اچي ويندو هو. سندس ڪافيءَ ۾ اثر ايترو تہ هوندو هو جو برابر جي واليءَ جو وڏو قاضي پنهنجو منصب ڇڏي، برهانپور هليو آيو هو.

اِن مان ظاهر آهي تہ گهٽ ۾ گهٽ پندرهين صديءَ ۾ بہ سنڌي ڪافي اهڙي تہ منزل کي پهتل جو وڏا وڏا جوابدار شخص پنهنجون جوابداريون وساري، ڪافي ٻڌڻ لاءِ ڪٿان جو ڪٿي پهچي ويندا هئا.

مغلن واري زماني ۾ بہ ڪافي راڳ نہ فقط مروج ۽ مقبول هو، پر اُهو 'سنڌ جو راڳ' سان بہ ڄاتو ويندو هو. اهڙا احوال بہ تواريخي ڪتابن ۾ ملن ٿا. اِن ڏس ۾ هڪ وڏي اهميت ۽ سَنَدَ پريو بيان اڪبر اعظم جي وزير ابوُالفضل جي نالي سان منسوب آهي، جنهن 'آئين اڪبري' ڪتاب ۾ هندستاني موسيقي' بابت باب ۾ اُن زماني ۾ هندستان جي جدا جدا رياستن ۽ صوبن ۾ مروج مقامي راڳن ۽ لين بابت تحقيقي احوال درج ڪيا آهن. ابوالفضل لکي ٿو تہ ''سنڌ جو راڳ ڪافي آهي، جنهن ۾ مهر ۽ محبت جو جادو سمايل آهي.''

ابوُالفضل جو سڄو بيان هن ريت آهي :

''دکن ۾ چند ڳائجي ٿو، تيلنگانا ۽ ڪرناٽڪ ۾ ڌِرو مروج آهي.

آهي. يڪتارو آڳاٽي وقت کان ڪافيءَ لاءِ مقبول ساز پئي رهيو ي. ڪافير پاڻ ئي يڪتاري تي تاز ڇيڙي سُر ڪڍندو ۽ سندس ساٿي يا گهاگهر وڄائي، هن کي وڻائيندو. آڳاٽن ڪافيرن لاءِ اِهي ٻه ساز يا وڏ ۾ وڏ ڍولڪ به ڪافي رهيا آهن. بعد ۾ ڀڳتن، ڀڳت ۾ ي ڳائڻ وقت پيرن جي گهنگهرن، ڏنڊي ۽ چپڙين کان به ڪم ورتو. مونيم يا هارمونو ڪافيءَ لاءِ ناموزون ساز سمجهو ويندو هو، ڇو جو اُن نيز سر ڪافيءَ جي ٻولن کي ڍڪيو ڇڏين، جن ۾ ئي اُن جي سندرتا ي، پر اڄ ڪالهه جا ڳائيندڙ هارمونيم ۽ ٻيا ڪي هاٿوڪا ساز به استعمال ن ٿا.

گذريل ڪئين صدين دوران بيشمار شاعر ۽ ڳائيندڙ ڪافيون لکندا ۽ يندا رهيا آهن. اُنهن مان ڪِن جا نالا ته تواريخ جي پٽيءَ تي اُڪرجي آهن ۽ بقايا ريگستاني گلن وانگر ٽِڙي پنهنجي سونهن ۾ خوشبو ائي وقت جي گرد ۾ غائب ٿيندا رهيا آهن. آڳاٽن سنڌي ڪافيرن ۾ خ لڏي جيئو، حسن سنڌي ۽ مير فاضل جا نالا اسان کي تواريخن ۾ ن ٿا.

وچين زماني ۾ شاهه عبداللطيف، سچل سرمست، نانڪ يوسف، بيدل، ڪس ۽ دلپت صوفيءَ گهڻيون ئي ڪافيون لکيون آهن، جن ۾ وري چل سرمست جون ڪافيون خوب مشهور رهيون. پوءِ واري زماني ۾ مير دالحسين سانگي، ديوان جيوت سنگهه صورت بهار، فقيرولي محمد، نار فقير، محمد فقير کتياڻ، سائين ڏرمداس ۽ ٻين ڪافين واري يري کي وڌايو. اسان جي پنهنجي ئي وقت ۾ ليکراج 'عزيز'، ماستر ندر، پروفيسر رام پنجواڻي، پرسرام 'ضيا'، هوندراج 'دکايل'، پريو فا' ۽ سنڌ ۾ جناب طلاب المولي، تاجل بيوس ۽ ڪيترا ئي ٻيا شاعر افي لکڻ جي ڏس ۾ قابل ذڪر يوگدان ڏيندا رهيا آهن.

راڳ جو ذڪر نہ آهي ۽ اِن جي برعڪس، گهڻن ئي هنڌن تي وري ’سنڌ
جو راڳ‘ واري صفت سان بيان ڪيو ويو آهي، اِن جي مدنظر اهڙو نتيجو
ڪڍي سگهجي ٿو تہ ڪافي اصل ۾ سنڌ جو ئي راڳ آهي.

مضمون جي خيال ڪان ڪافي مکيہ طرح حسن ۽ عشق، سڪ سوز جو
راڳ آهي. اِن ڪري اُن ۾ دلبر جي تعريف وتشبيہ، محبوب جي حسن،
ناز ۽ ادائن ۽ اُنهن سان لاڳاپيل ڳالهين - يار جي زور آوري، محبوب جي
مائن، مُنهن موڙڻ، رسڻ پرچڻ جي ريتين رمزن، وصل جي خوشين ۽
هجر جي فڪر ڦوڙاون جو ذڪر هجي ٿو، جنهن مان سِڪ ۽ سوز جو تاثر
پئدا ڪيو وڃي ٿو. لوڪ ادب مان سسئي پنهون، سهڻي ميهار، هير
رانجهي، شيرن فرهاد، مومل راڻي جهڙين لوڪ ڪهاڻين ڪي آذار بڻائي
ڪئين ڪافيون لکيون ويون آهن. اهڙن مضمونن سبب ئي ڪافيءَ مان
سوزوگداز جي ڪنجيت طاري ٿئي ٿي.

روحاني لاڙي وارن شاعرن ۽ ڳائيندڙن ڪافيءَ ۾ الله تعلىٰ ۽ ذٽيءَ
جي ڪماليت، هن جي بنده پروري، رحمتن ۽ باجُهن جو بہ ذڪر ڪيو
آهي. وچين زماني ۾ شاه جي رسالي وارن مضمونن ڪان متاثر ٿي شاه
جي ڪيترين سورمين جي پسمنظر ۾ ڪافيون لکيون ويون. اِن سان گڏ
صوفي شاعرن ڪافيءَ کي تصوف جو رنگ ڏنو تہ ڪيترن مذاحيہ شاعرن
وري مذاحيہ مضمونن ۽ سماج جي بَد رسمن ۽ ادنگاين کي تي مذاق ۽
طنز وارا مضمون بہ ڪافيءَ ۾ آندا.

اِن طرح وقت ۽ راويتن موجب ۽ خاص طور لوڪ ۽ عوارجي پسندگيءَ
موجب ڪافيءَ جي مضمون جو لب ولهجو بہ بدلجندو رهيو آهي. پر
سِڪ سوز، حسن ۽ محبت جا مضمون شروع ڪان وٺي اڄ ڏينهن تائين
ڪافيءَ جو روح رواں پئي رهيا آهن، ايتري قدر جو ڪيترا ماڻهو عشقيہ
غزلن ۽ نظمن کي بہ ڪافي سمجهندا رهيا آهن. جيئن اڳُ چيو ويو
آهي، ڪافيءَ جي سونهن اُن جي سادگيءَ ۾ آهي، اِنڪري ڪافي ڳائڻ
وقت گهڻن يا اوچن سازن جي ضرورت بہ ڪانہ پوي. ڪافيءَ جو مکيہ
طرح اثر پئدا ٿيندو آهي ۽ اُن جي ٻولن ۽ قافين جي موزونيت مان.
اِنڪري ڪافي ڳائڻ لاءِ فقط هڪ هڪ تازو ۽ دِلدئي ڪافي پئي سمجهيو

وع تي.

وعاتي ڪوششون

ڪئپٽن جارج اسٽئڪ (وفات 1853) پهريون عالم آهي، جنهن گريزيءَ ۾ لکيل پنهنجي سنڌي ٻوليءَ جي گرامر (شايع ٿيل 1849) ۾ ميمي طور پنج سنڌي لوڪ ڪهاڻيون قلمبند ڪري، ديوناگري-سنڌي يءَ ۾ ڏنيون. اِهي لوڪ ڪهاڻيون آهن :-

(1) ٻن زالن جو هڪ ٻار تان جهڳڙو ڪرڻ ته اُهو منهنجو آهي. نيٺ ضيءَ جو فيصلو ڪري ٻار سندس حقيقي ماءُ کي ڏيارڻ.

(2) ٻن شخصن جو هڪ ٻڍيءَ وٽ پنهنجو ناڻو ڊراوت طور رکڻ ۽ پوءِ هن مان هڪڙي شخص جو واپس اچي، ٻڍيءَ کان سمورو ناڻو وٺي ڻ. نيٺ قاضيءَ جو فيصلو ڪري ٻڍي مائيءَ کي بيڏوهي نهرائڻ.

(3) ٽين ڪهاڻي انهن ڏاهرين جي آهي، جيڪي وانهين جي دوڪان ب پڳڙا وٺڻ وقت، دڪان جي ٽنيي ۾ قاتل ڇوڪري کي ڇڏائڻ جو حيح طريقو نٿا سوچي سگهن. نيٺ ڇپر لاهي، ٽنيو پٽي ڪپڙ جي لاح ٿا ڏين.

(4) چوٿين ڪهاڻي شهزادي اَمل ماڻڪ ۽ حسيني پريءَ جي آهي.

(5) پنجين ڪهاڻي سورٺ راءِ ڏياچ جي آهي، جنهن ۾ نثر سان گڏ يت به شامل ڏنل آهن.

هن ڪتاب ۾ پهرين ٽن لوڪ ڪهاڻين جو انگريزيءَ ۾ ترجمو به ڏنل هي. اُنهيءَ زماني ۾ رچرڊ برٽن سنڌ تي لکيل پنهنجن انگريزي ڪتابن سنڌي لوڪ ڪٿائون، سنڌين جون ريتيون رسمون وغيره به ڄاڻايون هن. سنڌ جي تعليم کاتي جي عملدار ايلس سن 1863۾ سسئي-پنهوءَ و نظم ۾ قصو زباني روايتن مان هٿ ڪري، انگريزي ترجمي سان ڏ شايع ڪيو. اِن بعد ويهين عيسوي صديءَ جي پهرئين اَڌ ۾ ڇڙو ئي نڌي لوڪ اَدب گڏ ڪري شايع ڪيو ويو، جن ۾ ڪن ڪتابن ۾ اُنهن جو نقيدي جائزو به شامل هو. ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻيءَ، ڇيتمل پرسرام، لچند اَمرڏنيمل جڳتياڻيءَ ۾ پيرومل مهرچند آڏواڻيءَ جون اِنهيءَ س ۾ شايع ٿيل رچنائون گهڻي اَهميت رکن ٿيون.

ڀارت ۾ سنڌي لوڪ سنسڪرتيءَ ۽ لوڪ ساهتيہ تي تحقيق

-ڊا.مرليڌر جيٽلي

لوڪ سنسڪرتي، جنهن کي انگريزيءَ ۾ فوڪ-لور (Folklore) يا فوڪ ڪلچر (Folk Culture) سڏجي ٿو، تنهن جي اَڏڻ ۾ جيڪي بنيادي جزا يا تت ڪم اَچن ٿا، اُنهن ۾ مکيہ آهن :- لوڪ وشواس يا عوامي عقيدا ۽ اَعتقاد، سوڻ- اَپسوڻ، جادو ٽوڻا ڦيڻا، ريتيون رسمون، رهڻي-ڪهڻي، ڏڻ-وار، ميلا-ملاکڙا، وندر جا جدا جدا طريقا ۽ کيل تماشا. اِنهن کانسواءِ لوڪ يا عام ماڻهو جڏهن ٻوليءَ جي ذريعي پنهنجن ويچارن، اُمنگن ۽ ڀاونائن جو اظهار ڪن ٿا، تڏهن لوڪ-ساهتيہ (Folk literature) جو سرجڻ ٿئي ٿو، جنهن ۾ لوڪ گيت، نظمي قصا، لوڪ ڪٿائون، لوڪ ناٽڪ، لوڪن جا ننڍڙا گفتا ۽ ٻول، پهاڪا، چوڻيون، محاورا وغيره شامل آهن. ٻوليءَ کانسواءِ اظهار جا ٻيا بہ طريقا آهن، جن ۾ لوڪن يا عام ماڻهن جا هنر-ڌنڌا (Folk Crafts) ۽ لوڪ ڪلائون (Folk arts) شامل آهن.

سنڌين جي لوڪ - سنسڪرتيءَ ۽ لوڪ ساهتيہ جي تحقيقي اَڀياس ڪرڻ جو اِتهاس ڪو گهڻو آڳاٽو نہ آهي. اِنهيءَ جي شروعات سنڌ ۾ 1843ع ۾ انگريزن جي حڪومت برپا ٿيڻ بعد ٿي ٿي آهي. اِنهيءَ ۾ شڪ نہ آهي تہ سنڌ ۾ مروج لوڪ ڪهاڻين ۽ نظمي قصن کي زباني روايتن مان گڏ ڪري قلمبند ڪرڻ طرف ڪن عالمن جو ڌيان ارڙهين عيسوي صديءَ جي وچ ڌاري ڇڪيو هو، جڏهن ليلا مجنون، يوسف-زليخا، شاهہ بهرامہ وغيره قصا لکيت ۾ درج ڪيا ويا. ٻئي طرف سسئي-پنهون، ليلا چنيسر، عمر ماروئي وغيره سنڌ جي مشهور عوامي قصن کي فارسي زبان ۾ بہ ترجمو ڪيو ويو. اِها روايت پوءِ اوڻويهين ۽ ويهين عيسوي صديءَ ۾ بہ جاري رهي. پر سنڌي لوڪ اَدب جو تحقيقي ۽ تنقيدي اَڀياس ڪرڻ جي روايت انگريزن جي حڪومت واري دؤر ۾

ڪادمي آهي، جنهن سنڌي لوڪ سنسڪرتيءَ ۾ لوڪ ساهتيه کي سهيڙڻ
اُن تي تحقيق ڪري ڪتاب روپ ۾ گڏ ڪيل ذخيري کي شايع ڪرڻ
ي شروعات ڪئي. گجرات راجيه ۾ سنڌي ساهتيه اَڪادميءَ جي استاپنا
1 ڊسمبر 1986ع تي ٿي. اُن جو وائيس چيئرمن چينو لالواڻي مقرر
ڪيو ويو. جيئن ته لالواڻيءَ جو چاهه اڳيئي سنڌي لوڪ ساهتيه ۽ لوڪ
نسڪرتيءَ جي اَڀياس ڪرڻ ۾ هو، اُن ڪري هُن پنهنجي
يادمڪاريءَ ۾ ڪڇ ضلعي ۽ سوراشٽر وارين ايراضين ۾
سنڌي لوڪ ساهتيه گڏ ڪرڻ ۾ اُن کي ڪتابي روپ شايع ڪرڻ جون
وجنائون هٿ ۾ ڪنيون. اُن زماني ۾ ڊاڪٽر پرسو گدواڻي (1937-
200) پوني جي ڊيڪن ڪاليج پوسٽ گرئجيوئيٽ ريسرچ
نسٽيٽيوٽ جي ڀاشا وگيان وڀاڳ ۾ ريڊر جي عهدي تي ڪم ڪري
هيو هو. هُن ڪڇ جي ٻني ڪيتر ۾ سنڌي لوڪ ساهتيه ۽ سنڌيءَ جي
ن علائقي ۾ مروج اُپڀاشائن تي کوجنا ڪاريه شروع ڪيو هو. چيني
لواڻيءَ جي سهڪار سان پرسي گدواڻيءَ اِن ڪيتر جو دؤرو ڪري،
ٽي جي رهاڪن جتن ۽ سوڍن وغيره جي اُپڀاشائن، ريتين، رسمن ۽
وڪ گيتن کي رڪارڊ ڪرڻ جو ڪم شروع ڪيو. اُن بعد اُهو سمورو گڏ
ڪيل ذخيرو هُن تحقيقي ۽ تنقيدي نگاهه سان اَڀياس ڪري ڪتابي
صورت ۾ ڇپائڻ جي شروعات ڪئي. اِن سلسلي ۾ سندس تيار ڪيل
ڪتاب گجرات سنڌي ساهتيه اَڪادميءَ ڇپائي ظاهر ڪيا. اُنهن ۾ مکيه
آهن :

(1) سنڌي ٻوليءَ جي زيارت (1989) (2) ڳيچ / ڳيجهه (1990)، (3)
ٻنيءَ جا ٻول، جتن جا قول (حاجي سليمان جت) 1990، (4) (ڳجهارتون
پرسو گدواڻي ۽ لالجي سونهڙ)،(1990)، (5) سوڍن جا گيت (لالجي سونهڙ
- 1994)، (6) سوڍن جا سنڌي ڀڄن (سوڍا رامسنگهه ڀڳت 1995)، (7)
سنڌي اُپڀاشائن جا چونڊ لفظ (گدواڻي 1999)، (8) سنڌي لوڪ ورثو
(گدواڻي 1992، سنڌي ٽائيمس پرڪاشن)، (9) گيت مُتون جا (ڪلاڌر
مُتو، 1999)

اَدبي رسالن ۾ وقت بہ وقت شايع ڪندو رهندو هو. دادا جٺرامداس دؤلترام جڏهن اِهي ليک پڙهيا تہ هُن نارايڻ ڀارتيءَ کي اِن کيتر ۾ وڌيڪ کوجنا ڪرڻ لاءِ اُتساهہ ڪيو.

نارايڻ ڀارتيءَ ويهن کن سالن جي عمر ۾ سنڌي لوڪ ساهتيہ گڏ ڪرڻ جي کيتر ۾ قدم رکيو. هُن هيستائين سنڌي لوڪ ساهتيہ ۽ لوڪ سنسڪرتيءَ تي ڏهاڪو کن ڪتاب لکي شايع ڪيا آهن. اُنهن ۾ ڪجھہ ڪتابن جا ٻہ-ٽي ڇاپا پڻ شايع ٿيا آهن. سنڌي مکيہ ڪتاب آهن :-

(1) لوڪ گيت (نظريہ) 1960. (2) هوجمالو (لوڪ گيت) 1960

(3) سنڌي لوڪ ڪهاڻيون (1960). (4) مينديءَ رتا هٿڙا (1962)

(5) سنڌڙي تي ٻائي (1962) (6) سنگيت جي تان (1962)

(7) ٿري لوڪ گيت (1971) (8) سنڌي لوڪ ساهت (1972)

(9) هڪڙو هو سؤداگر (1975) (10) سنڌي لوڪ گيت (1992)

(11) سنڌي لوڪ گيتن ۾ سماجڪ پس منظر (1991). هيءُ ڪتاب سندس تحقيقي مقالو آهي. جنهن تي ممبئي يونيورسٽيءَ کيس 1977۾ ڊاڪٽر آف فلاسافي جي ڊگري عطا ڪئي. نارايڻ ڀارتي سنڌي وشيہ ۾ فرسٽ ڪلاس ۾ ايم. اي. ڪرڻ بعد اَول ڪاليج ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو. اُن بعد ممبئي يونيورسٽيءَ ۾ ريڊر ۽ سنڌي ويڀاڳ جي پرمکہ جي عهدي تي ڪم ڪري، 1992۾ رٽائرڊ ٿيو. هن جي نگرانيءَ ۾ ڪن شاگردن پي.ايڇ.ڊي لاءِ تحقيقي مقالا لکي ڊگري حاصل ڪئي آهي. ان ۾ شڪ نہ آهي تہ ڀارت ۾ پنهنجي هڙان خرچ ڪري، سنڌي لوڪ ساهتيہ سهيڙڻ ۽ اُن کي شايع ڪرڻ وارن عالمن ۾ نارايڻ ڀارتي پهريون عالم آهي.

گجرات ساهتيہ اَڪادمي

ڏهين اَپريل 1967 تي چيتي چنڊ جي ڏڻ تي سنڌي ٻوليءَ کي ڀارت جي سنوِڌان ۾ ٻين مکيہ اَدبي ٻولين جي صف ۾ شامل ڪيو ويو. اَن بعد جن راڄين ۾ سنڌي جهجهي تعداد ۾ رهن ٿا، اُنهن راڄيہ-سرڪارن سنڌي ٻوليءَ ۽ ساهت جي وڪاس لاءِ سنڌي اَڪادميون برپا ڪيون. اِهي راڄيہ آهن - گجرات، مهاراشٽر، راجستان، مڌيہپرديش، ڇتيسگڙهہ، اُترپرديش ۽ دهلي. اِنهن ۾ فقط گجرات راڄيہ جي سنڌي

ڪ ڪا (2000).

يارام رُچنداڻي پڻ لوڪ سنسڪرتيءَ تي تحقيق ڪري اَڪيلي سر
ڪ ڪتاب شايع ڪيا آهن : مثال طور : سنڌي ڀڳت (1993)، سنڌي
ڪهاڻي (1997)، سنڌي لوڪ وارتائون (1999)، سنڌي لوڪ ڪٿائون
(19.

سنڌي لوڪ سنسڪرتيءَ تي ٻين به ڪن سنڌي عالمن کوجنا ڪري
يت پريا ڪتاب لکي شايع ڪيا آهن. جيئن ته :

(1) آڳاڻيون سنڌي ٻال ڪهاڻيون (1996)-ڪمل ڪيولراماڻي
ياسي''

(2) جلال بوينا (1986) ويرو بسنتاڻي

(3) لوڪ گيتن جو گلدستو (2002) - گوبند مالهي

(4) ڏهه ڏيهي ڪهاڻيون (2006) پريتم ورياڻي

(5) سنڌي لوڪ ڪهاڻيون (2010) - رشمي راماڻي

گوبند مالهيءَ پنهنجي ڪلاڪار منڊل طرفان گهٽيئي سال ڀارت جي
ا جدا شهرن ۾ سنڌي بستين جو دؤرو ڪري، سنڌي لوڪ گيتن ۽
ڌي سنگيت جو ڇٽو ٽي ڦهلاءُ ڪيو. اِنهيءَ منڊل ۾ ڀڳونتي ناواڻي
يه ڪلاڪار هئي، جنهن پنهنجي مقرر سُر سان سنڌي لاڏا ۽ ٻيا لوڪ
ت ڳائي، حاضرين کي سنڌي لوڪ گيتن ۽ سنگيت جو رس وڻايو.

سائڳي نموني ڊاڪٽر جيني للواڻيءَ پڻ ڏهاڪو سال کن پون ڪمار ۽
نتا آهوجا کي ڪٺي انيڪ سنڌي بستين ۾ سنڌي لوڪ گيتن، لاڏن،
راڳن، ڀڄنن جو عوام کي رس وڻايو.

هن وقت پريتم ورياڻي پنهنجن ڪن ساٿين سان گجرات، راجستان،
اراشٽر ۽ ڪن ٻين پرانتن جو دؤرو ڪري، سنڌي لوڪ گيتن کي رڪارڊ
ري رهيو آهي. اِنهيءَ ڏس ۾ هُن ''سنڌي ڀاشا ۽ سنسڪرتي'' نالي
ڪ اَهم ڪتاب 2010 ۾ شايع ڪيو آهي، جنهن ۾ جيسلمير، ڪڇ ۽ ٻني
ٽر ۾ سنڌيءَ لوڪ سنسڪرتيءَ ۽ لوڪ توڙي سنڌي لوڪ سنگيت جي
ازن تي سٺي روشني وڌل آهي.

گورنمينٽ ڪاليج اَجمير ۾ هنديءَ جي ليڪچرار ڪشني ڦلواڻي

ڊاڪٽر چيتنو لالواڻي (جنم : 8 مارچ 1945)

ڊاڪٽر چيتني لالواڻيءَ نہ فقط گجرات سنڌي اڪادميءَ جي ذريعي، پر پنھنجي ليکي پڻ سنڌي لوڪ ساھتيہ جي گڏ ڪرڻ ۽ اُن جي تحقيقي اَڀياس طرف وک وڌائي. ھن ڪڇ ضلعي ۾ خاص طور ٻني ڪيتر ۾ گھڻيئي دفعا دؤرو ڪري، اُتي جي رھاڪن جتن، مُتون، سوڍن وغيره وٽان زباني روايتن مان لوڪ گيت ٽيپ رڪارڊ ڪري، پوءِ لکت ۾ آڻي محفوظ ڪيا. ھُن ''ٻنيءَ جا سنڌي لوڪ گيت'' وشيہ تي کوجنا ڪري ھڪ تحقيقي مقالو لکيو. جنھن تي ممبئي يونيورسٽيءَ کيس 1993ع ۾ پي.ايچ.ڊي جي ڊگري عطا ڪئي. ھُن اھا ٿيسز پوءِ 2002ع ۾ ڇپائي ظاهر ڪئي آھي. لوڪ ساھتيہ جي ڪيتر ۾ سندس شايع ڪيل ٻيون اَھم رچنائون آھن : (1) ٻنيءَ جو سنڌي لوڪ اَدب (1992)، (2) سنڌي پروليون (1995). سنڌي پرولين جو ھيءُ وڏي ۾ وڏو سنگرہ آھي، جنھن ۾ پرولين جا جدا جدا قسم سمجھايل آھن. (3) سنڌي فوڪ لور (1998)، (4) آسان جو ورثو (2001)، (5) سنڌي لوڪ ناٽڪ (1996)، (6) سنڌي لوڪ رنگ (2004).

ڊاڪٽر چيتني لالواڻيءَ ڀارت سرڪار جي سنسڪرتي منتراليہ وٽان فيلوشپ حاصل ڪري، ڪڇ ضلعي جو دؤرو ڪري، اُتي جي لوڪ سنسڪرتيءَ تي ھڪ وڏو تحقيقي مقالو لکيو آھي، جنھن ۾ اُتي جي ڪلاڪارن ۽ سندن ڪلا جون گھڻيئي تصويرون پڻ ڏنل آھن. ھيءُ مقالو اَجان تائين شايع نہ ٿيو آھي.

ليلارام رچنداڻي (1924-2002) ۽ جڳديش شھدادپوري (جنم : 1961)

جڳديش شھدادپوريءَ پنھنجي سنستا ''رنگ ساگر پبليڪيشن) طرفان، ليلارام رچنداڻيءَ جي رھنمائيءَ ۾ ''سنڌي لوڪ ورثو'' سيريز اَندر، لوڪ سنسڪرتيءَ ۽ لوڪ ساھتيہ تي ڇھ ننڍا ڪتاب شايع ڪيا آھن. جيئن تہ - ھوجمالو (اَپريل 1999) ڪنپٽلي (مئي-جون 1999)، روپ بسنت (سيپٽيمبر 1999)، تماشا (2000)، ڀڳت (2000)، سينگار-رس (2001). اِنھن کانسواءِ جڳديش شھدادپوريءَ پنھنجي ليکي بہ اِنھن کانسواءِ ڪجھہ ڪتاب لکي شايع ڪيا آھن. جيئن تہ - سنڌي لوڪ ڪلا (2008)، سنڌي

مل ڪلناڻي (1916-1844) پهرين تعليمدان ۽ نثرنويس آهي، جنهن
ڌي پهاڪا“ نالي سان هڪ ننڍڙو ڪتاب 1889ع ۾ ڇپائي پڌرو
. هن ڪان اڳ ڪيولرام سلامتراءِ آڏواڻيءَ سال 1869ع ۾، ’گلشڪر‘
سان سنڌي پهاڪن جو هڪ سنگرهه تيار ڪيو هو، جنهن ۾ 570
ي پهاڪا سمجهاڻيءَ سان گڏ ڏنل آهن. پر اِهو گهڻيئي سال تعليم
جي دفتر ۾ دستخط جي صورت ۾ پيو هو. نيٺ اُهو 1905ع ۾
جي ظاهر ٿيو. اِنهن ڪانپوءِ سنڌي پهاڪن ۽ اصطلاحن جا ٻيا ٻه ٽ
ئي ننڍا وڏا مجموعا تيار ڪري سنڌي عالم ڇپائيندا رهيا. اهي
مون هٿ ڪيا ۽ اُنهن ۾ وقت به وقت اِضافو ڪندو رهيس. سال
19ع ڌاري جڏهن مان ڊيڪن ڪاليج ۾ ريسرچ فيلو مقرر ٿيس ته
ڊاڪٽر ڪنعيالال سهل جو هنديءَ ۾ شايع ٿيل هڪ ڪتاب ڏٺم -
اجستان ڪهاوتين - ايڪ اَڌين“ اِن تي هن کي راجستان وشو ودياليه
. ايڇ.ڊي جي ڊگري عطا ڪئي هئي. اِهو ڪتاب 1958ع ۾ دهليءَ
شايع ٿيو هو. اِهوتحقيقي مقالو پڙهڻ شرط مون کي سنڌي پهاڪن،
ٽين، اصطلاحن جو تحقيقي اَڀياس ڪرڻ لاءِ هڪ نئين روشني ملي
ئي. بس پوءِ ته سنڌي پهاڪن، چوڻين ۽ اِصطلاحن گڏ ڪرڻ جي رٿا
ڻ اُنهن جو تنقيدي اَڀياس به شروع ڪري ڇڏيو. اُن دؤر ۾ پوني جي
رگ ودوان سنتداس ڪشناڻي به سنڌي پهاڪا ۽ اِصطلاح گڏ ڪري رهيو
. سندس سنگرهه به نظر مان ڪڍيم، ۽ اُنهيءَ جو به اَڀياس ڪيم. سال
199ع ۾ اِهو سمورو ڪنو ڪيل ذخيرو ”سنڌي پهاڪا ۽ محاورا“ نالي
ن هڪ وڏي ڊڪشنريءَ جي صورت ۾ شري پي. وي. ڪشناڻي ٽرسٽ،
نا طرفان ڇپائي پڌرو ڪيم. اِن ۾ هرهڪ پهاڪي ۽ محاوري جي
نيٰ ۽ جملي ۾ اِستعمال به ڏنل آهي. اِنهيءَ ڊڪشنريءَ جي شروعات ۾
ڪل سؤ صفحن جو مهاڳ جي روپ ۾ پهاڪن ۽ محاورن جون تنقيدي
ياس به شامل ڪيل آهي. جنهن ۾ مون اِن موضوع تي تحقيق ڪرڻ
ي صرف هڪ جهلڪ پيش ڪيل آهي. سنڌيءَ ۾ اِن قسم جو اِهو پهريون
قالو آهي، جنهن جي سنڌ جي عالمن به گهڻي ساراهه ڪئي آهي ۽ اُن
ي اُتي ٻيهر الڳ ڪتاب جي روپ ۾ شايع ڪيو آهي.

ڪيماڻي، سنڌ جي سرحد سان لڳندڙ راجستان جي جيسلمير جوڌپور، ٻاڙمير وغيره علائقن جو دؤرو ڪري، اُتان جي چارڻن ۽ ڀاٽن وٽان سنڌ جون مشهور پريم ڳاٿائون رڪارڊ ڪيو آهن. اُنهن جو تحقيقي اَڀياس ڪري، هُن هڪ مقالو راجستان جي مشهور ودوان ڪومل ڪوٺاريءَ جي نگرانيءَ ۾ لکيو آهي. اُن جو نالو آهي ''پارت ڪي سنڌي پريم - آکيان'' اِن تي کيس جوڌپور يونيورسٽيءَ ڊاڪٽر آف فلاسافيءَ جي ڊگري عطا ڪئي آهي. اِهو مقالو هن هنديءَ ۾ 2003 ۾ شايع ڪيو آهي، جنهنجو سنڌي اَنواد ''ٿر ۾ ڳائجندڙ سنڌي داستان'' نالي سان نور احمد جهنجيءَ منهي ٿرپارڪر سنڌ مان 2007 ۾ شايع ڪيو آهي. راجستان جي هن سرحدي علائقي ۾ ٻيا ٻه گهڻيئي چارڻ ۽ ڀاٽا آهن، جن وٽ زباني روايتن ذريعي لوڪ گيتن جو ٻيو به سرمايو سيني ۾ سانڍيل آهي.

جينت ريلواڻي (جنم : 1936-2010)

سنڌي، هندي ۽ گجراتيءَ جي مشهور ودوان جينت ريلواڻيءَ راجڪوٽ ۾ رهندي، گجرات راجيه جي ڪڇ ۽ سوراشٽر وارن علائقن جو گهڻيئي دفعا دؤرو ڪيو. هُن زباني روايتن مان توڙي اِتهاس ۽ لوڪ ساهتيه جي گرنٿن مان گجرات ۽ سنڌي لوڪ سنسڪرتيءَ جي ڦهلاءَ تي خاص تحقيقي اَڀياس ڪيو آهي. اِن وشيه تي هو لڳاتار سنڌي ۽ گجرات مخزنن ۾ کوجناتمڪ ليک لکندو رهيو. اُنهن کي گڏ ڪري هُن ٻه ڪتاب سنڌيءَ ۾ لکي شايع ڪيا آهن، جيڪي گهڻي اَهميت رکن ٿا:

(1) ڪڇ ۽ سنڌ جا قديمي ناتا (2003) - سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن

(2) سنڌ، ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ جا سيپتڪ ناتا (2008) - سنڌو پارٽي پبليڪيشن، راجڪوٽ، گجرات.

اِنهن ڪتابن مان گجرات راجيه ۾ سنڌي لوڪ سنسڪرتيءَ ۽ لوڪ ساهتيه جي ڦهلاءَ جي گهڻي ڄاڻ حاصل ٿئي ٿي.

مرليڌر جيٽلي (جنم : 1930)

لوڪ ساهتيه جو هڪ اَهم پاسو آهن - پهاڪا، چوڻيون ۽ محاورا. سنڌيءَ ۾ اِهي گڏ ڪري ڪتابي صورت ۾ ڇپائڻ جي شروعات ته اوڻويهين عيسوي صديءَ جي آخر ڌاري تي ٿي چڪي هئي. ڪوڙومل

اسانجو ورثو

-وينا شرنگي

ل تہ -ورثي -لفظ جي معنيٰ ڏسون. پرمانند ميوارام جي انگريزي سنڌي
نريءَ ۾ هيريٽيج لفظ جي معنيٰ ورثو ۽ ميراث ڄاڻايل آهي. انهن
ِ ڪي ڏسجي تہ ميراث جا وڏڙن طرفان ملي تي ساڳيءَ طرح ورثو
ڙهي در پيڙهي يعني هڪ پيڙهي کان ٻي پيڙهي جي حوالي ٿيندو
و آهي. ورثي جو دائرو تمام وسيع آهي. اَڄ ڏڻن وارن ريتن
ن لباس ۽ زيور، ثقافت کي ڪٽي ڪري الڳ الڳ مقالن ۾ روشني
ويندي.

ڪنهن بہ جاتيءَ جي سڃاڻپ، اُن جي رهڻي ڪرڻي، ريتن رواجن،
ب، ڏڻن وارن اخلاقي قدرن ۽ ورثي مان پوندي آهي. هر قوم کي
جي سڀيتا تي ناز هئڻ گهرجي. جنهن جاتيءَ ۾ اسين جنم ونون ٿا،
ن ڪتب ۾ اِڪ پٽيون ٿا اُها امانت ايندڙ پيڙهي جي حوالي ڪيون،
رثي سان نڀائجي، -آدرش، آستا، سنسڪار ۽ گڻ پنهنجي ايندڙ پيڙهيءَ
حوالي ڪريون. پنهنجي ورثي کي سيني سان سانڍي رکون. ڏڻ وارا
ميلاپ وڌائين ٿا، اسين پنهنجي روايتي انداز سان ملهايون ٿا. ننڍپڻ
مڙ سنجها ويلي ٻتي ٻرڻ وقت اسانکي چوندي هئي هٿ جوڙي پرنام
۽ گڏ چوندا هئاسين ''سنجها ٿارٽي سئو دک نرواڻي، سنجها ڪو ويلو
ني ديوتائن جو ميلو.'' هنر لوڪ گيت، پروليون، جهمر جمالو، ڇيڄ،
اهي اسان جي سنسڪرتيءَ جو اٽوٽ حصو آهن. سنڌ ۾ گهريلو هنر
ي مقبول رهيا آهن. چٽسالي، جنڊيءَ جو ڪم هالا جو مشهور آهي،
لوگيون، گوڏيون، کيسن لاءِ نصر پر ۽ نٽو، سنڌ جي هنرن متعلق ڊا.
علي شوق پنهنجي مهاڳ ۾ لکي ٿو سنڌ جي ننڍي وڏي شهر ۾ ڪپڙي

اِنهيءَ ڪتاب مان پريرڻا حاصل ڪري روي **پرڪاش ٽيڪچندالي** (ڄنم 1967) سنڌي ڀاڪن ۾ چوڻين جو وڏيڪ تفصيلوار اَڀياس ڪري، منهنجي نگرانيءَ ۾ هڪ تحقيقي مقالو لکيو، جنهن تي دهلي يونيورسٽيءَ کيس 2003 ۾ ”ڊاڪٽر آف فلاسافي“ جي ڊگري عطا ڪئي. اِهو مقالو **”سنڌي ڀاڪا: ڀاشاوگيانڪ، ساماجڪ ۽ سانسڪرتڪ اَڀياس“** نالي سان ديوناگري-سنڌيءَ ۾ 2005 ۾ شايع ڪيو ويو آهي. اِن جو عربي-سنڌيءَ ۾ اُلٿو سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد سنڌ مان 2010ع ۾ شايع ٿيو آهي.

تازو اُسرندڙ ليکڪا روشني روهڙا ”پرولين جا پتاشا“ ڪتاب (2009) سهيڙي شايع ڪرايو آهي. جنهن ۾ ڇهڇهيون پروليون شامل آهن.

سنڌي لوڪ سنسڪرتي ۽ لوڪ ساهتيه جا ٻيا بہ گهڻيئي پهلو آهن، جن تي تحقيقي تنقيدي اَڀياس ڪرڻ جي گهڻي ضرورت آهي. اُميد تہ راشٽر سنڌي ڀاشا وڪاس پريشد، سنڌي اَڪادميون ۽ ٻيون سرڪاري سنستائون اِنهيءَ ڪوجنا جي اَهميت کي محسوس ڪري، اِنهيءَ ڏس ۾ ڪي رٿائون تيار ڪري عمل ۾ آڻينديون.

تي مند آهر پوشاڪ مروج تي. آڳاٽن آرين پنهنجي بت ڍڪڻ لاءِ متان
ڄاڙهڻ لڳا جنهن ڪري ڏڻ ڏارڻ سکيا، اول ٻڪريون پالڻ لڳا ۽ کلن
پنهنجو بتُ ڍڪڻ لڳا، اها هئي سنڌ جي ماڻهن جي آڳاٽي پوشاڪ،
ر ڪرڻ جو ڍنگ آين تہ هرڻ جي کل يعني مرگہ چال ڪم آڻڻ لڳا
ويد ۾ هست گهن لفظ ڪم آيل آهي جنهن جي معنيٰ آهي چمڙي جو
نو. آڳاٽي زماني ۾ سبڻ لاءِ سُيوُن ڪون هُيون ان ۾ ڪنڍي وغيره سان
خ ڪري ان مان واٽيل ڳاهہ جي تند يا ٻي ڪا تند لنگهائي ڳنڍ
چڏيندا هئا تہ دستانو هٿ سان قابو ٿيو پيو هوندو. سوٽي ۽ اوني
انا بہ موسم مطابق هئا، جڏهن ڪو ماڻهو يگ ڪندو هو تہ اُن جي
ري ڪش نالي ڳاهہ جي ڍِڻ مان نهيل ويس پهريندي هئي. اُچي
اُن راوي نديءَ ڪناري سنڌو ماتر ۾ ملندي هئي، (قنڌار يعني
رو ۽ اُن جي آس پاس وارو ملڪ). اسان کي ڄاڻ آهي تہ سنڌ جي
ل ملڪان ملڪ مشهور هئي، جنهن لاءِ ڪاڪو ڀيرو مل چوي ٿو تہ-
ا جون ڪيتريون قومون اڃان سياري جي سوڙ تاڻي سمهي پيئون
ن تڏهن ڪيترو وقت سنڌ جي ململ سان پنهنجو بت ڍڪينديون
ون-
قديم سنڌ جو مصنف لکي ٿو: جيڪو ڪپڙو ديسي ڪپهہ سان اُڻيل آهي.
ن مان اها ڳالهہ ظاهر ٿئي ٿي تہ پنج هزار سال اڳي بہ سنڌ ۾ ونڻڻ
پوک ٿيندي هئي. ڪپڙي اُڻڻ جا آڏاٽابہ هئا. قديم سنڌ جو ليکڪ
ويد جي هڪ منڊل جو حوالو ڏيندي لکي ٿو: سنڌو نديءَ جي استوتي
دي سنڌ کي سئواسان يعني سهڻا ڪپڙا پيدا ڪندڙ بيان ڪيو ويو آهي.
شاهہ لطيف جي رسالي جا بيت پڙهڻ سان اسان جي پوشاڪن جي
ٻي ڄاڻ پوي ٿي.

سهسين سيبا ڪنجري، لوئي سين ليڙن
هڙو حال وٺي ڪري، وڃان منجهن ٿرن،
مارو مان چون تہ هئي آسا نهين آسري. (شاهہ)

اُٽڻ جا آڏاڻا هوندا هئا، ساهتي پرڳڻي جا شهر ڪنڊيارو، ناروشاهه،نوشهر
ڪپڙي اُٽڻ ۾ گهڻو مشهور هئا. پوري هڪ صديءَ، روهڙي سکر سنڌوءَ جي
ڪناري هئڻ ڪري ڪپڙي جا واپاري مرڪز هئا. ڪپڙي جا ڪارخان
يورپ کي ڪپڙو موڪليندا هئا، سيوڻ ۾ هڪ هزار ڪوري باقتي اُٽڻ ج
ڪم ڪندا هئا. سنڌ جي سنگهڙن جي ڪچهرين لوڪ ادب کي مالا ما
ڪيو. راڳ ويراڳ ۽ ساز سرود اسان جي رڳ رڳ ۾ سمايل آ جيئن ڀٽائي
فرمايو آهي - رڳون ٿيون رباب، وڄن ويل سڪنهين

ڪاريگر سُهڻا ساز به جوڙيندا هئا. ڀٽائيءَ جو تنبورو اڄ تائين سندس
فقير ناهيندا پيا اچن. انڪانسواءِ يڪتارو، چنگ، بوڙيندو، نڙ، بينون، ناد
۽ ٻيا ڪيترائي ئي ساز اتي ٺهن ٿا. اسانکي گهرجي ته پنهنجي نئين
پيڙهي ۾ ڪچي عمر ۾ ئي سنسڪار وجهجن جيئن سنسڪرتيءَ تي ناز
ڪن، اڄ جي دور ۾ خاص طور تي ان ورثي کي محفوظ ڪرڻ جي سخت
ضرورت آهي. پوشاڪ پهراءُ ريتن رسمن کاڌ خوراڪ ۾ پنهنجي مٽيءَ جو
هُٻاءُ هجي، سنڌ جا هنر مُهاڳ ۾ صوفي سنتن جي ورثي کي اڳتي
وڌائيندا سين، تڏهن ته اسان پنهنجي انفرادي سڃاڻپ برقرار رکي
سگهنداسين. ورثي لفظ کي کڻي ڪري پنهنجي مقالي ۾ پسمنظر تي
سرسري نظر وڌي آهي.

هتي مان لباس، زيورن ۽ ڪن هنرن جو ذڪر ڪرڻ چاهيندس. سنڌ جي
ململ ته ملڪان مُلڪ مشهور هئي، مصر جي ممين جو اُن ململ سان تن
ڍڪيو ويندو هو. آزاديءَ بعد پوشاڪ يا پهراءُ ۽ ٻول چال ۾ تبديلي اچي وئي
آهي آزادي کان اڳ يعني آڳاٽي دؤر جي لباس ۽ ٻول چال جو ذڪر ڪرڻ
لازمي ٿيندو. وقت گذرڻ ڪري حالتن رگ ويد واري دؤر تي اول نگاهه
ڪريون. ڪاڪو ڀيرومل مهر چند آڏواڻي، قديم، سنڌ، ۾ لکي ٿو مردن جي
پوشاڪ ڌوتي ۽ چادر هئي، چادر ڌائي ڪلهي تي اُڇلي (اُڇلائي) وجهندا
هئا. ڪن مورتين ۽ پتلن کي گهگهري پيل جهڙي لنگها (دهلاري) پهرين ٿا
۽ ڪن کي لڱٽ چڙهيل ڏسڻ ۾ اچي ٿو. چمڙيءَ کي اوائلي پوشاڪ ڪري
ڏٺو ويو، جو اُها ماس ۽ هڏن کي ڍڪي پيئي اُن کانپوءِ آب هوا گرم سرد

نمورين، آئونڪ، آر، ڪنواس، ٽڪ جو ڪم، هرمچو جي پرتن ۽ هنر،
رهه جو استعمال ڪري گهر کي سينگارڻ ۽ پنهنجي لباس جي سونهن
ائڻ جو ڏانو ۽ هنر ۾ پينرن جو ڪم مٿ ڪون هو. ٻول چال تي نظر
ريون تہ خود محسوس ڪنداسين ڇا هيءُ اسان جي ٻول چال آهي؟
ڀيو ئي حال پوشاڪن ۽ پهراءُ جي سلسلي ۾ آهي. ڪٿي آهن هُر مچ جا
ت روا، ٽري ڪاين جو پرتُ، ڪئنواس يا نمورين ۽ آئونڪ جو ڪم آر سان
ر ڪيل پوشاڪون، چڪني ۽ بوسڪي جا پهراءُ.
آر جو ڪم رون جون پٽيون، پيٽيڪوٽن جي پٽي يا گهر کي سينگار
وارڻ لاءِ اهو هنر ميز پوشن، ريڊيو جي ڪور طور يا وري گلاس جي مٿان
ڪ طور موتي هٽي گهر ڏياٿيون تيار ڪنديون هيون يا وري ڳوڻن ۾ ڦلڪن
ي گرم رکڻ لاءِ ٽوپڻين اندر ننڍو رلڪو دلڙو ناهي اچ جي هٿ پاٿ جو
مُ وننديون هيون، جنهن کي ڦلڙو بہ چونديون هيون. شادي مرادي يا ڏڻ
ر تي پرت ۽ آر سان پريل ريشمي رومال ڪتب آندا ويندا هئا ان طرح جي
ڪ گيت جي سٽ بہ ياد اچي ٿي - ريشمي رومال سان ڍڪي ڍڪي، گهر ۾
اين جون ٽوپيون عيد ۽ شادي مراديءَ لاءِ زريءَ يا پٽ سان پريل نہ صرف
هنجي خالي وقت جو صحيح استعمال پينرن ڪنديون هيون پر پنهنجي
رچ پکي لاءِ ڪجهہ پئسو ڏوڪڙ بہ محفوظ ڪري وننديون هيون تہ ڪنهن
ي ويل ڪم اچي ويندو، روزمره لاءِ استعمال ٿيندڙ اڳٹ ۽ شهٽيون
وتين سان سجايل سنواريل سڳيون الڳ الڳ موقعن لاءِ ناهينديون هيون.
ندي عورت شروع کان وٺي پنهنجي پيرن تي بهڻ (سلفي سفيشنت) ۽
ڪناميڪل طور مضبوط ٿيڻ لاءِ هنرن جو استعمال ڪنديون هيون ۽ پنهنجي
باٿين کي بہ هنر سيکاريندون هيون. سنڌ ۾ ٽڪ جي هنر کي نئين انداز
ان جديد دور جي تقاضائن موجب ڪتب آندو پيو وڃي، گهر ۾ بچيل
ڪپڙي جي ٽڪرن کي پنهنجي ڏانو ۽ هنر سان سُهٽين رلهيون ناهي ان
رٿي کي اهٽي وڏائيندين پيون اچن، چادرن ۽ وهاڻن تي هرچ ۽ ڪئنواس
ي ڪم جو بہ ڪافي استعمالڪيو ويندو هو، ميز پوشن چادرن تي پکين

سُر مارئي جي هن بيت ۾ لوئي ۽ ڪنجري جو ذڪر آهي جنهن مان ظاهر آهي اهو ئي پهراءُ هوندو هو. سنڌين جو پهراءُ ڪتا. سُسي، لاڪ رتيون لوئيون، جيڪي لاڪ مان رنگ ناهيندا هئا.

پکولا پنوهاريون، مور نہ مٽي ڪن
جيڪي لاڪ رتائيون لوئيون، تہ شا لئان سوُهن (شاھ)

سنڌ ۾ پٽ پٽيهر، ريشم، ارمق، باڏٽا يعني رڱيل روا، (عمدو ڪپڙو) ڪنجري ٿري پڙا ۽ چوليون، چولو، سوُسي، رلهيون گودڙيون، کيس وغيره. اسان جي تهذيبي سڃاڻپ جا عظيم ثبوت آهن. اِن کان پوءِ واري دؤر ۾ سنڌي بزرگ عورتون ٻاڙه پڙو ۽ اڇي چار، منهن ڍڪڻ لاءِ اکڙيون ڪيڏنديون هئيون، جهبلو ۽ بلائوز، سٿڻ، يا پتلون پائينديون هيون. سٿڻ وڏڙيون پائينديون هئيون، جنهن جا هيئنان پاڇا سوڙها ۽ مٿي ويڪري هوندي هئي، ۽ پتلون ننڍيون نينٽيون پائينديون هئيون. رنگين سٿڻ ۽ جهبلو جنهن ۾ بوُسڪي، بروُڪيد، پلش گل، مِل وغيره مٿان وري ڪوٽي. سنڌ ۾ ساڙهين جو رواج بہ پيو. فلمي دور شورع ٿيڻ تي سلوار ڪڙتي جو رواج پيو. مردن جو لباس ڌوتي ڪرتو مٿان بند گلي جو ڪوٽ يا سدري. انگريزن جي دؤر ۾ سوٽ بوٽ ٽاءِ ۽ ٽوپلي جو رواج پيو، پٽڪو ۽ ٽوپي لباس جو اهم حصو هو. هٿ واٽياوري گوڏي تي ڌوتي ۽ گنجي وغيرهہ. گول ٽوپي جنهن جي چٽني طرف پيلي رنگ واري ڌاڳُ سان مشين جو ٽوپي سان ڊزائين تيار ڪيو ويندو هو. هوڏانهن هاري ناري ڪڙمي ڪاسبي گوڏ ۽ خميس، يا گوڏ ۽ گنجي، ڪلهي تي بوچڻ يا انگوچو. سنڌ جيڪا صوفي سنتن جي ڌرتي هئي، تنهن تي عربن جي حملي ڪري اسلامي رنگ چڙهيو ۽ هندو مسلمانن جي پوشاڪن ۾ فاصلو وڌڻ لڳو، پر هن وقت سونهاري سنڌ ۾ اجرڪ ڪاين جي ٽوپي سلوار خميس هر سنڌيءَ جي تهذيبي سڃاڻپ بڻجي وئي آهي. صوفي فقير گيڙو رتا ڪپڙا تہ ڪي ڪارو چوغو ۽ پڳ جامو ۽ پڳ پهريندا هئا، جيڪو هن وقت ڪي ڪي پڳ پائين پيا.

كارڊ نٿو ملي. گهڻو ڪري ميرن ۽ اُن بعد انگريزن جي دور جي لباسن
ريون ڪجهه تصويرون ملن ٿيون. جنهن مان ڪي قدر اندازو لڳائي
ڻهجي ٿو. سنڌ جي ڀرتن جي نالن جو ذڪر محمد ڪاريس جي سنڌ جي
عبرن واري مضمون ۾ ملي ٿو ڀرتن جا نالا هن ريت بيان ڪيا آهن. (1)
ڪم هن ڀرٽ وارو لباس ڪنوار کي-لائن-مهل پهرايو ويندو آهو. (2)
ت ٽڪيو ريشمي ڪاسري ڪشميري جي اڌ ٿاهي ويندي آهي ان ۾ ست
ت ٽڪن جا گل ٿاهي پاسا ڪشميري سان بند ڪيا ويندا آهن گلن جي
ڄ ۾ آنڪ، اهو نئين ڪنوار جي پهراءَ ۾ شامل هوندو آهي. (3) ڪنگهر اڌ
ل ٿاهي، ٽڪون ول وانگر لڳايون وينديون آهن ۽ پاسن کان ڪشميري ڀرو
ريو ويندو آهي. (4) ڪنٺهار ڪپڙي مٿان ڳاڙهو ۽ سائو پٽ ڀريو ويندو آهي.
(5) ول سين هن ڀرٽ ۾ وچ ۾ اڇي مقي جا وڏا ڦل (گل) وچ ۾ ننڍيون
ڪيون هونديون آهن گلن جي پاسي ۾ ڳاڙهي ول ٿاهي ويندي آهي.
(6) ڦلڙين ڀرت هن اڇا ڳاڙها ها گل آمهون سامهون هوندا آهن، ننڍڙيون
ننڍڙيون ڦلڙيون اڇي ۽ ڳاڙهي رنگ جون هونديون آهن چوڏاري زنجير
لڳائي ويندي آهي. (7) ڏهري تي ڪپڙي تي اڇي مقي جا گل چوڏاري
ڳاڙهي مقي سان ول وچ ۾ ٽڪون. (8) ٽڪ ڦل ريشمي ڪشميري ڪڻ.
(9) انگور ڦل (10) گج سينگج جي چوڏاري ٽڪون، ڪشميرو، ڳاڙهي پٽ
ڪا نئوش نر مٿان ست اٺ مٽيا (11) پونئري (12) راهن-سن. سنڌي
ڀرتن ۽ لباسن تي آڏارت آمريڪا جي آرليندو شهر ۾ مون (20 جولاءِ -
ٻهرين آگسٽ 1999ع) ڇهين سنڌي سميلن ۾ لباسن تي آڏارت هڪ ڪلاڪ
جو شو پيش ڪيو هو-اسان جو ورثو-، جنهن ۾ اُتي جي ويهن کان مٿي
نئين پيڙهيءَ جي ڇوڪرن ڇوڪرين شرڪت ڪئي ۽ سنڌي لباسن کي
ساراهيو، مونکي اُنهن جي چاهه ۽ سنڌيءَ ۾ ڳالهائڻ واري انداز موهي
ڏو.

زيور عورت جو سينگار آهن، سونهن ۾ اضافو ڪندڙ، اڳي جيڪي زيور
ٺاتا ويندا هئا سي مضبوط ۽ اُنهن جي گهڙت ۽ ڪاريگري لاجواب هوندي

مور يا طوطا وغيرہ ليکي پرت پريندیون هيون، پنهنجي ڳون ۾ ڪن کي مون ڪٽ جو ڪٽورو تيل وارن-وارن تي ڳهمائي ڌزائين وارين چادرن تان پريس ڪنديون هيون، جيئن اسين ڪاربن جو ڪاپي ڪرڻ لاءِ استعمال ڪريون ٿا تيئن اُهي ان جو استعمال ڪنديون هيون. رون تي رنگ برنگي ڦندڻ هٽي ڪري اُن جي سونهن وڌائينديون هيون.

آزاديءَ کان پوءِ هتي هندستان ۾ سنڌين جي لباس تي نظر ڪبي ته اسان جون اوائلي پوشاڪون وڃن ٿيون گم ٿينديون. سنڌي جاتيءَ جي پهراءَ ۾ وڏي تبديل اچي وئي آهي، نه اڳيون ٽوپيون آهن نه وري پٽڪا. سٿڻ خميس يا ڪڙتو رات جو يعني (ڪئجيول ويئر) طور استعمال ڪيو پيو وڃي، نه ته ڏينهن رات سوٽ بوٽ چڙهيو ئي پيو آهي. سنڌي ڪڇهرين ۽ شادي مرادين جي محفلن ۾ سنڌي ويس وڳا ڏسڻ وٽان ئي نٿا اچن. سنڌي پوشاڪون ڏسڻ لاءِ اکيون آتيون هونديون آهن، ڪي جهوني ثقافت کي زنده رکڻ لاءِ فنڪشن تي ٽوپيون پهرين يا پڳرون ۽ بوڇڻ وجهن. اُلهاس‌نگر، بڙا‌ڳڙهہ، احمدآباد، آديپور گانڌيڌام، اجمير ۽ ڪن ٻين هندن جي سنڌي بستين ۾ ڪي بزرگ ڪاڪا ڌوتي ڪڙتو پهريل يا ڪي وڏڙيون سٿڻ ڪرتو پهريل نظر اينديون ڏنو وڃي ته هينين طبقي ڪي قدر پنهنجي ٻول چال ۽ پهراءَ کي برقرار رکيو آهي. باقي مڙيئي خير آ! مالدار طبقو ڪبلن جي ڪلچر ۾ ته وچولو طبقو پاڻ کي ترقي ڪندڙ دنيا جي ماحولي سان قدم . . . هلڻ جي جنون ۾ تڪڙيون پرانگهون پائڻ ۾ اصل هڻ هٽا ۾ لڳو پيو آهي.

ويجهڙائيءَ ۾ (ڪلڪتي کان دادي درگا ٿاراڻيءَ جو فون آيو چيائون ته) هتي مونکي ٻين جاتين سان گڏ سنڌي راڻين جي شادي مُراديءَ وارو لباس شو ۾ پيش ڪرڻو آهي. سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته اسان جون راڻيون مهاراڻيون آڳاٽي دؤر ۾ ڪهڙو لباس پهرينديون هيون؟ ان سلسلي ۾ مدد ڪر، مون پنهنجي سوچ آهر ڪجهه صلاحون ۽ سنڌي لباس وغيرہ جي باري ۾ ڪجهه ٻڌايو پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته آڳاٽي دؤر ۾ جو ان طرح جو

هنجو چلڙو ڪري پيو پاڻيءَ ۾...... جهومڪ گهڙائي ڏئي ته وڃان منهنجي
ٽي گهر لاڏا تماشا وڃان..... مرد وري پونڇي، سونا پٽڪ، سونو سڳو،
ني پٽي واري واچ پائيندا هئا ڏنو وڃي ته اڄ گهڙت ۾ سو ڦيرو آيو آهي.
پنهنجي سنسڪرتي ڪان پري ڇو پيا پڇون پنهنجي ورثي، پنهنجي
ل چالءِ پهرائن کي هنڊائيون، اسان مٿان جوابداري عائد ٿئي ٿي ته
ان پنهنجي ورثي کي بچائيون.

مان سنڌي اُها ول آهيان
جيڪا جنهن به وڻ کي وچڙندي
تنهن کي
سائوءِ سر سبز ڪري ڇڏيندي
(ارجن سڪايل)

هئي، اڄ چمڪ ۽ نفاست، نزاڪت وڏيڪ نظر ايندي جيتري قدر جڏهن جو
سوال آهي ڪجهہ عرصي اندر ئي ٽِڪَڻ جو خطرو رهي ٿو. سنڀالي هڪ اڌ
دفعو پائجي ٿو، بئنڪ لاڪر جي سونهن وڌائين ٿا. مون پنهنجي امڙ کي
شينشن مُنهن وارا ڪنگڻ ڏٺا هئا، نہ لڙي مال، موتين جي نہ بلڪ. سون
جي داڻن جي هوندي هئي، مون نہ والي سوني چين بہ اُنهن وٽ ڏٺي هئي
جيڪا وڪڙ ڏيئي پائيندا هئا، ٻيو ڪنورين وارا جهومڪ ٽي ٽي ڪنوريون
جهومڪن ۾ هونديون هيون ۽ ڏاوٽيءَ جي سهاري ڪنن ۾ پائيندا هئا.
جڏهن شادي ڪري آيا تہ ساهرن چونيءَ جي وڏي نٿ گهرائي رکي هئي،
امڙ ڪراچي شهر جي سندس نڪ ئي نہ ٽوپيل اُها ڪان پاتائون، اُها ڪافي
ڳوري آهي جنهن جو امڙ پٽلو ڪري ٺهرايو. اُهو چونيءَ وارو پٽلو مون وٽ
محفوظ آهي. دراصل مون سنڌ ۾ ڪيترين عورتن کي نڪ جي نٿ ڏني
جنهن ۾ وچ ۾ چوني ۽ پاسي ڪان بہ اچا ٻڙا هوندا هئا سي نڪ ۾ پائيندي
ڏٺي هئي ۽ نٿ کي گهوڙي جي وار سان چڪي ٽُنيان چوٽيءَ ۾ ٽنبي
چڏينديون هيون. سنڌي عورت جي سينگار ۾ چوٽيَ ڦول ۽ سونن بڪلن جي
وڏي اهميت هوندي ٻئي اُنهن بنان ڪنوار جو سينگار ڇڻ اڌورو هوندو
۽، نرڙ تي ٽڪو يا جهومر ۽ چوڪريون وري سوني ٽڪ ٺهرائي پائينديون
هيون، وڏڙيون ڪنن ۾ ڪچي سون جون ڪيوٽيون پائينديون هيون، ٽنٽ
ٽڪاءُ، ٽونٽ ڪنگڻ بہ سينگار جو اهم حصو هوندو هو، ڦر پاسي تہ ڪنوار
جي سينگار ۾ اگر بانهي نہ هجي تہ سينگار اڌورو اڌورو، هسڙي، دري،چير،
چلو، پيرن جون سڀ آڱريون پريل، مُنديون وغيرهہ اڳي ڳنين جو هار ۽
منڊي بہ ڪنوار جي ڏاجي جو اهم حصو هوندو هو، ٻيو تہ ٻيو ٽُٽ پڪ بہ
سوني ٺهرائينديون، سون يا چانديءَ ۾ دل دل پاڪ يا رڪشا، يا تعويذ
گهڙائي پائڻ جو بہ رواج عام هو، قيمت جو گهٽ استعمال ڪيو ويندو هو
ڪچي سون جي زيورن کي ترجيح ڏني ويندي هئي، جو نہ صرف عورت
کي استريءَ ڏن جو احساس ڏياريندا هئا. پر آئي ويل ڪٽنب لاءِ وڏو سهارو
بہ هوندا هئا. زيورن جو ذڪر اسان کي لوڪ گيتن ۽ لاڏن ۾ بہ ملندو جيئن

ٽيوشن وٺڻ سندس گھر ويندي هئي. ڪجھ ڏينهن کان پوءِ ان ٽيچر جو هڪ دوست جيڪو ٻئي اسڪول ۾ پاڙهيندو هو، اهو به هن دوست جي گھر اچي ويندو هو. هُو سائنس ۽ مئٿس کان سواءِ ٻين وشين ۾ ڪيس مدد ڪندو هو. ڪجھ ڏينهن کان پوءِ 'توکي سڀني وشين جا نوٽس ٺاهي ڏينداسين'، 'توکي امتحان ۾ اچڻ وارن سوالن جا جواب اول ئي لکائي ڇڏينداسين'، 'توکي ايتريون مارڪون ملنديون جو تون ميرٽ لسٽ ۾ اچي ويندئين' ....، جهڙن جملن کي ور ور ٻڌڻ کان پوءِ راڌا لاءِ سوچڻ لاءِ ڪجھ ڪونه بچيو؛ ۽ پوءِ اهو ئي ٿيو جيڪو ٿيڻو هو. ٻنهي اُستادن پنهنجن چيل گفتن جي قيمت راڌا کان وصولي ڇڏي.

راڌا ٽيوشن تي وڃڻ ڇڏي ڏنو. ماءُ کي چيائين - هاڻي امتحان ويجها آهن، هاڻي پاڻ هي پڙهندس. راڌا بورڊ جو امتحان ته ڏئي آئي پر مهنو پورو ٿيڻ کان پوءِ ماڻس کان اها ڳالھ ڳجھي نه رهي. هڪ ڏينهن راڌا جي ماءُ، راڌا کي، پنهنجن ڪمري ۾ اڪيلو وٺي وئي ۽ ڪمري جو در بند ڪيائين. ڪمري جو در بند ٿيندو ڏسي ئي راڌا جي دل جي ڌڪ ڌڪ بند ٿيڻ لڳي. ماڻس ڪيس وارن کان جهلي اهڙي چمات نڪاءُ ڪَئي جو اُلٽيءَ وانگر راڌا جي اندران سڀ ڪجھ ٻاهر نڪري آيو. ماڻس به چار چماٽون ۽ به چار لتون نڪاءُ ڪري ڪيس ڇڏي ڏنو. راڌا چپ چاپ سهندي رهي ۽ رئندي رهي. پنهنجيءَ ڪنهن مائٽياڻيءَ وٽان ٿي اچڻ جو چئي راڌا جي ماءُ راڌا کي وٺي ڇھو پري هڪ شهر ۾ پنهنجيءَ هڪ ساهيڙيءَ وٽ هلي وئي. ڏهن پندرهن ڏينهن کان پوءِ، راڌا جي سرير تان پاپ جا نشان ٻهرائي، واپس موٽي آئي. هاڻي راڌا گھر جا سڀ ڪم ڪاريون ڪندي ٿي رهي، ڪائي ٿي، سمهي ٿي، ڳالهائي ٿي پر سندس چنچلتا، اکين جي چمڪ ۽ منهن جي مرڪ غائب آهن.

... گنگا وهي پئي ٿي.

ڪجھ ڏينهن کان راڌا جي ماءُ جو هڪ ڏورانهون پاٽيجو، گوپال، سندس گھر مهمان جي روپ ۾ آيل آهي. گوپال ويجهو ئي هڪ شهر ۾

... ۽ گنگا وَهندي رَهي

ستيش روهڙا

راڌا آخر پاڻيءَ مان ٻاهر نڪري آئي ۽ گهاٽ جي ٽئين ڏاڪي تي ويهي رهي. سندس وارن ۽ ڪپڙن مان پاڻي وهندو تي ويو جيڪو هيٺ جي ڏاڪن تان لهندو گنگا جي ڌارا ۾ وڃي تي مليو. راڌا سامهون نهاريو. سج جا پهريان ڪرڻا گنگا جي پاڻيءَ ۾ ڪِرڻ لڳا هئا پر سج اڃا ظاهر ڪونہ ٿيو هو.

راڌا سج جي ڳاڙهاڻ ڏانهن نهارڻ لڳي ۽ پنهنجن خيالن ۾ گم ٿي وئي. هوءَ مُنهن اونداهي جو ئي گهاٽ تي اچي پهتي هئي ۽ ڪي گهڙيون گهاٽ جي پڇاڙيءَ واري ڏاڪي تي ويهڻ کان پوءِ پاڻيءَ ۾ هيٺ لهي وئي هئي. سندس ارادو تہ پاڻيءَ ۾ وڌندو وڃڻ جو هو پر پاڻي سندس نَڪ تائين پهتو تہ هوءَ رڪجي وئي، چاهيندي بہ اڳتي نہ وڌي سگهي. هن اُتي ئي ٽٻيون ڏيڻ شروع ڪيون ۽ لڳاتار ٽٻيون ڏيندي رهي جيئن هوءَ پڇاڙيءَ جي ٽٻي ڏئي اندر ئي رهجي وڃي .... ٻاهر نہ اچي پر جئن ئي سندس اندر ساهہ منجهڻ لڳو، هن جو مٿو ازخود پاڻيءَ کان ٻاهر نڪري آيو. هوءَ گهڙي ڪن ڳچيءَ تائين پاڻيءَ ۾ بيٺي رهي؛ پوءِ آهستي آهستي گهاٽ جي طرف وڌڻ لڳي. گهاٽ تي پهچي هوءَ ٻاهر نڪري آئي ۽ گهاٽ جا بہ ڏاڪا چڙهي ٽئين ڏاڪي تي ويهي رهي. ڏيري ڏيري اونداهي گهٽجي وئي ۽ سامهون سج نڪرڻ جا سانباها ڪرڻ لڳو. راڌا جتي ويٺي هئي، اُتي ئي ويٺي رهي. سامهون گنگا جي ڌارا وهي رهي هئي ۽ ان سان گڏ وهي رهي هئي راڌا جي زندگيءَ جي گنگا جنهن جو سرو ڪيس ڏسڻ ۾ آيو اسڪول وٽان.

راڌا ان وقت ڏهون درجو پڙهندي هئي. بورڊ جا امتحان ويجها هئا ان ڪري هوءَ پنهنجي اسڪول جي ٽيچر وٽ ئي سائنس ۽ مئٿس جي

باوجود هوءِ اڇا ڪپڙا پائڻ لڳي آهي. سندس ٻانهن ۾ لوهه جا ڪڙا ۽
ءِ ۾ ردراڪش جي مالا هوندي آهي. هاڻي سندس گهڻو وقت پاڙي
هڪ دربار ۾ گذرندو آهي. هوءِ سڄو وقت دربار جي سيوا ۾ لڳي
ي آهي. دربار ۾ وقت به وقت ساڌو سنت ايندا رهندا آهن جن جو
نگ ٿيندو رهندو آهي. سنتن - ساڌن جا اپديش ٻڌندي ٻڌندي راڌا
تسنگ ڪرڻ سکي وئي آهي. گلو ته سندس هوئڻ ئي سٺو آهي ان
ي هوءِ جڏهن ڀڄن ڳائيندي آهي ته ڀڄن دل کي ڇهي ويندو آهي.
- سنت جي غير موجودگيءِ ۾ هوءِ ستسنگ به ڪندي آهي ۽ سڀ ست
نگياڻيون سندس ستسنگ ڏاڍي ڌيان سان ٻڌنديون آهن. ان ڪري
ستسنگياڻين کي ڏاڍي پياري آهي ۽ سڀ ستسنگياڻيون ڪيس 'سکي
' ڪري ڪوٺينديون آهن.
جيڪا دربار اِتي آهي ان جو مکيه آشرم هردوار ۾ آهي ۽ وڏو
مي اُتي ئي رهندو آهي. ڏياريءَ جي موقعي تي هردوار جي آشرم ۾
في ڌوم ڌام هوندي آهي. سڄي هندستان ۾ جتي به هن آشرم جون
اريون آهن اُتان جا ستسنگي ڏياريءَ جي موقعي تي سوامي جن جو
شن ڪرڻ هردوار ايندا آهن. هن ڏياريءَ تي هتان جي ستسنگين به
دوار هلڻ جو پروگرام ٺاهيو آهي. سکي راڌا جي نه هلڻ جو ته سوال ئي
ونه هو. اهائي سيني کي هلڻ لاءِ اُتساهه ڏياري رهي آهي. وڏي سواميءَ
درشن اڇا اُتان جي ڪنهن به ستسنگيءَ ڪونه ڪيو آهي. وڃڻ جو
وات ئي سمورو بندوبست ڪيو ويو آهي. هردوار ۾ آشرم جي بانيڪارن
اهڙو سنديش ڏنو ويو آهي. آخر مقرر ڏينهن تي ستسنگين جو جٿو
جي هردوار جي آشرم ۾ پهتو. اسٽيشن کان آشرم تائين، آشرم ۾ رهڻ،
ڏي وغيره جو بندوبست اهڙو ته شاندار آهي جو سڀ ستسنگي حيرت ۾
جي ويا آهن. آشرم ۾ اپديش، ڌيان، ابياس، سوامي جن جو پروچن
پ نيم سان آهي. سڀ ستسنگاڻيون ۽ ستسنگي بيحد خوش آهن. پنج
ينهن گذري ويا آهن. اڄ شام جي ستسنگ ۾ سکي راڌا به ڀڄن ڳايا هئا

رهندو آهي. گوپال جو پنهنجيءَ زال سان جهڳڙو ٿيو آهي ۽ گوپال جي زال کيس ڇڏي مائٽن ۾ هلي وئي آهي. گوپال راڌا جي ماءُ کي پنهنجيءَ زال جي بيحياءَ حالت جون گهڻيون ئي ڳالهيون ٻڌائيندو ٿو رهي ۽ کيس طلاق ڏيڻ جون ڳالهيون ڪندو ٿو رهي. راڌا جي ماءُ گوپال سان هميشه همدرديءَ ڀريو وهنوار ۽ اهڙو ئي اظهار ڪندي ٿي رهي. هاڻي گوپال جو اچڻ ڇڏڻ وڌيل آهي. مهني - اڌ هو ايندو ئي رهندو آهي ۽ زال کي طلاق ڏيڻ جي ڳالهه کي دهرائيندو رهندو آهي. الائي ڪيئن گوپال جو پنهنجيءَ زال کي طلاق ڏيڻ جي ڳالهه سان، راڌا جي ماءُ کي راڌا جي مڪتي جڙيل ڏسڻ ۾ ايندي آهي. ان ڪري ڏيري ڏيري گوپال جي راڌا سان ويجهائي وڌڻ لڳي آهي جيڪا ڏسي به راڌا جي ماءُ اڻ ڏٺو ڪندي رهندي آهي. 'مان طلاق ڏيڻ کان پوءِ توسان شادي ڪرڻ ٿو چاهيان' ... 'توکي پنهنجو گهر ٻار هوندو...'؛ 'مون وٽ ڪنهن شيءِ جي ڪمي ڪانهي ...' جهڙا گفتا 'نوٽس ۽ سنين مارڪن' کان وڌيڪ دلڪش هئا. ۽ پوءِ اهو ئي ٿيو جيڪو ٿيڻو هو. گوپال جو اچڻ بند ٿيو ته راڌا جي ماءُ جا ڪَن کڙا ٿيا. ٻه چار مهينا ۽ راڌا جو اندر خالي. اندر ته خالي ٿي ويو پر پيٽ! راڌا جي ماءُ سوچيو ته گوپال جو وڌيڪ متان مٿو نه هجي ۽ هو راڌا سان شادي ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃي؛ ان ڪري تڪليف وٺي به گوپال وٽ وڃي پهتي. اول ته گوپال ترئيءَ تيل لڳائڻ ئي نه پيو ڏئي؛ آخر به هڪڙو بيشرمائيءَ جهڙو ئي جملو چيائين - 'ماسي، تو ته دنيا ڏني آهي. جوني ٿالهي ڪٿي ڪير وري ڊائننگ ٽيبل تي رکندو؟' راڌا جي ماءُ وڌيڪ ڪجهه نه ڪڇيو ۽ موٽي آئي. راڌا جي ماءُ وري ڪنهن مائٽياڻيءَ جي بهاني راڌا کي وٺي ٻئي شهر ۾ پنهنجي ساڃيءَ ساهيڙيءَ وٽ هلي وئي. هن ڀيري راڌا جو روئڻ - پٽڻ گهڻو ٿيو. 'مون کي ٻار کپي'، 'مان ٻار پالينديس' جهڙا ورلاپ راڌا ڪندي رهي ۽ ماءُ جون چماٽون لتون، ڪائيندي ۽ ٻچڪارون ۽ منٿون ٻڌندي رهي. آخر ڪنهن طرح سان راڌا جي ماءُ راڌا جي سرير جي سليٽ کي وري ڌوئاري اچي گهر پهتي.

هاڻي راڌا جو دنيا مان چاهه نڪري ويو آهي. ماءُ جي منع ڪرڻ

اوجود هوءَ اڃا ڪپڙا پائڻ لڳي آهي. سندس ٻانهن ۾ لوهه جا ڪڙا ۽
ءِ ۾ رڊراڪش جي مالا هوندي آهي. هاڻي سندس گهڻو وقت پاڙي
هڪ دربار ۾ گذرندو آهي. هوءَ سڄو وقت دربار جي سيوا ۾ لڳي
ي آهي. دربار ۾ وقت به وقت ساڌو سنت ايندا رهندا آهن جن جو
نگ ٿيندو رهندو آهي. سنتن - ساڌن جا اپديش ٻڌندي ٻڌندي راڌا
تسنگ ڪرڻ سکي وئي آهي. گلو ته سندس هونئن ئي سٺو آهي ان
ي هوءَ جڏهن ڀڄن ڳائيندي آهي ته ڀڄن دل کي ڇهي ويندو آهي.
و - سنت جي غير موجودگيءَ ۾ هوءَ ستسنگ به ڪندي آهي ۽ سڀ ست
نگياڻيون سندس ستسنگ ڏاڍي ڌيان سان ٻڌنديون آهن. ان ڪري
ستسنگياڻين کي چڱي پياري آهي ۽ سڀ ستسنگياڻيون کيس 'سکي
' ڪري ڪوٺينديون آهن.

جيڪا دربار اِتي آهي ان جو مکيه آشرم هردوار ۾ آهي ۽ وڏو
مي اُتي ئي رهندو آهي. ڏياريءَ جي موقعي تي هردوار جي آشرم ۾
في ڌوم ڌام هوندي آهي. سڄي هندستان ۾ جتي به هن آشرم جون
اريون آهن اُتان جا ستسنگي ڏياريءَ جي موقعي تي سوامي جن جو
شن ڪرڻ هردوار ايندا آهن. هن ڏياريءَ تي هتان جي ستسنگين به
دوار هلڻ جو پروگرام ناهيو آهي. سکي راڌا جي نه هلڻ جو ته سوال ئي
ونه هو. اهائي سيني کي هلڻ لاءِ اُتساهه ڏياري رهي آهي. وڏي سواميءَ
درشن اڃا اُتان جي ڪنهن به ستسنگيءَ ڪونه ڪيو آهي. وڃڻ جو
وات ئي سمورو بندوبست ڪيو ويو آهي. هردوار ۾ آشرم جي بانيڪارن
اهڙو سنديش ڏنو ويو آهي. آخر مقرر ڏينهن تي ستسنگين جو جٿو
ي هردوار جي آشرم ۾ پهتو. اسٽيشن کان آشرم تائين، آشرم ۾ رهڻ،
ڏي وغيره جو بندوبست اهڙو ته شاندار آهي جو سڀ ستسنگي حيرت ۾
جي ويا آهن. آشرم ۾ اپديش، ڌيان، اڀياس، سوامي جن جو پروچن
ي نيم سان آهي. سڀ ستسنگاڻيون ۽ ستسنگي بيحد خوش آهن. پنج
ينهن گذري ويا آهن. اڄ شام جي ستسنگ ۾ سکي راڌا به ڀڄن ڳايا هئا

رهندو آهي. گوپال جو پنهنجيءَ زال سان جهيڙو ٿيو آهي ۽ گوپال جي زال کيس ڇڏي ماٽئن ۾ هلي وئي آهي. گوپال راڌا جي ماءُ کي پنهنجيءَ زال جي بيحياءَ هلت جون گهڻيون ئي ڳالهيون ٻڌائيندو ٿو رهي ۽ کيس طلاق ڏيڻ جون ڳالهيون ڪندو ٿو رهي. راڌا جي ماءُ گوپال سان هميشه همدرديءَ پريو وهنوار ۽ اهڙو ئي اظهار ڪندي ٿي رهي. هاڻي گوپال جو اچڻ ڇڻو وڌيل آهي. مهني - اڌ ۾ ايندو ئي رهندو آهي ۽ زال کي طلاق ڏيڻ جي ڳالهه کي دهرائيندو رهندو آهي. الائي ڪيئن گوپال جو پنهنجيءَ زال کي طلاق ڏيڻ جي ڳالهه سان، راڌا جي ماءُ کي راڌا جي مڪتي جڙيل ڏسڻ ۾ ايندي آهي. ان ڪري ڏيري ڏيري گوپال جي راڌا سان ويجهائي وڌڻ لڳي آهي جيڪا ڏسي به راڌا جي ماءُ اڻ ڏٺو ڪندي رهندي آهي. 'مان طلاق ڏيڻ کان پوءِ توسان شادي ڪرڻ ٿو چاهيان' ... 'توکي پنهنجو گهر بار هوندو...'؛ 'مون وٽ ڪنهن شئ جي ڪمي ڪانهي ...' جهڙا گفتا 'نوٽس ۽ سنين مارڪن' کان وڌيڪ دلڪش هئا. ۽ پوءِ اهو ئي ٿيو جيڪو ٿيڻو هو. گوپال جو اچڻ بند ٿيو ته راڌا جي ماءُ جا ڪَن ڪڙا ٿيا. ٻه چار چماٽون ۽ راڌا جو اندر خالي. اندر ته خالي ٿي ويو پر پيٽ! راڌا جي ماءُ سوچيو ته گوپال جو ووڪ متان مٺو نه هجي ۽ هو راڌا سان شادي ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃي؛ ان ڪري تڪليف وٺي به گوپال وٽ وڃي پهتي. اول ته گوپال تريءَ تيل لڳائڻ ئي نه پيو ڏئي؛ آخر به هڪڙو بيشرمائيءَ جهڙو ئي جملو چپائين - 'ماسي، تو ته دنيا ڏٺي آهي. جوڻي ٿالهي ڪٽي ڪير وري ڊائننگ ٽيبل تي رکندو؟' راڌا جي ماءُ وڌيڪ ڪجهه نه ڪڇيو ۽ موٽي آئي. راڌا جي ماءُ وري ڪنهن مائٽياڻيءَ جي بهاني راڌا کي وٺي ٻئي شهر ۾ پنهنجي ساڳيءَ ساهيڙيءَ وٽ هلي وئي. هن ڀيري راڌا جو روئڻ - پٽڻ گهڻو ٿيو. 'مون کي بار کپي'، 'مان بار پالينديس' جهڙا ورلاپ راڌا ڪندي رهي ۽ ماءُ جون چماٽون لتون، ڪائيندي ۽ ٻچڪارون ۽ منٿون ٻڌندي رهي. آخر ڪنهن طرح سان راڌا جي ماءُ راڌا جي سرير جي سليٽ کي وري ڏوڪاري اچي گهر پهتي.

هاڻي راڌا جو دنيا مان چاهه نڪري ويو آهي. ماءُ جي منع ڪرڻ

مان هئا. سوامي مهراج پلٿي ماري اکيون ٻوٽي وينا هئا پر راڌا جي
گهڙڻ شرط سوامي مهراج کي خبر پئجي وئي ۽ هن اکيون ٻوٽيل
ي ئي چيو -

’اچ ديوي، ويهہ‘. راڌا سوامي مهراج جي سامهون پَٽ تي وِهڻ
خ ڏيکاريو تہ سوامي مهراج چيو -’ نہ ديوي، زمين تي نہ، مٿي ڪرسيءَ
تي ويهہ.‘ ۽ راڌا، تخت جي سامهون پيل گديدار ڪرسيءَ تي ويهي
. راڌا جو ڪنڌ هيٺ ئي هو پر هن جهڪيل ڪنڌ سان سامهون بہ ڏسي
هو تہ سوامي مهراج جي هٿ ۾ ردراڪش جي مالا هئي جيڪا هو
تي آهستي ڦيرائي رهيو هو. ائين تہ سوامي مهراج جون اکيون بند
ن پر ائين لڳي رهيو هو تہ هوُ بند اکين سان بہ سڀ ڪجهہ ڏسندو ٿي
و. ڪجهہ وقت کان پوءِ اوم شانتي چئي سوامي مهراج اکيون کوليون ۽
واري ردراڪش جي مالها پاسي ۾ رکيل رنگين ريشمي ننڍڙي ڳوٿريءَ ۾
ي ۽ ڪي گهڙيون هو راڌا ڏانهن نهاريندو رهيو پوءِ سندس وات مان نڪتو،
ي!

راڌا ڪنڌ مٿي ڪري سوامي مهراج ڏانهن نهاريو. ڪجهہ
ڙيون راڌا ڏانهن يڪ ٽڪ نهارڻ کان پوءِ سوامي مهراج چيو -

ديوي، تنهنجي للاٽ ۾ دويہ جوتي سمايل آهي. تنهنجي آتما
اتما سان ملي هڪ ٿيڻ لاءِ وياڪل آهي پر ان جي وچ ۾ تنهنجو من
اوٽ بڻجي بيٺو آهي.

راڌا سوالي اکين سان سوامي مهراج ڏانهن نهاريو. سوامي مهراج
ا جي اُتسڪتا کي سمجهي ويو ۽ چيائين - ديوي، تنهنجو من اڃا
چل آهي. جيستائين من چنچل رهندو، تيستائين آتما - پرماتما جو
ن نہ ٿي سگهندو. راڌا ڪنڌ جهڪائي ٻڌندي رهي. الائي ڪيئن بيحد
مي آواز ۾ چيائين - سوامي جي، من جي چنچلتا ڪيئن دور ٿيندي؟
امي ۽ مرڪيو. چيائين - ديوي، من جي چنچلتا جو ڪارڻ آهن واسنائون.
سنائون جيڪي ترپت نٿيون ٿين، اُهي اترپت رهجي وڃن ٿيون ۽ اچيتن

جيڪي ڪافي دلسوز هئا. پڇن راڌا ڪرشن جا هئا. پڇنن ۾ ڪرشن جي ويوگ ۾ راڌا جي روح جي بيچيني ۽ تڙپ جو بيان ڪيل هو؛ لڳو ٿي تہ پڇنن ۾ راڌا جي ڪرشن لاءِ وياڪلتا جهڙ تہ سڪي راڌا جي روح جي بيچيني هئي. ستسنگ پورو ٿيڻ کان پوءِ هڪ درباري سيوڪ راڌا کي اچي چيو تہ رات جي پوڄن کان پوءِ توهان کي سوامي مهراج جي درشن ڪرڻ لاءِ وڃڻو آهي. سوامي مهراج اهڙي اچا ظاهر ڪئي آهي. نياپو ٻڌي سڪي راڌا جي من ۾ هلچل مچي وئي. سوامي مهراج ڪيس ڇو سڏ ڪيو آهي؛ اها ڳالهہ ڪيس سمجهہ ۾ نہ آئي. رات جي پوڄن تائين راڌا جي من ۾ ڪافي هلچل ٿيندي رهي. جهڙي تهڙي رسوئي ڪري هوءِ پنهنجي ڪمري ۾ اچي وئي. راڌا جا وار گهنڊيدار آهن ۽ ڪافي خوبصورت آهن. انهن جي خوبصورتي لڪائڻ لاءِ هوءِ مٿي کي هڪ ريشمي اسڪارف ٻڌي ڇڏيندي آهي. خبر نہ آهي تہ اسڪارف ڪري سندس وارن جي سونهن گهٽجندي آهي يا ڇهري جو آڪرشڻ وڌندو آهي. اڄ سڄو ڏينهن، ويندي پڇن ڳائڻ وقت بہ اهو اسڪارف ڪيس ٻڌو پيو هو. رسوئي ڪائي ڪمري ۾ اچڻ کان پوءِ هن اسڪارف کولي ڇڏيو ۽ گهنڊيدار وارن کي برش سان لساڙي پنهنجي شيپ ۾ آڻي ڇڏيو. هن ائين ڇو ڪيو، ان جي ڪيس بہ خبر ڪانهي. اهو ڏسي تہ سڀ ستسنگي رسوئي ورتائي چڪا آهن ۽ دربار جي وچ وارو ميدان خالي ٿي ويو آهي، هوءِ سوامي مهراج وٽ وڃڻ لاءِ تيار ٿي. دربار جي يڪدم پويان سوامي مهراج جو گهر آهي جنهن کي سڀ سوامي مندر چوندا آهن.

سوامي مهراج سوامي مندر ۾ اڪيلا رهندا آهن. دربار جي پاسي کان ٿري سوامي مندر ۾ وڃڻو پوندو آهي. هونئن سوامي مندر مان سڌو دربار ۾ اندران جو رستو بہ آهي پر اهو رڳو مهراج استعمال ڪندا آهن سو بہ ڪڏهن ڪڏهن. راڌا کي سوامي مندر جي رستي جي خبر آهي. ان ڪري سوامي مندر ۾ پهچڻ ۾ راڌا کي ڪا تڪليف ڪانہ ٿي. سوامي مندر جو دروازو کليو پيو هو. راڌا اندر پهتي. اندر سوامي مهراج تخت تي

جديد سنڌي اَدب ۾ جماليات :
نئين ڪوتا (1985 کان اڄ تائين)

-پريم پرڪاش

(1)

. لڳاتار عذاب کي پنهنجي اِظهار جو اهڙو ئي اڌيڪار آهي، جئن هڪ
ِ انسان کي چيخڻ جو.
ڪوتا ۾ عذاب جو اِظهار ۽ چيخ جو ڪهڙو سوئندريہ بوڌ ٿي ٿو سگهي؟

. عذاب ڪئمپن ۽ گئس چئمبرن بعد جيڪي يهودي ڪوي بچي ويا،
ماڻهن جي جيئڻ جي ويوستا جو پورو تهس نهس ڏٺو هو. اُهو تهس
مادي هستي جو تہ هوئي، اِهو اِنسان جي آڌياتمڪ سنسار جو، هنجي
ن، ڌارڻائن، (ويچار، سوچ)، وشواسن، يادن ۽ سوئندريہ درشٽي جو بہ
.

اِنجو ڪهڙو سنويدنشيل سوئندريہ آهي جيڪو آنند ڏي؟

. نوبل پرائيز وجيتا ڪويتري **نيلي ساخ** کان هڪ دفعو پڇيو ويو تہ
ي ڀيانڪ اتياچار کانپوءِ هوءَ ڪوتا ڪيئن لکندي رهي؟ هنجو جواب
جن غيرماڻهپي پريل انيون مونکي موت ۽ اَنڌڪار جي حد تائين پهچائي
هو، اُنهن ئي مونکي سبق بہ ڏنو. جيڪڏهن مان نہ لکان ها تہ بچي
سگهان ها. منهنجا ڪوتا روپڪ منهنجا زخم آهن.
اِهي روپڪ سوئندريہ انوڀوتي آهن، يا زخم ؟

. خبرن ۽ سوچنائن جا ڏڪاءَ هڪ عجيب ماحول ٻڌي رهيا آهن، اسين
ر گهٽنائن جي کُنّ ۾ آهيون. پر آتمڪ ليول تي اُنجي احساس ارٿن
ڪوئي سنسار اسان لاءِ نٿو نهي. هنن گهٽنائن کي ڏسي جهٽڪو کائڻ،
ب ڪرڻ، يا سنيلجڻ جو اسانجو Space لڳاتار سوڙهو ٿيندو ٿو وڃي.
اِن گُهٽيندڙ سوڙهہ مان ڪيئن ۽ ڪهڙي سندرتا کي ٻاهر ڪڍي اچئون؟

من ۾ لڪي وهن ٿيون جنهن سبب من چنچل ٿو ٿئي. ان ڪري سڀ کان اول ضروري آهي اترپت واسنائن کي ترپت ڪرڻ.

پوءِ خبر ناهي ڪنهن جي اترپت واسنا ترپت ٿي - سواميءَ جيءَ جي يا راڌا جي ....

مُنهن اونداهيءَ جو ئي راڌا دربار مان ٻاهر نڪري آئي ۽ گهاٽ طرف هلڻ لڳي. من ۾ سوچيندي وئي تہ اڄ گنگا مئيا ۾ آخري ٽٻي ڏئي هميشہ لاءِ پاڻ گنگا مئيا کي ارپڻ ڪري ڇڏيندي. گهاٽ تي پهچي راڌا پاڻيءَ ۾ لهڻ شروع ڪيو، اهو سوچي تہ هوءَ تيستائين پاڻيءَ ۾ لهندي ويندي جيستائين سندس سمورو وجود پاڻيءَ ۾ لين نہ ٿي وڃي پر پاڻي جڏهن سندس نڪ تائين پهتو تہ سندس پير ازخود رڪجي ويا. هاڻي هن سوچيو تہ هوءَ آخرين ٽٻي ڏئي اندر ويهي رهندي پر ائين بہ نہ ٿي سگهيو. جيئن ئي پاڻي سندس وات ۽ نڪ ۾ پرجڻ لڳو تہ هن جو ساهہ منجهڻ لڳو ۽ سندس مٿو ٻاهر نڪري آيو. شايد گنگا مئيا کيس ائين قبولڻ لاءِ تيار نہ هئي. هوءَ منهن ڦيرائي گهاٽ طرف هلڻ لڳي ۽ گهاٽ تي پهچي ٻاهر نڪري آئي ۽ گهاٽ جي ڪنهن ڏاڪي تي ويهي رهي. راڌا جي ڪپڙن ۽ وارن مان پاڻي وهي، ڏاڪن تان لهندو گنگا جي ڌارا ۾ ملندو ٿو رهي.

هاڻي ڇڱو اڇو صبوح ٿي ويو آهي. گهاٽ تي اچا ڪي خاص ماڻهو ڪونہ آيا آهن. گهاٽ جي مٿان چانهہ واري جو دڪان کلي ويو آهي ۽ هوٽل مان اينڊڙ راڳ جي ٽُڪ راڌا جي ڪنن تي پهچي رهي آهي -

’رام تيري گنگا مئلي هو گئي

پاپيون ڪي پاپ ڌوتي ڌوتي‘.

۽ راڌا سوچڻ ٿي لڳي، منهنجي جيون گنگا؟ اها تہ بس وهندي ٿي رهي ... ڪنهن جا ٿي اُها پاپ ڌوئندي رهي؟ ڪنهن ٻئي جا يا منهنجا ... ۽ سامهون گنگا چپ چاپ وهندي ٿي رهي.

ڪوي/ليکڪ جي سچيتي سان، ڌاردار ڪلادرشٽيءَ جي ڪري، ڪوتا ۾ سندرتا خلقجي ٿي.

معياري/شريشٽ رچنا يا ڪلاتمڪ رچنا جي پنهنجي خوبصورتي اوس هوندي ئي آهي. خوبصورتي ڪلاتمڪ اِظهار مان ظهور پائيندي لڳندي. بنهي جو دامن هڪڙو ئي لڳندو.

- ساهتيه ۾ خوبصورتي پنهنجو پاڻ ۾ هڪ ماڻ آهي. ڪلا جو اهم انگ (ڌرم به). رچنا پرکه لاءِ اِهو سيني ڪان وڏو ملهه نه آهي. ڪٿ ڪرڻ وقت شايد ئي اسان اِنتي ڳالهائيندا آهيون.
- سؤندريه بوڌ اِنسان جو سنسڪار به هجڻ ڪري اُنجي ڪيميسٽري ۾ پرمپرا ۽ سنسڪرتيءَ جا انش به هوندا آهن.
- سؤندريه انوڀوتيءَ جو رس سان بلڪل رشتو آهي. شرنگار، هاسيه، وير، اڌڀت، شانت، واتسليه اِهي 6 رس سکه پرڌان-سکه انوڀوتي- انڪري سکه سنويدنا يعني آنند ڏيندڙ سؤندريه انوڀوتي ڏيندڙ آهن. ڀيانڪ، وڀيتس، رؤدر، ڪروڻ رس دکانت رس آهن. اهڙي قسم جي رچنا ٽرئجڪ هوندي به ٻئي قسم جو آنند احساس ڏي ٿي، سؤندريه انوڀوتي اِن مان پڻ ملي ٿي. 'علم سندرتا' (aesthetics) ۾ ڪلاتمڪ رس درشن مليل رهي ٿو.
- سؤندريه شاستر هڪ سائنس آهي يا نه، منووگيان آهي يا نه، بحث ٿيندا رهن، پر اِهو هڪ اِنتظام آهي سندرتا کي سمجهڻ - پرکڻ جو، جنهنکي فلاسافيڪل شاستر جي ڪئٽگري ۾ رکن ٿا.
- هر شيءِ جي خوبصورتي پنهنجي-نجي ۽ الڳ هوندي آهي. قدرت، ڌرتي، آسمان جي چيزن جي يا اِنسان جوڙيل وستن جي، نان-فگريٽو (abstract) ۽ ٽٽل فارمس (آڪار)، خوردري ۽ سخت سطح، قِتَلَ/شوخ /مٿل/رنگن سان به سنويدنا جُڙي ٿي. سؤندريه انوڀوتي اِت به آهي.
- هر شيءِ جي خوبصورتي جو احساس هر ڪنهن کي ٿئي ۽ وري هڪ ئي پرماڻ ۾ ٿئي اِئين نه آهي، اِهو ڏسڻ واري/ پاٺڪ جي موڊ، گرهڻ شڪتي ۽ حالتن تي به آڌار رکي ٿو.

5. شهر جي رستي تي/ ڪارنهہ جهڙا/ڪال جا بہ لاش پيا هئا/ٻئي اِنسان نما ٿي لڳا/هڪ لاش کي کڻي/هوُ شمشان ڀومي ۽ تي پهتا/پر اُن جو ڪرياڪرم ڪري نہ سگهيا/اُهو لاش هوا جو هو/اُنهن جي هٿن ۾ ٿي نٿي آيو/ٻيو لاش کڻي هو قبرستان ۾ پهتا/پر اُن کي دفنائي نہ سگهيا/اُهو آگ جو لاش هو/جو هر ڪوشش جي باوجود/اُتي ئي اُيو ٿي ٿي بيٺو...

(ڪال جا بہ لاش/هريش واسواڻي)

• ڇا هوا ۽ آگ جي لاشن ۾ ڀيانڪ منظر جي خوبصورتي راس ايندي؟

6. ..... ٽيون دفعو/ ڇُلهہ کي ليپو پائڻ لڳي/هاڻ، ٽيڏيا ڏهاڙڻ لڳا/ آئي/لوڻي ڏئي/ بڪہ لڳي آهي/ٽُني ۽ وري اِڄهو اِڄهو ڇيو/مل کي بند ٿئي/اڄ تيرهون ڏينهن ٿيو.

• هاڻ هن لوڪ جو سوُندريہ احساس ڪيئن ڪنداسين؟

(مٽڪو/روٽي-2/ واسديو موهي)

(2)

ڪي غيرسلسليوار نوٽس

• خوبصورتي من جي هڪ ڪئفيت آهي. ٻين لفظن ۾ من اِستٿي (State of mind) اِنجو واسطو اِنساني ڀاوَ-ويچار (Concept) سان آهي. اِهو سنسڪار پڻ آهي، قدرتي بہ. اهو ڪلا درشٽي ۽ جو هڪ نظريو پڻ آهي.

• ستيم، شوم، سندرم تہ اسان سڀني کي ياد ئي آهي.

• خوبصورتي جا ڪي نيم ناهن، اُها لڳاتار بدلجندڙ پرواهہ جيان آهي.

• سونهن ماڻيندي ماڻيندي، اِنسان اندر ساماڻجندي رهندي آهي. اِن سان اسين لڳاتار سنوارجندا آهيون. اسان ۾ اِنجي انوڀوتي وسيع ٿيندي رهندي آهي. ٻوڌڪ ۽ ڀاوناتمڪ ٻنهي جي گڏيل سطح تي.

• خوبصورت رچنا مان ملندڙ آنند ڪڏهن بہ پورو نہ ٿيندو آهي. هر دفعي نئون احساس بہ ٿي سگهي ٿو. سڄاڳہ پاٺڪ هميشه چوندو مان اِها رچنا پڙهي رهيو آهيان. خوبصورت رچنائون پڙهڻ/ماڻڻ ڪڏهن پورو نہ ٿيندو آهي. لڳندو اسين هر بار نئون پاٺ ڪري رهيا آهيون.

- سريشٽ ڪوتا/ڪلا، دڪ/سک، پنهنجي اوچ ڪلاتمڪتا سان گڏ، سمپورڻ خوبصورتيءَ جو مثال بڻجي ٿي.
- ڪنهن مهل ڪا هئپننگ (واقعو) چيتنا جي ليول تي دک، پر اچيتن ليول تي سک ٿي سگهي ٿي. اهڙي حالت ۾ رچنا مان پاٺڪ کي رليف نه ملڻو ئي آهي.
- چيو ويندو آهي، اِنسان جيڪو به ڪجهه ڪري ٿو، سک لاءِ ڪري ٿو يا دک کي ٽارڻ لاءِ ڪري ٿو، پر ٻنهي حالتن ۾ تناءُ پريل ڪئفيت ۾ رهي ٿو. ڪن ماڻهن کي نه آتم پيڙا يا پَرَ-پيڙا ۾ به آنند ملي ٿو. (نفي؟)
- جرمن دارشنڪ سوئندريه شاستري **اِممئنئل ڪانٽ** سوئندريه پاران آنند جون چار خاصيتون ٻڌايون ويون آهن : (1) بنا ڪنهن اڳوات ڪيل ڪوشش جي آنند جو انڀوُ ٿئي. (2) سوئندريه انڀو جي عالمگير اپيل (3) اِنجو ڪوئي به ڪارڻ نه هوندو آهي، پر چاهيندا آهيون، اسانکي سندر لڳندڙ چيز، ٻين سيني کي پڻ سندر لڳي. (4) ڪنهن طيءِ ٿيل مقصد بنا، مقصد برٿوابي.
- سندرتا جي انڀوتي ذاتي هوندي به، گهڻن کي پنهنجي لڳي سگهي ٿي.
- ڪوتا ۾ سندرتا ڪوي پنهنجي سيني tools ۽ Skills سان خلقي سگهي ٿو، شايد ممڪن نه آهي. اِهي چيزون ڪيئن ٿيون اِستعمال ٿين، هڪ ماسٽر رچناڪار کي به شايد، سمڪ نه هوندي آهي.

(3)

سوئندريه ٻوڌ ۽ ويچار ڌارا جي وچ ۾ گهڻن ئي قسمن جو ۽ ڪنهن مهل ...شمڪش ڀريو رشتو رهي ٿو. پر نه اُهو هڪ طرفو آهي ۽ نه مڙهڻ وارو. اِهو ...بنل، جڙ يا هميشه لاءِ به ڪونهي. هميشه بدلجندڙ ۽ سڌاري واڌاري وارو ...هي ٿو. ليکڪ توڙي پاٺڪ جي شخصي وڪاس جي ڀوروچوٽ اِنهن بدلاءُ ...ندو رهي ٿو. وقت، حالتون ۽ آسپاس، اِن بدلاوَ جي دِشا ۽ روپ طيءِ ڪندا ...هن ٿا. ليکڪ هجي يا پاٺڪ، ٻنهي ۾ اِنجو ڪردار، فطرت ۽ اوّليت (Priority) الڳ ٿيندا آهن ۽ بدلجندا رهندا آهن. اِنڪري اِنجو ڪو طيءِ

• هر سندر چيز يا ڪلا رچنا، ٻئي ڪنهن سندر چيز يا ڪلا رچنا کا
الڳ ٿيندي آهي. اِنڪي هيئن سمجهون : ڪيترن ڪلا رچنائن ۾
سندرتا جي بنيادي تتون جي ساڳياپ تي سگهي ٿي. پر ڪيتر
مخصوص جزا الڳ به ضرور هوندا آهن. جيڪا اُنجي پنهنجي نجي
سندرتا هوندي.

• پوري طرح ڪلاتمڪ رچنا جي خوبصورتي، رچنا جي سيني پهلن
عنصرن (وشيه وستوءَ، ويچار-جذبو، ڪلپنا، نباهه، ٻولي، پيشڪش،
فارم (هئيت) وغيره) جي، هڪ ٻئي سان ڪيميائي طريقي گڏيل مِسيل
خوبصورتي هوندي.

• Form Less form جي بدليل سوئندريه انيؤ ڪري سندرتا رهي ٿي.
حالانڪ اِنجو آڌار بين تتون تي به ضرور آهي. جئن نئين ڪوتا،
ائبسٽرڪٽ پينٽنگ ۽ بيون ماڊرن ڪلائون. ظاهر آهي اهڙي رچنا
بدليل ڪلاتمڪ ماڻن جي ڏراتل تي چڪاس هيٺ ايندي.

• هڪ پاٺڪ لاءِ ڪوتا/رچنا جو سوئندريه بوڌ، ڪوي جي انيو جي ثابتي
هوندو آهي. بين لفظن ۾ ڪلا-درشٽي جي نظريي سان اِهو پاوَ انيو،
جمالياتي احساس، پاٺڪ وٽ پهچي ٿو. اِهو سوکيم سندرتا آهي، جيڪا
ڪوتا/ڪلا/رچنا لاءِ لازمي آهي. آساڌارڻ چيز تڏهن بڻجي ٿي. اِهو
ئي پاٺڪ لاءِ ڪوي وٽان آيل سندرتا جو انيوَ آهي، جنهن سان پاٺڪ
جون سنويدنائون پنهنجو رشتو جوڙين ٿيون.

• ڪجهه بنيادي ڳالهيون ڇڏي، جيڪي سيني رچنائن سان هميشه
رهنديون آهن، سندرتا جا پهلوءَ، رچنا ڪانپوءِ، رچنا مان ئي ظاهر ٿيندا
آهن. رچنا سرجڻ يا رچناتمڪ ڪلا لاءِ، اُن وقت، سوئندريه شاستر يا
ڪنهن ٻئي شاستر جي ضرورت به ڪانهي.

• ڪن پاران اِندريه سک، سنويدن سک ئي سمجهيو وڃي ٿو. جيڪو پوءِ
سوئندريه انوڀوتي ۾ تبديل ٿي سگهي ٿو.

• ڪلا/ساهتيه ۾ سنويدنا جي خاص اهميت آهي. سنگيت ۾ سيني
ڪلائن کان وڌيڪ. ڪوتا ۾ سنويدنا ارٿ/ارٿن سان هم سفر جي روپ
۾ سمجهي وڃي ٿي.

ؤندريہ ٻوڌ چئجي ٿو. اسان جا اِندريہ ٻوڌ، اِن پرڪريا سان، اسانجي
ر جا مخصوص پرسنگہ ٻڌجن ٿا. اثر پذير، اِنھن ڪٿ ڪندڙ قوتن
واءِ، اسين اثر پذير انشن جو سمپادن نٿا ڪري سگھون.
ائين تہ اسانجي ملھہ-ڪٿ ڪندڙ چيتنا، يا اِئين بہ چئون سماجڪ
تي، اسانجي اِندريہ ٻوڌ کي بہ پڪو پختو نٿي ناھي ڪلاميہ بڻائي ٿي.
ن پنھنجي چئني طرف اھڙو منظر جوڙيندا آھيون، يا اَھڙي منظر/
ورڻ ۾ ئي وڃڻ پسند ڪندا آھيون، جيڪو اسانجي سوچ يا ويچار ڌارا
نھڪندڙ ھوندو آھي. ائين تہ ھڪ ذھين ۽ ڪميٽيڊ رچناڪار خود کي
ه وڏي، ڪُلي ۽ سيمارھت دنيا سان روبرو ڪرڻ چاھيندو آھي. اِھا
پ سندس انوڀوتي جي دنيا کي وسيع ۽ گھرو ڪري ٿي. اِنڪري من ۾
اءِ گھٽ/نٿو ٿئي. اِتي بہ ٻہ ڳالھيون جوڙٽيون آھن :

(1) رچناڪار اِن ئي پرڪريا دؤران،پنھنجي رچنا جي سيني پھلن جي (وشيہ-واقعو-انيؤ، خيال، جذبو، اُڪت، ٻولي، پيشڪش، سھجتا، سوڪيمتا، گھرائي، اِختصار، ڪلپنا، رواني، تازگي، نواڻ، وغيره تمام عنصر) ڪلاتمڪتا طرف، پوريءَ طرح سڄاڳہ رھي، ڪوتا/رچنا جي، وڏي حصي جي اوسر ڪري وٺي ٿو، يا مڪمل پڻ. يا مڪمل ڪرڻ لاءِ بار بار اُت واپس موٽي، وري ڪم ڪري ٿو. ظاھر آھي انہ efforts تہ لڳٽا ئي آھن.

ڪنھن مھل ڪافي گھٽاہ پر جئن جئن پڪڙ/ماسٽري ايندي ويندي، اِھا ڪوشش لڪاؤ بہ نہ ڏيندي. جيون انوڀوتيءَ کي سہ وندريہ انوڀوتي ۾ ڍالڻ بہ اِن وقت ئي ٿئي ٿو. جيون انوڀوتيءَ جيان سؤندريہ انوڀوتي بہ ھميشه بدلجندڙ ۽ متحرڪ رھي ٿي. اِتھاس درشٽي جو بہ اِت ڪم رھي ٿو. رچنا ۾ تازگي ۽ اصليت (Authenticity) بہ اِن پرڪريا ڪري ايندي آھي.

(2) اِن ئي اوستا ۾ رچناڪار جي ذھن ۾ دستڪ ٻڌڻ بہ ايندي، جيڪا ڪيس ٻڌڻ بہ کپي، ضرور ٻڌڻ کپي. اُھا آھي پانڪ جي. پانڪ جي سؤندريہ چيتنا جو سياويڪ ڏيان بہ اِت، ليکڪ جي سرجڻ پرڪريا جو ھڪ ضروري انگ بڻجي ٿو. ڪلاتمڪ رچنا ۽ ليکڪ لاءِ پانڪ جي حق ۾ اِھا ھڪ طرح واجب لاڳٽي بہ ٿئي ٿي.

شدا روپ ۽ قطار ۾ ڪونہ هوندا آهن.

سماج، سنسڪرتي، جيون شٽلي وغيره اِنهن جو بنيادي تتو-روپ، يا بنيادي ڪردار اِنسان سان پنهنجو زنده پٽي سان هميشه جڙيل رهي ٿو - جيڪو ئي سندس سوُندريہ بوڌ سان بہ، تہ ويچارڌارا سان بہ، تہ اِنهن ٻنهي وچجي سنبند سان بہ جڙيل رهي ٿو. اسان جا ڪيترا اِنساني مُلهہ آهن، ڪجهہ سانسڪرتڪ حدون، سيمائون، ڪجهہ مريادائون، يا رُخ - لاڙا ۽ مشغوليون، جنهن سان اسين، شخصي اِنتظام ۽ ويوستا اندر هلندا رهندا آهيون. اِهي مُلهہ ئي اسانجي سوُندريہ بوڌ ۽ ويچارڌارا جا harmonious روُپ آهن. اسانجي سوُندريہ چيتنا ۽ اسانجي ويچار ڌارا ٻئي هڪ ٿي، مُلهہ جو روپ ڌارڻ ڪندا آهن. اسانجي ڪلا-ساهتيہ رچنا، اسانجي اِنهن ملهن جي اندر ئي پنهنجو روپ، آڪار پائي ٿي.

سوُندريہ انڀو ۽ اندريہ انڀو (سنويدنشيلتا) وچ ۾ سوکيم ئي سهي، پر فرق آهي ضرور. اسانجو اندرين درشٽي/شعور سان ڀرپور اندريہ بوڌ ئي، اسانجو سوُندريہ بوڌ آهي.

هر اِندريہ بوڌ، سوُندريہ بوڌ نہ آهي. پر هر سوُندريہ بوڌ، اندريہ بوڌ ضرور هوندو. رچناڪار جو اندرين درشٽي/شعور وارو اِندريہ بوڌ، سوُندريہ بوڌ ۾ سهج ئي ڍلجي سگهندو. جي، سندس ملهہ پرکيندڙ قوت يا پرتيڀا، سندس سنويدنن، انڀون، خيالن، سوچ، وشيہ-وستوُ سمجهہ کي ڪٽي سٽي، گهٽائي وڌائي، سوڌي سنواري، رچناتمڪ پرڪريا کان گذاري، رچنا کي ڪلاتمڪ روپ ڏيندو. ڪنهن بہ وشيہ/واقعي/انڀو کي ذهن ۾ اُتارڻ يا گڏ ڪرڻ مهل، اسانجي من-سوچ ۾ اُنجي ڪيترين ئي ڳالهين جي جيڪا ڪٽ ٿئي ٿي، اُها تہ آخر تائين رهي ئي ٿي، جيستائين سرجن پرڪريا پوري نٿي ٿئي. سرجڻ شيل پريرڻا يا ٻُڌي خود هڪ آلوچناميہ ڪٽ ڪندڙ شڪتي آهي، جيڪا ڪٽ دوارائي پنهنجي واقعي/انڀوُ کي ڪٽي ٿي ۽ اُنکي ڪلاتمڪ روپ ۾ پيش ڪري ٿي. بنا ڪٽ ڪرڻ واري قوت جي، ڪوبہ سرجڻ، گهٽ ۾ گهٽ ساهتيڪ سرجڻ ممڪن نٿو ٿئي. اِها جيڪا ليکڪ جي ڪٽ ڪندڙ قوت آهي، اُها رچنا پرڪريا جو هڪ اَهمترين پهلوُ آهي. ڪلا جي ٻئي ڪڙ ۾ اِن ڪٽ ڪندڙ پرڪريا مان گذرڻ تي ئي اسانجو اندريہ بوڌ ڪلاتمڪ روپ پائي ٿو. جنهن کي ڪاويہ شاستر جي جديد ٻوليءَ

2. راماڻ، مهاڀارت جو اثر، مٿي ذڪريل ڀاڱ جيان نٿو ٿئي. مهاڀارت ۾
سُڻن-خراب ٿيڻ جو وناش ڏيکاريل آهي. جن کي جيون-ملهن جو قدر
ي، اُهي ٻه، ته جن کي قدر ناهي اُهي ٻه وناش جي ٻاهه ۾ آهن. اِنسان،
ه، آتم، تتو، ويچار... سڀ ڪجهه. باقي ڇا ٿو رهي؟ ويراني، اُداسي؟
ت ؟ مڪتي؟ وئراڳ ؟ اِهو سڀ هن ڌرتي دنيا ۾ جيون جو آهي.

رتوچاڻ وچ ۾ گيتا ڳائيندي
لاشن گرد ڦيرا پائيندي
مان ٿي آهيان مهارتي ڪرشن (شيام جئسنگهاڻي)

(5)

جديد نئين ڪوتا جو، جيون جي بدليل وقت - زماني انوسار ڪيترن
ن ٽرئجڪ روپن، ۽ نامُراد زندگيءَ مان ملندڙ اِنساني وجود کي ٽوڙيندڙ،
ڪجهه هولناڪ سنويدنائن سان اتڪايل پلاند آهي. دائما اُداسي ۽ زندگي
ي نفي پهلن/سُرن جي زبان آهي، ڪوتا. سنڌيءَ ۾ نئين ڪوتا جي
روعات ڪان ٿي هن جو جسم-روح، زندگي زماني جي ڪوڙي، تيزابي،
ٻهودي، ائبسرڊ، اوشواس، نااُميد، نراشا، هار، عذاب، دولاب، آڊمبر،
ريب، ڀرشٽاچار، رشوتخوري، دهشت، ڌهڪاڱ، آتنڪ، آراجڪتا،
دانتظامي، ڪرندڙ ڪردار ۽ قدرن سان دوُبدوُ رهيو، جنهن ۾ فرد جي چڙ،
نقارت، غصو، آڪروش، لڙائي، بي رُخي، آتم بيگانيت وغيره مکيه آواز
ي اُڀريا. اِنسان جي کنڊهر-وجود ۽ زندگيءَ جي احساسن جي نئين ڪوتا
رجستي موت آهي.
ظاهر آهي ته اِن جو بدليل سنويدنا سنسار، غير رواجي ئي اُڀجڻو هو.
ڪوتا-انيوُ رچنا پرڪريا جي روپ آڪار ورتو. ڪلاتمڪ پهلوءَ ٻه بدليا ته
ڪت ڪندڙ ماڻ ٻه بدليا. تز ۽ نئين سنويدنشيل ٻوليءَ سان گڏ، ڪلاتمڪ
ظهار، هن جا نمايان هٿيار ٿي اُڀريا. نئين ڪوتا جو فارم ليس فارم ٻه تز
خوبصورت ثابت ٿيو. اِن سان پڙهندڙ ترت ئي پنهنجن نجي سنويدنائن
ي آئڊينٽيفاء ٿي ڪيو. ڏسندي ڏسندي سوُندريه انوڀوتي ٻه لڳاتار
دلجندي رهي. نئين ڪوتا اِنساني دائما/لازوال سندرتا ملهن لاءِ، ضروري
۽ تازي نه سگهجي اِن سنگهرش مان ٻه گذري آهي/گذري رهي آهي. هريش

(4)

اَسين ساهتيہ گھٽي رُچي ۽ ايڪاگرتا سان پڙهندا آهيون. پر ٽرئجڊي لاءِ ڪجهہ واڌو رُچي ۽ ايڪاگرتا پئدا ٿيندي آهي. سکہ انوڀوتي، سکہ سنويدنا ۽ سکہ آنند واري خوبصورتي جو احساس، سيني قسم جي ساهتيہ ۾ ملي اِئين آهي ڪونہ. ٽرئجڊي ۾ انوڀوتي، سنويدنا ۽ سوُندريہ انوڀوتي تہ آهي، پر اُها ڏکہ/شوڪ کان ٿي آنند ۾ ملي ٿي. اِنجو آنند ٻئي قسم جو، ممڪن آهي گهٽو پنهنجائپ وارو، ويجهي رشتي جو ۽ اسانجي آتما جي گهٽو ويجهو ملي ٿو. سچو ٽرئجڪ ساهتيہ هڪ ئي قسم جو نتيجو ڏئي، اِئين آهي ڪونہ. هڪ ئي تتو/آتما بہ ڪانهي. پر اِهي سيئي هڪ ئي ڪُل يا مهانديءِ جا لڳندا. اِن سان واڌو چاهہ اِن ڪري ٿو رهي جو اُن ۾ وسيع ڀاوَ انيوُ ملن ٿا. اِن قسم جي ساهتيہ ۾، جيون ۾ جيڪي ڏکہ نراشا، نااُميدون، سنڪٽ، ڊپ وغيره احساس هوندا آهن. اُنهن سان پڪي اِرادي سامنو ڪرڻ جي اَهميت هوندي آهي. زندگيءَ جا وڏ ۾ وڏ ڀاوَ ارٿ ۽ مڪمل چتر نهايت گنڀيرتا سان چٽيل هوندا آهن. جيون جي نُڪيلن پٿارٿن سان گڏ، جيون کي ڏسڻ جو خاص ٻوڌڪ-ڀاواتمڪ درشٽيڪوڻ بہ اِن ۾ ڏنل هوندا آهن. جن مان ٻن اهم پهلن جو هِت ذڪر آهي :

1. مصيبتون، اَتياچار ڪيترا بہ وڏا ۽ قهري هجن، ۽ اِنڪري اِنساني جيون جو ڪيترو بہ وناش ٿئي، تہ بہ اِنسان اندران هار نٿو قبولي، مرتيو پل ۾ بہ، هوُ اِنساني جيون، خواه مُلهن لاءِ وشواس ظاهر ڪري ٿو. اِن قسم جي نهايت سنويدنشيل احساس واري ٽرئجڪ ساهتيہ کي پڙهندي، ڏکہ سان گڏ هڪ انوکو شُڌ ڀاوَ ملي ٿو. اِنکي رليف بہ چئجي ۽ نجو نرپکش آنند پڻ. دنيا جي اهڙين ورات وناشڪاري شڪتين کان مٿي اِنساني اِخلاق (Moral) ڀاوَ آهي. پاڪ، دوُبدوُ ٿيڻ، جنگہ/لڙائي ڪرڻ - پل پوءِ مري وڃجي، تباه ٿي وڃجي. اِهو بہ هڪ مانوَ درشٽيڪوڻ/نظريو آهي.

”هاٿي تو وٽ/بي حساب هتيار آهن/ڪرسيءَ جا قاعدن جا/... مونکي خبر آهي/پنهنجو اندريون پرڳٽو سونپڻ کان/منهنجي اِنڪار تي/تون مونتي حملو ڪندين/اُن وقت مان توکي سئي چيائيندس...“

(بدلو : واسديو موهي)

ي حوالي ۾ شايد ڪجهہ نہ لکيو ويو آهي يا گهٽ ۾ گهٽ مونکي ڄاڻ نہ
هي.
هونءَ بہ جيتري بہ سنڌيءَ ۾ ساهتيڪ وياکيا تي آهي، آلوچناتمڪ ساهتيہ
هي، اُن ۾ جماليات تي نہ لکيو ويو آهي يا گهٽ لکيو ويو آهي. جنهن ڪلاتمڪ
هلوُ تي.

ڇا هنديءَ جو پنهنجو ڪوئي سوُندريہ شاستر آهي؟ اِنجي جواب لاءِ
سين شري نامديو تاراچنداڻي جي مدد وٺنداسين.

ڇا سنڌيءَ جو پنهنجو ڪوئي سوُندريہ شاستر آهي؟ هند يا سنڌ ۾؟
اِنجي جواب لاءِ اسين شري واسديو موهي جي مدد وٺنداسين.
ڇا سنڌيءَ ۾ سوُندريہ شاستر جي گنجائش/ضرورت آهي؟
اِنجي جواب لاءِ اسين پاڻ کان مدد وٺنداسين.

(7)

سوُندريہ بوڌ جي حوالي ۾

مثالن لاءِ ڪجهہ ڪوتائون :

رواجي طور ڪلا رچنا جي خوبصورتيءَ جو اِظهار، اُن پوري/مڪمل رچنا
لاءِ هوندو آهي. اِهو آدرش مثال آهي. ڪن ڪلا رچنائن جا ڪي حصا
خوبصورت/وڌيڪ خوبصورت لڳندا آهن.

هت مون 'سڇيون ڪوتائون' مثال لاءِ کنيون آهن پر ڪوٽ اُنجا ڪجهہ
حصا ڪيا آهن، صفحن کي ڌيان ۾ رکي

مون ڪٿي لکيو آهي : نئين ڪوتا ۾ جماليات کي ڇُهڻي پوڻ کان
ڪويءَ جي تيز اک، زندگيءَ جي نُهرين سچاين طرف رهي تي ۽ پوءِ بہ
نئين ڪوتا جو، نئين جيون ڀاوَ بوڌ مان ملندڙ پنهنجو ئي نئون سوُندريہ بوڌ
رهيو آهي.

1. روٽي-2. (مٽڪو ڪوتا) واسديو موهي

اسان سامهون 4x5 فوٽ جي ڪينواس تي پينٽنگ آهي. ڪل ملائي
ڪري بہ چار فارمس آهن. توريون هلڪيون لڪيرون. گهٽ ۾ گهٽ، هلڪا،
نان گليزڊ، غير رسمي رنگ آهن. ڪٿي ڪٿي ڪلر ڇڏيل، ڪٿي رف،
ڪٿي اوورلئپ، اهو برش جي اِسپيڊي هئنڊلنگ ڪري آهي. بس ايتريون

واسواڻي، واسديو موهي، ايم. ڪمل، هريڪانت، نامديو ۽ ٻين جون ڪجهه ڪوتائون اِن جي بچاءَ/تلاش جون گواهه آهن.

نئين ڪوتا جي لکجڻ ڪان ئي، نئين ۽ بدليل سنويدنا ڪري، نئين سؤندريه شاستر جي ضرورت محسوس ڪئي ويئي آهي.

پوءِ بعد جديديت دؤر شروع ٿيو آهي. جديد دؤر جي ايڪسٽينشن/وڌاءُ. گلوبلائيزيشن، بازار واد (وشو منڊي) ائمريڪي ستا جي، ٻين ملڪن تي نڙي پڪڙ ملهن جي براند ۾ تبديلي، سِوَديشي جي انت، ڪنزيومرزم جا ظلم، گهڻ راشٽريه ڪمپنين ميڊيا جي دوارا وستن جي بيوٽي ڊيڪارڻ جي بار بار هئمرنگ، ضابطي بغير ميڊيا، اِنساني سنسڪرتي جي سيني روپن تي پونجيءَ جو قبضو، ڪلا ۽ سانسڪرتڪ نرماڻ کي بزار جي چيزن ۾ بدلڻ، وشو اِڪانامي جو سؤندريه کي پنهنجي قبضي ۾ ڪرڻ (هڪ پينٽنگ. قيمت 1 ڪروڙ ڪان 14 ڪروڙ!) ضابطي بغير ميڊيا جي بيشرمي ۽ آتنڪ، سرووياپي اڏينتا... اتياچار ۽ سوشڻ جا وشو وياپي شڪنجا... اڄ اتياچار گهڻ معنوي شبد ٻه آهي تہ پرتيڪ پڻ. هاڻ سندرتا، آنند، ڏڪاوَ، آتنڪ، ماتم... جا درشيہ هڪ ئي مهل ڏسڻ لاءِ ملندا (وشو وياپي) آهن. بعد جديديت دؤر جي سموري گلئمر ۾ هڪ چيخ جهڙي چُپ سمايل آهي. آواز ڪرڻ يا وروڌ مان ڇا ٿيندو؟ اِهو اُن وقت ئي نامعلوم ڪيترن شورن ۾ پاڻمرادو دٻجي وڃي ٿو.

اهڙي حالت ۾ اِنساني احساس ۽ سنويدنائون اڄان ٻه تيزيءَ سان بدلجي رهيا آهن. بريءَ طرح زخمي حالت ۾ سمنڊڙ خون وهندو ٿو رهي... وهندو ٿو رهي... پانڪ تہ اڄ ڪنهن 'مال' ۾ ڪٽيل جيب ۽ ضربيل ذهني نسون ڏسي رهيو آهي.

نئين سؤندريه شاستر جي، تهائين شديد ضرورت محسوس ٿي رهي آهي. سيني کي!

(6)

سنڌيءَ ۾ نارائڻ شيام جي 'شاعري ۾ جماليات' تي ٻه پيپر منهنجي نظر چڙهيا آهن. سنڌيءَ ۾ شاعريءَ جي ئي روايت ڇئن پنجن صدين جي آهي. (شاهه کان ٻه اڳه) پر ناول، ڪهاڻي، نئين ڪويتا، يا ناٽڪ تي جماليات

ھن، رچنا مان ضرور ظاھر ٿين ٿيون. ڪوتا انش...

..کھڙن گھرن مان/غيرتمندن جوُن ڪايون ڪڇيون/۽ کھڙي شرم ىن//اوچيون ماڙيون اڏيون/کھڙي گھر جو ٻنيو/مندر جھڙو ھئو/ ۽ پنيون گند جو اڏو/کھڙي گھر مان/درڳنڌ جي درياھ اُٿلي/نگر کي لوڙھي ۽ ي رکيو/ڪنهن ڪنهن هن تي داغ ڪري/ بي زيب ڪيو/بي زيب ڪري، ر ڪيو/بازار ڪري بدنام ڪيو/سيني جا روح روش ياد رکي تي... / ي آتم ڪٿا لکي تي.

گھڻيءَ ۾ لفظ پنهنجي پنهنجي ڪم تي لڳل آهن، ڪيترين معنائن ۽ لن سان ڪيترا سچ سوڌي ٻاهر ڪيا اٿن، ڪيترائي اشارا ڪندي، طنز ۽ ندڙي پائي، بي نقاب ڪندي. هئيت موضوع حقيقت ۽ ڪلپنا جي ماسٽر رڙ ۽ وري ايم ڪمل جو لهسارينڌڙ رخ. ٻن پيگن کان وڌيڪ جمالياتي حس نشو ڏين ٿا. ڪوتا جو سچ - ماڻهن گھڻيءَ کي بازار بڻائي ڇڏيو، بلائيزيشن دنيا کي بازار (منڊي) ڪري ڇڏيو تي وچي ڇوه ڪري تو.

3. اسانجا پويان/ڪرشن کٽواڻي

اُداس جھيڻي جھيڻي آواز ۾ هڪ شخص جي ڪنڌھر جا، هڪ ڪمري ن ٻئي، ٻئي کان ٽئين، ائين انيڪ پريل ڪمرن جا پڳل دروازا کلندا ن ٿا. هر ڪمري ۾ ڪنڌهري شخص (اتهاس) جو ڪونہ ڪو حصو پيو آهي نهن حصن ۾ پنهنجو هڪ اِتهاس آهي :

... اسانجا وڏا/پنهنجو پاڻ کي/سڃاڻي نہ سگھيا/ ۽ نہ آس پاس سان ڪ تي سگھيا/ نئون ڏسندي/پرائو ياد ايندو هون/ويچارا/پنهنجو پاڻ بنا ٻڻندا هئا/کوهيل ماضي سارينڌي/ مستقبل ڳولهي نہ سگھندا هئا/اسانجا ا گونگا هئا/سندن زبان/ڪٽي ڪري پئي هئي/ سندن ملڪ وڇڙڻ جا ت/وقت جي ريت ۾ / دفنايل هئا/اسانجا وڏا ويچارا//اکين هوندي انڌا ٽا/هو جو پسندا هئا//اهو هتي نہ هو/۽ جو سندس سامهون هو/ڏسي نہ ھندا هئا//اُهي اسانجا وڏا/توهانجا وڏا//الائي ڪير هئا/نہ هن ديس جا ہ هن ديس جا/زندھ هوندي بہ/مردھ لڳندا هئا/لڳندو آهي/نہ هوُ هانجا وڏا هئا/نہ توهين سندن پويان آهيو.

ڳالهيون. باقي Space يا Silence سان جذب آهي. آرٽسٽ جا ڪجهه ئي پلن ۾، پوري ڪلا ڪئفيت سان، راند ڪندي(Play)به تي ماسٽر اِسٽروڪ. ۽ پينٽنگ جي اپيل، سمپلسٽي، هلڪن ٽڌن رنگن ۽ فارمس جي پوريءَ طرح غير رسمي رنگت ۽ هارمني(Harmony)، سنويدناپڙُ ڪمپليٽنيس، ۽ اسان سامهون سيمي فگريٽو ۽ سيمي ائبسٽرڪٽ (figurative, semi abstract Semi) جي انوکي خوبصورت پينٽنگ ! يا ڪوتا. ڪلاڪار جي ماسٽر ٽچ ئي آهي- نمايان خوبصورتي. واسديو موهي جي مٽڪو ڪوتا سنگرهه مان ڪنيل روٽي -2 سري واري ڪوتا آهي، ۽ ياد ۾ اُها پينٽنگ آهي.

... ۽ ٽيون دفعو /چُلهه ڪي ليپو پائڻ لڳي / هاڻ ٽيٽيا دهاڙڻ لڳا/آئي! لوٽي ڏئي /بڪ لڳي آهي/ٽُنيءَ وري اِجهو اِجهو چيو/مل ڪي بند ٽٽي اچ / تيرهون ڏينهن ٽيو.

2. گهٽي آتم ڪٿا لکي ٿي / ايم ڪمل

مٽر، پاون پريل ۽ ساڌيل سُر به لڳاتار ڪڙي رياض ڪانسواءِ مشڪل ته آهن. هڪ سُر صادق جي لڳاتار وِوڌ سُرن جي ميلاپ مان سرجندڙ ڪلا رچنا (راڳ...) مان سندس ڪلاتمڪ قوّتن جي خوبصورتيءَ جو احساس خوشبوءِ ڏئي ٿو. **پنڊت ڀيمسين جوشي، شانتي هيرانند ۽ عابدهه پروين** سيني ڪي ترت ياد پوندڙ مثال آهن.

پنڊت ڪمار گندرو شاستريه گائڪيءَ جو ماسٽر (Master) هو. ڀڳتي گيت ۽ خاص ڪري ڪبير جا دوها ڳائڻ وقت، سُر لڳائيندي، سندس هٿ (ٻانهن سوڌا) هيٺ مٿي، هيڏانهن هوڏانهن ليه رِدم ۾ آهستي، تيز، فورس سان ٿيندا رهندا هئا. شايد ڳائجندڙ وِوڌ پاون - سُرن ڪي درشيه (visual) اِفيڪٽ ڏيڻ لاءِ ! هڪ هندي مخزن ۾ پنڊت جا صرف هٿ مدرائن، هٿ جي نرتيه مدرائن، ادائن، جيسچرس...جا 50 کن ريکا چتر ڇپيا هئا. اِهي هٿ کهڙي کهڙي انداز ۾، کهڙي کهڙي طرف، کهڙي کهڙي پاوَ اِسٽتي، ڪن ڪن ڏانهن ٿي ڪڇيا، اِن ڏسڻ... ماڻڻ جي پنهنجي 'ڪيابات هئڻ' خوبصورتي هئي.

ايم. ڪمل جي ڪوتا 'گهٽي آتم ڪٿا لکي ٿي' پڙهندي اِهي ڪجهندڙ هٿ ياد اچي ويا. ڪلاڪار/ڪوي شخصيت جون پنهنجون نجي خوبصورتون

ڪلاڪ ڏکي قطار جي بيٺل رفتار/مون پنهنجا پير ڪڍي/پاسي واريءَ
تيلهي ۾ وجهي ڇڏيا/بس ۾/منهنجو لٽڪندڙ مجبور پوز/ٽڪيندڙ
اِنساني حيوان/مون سندس عرصي جي گهوڙ ڪي/پنهنجو اُڀار لاهي
...

6. ڪوتا/موهن گيهاڻي

ماں مان توکي ٻڌايان تہ آسمان/جا تارا ڪيئن نهيا؟/توکي ياد آهي تہ
ڏينهن تو/ٻبلوءَ کي فيڊر پئي ڏنو/هن فيڊر ڪڍي ڪيو ٿوُ.../۽ تنهنجو
ن کير جي ڇنڊن سان ڀرجي ويو هو.

معصوميت ممتا ڀاوَ. ڀاونا ميہ رنگہ ۾ رنگيل، قدرت ڏنل خوبصورت
يون آهن. اِن جي اڇوتي تصوير ڪشي ڪندي، پاڪيزہ احساس کي
نجي ڪوتا ۾ خلقڻ جي موهن گيهاڻي جي ڪوتا جي سگهہ، ڪوتا-
هن ۾ هجڻ ئي تہ آهي.

7. ڪال جا ٻہ لاش/هريش واسواڻي

هڪ دفعو وري 3x4 فوٽ ڪئنوس تي بلئڪ ۽ وائيٽ ۾ پينٽنگہ. ڪئنوس
ويڪر جيترو هڪ ئي پوپہ، ڪاري ڪلر ۾ فارم-ڪلهي وٽان رت سمنڊ
نيل ٻانہہ جو. آڱريون وريل، هڪ چٽيل ٻي ڪٽيل. پاسي ۾ پيل ڪٽي
ي لنبيون رهنڊون. ٻن هنڌن تي بي ترتيب هولس، آرپار ڏسڻ ايندڙ.
ت ڪجهہ ڇهنيل وار. اِن فارم هيٺ. ٿوري جڳهہ ڇڏي، هڪ ڪٽيل اَڌ
. فارم جي مٿان هڪ چاقو. ٻن هنڌ ڪاري رنگہ جا وڏا ڇٽا ڪُرڙيل، باقي
يل Space. ۽، بس ايترو ئي. ايترو ئي؟ برش جي ٻن وڏن ويڪرن بولڊ
ٽروڪس سان ايڏو وڏو پوري ماس سان ڀريل ٻانهن جو ڪارو وشال فارم.
ندي ئي اندر جون تمام سنويدنائون لرزڻ بند ڪري ڇڏين، غئبي
ت ۽ شونيہ، اوندهہ ۾ هيٺ لهندو وڃجي، لهندو وڃجي... ٻانهن فارم
برهم قد وشالتا جو وِسميي سوُندريہ... ۽ هريش واسواڻي جي ڪوتا:

"اوچتو/اُنهن مان ٻاهہ جي هڪ چڻنگہ پيدا ٿي/سڄو شهر/جهنگلي
هہ جي لپيٽ ۾ هو/تپش ايتري وڌي ويئي/جو هوا جو ساهہ کڻڻ مشڪل
پيو/اِن جلن ۾/هوا جو جيئڻ ئي دم ٽٽو/اُن جي ونجوگہ ۾/آگہ ٻہ
جيو ٿي ويئي/شهر جي رستي تي/ڪارنهہ جهڙا ڪال جا ٻہ لاش پيا هئا/

ڏيري ڏيري پنڌ ڪندڙ لفظن جي اِظهار جي نهر واري پيشڪش، جنهن موضوع کي سهڄتا سان تهه ڇلي کولي رهي آهي، اهو درد ڪان حواسن جي سُن ٿيڻ تائين جو سفر، اسانکي پنهنجو پاڻ کي ڏسڻ، پوءِ ڳولهڻ لاءِ ڇڏي ٿو ڏئي. اها ڪويءَ جي شانت-ڏيريني سڀاوَ جي به سندرتا جو ماڻ آهي.

4. اِتهاسڪ ويساهه گهاتي/هريڪانت

ويچار جي تازگي جي پنهنجي اپيل هوندي آهي جي اُنهيءَ اِتهاسڪ درشٽي جي روشنيءَ ۾ بوليندڙ لوڪ درشٽي شامل هجي، هريڪانت اِنهيءَ خاص تيورن سان لفظي آڪروش پريو آهي.

سنڌوءَ ۾ غوطا هڻي/جمنا ۾ وڃي پر گهتيا/دولهه درياهه شاهه سان دغا ڪرڻ وارن کي/ به-مُنهون ڇٽجي يا ڪار مُنهون/مُنجهي پيو آهيان۾/ مان مُنجهي پيو آهيان/پنهنجي سمي جي اِتهاس تي/لٽي پٽي حلاليُن/ ۽ حرامين جي اڇن ڪارن ڪارنامن جو/ڪچو چٺو ٿيندو آهي، اِتهاس/ ليڪن منهنجو بابُ/پريو پيو آهي //اوت موت حرامين جي/سفيد حرامخورين سان/شبد...

اِن قسم جي غير رواجي اِظهار ۾ ڪم ايندڙ غير رسمي بوليءَ جي، سچيتيءَ سان ڪيل اِستعمال ۾ لفظن ڪان گولي يا گار جو ورتل ڪم، ليڪ ڪان هٽي ڪري به آهي، ته اسانجي اندر دٻجي ويئل آواز کي باهر اچڻ لاءِ ڪِڪ به هڻي ٿو. نئين ڊراتل واري انوڀوتي کي ڪوتا ۾ سرجڻ مهل، اِظهار جي سچوٽ رخ جو ذمو ڪوي جو آهي. هت اُهو احساسيل سوڪيمتا سان ظاهر آهي. اِهائي اِنجي نرالي خوبصورتي پڻ آهي. (ڪنهن مهل اِها گلي ڪان هيٺ ترت نه به لهندي آهي)

5. هڪ وڏيڪ ڏينهن/مايا راهي

اِستري طرفان، اِستري سان ٿيندڙ مرد جي ڪارمنهين عقوبتن ۽ فاحش حرڪتن خلاف، شديد انوڀوتي اِظهار لاءِ بولڊ ۽ ائبسرڊ نباهه کي، ڪوتا جي پوري تابش ۾ ڍالڻ جو پختو ڏانوَ، هن ڪوتا کي حساسي ۽ پڻ درلڀ مقام تي رسائي ٿو، سونهن پنهنجو پاڻ نکري بهندي آهي.

...باٿروم ۾ ٽنگيل پنهنجا انگ ڪٽي/مون پاڻي ڇڏيا/بس اِسٽاپ تي /

دم چپ تي ويو آهي. موهن هڪ ننڍي ٻم کي ٻاهہ پيئاري آهي.
ني سڀ ڪمينيون توبون آهن . خوف زدهہ زندگيءَ جا انيڪ پڙاڏا هر
جي سچاٽپ ۾ تبديل تي، ملڪ جو بدليل ڪردار (هونءَ سيني ملڪن
بہ) ڏيڪارڻ جو ڏانوَ، سوچ-ڪلپنا ۽ مختصر چُينڊڙ اِظهار، چپچاپ
نيءَ کي ڇهي وني تي. صرف چند لفظن ۾! سندرتا جي پيچري تي
جو ضامن آهي.

10. مان ئي آهيان توهان جي آخري اُميد/ومي سدارنگاڻي

...مان اُن پيءُ جو پٽ آهيان/جنهن ساهہ ڇڏيو/اُن گوليءَ کي گلي
ي/جيڪا اُن لاءِ تہ ڪانہ نهي هئي/هو تہ هڪ امن پسند شخص هو.//
اُن ماءُ جو پٽ آهيان/جنهن ڦٽڪي ڦٽڪي جان ڏني/ڪنگهي ڪنگهي
ون ٻوٽيائين/اُنهي بنڪر ۾/مان اُن لاءِ دوا بہ نہ آڻي سگهيس//مان اُن
ڙي ڀيڻ جو ڀاءُ آهيان/جيڪا پئي آهي زمين تي آسمان هيٺ/اُن جي
ن پيل دهشت جي چادر/۽ هيٺان وڇايل آهي بارودي سُرنگہ/هر ٻپ
بي خبر/سندس معصوم اکين ۾ سمايل آهي/ٻاراڻي شرارت/هوءَ
ندڙ اکين سان خواب پيئي ڏسي/ماءُ جي هنج جو، کير جو، بسڪوٽ
/چاڪليٽ جو، ڦوڪڻن جو/مان بہ ڏسان پيو خواب/روٽي جا، پاڻيءَ جا
نيءَ جا/سانت هوا جا ڪليل دريءَ جا/مان لڪو ويٺو آهيان هن ڪوٺڙيءَ
گذريل ڇئن ڏينهن کان/پنهنجي ننڍڙي ڀيڻ کي/پنهنجين ٻانهن ۾
ڀ/کير تہ مونکي ٻڌائي/تہ سج جي روشني کهڙي هوندي آهي؟///
ن کي مرڻ نہ ڏجو/مان ئي آهيان اوهان جي آخري اُميد...

تباهي برپا آهي. منظر اِهو بہ آخري نہ آهي. اجا ڪجهہ ٻيا بہ منظر
ن. جيڪي توهين ڏسي رهيا آهيو، جيڪي توهين ڪلپنا ڪري رهيا
وءِ اُهي بہ جنجي اسان وٽ ڪلپنا ڪانهي. اجا بہ اُهي جيڪي اکين
هون آهي ان جا بہ درشيہ ڦرندا تا وڃن...اِئين تہ سڀ ڪجهہ آخر تائين
ي پهتو آهي. اِن قسم جو هي ڪوتا-ترئول ٽُورڊس ڊارڪنيس-تصور ڏي
اُتپن ٿيندڙ سنويدنائن جو ڪو انت آهي؟ ڪوتا پڙهندي بہ، تہ ڪوتا
ي تي وڃڻ ڪانپوءِ بہ...اِهائي تہ اِن ڪوتا جي پنهنجي غير رواجي
درتا آهي.

بئي اِنسان نما تي لڳا/هڪ لاش کي کڻي/هو شمشان ڀومي تي پهتا/پر اُن جو ڪريا ڪرم ڪري نہ سگهيا/اُهو لاش هوا جو هو/اُنهن جي هٿ ۾ ئي نئي آيو/ ٻيو لاش کڻي هو قبرستان ۾ پهتا/پر اُن کي دفنائي نہ سگهيا/اهو آگ جو لاش هو/جو هر ڪوشش باوجود/اُتي ئي اُڀو تي تي ٻينو...

درشياتمڪ عڪس بندي، نيون تز علامتون، پرتيڪاتمڪ شئلي، سنويدنشيل، نئين، سرجناتمڪ ٻولي، ويچار-ڀاوَ- انيوتي-ڪلپنا جو غضب ڪيميا... تمام فني باريڪين سان ڪوتا جو خلقجڻ ئي بي مثل مقام تي پهچڻ آهي. تہ نئين سوئندريہ ٻوڌ جو پختو مثال پڻ.

8. سسئي ليلا/واسديو موهي

... ڀتڪاوَ ۾/جنهن جبل وٽان لنگهان ٿو/اُن جي قدامت ٺا ڳڻ ڳايان ٿو/(۽ پنهنجو ڏڙو وسارڻ لڳان ٿو)/جنهن زمين تي پير رکان ٿو/اُن جي مٽي پيشانيءَ تي لڳايان ٿو/(۽ منهنجي مٽيءَ جو هڳاوَ وٽڙجي ٿو)/جا ٻولي ٻڌان ٿو/منهنجي زبان تي چڙهي وڃي ٿي/(۽... منهنجا لفظ سرڪڻ لڳن ٿا)/ڏيري ڏيري/موتي در موتي ڏڳهي ٽيندڙ مالها/منهنجي چوڏاري وڪوڙجڻ لڳي ٿي/مون وٽ پير سسئيءَ جا آهن/دل ليلا جي آهي.

پنهنجو گهر، زمين، وطن، پنهنجا ڇڏائجي ويل فرد جي ٻن نُڪيلي، ڪُڙهندڙ اَحساسن (1.پنهوُ جي ڳولها ۾ سسئي جي ڀٽڪ-ڪائونس سي ڇڏائجندو ٿو وڃي،ڏڙو، مٽيءَ جو هڳاوَ، پنهنجا لفظ ۽ 2.هار پائڻ جي هر ڪہ ۾ ليلا پنهنجو چينسر وڃائي ٿي) کي سنڌي ٻنَ لوڪ ڪهاڻين جي ٻن مکيہ ڪردارن کي ٻن علامتن جي جوڙ جي اِنڪشاف، ڪوتا ۾ اڇوتي سوڪيمتا ۽ علامتي اوسر سان ٿيو آهي، تنهن حوالائي تازگي ۽ ڏڙ ڪندڙ سرجن شيل ٻولي ڏئي ڪوتا کي صُبهان اَلاه بڻايو آهي! جيڪو انوکي سوئندريہ جو هم معنيٰ آهي.

9. نندِي ڪوتا/موهن همٿاڻي

دهشت خوف زناءُ اَنياءُ/هنسا هتيا ماتم/اڄ ڪلهہ هي/منهنجي ملڪ جي/شهرن جا نالا آهن:

هڪ لائين اِسٽيٽمينٽ جيان لکيل هن Short ۾ ڪجهہ چئي، ڪوي

ب جو شلا ليکہ، موٽ لاءِ ڳايل ڪا لولي.... ڇا اِنهن سان اَسانجون، اڄ
ي سنويدنائون - رسمي آنند - ڪان ٿورو دور، اؤر آنند - نٽيون جُڙن ؟
ن ۾ ئي اڄ جي سمي جي بدليل ڀاوَ-بوڌ سان، اسانجو سونهن احساس
ل ملندو. سچي ڪوپ جي سونهن بازاري هنرمندي آهي. اِنهن سان
جياپو آهي. آهستي آهستي هري ويندا آهيون. اِهي ئي پنهنجون
زون آهن. سنها سنها خوبصورت احساس. سچ اِهي آهن. ڪالپنڪ
بصورتيءَ جو هونءَ ئي ڪوئي انت ڪونهي. اسانجو بدليل پنهنجو نجي
ندريہ بوڌ اِن سان ئي جڙيل آهي. ها، اِنجو بہ پنهنجو اِتهاس آهي.

[SAHITYA AKADEMI, Mumbai 22-23 Feb 2011. At Baroda]

11. ٻڌاپو/نامديو تاراچنداڻي

ڪوتا پڙهندي مون اندر ڪجهہ تصويرون جُڙنديون ويون پر پهر
ڪوتا انش:

”ٻڌاپو يعني ڪبير جو ٻڌٻڌو/يا سورداس جو پَدُ/چڻ تلسيداس
ديا/يا ڪوميران جو ڀڄن/ٻڌاپو يعني/پرشوتم مهني جي ڪٿا/يا گيتا
قاتل پنو/چڻ واليءَ جو تيرُ/يا ڀيشم جي سيڄا./

ٻڌاپو يعني/ سهديو جو صدمو/يا ارجن جو اگيان/چڻ دروپديءَ
اُلجهن/يا گانڌاريءَ جون اکيون/ ٻڌاپو يعني/سمجهوتن جو اِتهاس/
ماضي ۽ حال جي اُفق/چڻ سنسار جي سَنجها/يا ڏريل ڪا ديوار/ ٻڌ
يعني واپرائجي ويل وردان/ يا قبر جي ڪڏ/چڻ للات جو شلا ليکہ/يا موت
ڳايل ڪا لولي !

تصويرون : • شاستريہ گائن جو اُستاد، پنهنجا تمام سُرَ ڪٽي، سج
رات ڪي ڳائيندو هجي. • هڪ هاٿي-قدهار طرح طرح جي گلن جو. • ه
سپي ۾ موتي ملندا وڃن. • ٻہ چار سهڻا گل ڪپندا هجن،
باغيچو ملي وڃي. • هٿ جمال ۾ ڪمال ٻئي گڏئي هوائي جهاز ج
سفر تي آهن. • 120 غزلن جي CD هلندي رهي جگجيت سنگهہ جي يا
منگيشڪر جي گيتن جي • ڪوتا جي قد مان ڪويءَ جي قد جي خبر پو
! فرصت ۾ بنايا هوگا بناني والي ني. ،

هر طرح پختائيءَ سان اُپري بيٺل ڪلاتمڪتا جون سهڄتا، ڪوي صبر
وشواس (Confidence) واڌو سِمتون آهن. ٻڌاپي جهڙي اڻچاهيل/گهر
اوستا ڪي، ايترن فولڊس ۾ ڏيئي، سنويدنائن سان پري چڏيو آهي. ڪو
سان گڏ ٻڌاپو پڻ خوبصورت لڳي ٿو (خالي ئي سهي، نامديو شراب جي ه
بوتل تہ رکي ها) زور ڪا جهٽڪا هاءِ زورون سي لڳا...

اِئين تہ ڪوتا ۾، ٻڌاپي لاءِ چڻ تہ... ڪانپوءِ ايندڙ سڀ شيون ڪٽ
سگهجن ٿيون. پر مان اِنجي ڀهرئين ۾ پوين ٻن انشن مان ڪي چيزو
ڪڍان ٿو : پڙهي چڪل اخبار، نري ويل چانهہ، هارجي پيل ڪير، وسامي وي
اگربتي، هئنڊل ڀڳل ڪوپ، اڌ وساميل بيڙي، ماضي ۽ حال جي اُفق
سنسار جي سنجها، ڏريل ڪا ديوار، واپرائجي ويل وردان، قبر جي ڪڏ

ن ٿا.''

سنڌ ۾ بدين ضلعي جو ٽکڙ ڳوٺ ۾ هالا سنڌي غزليہ شاعريءَ جو وڏو
ـہ پئي رهيا آهن، جتي خليفي گل محمد کان وٺي امداد حسينيءَ
ين ڏيڍ ٻہ سوَ شاعر ٿي گذريا آهن. پر انهن مان ڪيترا شاعر گمنانيءَ
ـم ٿي غير معروف ٿي ويا آهن، جو وسيلن نہ هئڻ ڪري ديوان يا
ريءَ جا مجموعا شايع ٿي نہ سگهيا - سنڌي شاعريءَ جو لاڙڪاڻہ اسڪول
لو پوءِ آيو. تحقيق موجب پهريون سنڌي شاعر ميڪن غزلن جو ديوان
ڙيو سو آهي آخوند گل محمد هالائي جنهن جو تخلص گل هئو جيڪو
، 1784 کان 1856 عيسوي سنہ تائين حيات هئو. ان حساب سان گل
ا غالب جو همصعر هئو (غالب 1797 کان 1869 تائين).

البت گل کان اڳ سچل سرمست جون پڻ عروض جي اصولن تي ٻيٺل
نائون موجود آهن مگر سندن صوفياني نوع ۽ ڪن ٻين وصفن ڪري
ن کي ڪافين ۾ ئي شمار ڪيو ويو آهي. ان ڪري گل ئي غزل جو
ريون شاعر مڃيو ويو آهي. (حوالو ڊي. ايل. ڪاڪا)

خليفي گل جي ديوان جو 'الف' رديف وارن پهريون غزل آهي :

''پيالو مئہ سندو ڏي پُر ڪري محبوب متوالا
ـہ مستيءَ ۾ محبت جي ڪڍون هن هوش کي حالا
ڍنڍُون آهين ايذائن ۾، دنيا جا مڙيئي مائٽ
توڙي ڀائر سڳا چاچا، توڙي ڪي سوٽ ۽ سالا
نيئي اي دل ڏٽيءَ جي دوستي ۽ شوق جي محبت
دنيا جي عيش عشرت کي ڀيري هڻ تون ڪٽي ڀالا
اندر ۾ عشق جنهن جي جاءِ ٿو وهي جوڙي
وسن برسات جئن دائم تنهن جا نيڻ ٿيا آلا
مقطع آهي - ڏسڻ مان تنهنجي اي باغ حسن مون کي سرئاني گُلَ
منهنجو مُک گُلَ زلف سنبل، منهنجي دل جئن گلِ لالا

بحرحزج جي مفاعيلن رُڪن جو اٺ ڀيرا دهراءَ ۾ غزل جي هر مصرع
ي ڪيفيت جيتوڻيڪ سالم آهي پوءِ بہ ٽئين بند ۾ گُل لفظن جي حذف
ي پوري آزادي ورتي آهي، جئن :-

خليفي گل محمد جي شاعريءَ ۾ فني صلاحيتون

- لڇمڻ ڪومل

جديد فارسي غزل جون ائنتالاجيون مرتب ڪندڙ فارسي غزل جي شروعات رودڪيءَ سان ڪندا آهن. حالانڪ دارا شڪوھ اپنشدن جي فارسي ترجمي ۾ ڪٿي غزل جي صنف پڻ استعمال ڪئي آهي، جنهن جون جڙون هندو مئٿالاجيءَ سان وڃي ملن ٿيون.

ساڳيءَ ريت اردو غزل جون ائنتالاجيون تيار ڪندڙ غزل جي شروعات ولي دڪني يا قلي قطب شاھ سان ڪندا آهن، جيتوڻيڪ اردوءَ جو پهريون غزل ڪبير جو چيل آهي، جيڪو غزل جي صنف جون سڀ تقاضائون پوريون ڪري ٿو :-

> ”همن هئہ عشق مستانا، همن ڪو هوشيار ڪيا ؟
> رهي آزاد يا جگ سي، همن دنيا سي ياري ڪيا ؟
> جو بڇڙي هئن پيار سي، ڀٽڪتي در بدر ڦرتي
> همارا يار هئہ هم ۾، همن ڪو انتظاري ڪيا ؟
> ڪبيرا عشق ڪا ماتا، دوئي ڪو دور ڪر دل سي
> جو چلنا راھ نازڪ هئہ، همن ڦر بوجهہ ڀاري ڪيا ؟

ان ئي سلسلي ۾ سنڌيءَ جو پهريون غزل اڄ کان ٽي سؤ سال اڳ ٺٽر جي شاعر نور محمد خستہ جو هٿ آيو آهي، جنهن ۾ ڇهن بيتن مان چار مصراعون فارسيءَ ۾ آهن. ڊاڪٽر سدارنگاڻي خادم جي چواڻيءَ ”سنڌيءَ ۾ غزل جي خاص ترقي تصوف رستي ٿي، جنهن جو مکيہ باني سچل سرمست هئو. هٿ آيل سنڌي شاعريءَ جي ڪتابن خليفي گل محمد جو ديوان پهريون ديوان نظر اچي ٿو جنهن ۾ نا صحانہ نُڪتا، فطرت نگاري ۽ ايراني طريقي جا مئہ ۽ ميخاني وارا استعارا ۽ ڪنايا نج سنڌي لفظن

جوٹیجي صاحب جي بيان موجب خليفي گل محمد مڪي ۾ وفات
ي ان ڪري بمبئيءَ ۾ شايع ٿيل پنهنجو ديوان ڏسڻ کان محروم
جي ويو. بمبئيءَ ۾ ڇپيل سندس ديوان ۾ ڪي ڇاپي جون غلطيون
جي ويون پر اها حقيقت آهي تہ هن جي ديوان جي شايع ٿيڻ سان
ڳالهہ بہ سامهون آئي تہ نہ رڳو آخوند صاحب شاعريءَ ۾ جدت آندي
هو علم عروض کان بہ پوريءَ ريت واقف هئو؛ جو هن ڏکين بحرن
ڙوڪ بحر رمل، بحر رجز ۽ بحر مضارع ۾ ڪلام موضوع ڪيو آهي. ان
ي گڏ سنڌي آوازن وار قافيا جهڙوڪ 'ڊ'، 'ڏ'، 'ڄ' ۽ 'ڃ' وغير تي بہ
ن موزون ڪيائين. اِن ڪانسواءِ معنويٰ ۽ لفظي صفتن جو بہ لحاظ
يائين. اِن ڪري اهو چوڻ صحيح ٿيندو تہ نہ رڳو ڪلام جي ٻين
بين سان گڏ علم عروض ۽ علم بديع جي مڪمل پابندي ڪيائين.
آخوند گل جي غزلن جو بنيادي مضمون ۾ مختلف لاڳاپيل ڪيفيتن
بيان فنائتي نموني پيش ٿيل آهي. هن جي سڄي ڪلام کي موضوع
ضمون جي مدنظر ڏسجي تہ ان ۾ عشق محبت سان گڏ نصيحت پڻ
مل آهي. ۽ وقت جي مدِنظرِ خدا پرستيءَ جي تلقين پڻ آهي،
نتوٹيڪ ان دؤر جو غزل رڳو عشقيہ جذبات جو ترجمان رهيو آهي.
تي ڪتي گل پنهنجا ڪي غزل تشبيهن، استعارن ۽ عنايت مان پيش
يا آهن، جئن نفس کي 'ڪتو' سڏڻ وارو استعارو.

'پڻُ ڪتي کي م ڏي انهيءَ کي ڇڇ
نہ وٹي ڳالهہ جا لڳي تي - ٻڇ.''

اڳتي هلي جوٹيجو صاحب لکي ٿو : آخوند گل جيئن تہ هالن جو
و، جيڪو هٽ جي هنرن کان مشهور آهي ان ڪري آخوند وٽ بہ
ڙين تشبيهن جي کوٹ ناهي. ڏنڌن، هنرن ۽ هارين نارين توڙي ڪمين
اسبين جي ڪِرت مان هو سبق وٺي ٿو. موت جو ذڪر بہ ان حوالي سان
ري ٿو :-

''مئا جي محبت ۾ ماريا. نہ موت
وتن جال جيئرا فنا ڪيا نہ فوت

”نيئي اي دل ڏٽيءَ جي دوستي ۽ شوق جي محبت
دنيا جي عيش عِشرت کي ’پيري‘ هڻ تون کٽي يالا.“

هتي ’پيري‘ لفظ ۾ ’يہ‘ کي واضح طور حذف ڪيو ويو آهي. پر ان دور جي سڄي غزليہ شاعريءَ جو مطالعو ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ ان دوَر جي عَروضي شاعرن وٽ ’الف‘ يا ’يہ‘ جھڙا غير متحرڪ اُچار حذف ڪرڻ جي روايت رهي آهي. غالب جي سٽ آهي :

’يي نہ ٿي هماري قسمت ڪِ وصالِ يار هوتا‘

بحر رَمل مثمن جو هيءُ هڪ نيڊو وزن آهي :

’فعلات فاعلاتن، فعلات فاعلاتن‘ جي رڪنن مقابق :

’يي نہ ٿي همارِ قسمت ڪِ وصال يار هوتا‘

پر عروض جي قاعدن مطابق هڪ مصرع ۾ رمل مثمن مقصود ۽ ٻئي ۾ رمل مثمن محذوف جو وزن جائز قرار ڏنو ويو آهي.

افسوس جي ڳالهہ آهي تہ آخوند گُل جو خود مرتب ڪيل ديوان هن جي حياتيءَ ۾ شايع نہ ٿي سگهيو، جيڪا حسرت ان دور جا پيا بہ شاعر پاڻ سان کڻي ويا. جيتوڻيڪ اهو آهي جو گُل سنڌيءَ جو پهريون شاعر آهي، جنهن جو مڪمل ديوان پهرين شايع ٿيو آهي، جيڪو هو پاڻ حج جي زيارت لاءِ ويندي بمبئيءَ ۾ شايع ڪرڻ لاءِ ڏيندو ويو - پر ديوان جو اهو ڇاپو بيحد ناقص آهي.

ڊاڪٽر عبدلجبار جوڻيجو ’سنڌي ادب جي تاريخ جي جُلد ۾ لکي ٿو : ”آخوند گل محمد ولد آخوند ولي محمد هالن پراڻن ۾ ڄائو. سندس خانداني علميت جي ڪري سانوڻي آخوند جو خاندان سڏبو هئو. اهو سانوڻي مينهن جي پالوت جي پيٽ ۾ علمي پالوت جي ڪري هئو. هو پنهنجي اباڻي ڪتنب واري مڪتبِ ۾ پڙهيو عربي ۽ فارسي زبان ۾ بہ پَڙُ ٿيو - سندس وڏا اصل پير پاڳاري جا مريد هئا ۽ انهن جا خليفا سڏبا هئا.“ شايد انڪري ئي گُل پاڻ کي خليفو گل محمد چوائڻ پسند ڪيو.

محققن جو چوڻ آهي تہ خليفو گل محمد هالا تعلقي جي ڀوٽ ڪيبرن ۾ بہ گهڻو گذاريندو هئو. سندس مجازي نينهن جو ناتو بہ اتي سرجيل هئو. هو مجازي عشق ۾ پاڪباز ۽ حقيقتي عشق ۾ سرفراز هئو.

''اڳتي هلي راز جو رايو آهي ته غزل جو مواد ۽ ٽيڪنڪ خليفي ګل وٽ هڪ نمايان صورت اختيار ڪري ٿي، تنهن ڪري اسان جي غزل جو دؤر ګل کان شروع ٿئي ٿو.''

غزل جي بنيادي وصفن کي اپنائيندي ګل ان کي سنڌي تهذيب جو ويس پارايو آهي.

ګل جو ديوان ۾ ڪل هڪ سهه پنجهتر غزل شامل آهن، جن مان اڪثر غزلن ۾ وزن جي پختگي ۽ رواني ايترو ته برقرار آهي جو اها علم عروض جي ڪنهن ماهر شاعر جي حصي ۾ ئي اچي سگهي ٿي. انهن غزلن ۾ ڊڪشن جي لئه سان ګڏوګڏ خيال جي لئه پڻ رلمل ٿي ويئي آهي :-

''دل ٿي پڇي پرت ۾ تو لاءِ پرين پيارا
آءُ ڪِن اٿڻ منهنجي محبوب جيءَ جيارا
راتيون لنگهيو وڃن جال ڏينهن ماهه ګذريو سال
لنگهئو بهار، آرهڙ، سانوڻ وڃن سيارا
غمزا سوين هزارين، ماڻا ڪٽڻ کون ٻاهر
نت نوع لک تنهي جا، نازنت نيارا
بيهوش ٿيا برهه ۾، نيهن نيا نِرهه ۾
ووءِ ووءِ ڪندا ورهه ۾، وڏا هجي هشيارا
وڻ ماديون ٿين تر، ګل ڇاڻيو جهلن ڦر
ميوا جهليندي مند تي ليسوڙيون ليارا.''

هي غزل بحر مضارع مثمن سالم تي ٻڌل آهي پر غزل جي ٽينءَ مصرع ۾ 'حال' ۽ 'سال' لفظ وزن کي شڪستو ڪري ٿا ڇڏين پر پوءِ به عروضي لوازمات برقرار آهي.

آخوند ګل پنهنجي ڪلام ۾ عروضي اصولن جي پابنديءَ کانسواءِ نج سنڌي اصطلاح پڻ جهجهي انداز ۾ ڪم آندا آهن، جئن ته 'ڪتي سان مهيندو وڃڻ' يعني نا اميد ٿيڻ، وار ورڻ يعني خيرات ۾ ڪير ورهائڻ 'جڪه مارڻ'، خواريءَ جي ڪاري ڪٽڻ، ڪٻ ڪائڻ يعني مفت ۾ ڏوَ ڪرڻ وغيره : مثلن

لڏيو جاءِ هڪ مان، وهن جاءِ ٻي
هڻن جڻن ڌا هاري ڪراڙا ۽ روت.''

ڪورين جي ڏنڏن جي اصطلاحن جو حوالو هيئن ونئي ٿو:

''پائي پيٽ تاڇيءَ ۾ پيرن پڏرا
ٿيا ڳنيڄي ڳُل مڙئي ڳوپ ڳوت.''

سنڌي غزليہ شاعريءَ ۾ گُل جو ديوان پيڙهہ جي پٿر واري حيثيت رکي ٿو. پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ جي راءِ موجب: ''غزل جي دائري ۾ گل اهم خدمت ادا ڪئي ۽ سندس ديوان جو اهو اثر ٿيو جو سنڌي شاعر دوهن ۽ ڪافين کي ڇڏي غزل گوئيءَ ڏانهن روجوع ٿيا.'' گل کان پوءِ ئي سنڌي شاعريءَ ۾ غزل جو سلسلو لڳاتار جاري رهيو.

اها هڪ مڃيل حقيقت آهي تہ سنڌي شاعريءَ ۾ غزل جي صنف جو باقاعدي تجربو پهرين پهرين خليفي گل محمد ڪيو - پنهنجي الف-بي وار ديوان ۾ هن عروضي شاعريءَ جا ڪيترا ئي بحر ۽ انهن جا وزن استعمال ڪيا آهن. هن غزل جي فن ۽ ٽيڪنڪ تي خاص طور ڌيان ڏيئي پنهنجي فني چابڪدستيءَ جو ثبوت ڏنو آهي. سڀ کان اهم نڪتو اهو آهي تہ هن اڪثر چست بحرن وارا وزن ڪم آندا آهن - جيتوڻيڪ غزل ۾ ڪو نتڪو پئدا ڪرڻ هرويرو وڏي شاعري ناهي پر گُل غزل ۾ ڪي نوان نُڪتا پئدا ڪري، انهن کي خيال سان رلمل ڪندي پنهنجن غزلن کي نئين وسعت بخشي آهي.

شيخ عبدلرزاق راز پنهنجي تجزيي ''سنڌي شاعري خليفي گل کان وٺي اڄ تائين'' ۾ لکي ٿو: ''گل جي شاعري سنڌ ۾ غزل جي شاعري آهي ۽ اسان وٽ خليفو گل ئي انهن جو نہ رڳو باني آهي پر معمارعاليٰ بڻجي اسان سان روشناس ٿيو ۽ ڪائنس پوءِ گذريل سَو سال ۾ اها صنف اسان جي ادب ۾ هڪ غيرمعمولي حيثيت اختيار ڪري چڪي آهي ۽ انهيءَ فن جي رنگارنگي دلفريب کي اسان پاڻ وٽ هڪ وڏو درجو ڏنو آهي. ۽ ماحول پٽاندر منجهس حسن ۽ خوبصورتي پئدا ڪرڻ جي ڪوشش پئي ڪئي ويئي آهي. ليڪن اسان وٽ سندس بنيادي حقيقت هميشه قائم ۽ دائم رهي آهي.''

نفيس صنف سان هٿ اٽڪائڻ لاءِ هڪ وڏي ساڌنا گهرجي جيڪا نئين ڪوتا لاءِ بنهہ ضروري ناهي.

• بهرحال، غزل جون سڪون لاهڻ لاءِ هاڻي ’غزل جي پير ۾ ويهي‘ ڪوتائون لکجي رهيون آهن، جيڪي ڪنهن حد تائين اطمينان بخش بہ آهن ۽ سنڌي غزل لاءِ غنيمت آهن.

سون جي تعداد ۾ سهڻا ۽ جاذب غزل لکندي، سنڌي شاعريءَ جي سرمور شاعرن ارجن حاسد ۽ واسديو موهيءَ اڄ غزل جي قافين ۽ رديفن کي هم آهنگ ڪري ڇڏيو آهي.

سنڌي غزل جي ان ڪان وڏيڪ خوشنصيبي ڪهڙي ٿي سگهندي؟

’لوڪ جي بهتان ۽ خواريءَ سڌي
سر متي ڪاري ڪٽڻ ڪي مڙس ڏگ.‘

ساڳيءَ طرح گُل سنڌي پهاڪن کي پڻ پنهنجي شاعريءَ ۾ قابليت سان ڦهڪايو آهي. مثلن ’جهڙي سٺ تهڙي ٿي ويهون‘ يا ’گاهي رنج گاهي گنج‘.

’’گل محمد سوئي سو گل احمد
سي آهن ٿي ويهون، سا آهي سٺ‘‘

متين قسمن ڪانسواءِ گل اهڙا بحر به پنهنجن غزلن ۾ ڪم آندا آهن، جن تي شعر چوڻ علم عَروض اڻ واقف شاعر جي پهچ کان پري آهي، جن ۾ خاص طور بحر طويل، بحر رمل، بحر رجز ۽ بحر مضارع وغيره.

جيتوڻيڪ ڪاڪي ڀيرومل مهرچند گُل جي شاعريءَ مان ڪيئي خاميون ڪڍي نروار ڪيون آهن ۽ هن جي چواڻيءَ خليفو صاحب ڪٿي عرش اڏاڻو آهي ته ڪٿي رڳو ڇاڇر ۾ ڇبرون ڪيون اٿس پر پوءِ به ڀيرومل اهو تسليم ڪيو آهي ته گل جي ديوان ۾ انهن نقص هوندي به هن جي نظر ۾ ديوان قاسم ۽ ديوان فاضل کان ’ديوان گل‘ وڌيڪ آهي.

آخوند گل کان اڄ تائين ٻن صدين ۾ سنڌي غزل هڪ وڏو سفر جهاڳيو آهي. ان دوران سنڌي غزل ۾ نوان نوان تجربا، نوان نوان موضوع، نوان نوان رنگ ڍنگ، قديم کان قديم ۽ جديد کان جديدتر خيال غزل ۾ سمويا ويا آهن. غزل جي وحشي صنف هئڻ کان ويندي غزل کي شاعريءَ جي آبروءَ جو درجو عطا ڪرڻ تائين هر اسلوب استعمال ڪيو ويو آهي. غزل کي بحرن جي بندش کان آزاد ڪري آزاد غزل نالي نئين صنف پيش ڪرڻ جا تجربا پڻ ڪيا ويا آهن.

نئون غزل اڃا پوريءَ طرح نئون ٿي نه ٿي سگهيو ته پراڻو لڳڻ لڳو. ڪن ڪَڪوي شاعرن (Poetasters) ته پهرين قافين جون فهرستون تيار ڪري قافيه پيمائيءَ تي غزل جون مصراعون جوڙيون.

ستر-اسي واري ڏهاڪي ۾ نئين ڪوتا غزل مٿان عارضي طور ته حاوي پئجي ويئي پر اهو دؤر گهڻو وقت جٽاءُ نه ڪري سگهيو. غزل جهڙي

سچ پچ سنڌي سنسڪرتي آهي راڳ ۽ سنگيت ۽ سنڌي تهذيب جي روح شاهه لطيف جي رسالي جا سُر شاستريه سنگيت جي آڌار تي ٻيٺل آهن. هن صاحب ڪٽر پنٿين کي هندن جي شاستريه سنگيت واري سوال تي ڪيئن چپ ڪرايو اهو به عالم آشڪار آهي. سُرن جي بيحد مختصر ڄاڻ ڏيان ٿي.

سر ڪلياڻ - ديپڪ راڳ جي اٺن پٽن مان هڪ. سنجها جو ڳائبو آهي.

يمن ڪلياڻ - هن ۾ من کي روڪڻ جون هدايتون ڏنيون اٿس.

ڪنيات - من کي آرام ڏيندڙ آهي رات جو ڳائبو آهي.

سريراڳ - پارتيه سنگيت جو مکيه راڳ شام جو ڳائبو آهي.

سرديسي - ديپڪ راڳ جي پنجن استرين مان هڪ سسئيءَ بابت

حسيني - ماتمي سر ڪربلا جي شهيدن بابت

سورٺ - راءِ ڏياچ جي قصي سان وابسته

سارنگ - ميگهه، ملهار ۽ سارنگ ڳائڻ سان گرميءَ ۾ به بهتر لڳي ۽ مينهن وسڻ لڳي.

سر آسا - مٿي راڳڻي آهي جا اسر جو ڳائبي آهي.

بروو سنڌي - شاستريه سنگيت جي راڳڻيءَ کي شاهه سنڌي رنگ ڏنو. رام ڪلي، پورب، پرڀاتي بلاول لاڳڻين جا مثال آهن.

سوامي ٽيئونرام ۽ گولانند جي گرنٿن ۾ به سنگيت جي راڳ راڳڻين موجب واڻي رچيل آهي. اڄ به منڊلي سازن سان سنڌيت ذريعي اپديش ڏيئي ماڻهن کي مست بڻائي ٿي. سنڌ ۾ ته اڄ به شاهه ۽ سچل جي درگاهه تي راتيون جاڳي سنگيت جي سماع تي ٻڌندڙ جهومندا آهن، ڪلندڙ ناچ ڪندا آهن. ڪرشن راهيءَ پنهنجي ڪيترن بيتن ۾ سنڌين جيه انهن خوبين جو ذڪر ڪيو آهي. اسر جو سامي ۽ ٿڌي رات شاهه ٿا ڳائن اسانجا سنڌي.

سچ لٿي پٽ نرئي سازن ڪلن منهن
ڪنا ٿي ڪافير سانجهين ڏين سونهن
ويهي ڪن ورونوس ماڻهو منهنجي ملڪ جا

سنڌي ڪلاسيڪل سنگيت ۽ ڊانس جا جديد نمونا - وجهہ ۽ للڪارون

-ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻي

وشيہ جو سرو انگلش ۾ هو ائين تہ مطلب سمجهي ويس پر ڀاشا جي شاگرد آهيان انڪري سري کي ڇنڊڇاڻ طرح سمجهڻ ۽ دائرو مقرر ڪرڻ لاءِ ڊڪشنريءَ جي مدد ورتم.

ماڊرن - جديد - نئون هاڻوڪو

فارميٽس - قد ۽ شڪل، نمونو سونهن وهنوار، چال، سنسڪار، حالت

ڪلاسيڪل - عمديون اصلوڪيون بيحد خوبصورت ڪلائون

ميوزڪ - راڳہ - علم موسيقي

ڊانس - ناچ، نرتيہ

اَپرچيونٽيز - وجهہ، سانگو، سنو موقعو، موافق يا سهوليت ڀريو وقت.

چيلينجز - للڪارون چنوٽيون

مان سنگيت جي اهميت ۽ خوبين جي اپٽار نہ ڪري اول اُنجي آذار بابت ڪجهہ چوڻ چاهيندس. سنسار جي آدي گرنٿ ويدن ۾ سام ويد سنگيت بابت آهي. ڪنهن بہ جدت جي بنياد ۾ هميشهہ قد امن لازمي آهي مونکي ممتاز مهر جون ستون ياد اچي رهيون آهن تہ

”سنڌي راڳہ جو، هزارين ورهيہ پراڻو آهي، سو اڄ تائين سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ ۾ زندہ آهي، بلڪ ٻين قومن بہ ان راڳہ کي ماڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هڪ طرف سنڌي راڳہ هندستان جي ڪلاسيڪل سنگيت جو اهم جزو آهي تہ ٻئي طرف سنڌي ڀيروي اڄ بہ سڄي هند پاڪ ننڍي کنڊ ۾ سنگيت جي شائقن کي ذهني خوشي ۽ سڪون ڏيندي رهي تي. اسپين جي لاثاني ناچ - ڪينٽو جينڊو جو روح اهائي سنڌي ڀيروي آهي ۽ اهو ثابت ٿيل آهي تہ اسپين اهو راڳہ ۽ ناچ سنڌ کان ئي پرايو.“

ڀيهاڻي، اميرڪا جو گوپ چندر، گوورڌن ڀارتيءَ جي گيت جڳهه ميڙ يا
نامي جا ٽڪرا ڪي بلوسي راڻي ايتري سوز سان ڳايو جو ڀوءِ آبدا پرويڻ
ھ ڳايو، پنڊت آسڪرڻ شرما خود اوچ ڪوٽيءَ جو فنڪار بڻجي پنهنجي
شيه گريش ساڌواڻيءَ کي واهه جي تعليم ڏني آهي. شانتي هيرانند
سنڌي ٿي نه ڀارت ڀر ۾ نالو ڪمايو آهي. فخر لائق آهي. ائين ٺاڪر
چاولا، سيتا سنڌو ڀون ۾ مهني ۾ به دفعا ميوزڪ ڊماڪا پيش ڪري
ڪلاڪارن کي همٿائڻ ۽ منچ ڏيڻ جو لاثاني ڪم ڪري رهيو آهي. اُتان
ڀارو چاولا جي رهبريءَ ۾ امرتالال مثل گهڻا ڪلاڪار فن جو جوهر پسائي
رهيا آهن. تازو 5-3 ڊسمبر 2009 تي اين.سي.پي.ايس.ايل ڀاران سنڌي
يوٿ فيسٽيول ۾ 14 نؤجوان فنڪار ۽ سنڌي سنگيت ميلي ۾ 10 گائڪ
ڪلاڪار هڪ ئي منچ تان پيش ڪيا. سيمينار ۾ موتي پرڪاش، آسڪرڻ
شرما، گوبند مالهي، ڊا. مرليڌر جيٽلي عالماڻا مقالا پيش ڪيا. 1994
واري سيمينار ۾ ان ڪان انڪل ڏيڍ ڏهاڪو ڪو اڳه سپون جو آڪٽوبر-
ڊسمبر 1994 جو پرچو خاص گائڪ سيمينار جو پرچو ڪري شايع ڪيو ويو
۽ سيمينار ۾ ورهايو ويو. ڪور پيجن تي 62 فنڪارن جو فوٽو ۽ اهم فنڪارن
جي مختصر واقفيت ڏني ويئي. اڄ تائين سپاويڪ ٻيا به اهم فنڪار
مقبول ٿي چڪا آهن. ڪين پنهنجو فن ظاهر ڪرڻ جا وجهه مليا آهن.
جتي مشهور ڀڳتن جي اؤلاد ڀڳت کي نه اپنايو اتي ٻيا نؤجوان ڀڳت
ميدان ۾ ٽپي پيا آهن. خاص ڪري گانڌيڌام جي وشني ايسراڻي
باقاعدي ڀڳت ڪنور جو جامو ۽ چير پائي ڀڳت وجهي ٿي. ڪلاڪار وري
به ذات کي نکارين پر قدردان ڀڌنڌڙ آهن ئي ڪتي ؟ سڀ ڪان وڌي
للڪار، اها آهي جن شهرن ۾ پروگرام ٿي رهيا آهن انهن جا آرگنائيز
خود کي هاءِ لائيٽ ڪرڻ جو مقصد ٿا رکن نه ڪ سنڌيت جو. هتي اَٽو
جدا جدا شهرن ۾ شخصي توڙي ميوزيڪل گروپس جا فنڪار پروگرام
ڏيئي رهيا آهن پر منهنجو مقصد هتي ڪلاڪارن جا نالا ڳڻائڻ نه آهي.
وجهه ۽ موقعا گهٽائي آهن اجا به چئجي ته ٻوليءَ کي بچائڻ ۾ سنگيت ۽
ووڪل ڪلچر لاثاني اپاءُ آهي پر ڏنو اهو ٿو وڃي ته ٻوليءَ ڪان ٻي مڪه
هئڻ ڪري معيار گهٽبو ٿو وڃي. نئين ٽهي بنا محنت ۽ رياز جي راتو

پڻت ڪنور جي سنگيت ڪي دين بابت تہ گرنٿ لکجي وڃن، ظاهر آهي اسانجو ڪلاتمڪ بنياد پختو آهي پر ورهاڱي بعد ٽڙي پکڙي وڃڻ ڪري، زمين جي جڙڻ کان پاڙئون پٽجي وڃڻ ڪري حياتيءَ جي هر ڪنڊ ضربجي ويئي. اڄ جڏهن ٻولي ئي هٽن مان ڇڏائجي وڃي تہ ڪلائون جيئن جو تيئن سلامت رکڻ ممڪن نہ آهي ۽ اهو ضروري بہ نہ آهي. ڪائنات جي هر شيءِ ۾ تبديلي اچي ٿي، تبديلي سرگرم رهڻ جي نشاني آهي. انڪري نراسائي ڇڏي وجهہ ڳولهڻ جي ضرورت آهي. هند ۾ هئڻ ڪري ئي گوبند مالهي ڀڳونتي ناواڻي، سترام روهڙا ۽ ڪلاڪارن سان گڏ ٿن هزارن کان وڌيڪ پروگرام نہ رڳو هند پر دنيا جي ملڪن ۾ ڏيئي سگهيو. هونئن شايد هڪ ڳوٺ وڏ ۾ وڌ سنڌ پرڳڻي تائين محدود هجي ها. رام پنجواڻي متڪي وارو پروفيسر ٻڌجي سنڌيت جو ايلچي چورائي سگهيو. ماستر بولچند پرت پور راج گهراڻي جو گوئيو ٿي رهيو. اڄ لکنئو ۾ شاگرد تيار ڪيا اٿس. گوسوامي برهمانند تہ ساڪيات سنگيت جو پيو نالو هو.

پدم شري هوندراج دکايل لوڪ گائڪ بڻيو. ڪملا ڪيسواڻي راڳہ جي راڻي بڻي. ڪلا هزاري ۽ مايا ايسراڻيءَ سنگيت جو هڳاءُ پکيڙيو. ماستر چندر تہ نجو عشق ڳائي نوجوانن جي دلين تي راڄ ڪيو. فلمن لاءِ پلي بئڪ سنگرس جي تفصيل تي ارجن پمياڻيءَ جي 'سنڌ فلمي دنيا ۾' ڪتاب ۾ سچا سارا 32 صفحا ڏنا آهن جنجو مان ڏهراءُ نہ ٿي ڪريان. سي. ايڇ. آتما تہ هندي فلمن ۾ گيت ڳائي مقبوليت حاصل ڪئي. هر هفتي ڀارت جي ڪنهن نہ ڪنهن شهر ۾ سنڌي سنگيت جو پروگرام ٿئي ٿو پر جيڪي سچ پچ سنگيت جي ديويءَ جي سادنا ڪن ٿا تن ۾ مهيش چندر پتا جي ڳائل رچنائن کي نجي انداز ۾ پيش ڪري ٿو تہ گهنشيام واسواڻي حاسد ۽ واسديو موهيءَ جي جديد غزلن کي مخصوص انداز ۾ پيش ڪري رهيو آهي.

دشينت آهوجا، ڪاجل چنديراماڻي جي گائڪي سندن رياز جي شاهد آهي تہ ڍولڻ راهي، گرداس مل، موهن ساگر، ناري لڇواڻي، مڏو ماڻر مسلسل فن جو هڳاءُ پکيڙي رهيا آهن. دبئي جي ڪوشي لالواڻي، روپ

ٻالهين کي هم‌تائڻ جڳائي خاص ڪري سنڌو درشن، سنڌ سرهاڻ، مهڪ
ٽيءَ جي جهڙا ٽي.وي. پروگرام گهٽي ۾ گهٽو زور يوٿ فيسٽيولس تي
ڏيڻ گهرجي جيڪا پيڙهي اسانکان ڪٽجي چڪي آهي ان سان گڏوگڏ
ٽين ٿهيءَ کي بہ جوڙڻ ضروري آهي. سنگيت جي جادوءَ کي هرڪو
محسوس ڪري ٿو. ڪلاسيڪل جو آلاپ نہ سمجهندي بہ بدن ۾ جيڪا
رزش پئدا ٿيندي آهي جيڪي ترنگون سرير ۾ پئي آنند عطا ڪنديون
آهن اهو آنند ماڻڻ واري جي حالت گونگي جي ڳڙ مثل آهي. جنهنجو
لفظن ۾ بيان ممڪن ڪونهي. بلو.سي. راڻي، سي. ارجن هندي توڙي
سنڌي گيتن جو سنگيت تيار ڪرڻ وقت ايڪاڪار ٿي سڌ ٻڌ کوهي
ڇهندا هئا تڏهن ئي ٻڌندڙن لاءِ ڪشش جو باعث بڻجي سگهيا پر اسان
سندن جوڳو قدر ڪونہ ڪيو. اهڙا ذات جا ڏٺي ڏانءُ رکي ميدان ۾ اچن
ن ٻالهہ جي سخت ضرورت آهي. وقت جي تقاضا آهي هاڻي مالي
وپ سان سگهارا آهيون تہ ڇو نہ هن دشا ۾ ٻارن کي موڙيون ۽ انسپائر
ڪريون؟

للڪارون سنگيت ۽ سياست جون آهن تہ قسمت جون بہ. قسمت جي
لڪار جو شڪار ڪلا هزاري ۽ سنگيت‌ڪار جينالال ايسراڻي آواز وڃائي
ينا ۽ موت تائين لڪل ئي رهجي وياس. اسين سندن فن کان محروم
هجي وياسين. اسانجا سي. ارجن ۽ بلو. سي. راڻي قومي سطح تي ناميارا
ہ ٿي سگهيا. هيڏانهن ڪيبل ميوزڪ، ٽيليوزن، اليڪٽرانڪ سنگيت سان
ريمي ۽ آسڪر انعام حاصل ڪندڙ اي. آر. رحمان سڀ کان مشهور سنگيت
ڪار ثابت ٿي عالمي سطح تي 250 کان 350 ملين آلبم جاري ڪري
تهاس جو رڪارڊ ٽوڙيندڙ بڻجي پيو.

70-80 واري ڏهاڪي ۾ راڪ ائنڊ رول کي پارٽيہ سنگيت سان جوڙي
وروپ، اتري آمريڪا ۾ علي اڪبرخان ڌاڪو ڄمايو. انهن ڏينهن ۾
وورڏن پارٽيءَ جو ٻالهہ ٻالهہ ٻالهہ ٻڌ بابو، دل دل دل کي رکہ قابو جهڙا
ڏيڪ مثال هجن ها تہ نوجوان ٿهي سنڌيت سان جڙيل رهي ها. پارٽيہ
لمي ۽ پنگڙا سنگيت ٿي اميريڪن هپ هاپ (Hip Hop) مين اسٽريم
آيو يا سنڌي هوجمالو اهو مقام نٿو حاصل ڪري سگهي؟

رات مشهوري چاهي ٽي. ٽي. وي. چئنلس تي هرڪجي، هوٽلن ۾ رهڻ، هوائي جهاز جا ياڙا ناز نخرا ڪرڻ واسطي جيڪا محنت تپسيا گهربل آهي سان نہ ٿي ٿئي. سنگيت جي پوڄا ۽ آراڌنا ڪندڙ گهٽ آهن. ناڻو ڪمائڻ جو ذريعو بڻائڻ وارا وڌيڪ آهن. ڪان ۽ ڏيون موتيهار جهڙا گهڻا فنڪار آهن. اچارڻ شڌ نہ هجن معياري رچنائون ياد نہ هجن گهربل رياز نہ هجي تہ ڪيئن مزو ايندو. اڳہ فنڪار سالن جا سال ڏن ناهڻ ۾ لڳائيندا هئا. اڄ ڪلاڪن جي محنت بہ نٿي پڄي. هندي يا ٻين ڀاشائن جي انڊين آئيڊل وغيره ۾ ڏسندا آهيون ڪيترو ٽيلينٽ آهي؟ ننڍا ننڍا ٻار بہ ڇا تہ محنت ٿا ڪن. اسان اهو ادم ڪٿي ٿا ڪريون؟ فلمي طرزن تي گيت پيش ڪرڻ يا ريمڪس ذريعي شروع ۾ ڀلي همٿائجي پر مقصد معيار قائم رکڻ جو هجي ها. ايترو ضرور چوندس تہ جيئن تہ سنڌين کي ڪو پرانت ڪونهي انڪري ڀارت سرڪار جو ڪلچرل وڀاڳ توڙي للت ڪلا اڪادميون سنڌي سنگيت کي همٿائڻ جي آس ۾ پروگرام ناهين، انعام رکن، اعجاز عطا ڪن. اين.سي.پي.ايس.ايل ورڪشاپس لڳارائي ۽ ڪلاڪارن لاءِ انعام مقرر ڪري. اڄ تائين شانتي هيرانند ڪانسواءِ ڪنهن فنڪار کي پدم شري جو خطاب نہ مليو آهي. هن کي بہ سنڌي سنگيت ۾ يوگدان لاءِ نہ پر شاستريہ سنگيت لاءِ مليو آهي. البت اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهتيہ سڀا هر سال ڳائڻ جي ڪيتر ۾ 25 هزار ۽ نرتيہ لاءِ 11 هزار رپيا انعام ڏيئي رهي آهي. صوبائي اڪادميون هن ڏس ۾ ڪوشش ڪري فنڪارن کي همٿائين جيئن نئين ٽهيءَ ۾ سنگيت جي فن لاءِ چاهہ جاڳي ۽ سنڌي سنگيت محفوظ رهي سگهي. اين.سي.پي.ايس.ايل ڪجهہ سالن کان ڪئسيٽيس ۽ سي.ڊي. خريد ڪرڻ جي جيڪا يوجنا عمل ۾ آندي آهي اها ساراهہ جوڳي آهي. داد جا مستحق ويسٽن وارا گيان وچاڻي، ٽپس وارا ڀائر ايڇ.ايم.وي. گراموفون رڪارڊ، فلمن يا ٽيلي فلمس ذريعي سنڌي سنگيت جو پرچار ڪندڙ پڻ واهہ جو آهن، جو اڄ جي زماني ۾ راتيون جاڳي ڀڳتيون ۽ سنگيت پروگرام ٻڌڻ جو چڻ ڪلچر رهيو ئي ڪونهي. نہ اهو ماحول آهي انڪري هرڪو پنهنجي گهر-گهر ڪمري ۾ وي.سي.ڊيءَ سان من وندرائڻ ٿو گهري. انڪري اهڙين

انهن جو قدر نہ ٿو ٿئي. ٻائٽا کين بيحد گهٽ درجي جو ٿا سمجهن
ڏهن تہ بنا سازن سندن آواز ۾ کهڙو دم رهندو ؟ ان پاسي بہ ڌيان
يون. هاڻي مان پيپر جي ٻئين حصي ۾ ڊانس تي اچان. انادي ڪال
ان اِنسان پنهنجي آنند جي پلن ۾ خوشيءَ کان جهومندي سرير جي
ضون سان پنهنجو پاڻ کي اظهاريندو رهيو آهي اهو سندس بنيادي سڀاءُ
هي. سڀني ڪلائن ۾ ڪلاڪار سرجڻ بعد انکان جدا ٿي ويندو آهي پر
رتيہ ڪلا ۽ آخر تائين جڙيل رهندو آهي. ڪلا سان ايڪاڪار ٿي انجو
وپ بڻجي ويندو آهي.

جيتري قدر سنڌي ناچ جي اتهاس جي ڳالهہ آهي. سنڌو گهاٽي سڀيتا
ي ساڪہ پريندڙ موهن جي دڙي مان حاصل ٿيل نرتڪي ئي ڪافي آهي.
سان سان تڪليف اها آهي جو ڪلائن جو سَنڌي (प्रमाणिक) اتهاس
يسر ئي ڪونهي. نرتيہ جا جدا جدا اسم ڏسي يا زباني ڳالهيون ٻڌي
ڪنهن نتيجي تي پهچڻ ڪيئن ممڪن ٿيندو ؟ لوڪ نرتيہ جي ڪيتر ۾
ري بہ حاصلاتون آهن. باقي ڪلاسيڪل ڊانس جون ڪلاڪار آڱرين تي
ڻي سگهجن ٿيون. راڻي ڪرنا، انيلا سندر، آشا چاند، رچنا سندر، ڪشو
ريراماڻي، سنڌو ياڳيا مشرا، سڌا رامچنداڻي، ٻال ڊانسر دويا
ائسنگهاڻي، ڪرم چنداڻي، سونو چوڌري آهن نرتيہ ۾ محنت، لائقي
ياز ۽ فن سڀ اهم آهن. هن ۾ سرير، من، ٻڌي، آتما سڀني جو ميلاپ
ٿي ٿو. نرتيہ لفظ سميت بہ ٿي سگهي ٿو تہ لفظ کان سواءِ بہ

चेष्टितं इंगित निमिषतं स शब्द

موجب مدرائون، هاو ڀاو ۽ سرير جي عضون جي هلچل بہ لفظ جي
ڊائري ۾ اچي ٿي. نرتيہ ۾ سنگيت ئي آڌار بڻجي ٿو. سنگيت ۾ گيت
بہ رهي ٿو. ڇند ۾ لئہ ۽ تال بہ مليل رهي ٿو. چاهي لوڪ نرتيہ هجي يا
ڪلاسيڪل. ڇيڄ تي يوپي ۽ گجرات جو اثر پر ويهي ليتي، گوڏن پر
ليٽريون پائيندي نرتيہ ڪجي ٿو تہ اها نج سنڌي ڇيڄ ثابت ٿئي ٿي.
جهمر تي راجستان جي گهومرجو اثر، هوجمالو ۽ پنجابين جوائي جمالو
ملندڙ جلندڙ باقي ڀڳت اسانجو نجو سنڌي نرتيہ جو قسم آهي.

جنهن پنهنجي ڪٽڪ جو فن سنڌيت جي ڦهلاوَ لاءِ ڪم آندو سان آهي

هاڻي تہ ليپ ٽاپ ۽ ڪمپيوٽر تي جديد تڪنيڪ مان مؤجود ڌنن تي خود جي آواز ۾ رڪارڊنگہ جون سهوليتون ميسر آهن انهن جو استعمال ڪري ڀرپور فائدو وٺون. ڪي بورڊ نہ رڳو جدا جدا ساز پيش ڪري ٿو پر تاڙين جا ٺهڪا بہ ڪري ٿو. ڇا انهي مؤج مستي ڏوم ڏڙاڪي ۾ گم ٿي اصلوڪا ساز وساري وهون ؟ خود سان ايڪاڪاري ڪندڙ ڪلاسيڪل راڳہ ڪان منهن موڙي ڇڏيون ؟ مان آشاوادي آهيان. ضرور ڪي جنوني ڏيوونٽي نڪري نروار ٿيندا. سمورين للڪارن سان روبرو ٿيندي حاصل وجهن جو فائدو وٺندا سنڌيءَ ۾ ٻائڻ جي ڪيتر ۾ وري- تسليٰ بخش حالتون آهن باقي ساز بنا راڳہ جي ڪهڙي سونهن ؟ سازندا تمام گهٽ آهن. ڊا. جيٺلي هينين قسمن جا ساز ٻڌايا آهن.

1. تارن وارا - يڪتارو، سرندو، دنبورو، چنگہ
2. چمڙو چڙهيل ساز - دهل، ڍولڪ، طبلو، نغارو، پيڙ، ڊمرو، ڊف يا دڦلي،مغرمان.
3. گهن يا ٺوس ساز - ڏنڊو، چپرون، ڪڙتالون،ڏؤنڪا، ڪنجهيون، يا جهانجهہ، ٿالهہ يا ٿالهي، چمٽو، گهنگهرو.
4. ڦوڪ يا هوا سان وڄندڙ پورا ساز - بوڙينڊو، نفيل يا سڱي نڙ، شرنائي يا شهنائي، بنسري، مرلي، پاوا يا بينون دلو يا ٻڙو.

جيٺلي نہ سنڌي سازن ۾ فقط بوڙينڊو ڪي شماريو پر مان جوڌپور جي ڪومل ڪوٺاريءَ واري پردرشنيءَ ۾ جيڪي ساز ڏسي آيس تنتي باقاعدي سنڌي سارنگي، سنڌي ڪماچ لکيل هو.

هارمونيم ۽ طبلي تي ڪن ٻائڻ ٻٽين سنڌين جي ماستري آهي باقي ٻيا ساز مڱڻ هار - لانگها وغيره وڄائين ٿا. اميريڪا ۾ مهيش چندر ايندو آهي تہ اول سازندي رتن ڪمار ڪي گهرائيندو آهي جو انکي جهمٽ وڄائڻ جو واهہ جو هنر آهي. جديد تڪنيڪ ۾ تہ ساز جي پرسان بتڻ دٻاءِ تہ انجو آواز ايندو نہ محنت نہ سکڻ نہ گرو نہ رياز ڪرڻ جي درڪار تہ بہ هن ڏس ۾ سنڌين جو خير ڪو چاهہ آهي.

سڄان رواناڻي ٻالڪ، ديويداس گر رڪارڊ قائم ڪندڙ سازندا آهن

آزاديءَ کانپوءِ واري سنڌي غزل ۾ اظهار جا نوان طريقا

-ڊا. ونود آسوداڻي

سنڌيءَ ۾ لڳ ڀڳ ٻن سؤ سالن کان غزل لکڻ جي روايت رهي آهي.
غزل سنڌيءَ ۾ سيني کان وڌيڪ مقبول شاعريءَ جي صنف آهي، اهو چوڻ غلط نہ ٿيندو. سنڌيءَ جي قريب قريب هر شاعر غزل تي قلم آزمائي ڪئي آهي.

غزل جيڪو عربي لفظ آهي تنهنجي اصلي معنيٰ آهي 'عورت سان يا عورت جي باري ۾ گفتگو ڪرڻ.'

شروعاتي دور ۾ غزل پنهنجيءَ اصلي معنيٰ سان خوب نباهيو. ايراني عربي ۽ سنڌيءَ ۾ ان وقت غزل پيار، محبت، حُسن، بلبل، شراب، ميخانو هجر وصال جي حوالي سان چيو ويندو هو. ٻين لفظن ۾ ائين چئجي تہ گهڻو ڪري غزل عشق جي جذبي جو اظهار ڪري ٿو.

بدلاو قدرت جو قانون آهي. شاعريءَ جي ڪابہ صنف وقت ۽ حالتن جي بدلاو کان اڻ ڇهي نٿي ٿي سگهي. غزل پنهنجي ٻن اڍائي سؤ سالن جي سفر ۾ گهڻيئي منزلون طئہ ڪيون آهن. غزل ڪنهن بيٺل تلاو وانگر نہ پر هميشه وهندڙ نديءَ وانگر آهي. گذريل اڌ صديءَ ڏانهن نظر ڊوڙايون تہ اهو صاف ٿي بيهندو تہ سنڌي غزل ۾ نہ رڳو پيار ۽ قدرت جو ذڪر آهي پر غزل زندگي ۽ دنيا جي هر پهلوءَ کي پنهنجي گرفت ۾ ٻڌو آهي. غزل ۾ ٿيندڙ بدلاءَ صرف غزل جو موضوع تائين محدود ناهن پر، هي بدلاوَ اظهار جي طريقن ۾ پڻ ڏسجي سگهجن ٿا.

آزاديءَ کانپوءِ واري سنڌي غزل ۾ اظهار جي نون طريقن جي اوک ڊوک ڪرڻ هن مقالي جو مقصد آهي.

انيلا سندر هوءَ موهن جي دڙي جي ڪوتائيءَ مان مليل نرتڪيءَ جو روپ ٻڌي سنڌين جي ثقافتي عروج جي سچي وارث ثابت ٿي آهي. حياتيءَ جو مقصد ئي اهو ٻڌايو اٿس. سڄي دنيا ۾ فن جو جوهر پسائي چڪي آهي. ’سڪ سڄڻ جي‘، ’سنڌيت جي سرهاڻ‘، ’ٿيءُ نه جاني جدا مونکان‘، ’ڏڻ وار‘، سنڌو ڌارا سندس خاص ڊانس بيلي آهن. پر هت به سندس گروپ ۾ هڪ يا ٻه سنڌي ڪلاڪار هوندا آهن. باقي غير سنڌي ڊانس ۾ چاهه رکندڙ سنڌين لاءِ اها وڏي للڪار آهي. البت سنڌالاجيءَ ساهتيه سڀا پاران انيلا جي رهبريءَ ۾ ورڪ شاپس ڪيا ويا آهن ۽ ڪجهه آشاواديءَ نتيجو به نڪتو آهي پر تسلي بخش نه. سنڌي ڇوڪرا ڊانس ۾ چاهه نه ٿا رکن. ڇوڪريون سڪولي جيون تائين سرگرم رهن ٿيون پوءِ پڙهائي، ڪيريئر شادي گهر گرهستي کين شاندار ماضي دفنائڻ لاءِ مجبور ڪري ڇڏي. گوورڌن پارٽيءَ سان جيڪي ڊانسر سولو يا بيلي ڪنديون هيون انهن مان هڪ به اڄ سرگرم ڪونهي يعني للڪارون شخصي ڪٽنبي سماجي سطح تي ته آهن ئي. سياسي طور پرانت نه هجڻ جي ڪري مرڪزي سنگيت ناٽڪ اڪادميءَ کي جيڪا حوصلا افزائي ڪرڻ گهرجي سا بلڪل ڪونه ٿي ٿئي. ٽي.وي. چئنلس ’بوگي بوگي‘ يا ’ڊانس انڊيا ڊانس‘ ۾ ڏسندا آهيون ته فنڪار ڪيئن نه سڏ ٻڌ ڀلائي ڇڏيندا آهن. انهن ۾ خير ڪو سنڌي ڊانسر نظر اچي ٿو پر ته به نئين نهيءَ جو ٽيلينٽ ڏسي مونکي آخر ۾ اهو چوڻ ۾ ڪابه هٻڪ ڪونهي ته

وري ورندو واءُ وري وسندا مينهن
اداسيءَ جا ڏينهن رهي رهندا ڪيترا

تي پيا آهن. هنکي خبر آهي تہ قلم جي طاقت سان هو انقلاب نٿو آڻي سگهي. جديد زندگيءَ جي تناون ۾ هو ايترو تہ وڪوڙيل آهي جو هاڻي هنکي خدا جي انصاف تي بہ ڀروسو ناهي.

جڏهن جڏهن بہ جيئڻ تي دل ٿي
خدا کي گار ڏيڻ تي دل ٿي

(ايم ڪمل)

ساڳئي وقت شاعر عام ماڻهوءَ جي مسڪينيءَ ۽ هيٺي حالت کان واقف آهي.

ماڻهو آهيان وڪامان حاسد
۽ وري ڪيڏو نہ سستو آهيان!

(ارجن حاسد - ميرو سچ ص. 71)

يا

وڪڻو پاڻ ٿو تہ مانُ ڪيو،
اگهہ خريدار جي خوشيءَ تي ڇڏيو

(ايم ڪمل - باهہ جا وارث ص. 82)

اڄ جو شاعر نيتائن جي بدسلوڪيءَ کان تنگ اچي چڪو آهي. نيتائن بابت هنجو خيال الڳہ انداز سان غزل ۾ اظهار پائي ٿو.

''روز وشواس کي ڇرا نہ هڻو
ذهن تي هڪ دفعي هڻو گولي!

(ميرو سچ ص.27)

مٿي ڄاڻايل اُدارڻن مان اهو صاف ظاهر ٿو ٿئي تہ موضوع جي پيشڪش پڻ غَزَلَ ۾ اظهار جو نئون طريقو اختيار ڪيو آهي. جتي موضوع نوان هوندا اتي اهو لازمي ٿي پوندو تہ بندش ۽ ٻوليءَ جي حوالي ۾ پڻ اظهار جا نوان طريقا هجن. گذريل ٽن چئن ڏهاڪن ۾ غزل ۾ اظهار جا گهڻائي نمونا نظر اچن ٿا. هن مقالي ۾ ڪجهہ طريقن تي روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي.

بندش ۾ نئون اظهار

غزل ۾ مفهوم ۽ بندش کي جدا جدا ڪري سمجهڻ قريب قريب ناممڪن آهي. مفهوم جي اظهار لاءِ چست بندش ضروري آهي. اُهو ئي

اظهار جا نوان طريقا ڇو ؟

غزل ۾ اظهار جي نون طريقن جي ضرورت شاعرن کي ڇو لڳڻ لڳي؟ اتي اهو سمجهڻ ضروري آهي ته جڏهن غزل ۾ نوان موضوع اچڻ لڳا ته اهو لازمي هو ته اظهارن جي تريقن ۾ به بدلاءُ اچي. اتي مان اها ڳالهه واضع ڪرڻ چاهيندس ته اظهار جي طريقن ۾ نه رڳو انهن بدلاون ڏانهن اشارو آهي جي ٻوليءَ يا تڪنيڪي لحاظ کان جدا آهن پر موضوع جي نواڻ کي پڻ اظهار جي نون طريقن ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

موضوع جي پيش ڪش ۾ بدلاءُ

سنڌي غزل ۾ گهر، گهر نه لڳڻ جو احساس آيو آهي. گهر هڪ اهڙي جڳهه آهي جتي هرڪو محفوظ سمجهي ٿو. آسائش پائي ٿو ۽ رشتائي گرمائش مان پاڻ کي گرمائي ٿو ۽ ان قسم جا ڀاو اڳين ڪيترن غزلن ۾ آيا آهن. پر تازي غزل ۾ شاعر پنهنجي گهر کان به ڪيٻائي ٿو. پنهنجو اندرُ، هو گهر ۾ به، وري نٿو سگهي. هڪ قسم جي اَجنبيت آهي گهر جي ڀاتين ۾ وچ ۾ :

''گهر جا ڀاتي، جڻ گهر ۾ گڏ اڪيلا ٿا رهن
پنهنجي پنهنجي گهر ۾ آهن پنهنجا پنهنجا اجنبي''

(ڪرشڻ راهي :- وسڻ سندا ويس ص.97)

گهر جي ٽٽڻ جي اها ڳالهه ونود آسوداڻيءَ جي هن شعر ۾ سو ڪيئن الڳ انداز سان اظهار پائي ٿي.

گهر ۾ هاڻي ڀتيون نه ڪڇنديون
پر ۾ ويڇل پاءُ سڀُو آ

روايتي غزل ۾ شخص دنيا سان وڙهي ٿو. هو سماجي ۽ سياسي برائين جي خلاف بغاوت ڪري ٿو. بغاوت جو اهو اِظهار هڪ نئين رنگ ۾ اسان آڏو اچي ٿو. هاڻي شخص پاڻ سان لڙائي ڪري ٿو. هنکي پل پل ٽٽڻ ۽ ڀُرڻ جو احساس ٿئي ٿو.

روز لهندا رهيا چٽڙ دل جا
زندگي پو به زندگي آهي

(ونود آسوداڻي (2004))

اڳيان وانگر شاعرُ آدرشوادي ناهي. اڄ جي غزل ۾ شاعر جا سڀ ڀرم

ڪجي رهيو آهي. غزل مان فارسي لفظ قريب قريب غائب ٿي ويا آهن.
هند ۾ اسين جنهن گهڻ پاسيه ماحول ۾ رهون پيا انجو اثر به غزل جي
تخليق تي نظر اچي ٿو. ڪن نون شاعرن هندي ۽ انگريزي اکرن جو به
اپيوگ ڪيو آهي. هتي اها ڳالهه نوٽ ڪرڻ جهڙي آهي ته هندي ۽ انگريزي
لفظ ڪتب آڻڻ سان غزل جو معيار گهٽجڻ بدران، خيال جي اظهار کي
شدت حاصل ٿي آهي.

ڪجهه مثال ڏسندا :

موت ڏوراپا ڏئي ويو
چو پيو تا روز هالا

(ونود آسوداڻي - اڻ چپيل)

هڪ خبر نيٽ تي خدا ڏياري
ساڏو سنتن کان هو خفا آهي

(ونود آسوداڻي - اڻ چپيل)

ڳولهِي پيو چوڪرِ جون تنگون
سيڪس ڪنن بيماري هوندي

(راجيش آسوداڻي اڻ چپيل)

هنن شعرن ۾ هالا هنديءَ جو ۽ نيٽ (Net) ۽ سيڪس (Sex) انگريزيءَ
جا لفظ آهن. هڪڙو ته انهن لفظن جا سنڌي معنائن وارا لفظ ڳولهڻ گهڻو
مشڪل هو ۽ ٻيو ته اهي لفظ اهو Co-Notetion پيدا ڪري نه سگهندا،
جيڪو انگريزيءَ جي Net ۽ Sex لفظ ۾ آهي. اظهار جي لحاظ کان سنڌي
غزل نَئين منزل تي اڳرو آهي.

تضاد جا نوان رنگ

هڪڙو وقت اِهو هو جڏهن تضاد کي غزل جو روح مڃيو ويندو هو.
تضاد تي ٻڌل هزارين شعر نه رڳو سنڌي شاعريءَ ۾ لکيا ويا پر خوب پسند
پڻ ڪيا ويا. اڄ جو شاعر تضاد کي پراڻي روايتي رنگ ۾ جهڙوڪ
وفا، خفا، زندگي موت، ڏينهن رات، دوست-دشمن، جي حوالي ۾
ڪتب نٿو آڻي. اڄ جي غزل ۾ گر تضاد ڪتب آندو به وڃي ته هڪڙو نئين
انداز ۽ نئين معنيٰ سان.

ڪجهه مثال ڏسندا :

غزل ڪامياب غزل ليکيو وڃي ٿو، جتي مفهوم ۽ بندش هٿ ۾ هٿ ڏيئي تخليق جي پيچرن تي پنڌ ڪن ٿا. بندش ۾ نئون اظهار جو اهو مطلب ڪونهي تہ غزل جي ضروري تڪنيڪي پهلو جهڙوڪ بحر، وزن، ڪافيو ۽ رديف ۾ نون شاعرن ڪا ڇيڙڇاڙ ڪئي آهي. انهن تڪنيڪي پهلن سان نباهيندي بہ بندش جي اظهار ۾ نواڻ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي.

پراڻي غزل ۾ سنگيت جي راڳ راڳڻين کي خيال ۾ رکي شاعر ڪافئي ۽ رديف جو چناءُ ڪندا هئا. ٻين لفظن ۾ ائين چئجي تہ غزل لکڻ وقت ان ڳالهہ جو خاص ڌيان رکندو تہ جيئن غزل کي گلوڪار سولائيءَ سان ڳائي سگهن، مثال

تنهنجو دلبر ڪري ديدار، هليا ويندا سين
سانڍي سيني ۾ سچڻ پيار، هليا ويندا سين

(ارحن حاسد)

”جيڪڏهن تنهنجا ٻٽي ويندا سين،
ساريءَ دنيا کي وٽي ويندا سين.“

(هيرو نڪر)

مٿي ڄاڻايل ڪافيا ۽ رديب سنگيت ميہ آهن اهڙن ڪافين ۽ رديفن تي گهڙائي غزل رچيا ويا، جنکي سولائيءَ سان ڳائي سگهجي ٿو. اڄ جي شاعر موسيقيءَ کي ڌيان ۾ رکي رديف ۽ ڪافئي جو چناءُ نٿو ڪري، هنجي اَندرُ جو گلوڪار، تخليقڪار تي هاوي نٿو ٿئي. هو مفهوم کي مرڪز ۾ رکي ڪافئي ۽ رديف جو چناءُ ڪري ٿو. اڄ جي گهڻن ئي شاعرن اظهار جي خيال کان رديف جي نواڻ پيدا ڪئي آهي. ان ڏس ۾ شري واسديو موهيءَ جو ذڪر ڪرڻ لازمي آهي. موهي صاحبن جا

”موڙو ڏئي ڪلين ٿو“

۽

”ٻڌو“ جهڙا رديف هڪدم ڌيان ۾ ڪينچي وٺن ٿا.

سولي ٻولي

اڳئين غزل ۾ فارسي لفظن کي ڪتب آڻڻ سبب عام پڙهندڙن کي مشڪلات درپيش ايندي هئي. اڄ جو سنڌي غزل تمام سرل ۽ سَولي ٻوليءَ ۾

ڏنو تو وڃي، اهڙي ئي نموني ’آواز ڇهڻ‘، ’مرڪو‘ ۾ حاسد جا ڪي شعر آهن :

مان هوائن کي جي ڏسندو آهيان
ڪنهنجي پڻ پڻ کي به ٻڌندو آهيان.

(هوائن کي ڏسڻ، غزل 4)

ڪا اوچتو ڇهي وڃي خوشبو نگاهه کي
تتليءَ کي اڱڻ ۾ اچڻ ڏي ڪڏهن ڪڏهن.

(خوشبوءَ جو ڇهڻ غزل 39)

متي ڇهڻ جي حواس جو ڪم ’ڏسڻ‘ ۽ ’سنگهڻ‘ جو حواس وري ’ڇهڻ‘ جي حواس سان ملي ويو آهي.

ڦيرايل صفت (Transforead Epithet)

ادب جي ڪنهن صنف ۾ مواديا اظهار جي لحاظ کان اگر وقت به وقت ڪجهه نئون نه جوڙيو وڃي ته انهيءَ صنف جو وڪاس هڪ پاڻيءَ جي ڍبي وانگر هڪ هنڌ بيهي ويندو. پاڻيءَ جي تازگي هنجي وهڪري سان وابسط آهي. سنڌي غزل جي اها خوشقسمتي چئجي ته مواد ۾ اظهار جي لحاظ کان ان ۾ نيون نيون چيزون اينديون رهن ٿيون. حاسد، موهيءَ، شريڪانت صدف ۽ ونود آسوداڻيءَ جهڙن شاعرن (Transforead Epithet) ڦيرايل صنف جو ڀرپور اُپيوگ ڪيو آهي.

ٿڪل ڪا راهه، لنگهي وڻ هيٺان
گهڙيون به درتي کو ترسي تو ائين!

(ارجن حاسد)

’وقت جا پير پڻ ٿڪل تا لڳن
پيچرا سڀ هتي ڏنل تا لڳن.‘

(ونود آسوُداڻي)

هتي پير مسافر جا نه پر وقت جاچپيا ويا آهن.

بي لطف لفظن جو اپيوگ

عام طور ائين مڃيو ويو آهي ته ٻوليءَ جا ڪجهه لفظ بي لطف تين تا جنکي شاڪريءَ ۾ ڪتب آڻڻ نه کپي. اڄ جو سنڌي شاعر ڪنهن به لفظ کي بي لطف نٿو سمجهي. هو پنهنجي ڏانو سان، اهڙن بي لطف لفظن کي

''سچايون سڀ رلنديون هونديون
سپنن جا در ڇپنديون هونديون.''

(واسديو موهي)

''ڏاڍو اوکو آ ان تي پير رکڻ
حوصلي جي تتل تتل واري''

(شريڪانت صدف ذهن جا قبيلا-13)

تجسم جا نوان انداز

ائين ته تجسم (Personification) به اظهار جو پراڻو ڍنگ آهي. پر ان ۾ هاڻوڪي شاعريءَ ۾ ڪائناتي عناصرن کي گهڻي جاءِ ڏني آهي.

''ڏاڪي ڏاڪي تي رکي، پير چڙهي اُس ائين
ورجي راهه تَکي تڪل، نار هلي ڪا جيئن.''

(کيمن مولاڻي - لِنو سنديون لاتيون-44)

تڇ پدارٿ سان پريل سڀ گهٽ ڏسي موتي ويا
ڪانه ڪا خالي جڳهه ڳولهي رهيا ها سوجهرا !''

(لڪشمڻ ڏُبي - آڪاش جا ٽڪرا - 27)

''اُس اڱڻ ۾ ڏنم لهي آئي
لڙڪ پنهنجا سُکڻ وجهان تو''

(ونود آسوداڻي - ڇڻگون ڇڻگون 49)

لفظي مرڪب (Lexicol Compouds)

گذريل ڏهاڪي جي شاعريءَ ڪيترائي اهڙا لفظي مرڪب (Lexicol Compouds) ڏنا آهن جيڪي پنهنجو پاڻ ۾ تخليقي هئڻ سان گڏوگڏ، حوالن ۾ پوريءَ طرح جذب تي تا وڃن ۽ اهائي انهن جي شڪتي آهي.

''ڳلن تي جن جي کي ميوا پچن تا
انهن جو ذائقو پڻ جي چکي کو''

(ارجن حاسد - ساهي پٽجي)

حواسن جي ڦيربدل (Synaesthesia)

Synaesthesia کي سنڌ تي غزل جي حوالي ۾ اظهار جو نئون طريقو مڃي سگهجي ٿو. هڪ حواس جو ڪم ٻئي حواس کان ورتو وڃي ٿو.
مثال طور 'آواز ڏسڻ' آواز ٻڌڻ جي حواس سان جڙيل آهي، پر انکي

(واسديو موهي)

”ڪنهن بہ آواز تي هلڻ تو لڳان
سچ آهي تہ تو سڏيو ڪنهي.“

(واسديو موهي)

”اوچتو ڪو اچي ڪري پڻ پڻ
ڪيڏو ڏبڇاري تي ڇڏي پڻ پڻ“
گر، هوا ڪان هوا سان ٽڪرائي
ٽوري پولار ۾ ٿئي ڀُڻ ڀُڻ
هوُ تہ شاعر وڏو، چون ٿا سڀ
روز ڪا ڳرتي تو لکي ڀُڻ ڀُڻ

(ونود آسوُداڻي)

”مان شل اهڙو پاڻي بڻجان
تون مون سان، مان توسان وهجان“

(ناري لڇواڻي)

هنن شعرن ۾ ڇانو جي سُتي، آواز، پڻ پڻ ۽ پاڻيءَ کي نيون معنائون بخشيون ويون آهن. شاعر لفظ جي رواجي معنائن کان اڳتي وڌي لفظ ۾ لڪل سگهہ کي پنهنجي اظهار جو ذريعو بڻائي ٿو. منهنجي شخصي خيال مطابق (بعد جديد) Post Modern غزل جي اها حاصلات آهي.

لفظن جو صرفو (Compect Style)

اظهار جي نون طريقن ۾ هڪڙو نئون اوزار آهي لفظن جو صرفو. پهرين غزلن ۾ بحر وزن جي پرپاٽي ڪرڻ خاطر، صرف خالي جڳهہ پرڻ لاءِ ڪجهہ لفظ رکيا ويندا هئا. اچ جي غزل جي اها خاصيت آهي تہ پرپاٽيءَ وارا اهڙا لفظ گهٽ ۾ گهٽ ڪتب آندا ٿا وڃن. پختا شاعر تہ اهڙا لفظ قطئي ڪتب نٿا آڻين. ان سان بندش کي پختائي ٿي ملي. اهڙا لفظ شعر ۾ نہ رکڻو ضروري آهي پر بندش ۾ جتي هو رکيو ويو آهي، اها جڳهہ بہ ان لفظ لاءِ جائز آهي، مطلب تہ شعر ۾ ڪنهن بہ لفظ کي ڦيرڻ گهيرڻ جي گنجائش ختم ڪئي وڃي ٿي. لفظن جو صرفو هڪڙو اهڙو طريقو آهي، جنهن سان شاعر پنهنجي ڳالهہ اثرائتي ڍنگ سان چئي سگهي ٿو. لفظن جو صرفو تير

غزل ۾ استعمال ڪري پنهنجي اظهار جي طاقت ۾ اضافو ڪري ٿو. ڪجهه مثال پڙهندا :

تُوتارا ڪيڏا ناد، وڃن شهر شهر تا
همت ٻڌي جي وقت ڪان، تَڻ مڻ ڪسي وڃين!

(تَڻ مڻ، غزل 23)

پل تہ ڪنهنڪي بہ سڏي ڏس حاسد
ٻوڏ ۽ قوت وراثي آهي.

(ٻوڏ ۽ قوت، غزل 3)

ڪي نوجوان شاعر هڪ قدم اڳتي وڌي بي لطف لفظن کي رديب طور بہ ڪتب آڻين ٿا، ان ڏس ۾ راجيش آسوُداڻيءَ جو هي شعر ڏسندا،

”خواب مليا ٿَئي ڏوڙ پوئي ڪا
ٹُڪر جهڪليا ٿَئي، ڏوڙ پوئي ڪا
ڍونگين جي آسيسُن سان ئي
ٻار پليا ٿئي، ڏوڙ پوئي ڪا“

لفظن جي سگهہ ۽ نيون معنائون

اڄ جي زندگيءَ تي ميڊيا جو تمام گهڻو اثر آهي سرودجي اُستاد امحدعلي خان پنهنجي B.B.C. تان پرسارت ٿيل انٽرويو ۾ چيو هئو ”اڄ جا ماڻهو سنگيت کي ڪنن سان ٻڌڻ نہ پر اکين سان ڏسڻ ٿا چاهين.“ هن جملي مان اها ڳالهہ صاف ظاهر آهي تہ هاڻي جا ماڻهو لفظ جي سگهہ کان بي خبر آهن. لفظ ۾ لڪل گوناگون معنائن کي پڻ هو ماڻي ڪونہ ٿا سگهن. سنڌي غزل جي شڪتي ئي چئجي تہ سنڌي شاعرن نہ رڳو لفظ جي سگهہ کي سڃاتو آهي، پر لفظ جي سگهہ (Potercail) کي پنهنجي اظهار جو ذريعو بڻائي ان ۾ نيون نيون گوناگون معنائون پريون آهن. جن شاعرن سگهہ جو صحيح اپيوگ ڪيو آهي انهن جا شعر الڳ الڳ ڌارائن تي سمجهي سگهجن ٿا. هڪ ئي لفظ الڳ الڳ اِسترن تي معنائون ڏيڻ ۾ سمرٿ آهي.

هيٺ ڏنل ڪجهہ مثال منهنجي ڳالهہ جي پنپرائي ڪندا :

”تو رڳو ڇانو جي سُٺي پيتي
توکي هلڻو آ انڌيارن ۾.

كنهنكي كنهنكي سانديا دل ۾
زخمن ساري جاء والاري

(كي.ٽي. دادلاڻي)

هن مقالي ۾ مون آزاديءَ کان پوءِ سنڌي غزل ۾ اظهار جي نون طريقن جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ جي هڪ نماڻي ڪوشش ڪئي آهي. مونکي اهو چوندي ڪابه هٻڪ نٿي ٿئي ته وقت ۽ اڀياس جي ڪميءَ ڪري منهنجي ڪوشش ۾ ضرور ڪي ڪميون پيشيون رهجي ويون هونديون، تنهن لاءِ مان معافيءَ جو طلبگار آهيان. سنڌيءَ جو غزل ڪنهن وهندڙ نديءَ مثل آهي. انجي رواني ۽ تازگيءَ ۾ هر سنو شاعر پنهنجيءَ پنهنجي قوت آهر اظافو ڪندو رهيو آهي. اڄ جي سنڌي غزل جي اِها طاقت مڃڻ کپي ته هيءُ غزلُ زندگيءَ ۽ دنيا سان واٻسط هر موزوءَ کي اظهارڻ ۾ سڦل آهي. بندش ۽ تڪنيڪي خيال کان پڻ سنڌي شاعرن اظهار جي نون نون طريقن جو اُپيوگ ڪيو آهي. انجو ڪجهه حد تائين ذڪر مون هن مقالي ۾ ڪيو آهي. مونکي ان ڳالهه جي ڄاڻ آهي ته ڪيترائي اظهار جا نوان طريقا سنڌي غزل ۾ موجود هوندا جي هن مقالي جي دائري ۾ نه اچي سگهيا آهن. گهڻائيءَ اهڙا شاعر هوندا جنجي تخليق اظهار طريقن سان مالامال هوندي، پر مان پنهنجين محدودگين جي ڪري، اهڙن شاعرن جي شاعري هن مقالي ۾ شامل نه ڪري سگهيو آهيان.

مان شخصي طور انهن سيني اديب دوستن جي معافيءَ جو طلبگار آهيان.

مان شري واسديو موهي صاحبن جو پڻ ٿورائتو آهيان جنجي ڪتاب ”ڳالهه شاعريءَ جي“ مان هيءُ مقالو لکڻ ۾ مدد حاصل ٿي آهي. شري ايسر ڪلياڻيءَ جا پڻ لک ٿورا ٿو مڃان جن پنهنجو قيمتي وقت ڪڍي، گهڻي قرب مان هيءُ مقالو مونکي سنڌيءَ ۾ لکي ڏنو.

جي تڪيءَ چنهنب وانگر آهي جتي لڳي، گهرو گهاوَ ڪري ڇڏي. ڪجهه مثال :

حاسد توکي ڪٿي لڳندو آ
جڏهن جڏهن ڪنهن راند ڦٽائي

(ارجن حاسد موهُو غزل 55)

پاڻ ڪان پرپرو رڙهي وينس،
پنهنجي پاڇي ڪان دور تي وينس.

(غزل 54)

”تاندن جو ڪو وارث بڻبو
شهر سڄي ڪان وَر وَر پڇبو.“

(ونود آسُوداڻي)

سڌي ليڪ جو شعور (Straight Line Sensibility)

روايتي طور غزل جي شعر ۾ ٻه مصرا ٿيندا آهن پهرين ڪي مصرائي اول ۽ ٻي ڪي مصرائي ثاني چئبو آهي. شعر جا ٻئي مصرا ٻه جدا جدا ستون هونديون آهن. پهرينءَ سٽ ۾ جيڪو خيال ڇيو وڃي ٿو، ٻينءَ سٽ ۾ يا ته انجو تضاد هوندو آهي، يا ڪو مثال ڏيئي، يا ڪنهن تشبيه ذريعي ان خيال کي وڌيڪ اپارڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. اڄ جي سنڌي غزل تي نئين ڪوتا جو اثر صاف ظاهر آهي. شعر جا ٻه مصرا، ٻه جدا ستون نه هجي، هڪ ئي لنبي سٽ وانگر اسانجي آڏو اچي ٿي.

در ڪليل کي ٻه هٿ سان کڙڪائي
پل تون ڏاريو لڳڻ، وري اچجئن

(ارجد حاسد موهُو-غزل 19)

پاڪ رهڻ جي هير پيل ڏِس
ڪا ڪا عادت ڦير سڄڻ جي

(ناري لڇواڻي)

ڪو ته پتو خوشبوءِ جو هوندو
واٽن تي وڻ وڻ کان پڇيو

(ونود آسوداڻي)

ن دهلي نگريءَ جي مهاتما گانڌي هندي يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر
بوتي نارائڻ راءِ، هڪ پريس ڪانفرنس ۾ چيو، ’اڄ جي ليکڪائن ۾ هوڙ
ريس) لڳل آهي، اهو ثابت ڪرڻ لاءِ تہ هن ڪان وڌيڪ ڇنال (وئشيا) ٻي
ڪابہ ناهي.‘ هن هڪ پرسڌ ليکڪا جي آتم ڪٿا ڪندي چيو، ’’منهنجي
يال موجب ان پستڪ جو شيرشڪ هئڻ گهرجي ’گهڻا دفعا ۽ گهڻن بسترن
!‘

هندي يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر جي ان رِمارڪ مان اندازو لڳائي
گهجي ٿو تہ اڄ ليکڪائن جي پُرش پرورتي جي حوالي ۾ دماغ ڪهڙي
شا ۾ وڃي رهيو آهي. اهو شايد ان ڪري جو صدين جون صديون هو پُرش
ردان سماج ۾ دٻيل رهيون. هاڻي جڏهن هو گهرن کان ٻاهر نڪتيون
هن، تعليم يافتہ بڻيون آهن، مالي طرح سان خودمختيار ٿيون آهن تہ
نهن مان ڪي الئسٽڪ Elastic جيان هڪ طرف ڇڪ ڏيئي رهيون آهن،
نهنجو ڪروڌ پنهنجين ڪهاڻين، ڪويتائن ۽ ڪردارن ذريعي ٻاهر ڪڍي
هيون آهن.

سنسڪرتيءَ جي آرنڀ کان، سرشٽيءَ کي ٻہ مظبوط ٿنيا جهلي بيٺا
هن ۽ اُهي آهن ٻہ جنسون - نر ۽ مادي. پوءِ اُهي چاهي اِنسان ذات سان
علق رکنديون هجن، پشو پکين سان، گلن ڦلن سان. نر ۽ مادي جنسون
نهنجي اُتپتيءَ جي ڪريا سان جڳ کي هلائي رهيون آهن. اڳتي ۽ اڳتي
ج مان وڻ، وڻ مان ٻج، بيڌي مان مرغي، مرغيءَ مان بيدو، نئين چاول ٻار
ان وڏو ماڻهو ۽ وڏي مان وري نئون ٻار پئدا ٿئي ٿو.

استري ۽ پُرش - مگر اهي ٻہ جنسون الڳ الڳ هستيون رکن ٿيون.
ختلف خاصيتون، مختلف سوجهہ ٻوجهہ، علحدگيون، چيتن سنٻنڌي
وحاني رُجهان رکن ٿيون. نر-ناري، ميل-فيميل، جن کي چيني ٻوليءَ ۾
Yin Yang چيو وڃي ٿو. هڪ ٻئي سان جڙيل هوندي، هڪ ٻئي تي دارو
دار رکندي، ٻن الڳ صفتن جا مالڪ آهن. نر جسماني طرح سبل آهي،
اري ڪومل ۽ نازڪ، مرد تي پريوار سنڀالڻ جي جوابداري آهي. اڻ پوريون
ڻاليهيون گڏجي سمپورڻ بڻجي ٿيون پون. هڪڙي جي ڪمزوري ٻئي جي
شڪتي پوري ڪري ٿي. مرد جا ڪم آهن وڙهڻ، جنگ جوٽڻ، بحث

سنڌي ليکڪائن جي ادب ۾
پُرش حساسپڻو

-ريتا شهاڻي

منهنجي پيپر جو وشيہ آهي ’سنڌي ليکڪائن جي ادب ۾ پُرش Sensibitity‘ يعنيٰ حساسپڻو يا سنويدا ن شيلتا. اهو ڇا ٿيندو آهي ؟ حساسپڻو يعنيٰ پنهنجو توڙي پنهنجي چوڌاري وکڙيل شين جو، جنهن ۾ اِنسان بہ شامل آهي، کي محسوس ڪرڻ اِنهن طرف سڄاڳي. اهو احساس صرف من ۽ بدّيءَ سان لاڳو ناهي، ان ۾ سوکيم چيتنا جي بہ شموليت آهي. اهو انسان جي Psyche ۾ موجود آهي. ان جي ڄاڻ خود پاڻ کي بہ نہ هوندي آهي، ٻين جي تہ ڳالهہ پري رهي ! مگر مون کي هتي ليکڪائن جي لکڻين جي ڪسوٽيءَ تي سندن ڪردارن ذريعي سندن پرش سينسيبلٽيءَ جو جائزو وٺڻو آهي.

مان پُرش سينسيبلٽيءَ کي سُلجهائڻ واسطي ناريءَ جي سنويدنشيلتا کي ظاهر ڪرڻ ضروري سمجهان ٿي ڇاڪاڻ تہ ٻئي هڪٻئي سان لاڳوپو رکن ٿيون. صرف هڪ کي سمجهائڻ سان ڳالهہ واضع نہ ٿيندي ۽ منهنجي خيال ۾ اهو ممڪن ناهي.

اڄ اسين ايڪويهين صديءَ جي ٻئين ڏهاڪي ۾ پرويش ڪري رهيا آهيون. پوين 75 سالن ۾، نہ رڳو ڀارت ۾ پر سنسار ڀر ۾ جنهن کيتر ۾ گهٽي ۾ گهٽي تبديلي آئي آهي اهو آهي ’استري سنسار‘. ويهين صديءَ جي وچين اڌ ۾ عورت جو دائرو گهر جي آڳڙ تائين محدود هو. سنڌي ليکڪائون تہ ان وقت اُڱريون بہ ڪانہ هيون سواءِ هڪ ٻن اپوادن جي.

ڏيري ڏيري سماج جي بدليل حالتن سبب ليکڪائن جي لکڻين ۾ تيزيءَ سان جوش ۽ بغاوت جي بوءِ اچڻ لڳي. اهو صرف سنڌي ليکڪائن ۾ ڪونہ هو سڀني ٻولين جي ليکڪائن کلئي دل وَ دماغ سان بنا ڪنهن دٻ ڊاو جي بيباڪيءَ سان پنهنجا قلم ڊوڙائڻ شروع ڪري ڇڏيا. اڄا ويجهڙائيءَ ۾

هتي مان هڪڙي ڳالھ واضع ڪرڻ چاهيندس، سنويدنا جو ارٿ هرويرو حتياج يا ودروھ ناهي. سنويدنشيلتا جو ارٿ آهي اِستريءَ جي اچيتن من پُرش جي ڪنهن بہ روپ ۾ گهرائي يا ڇنڊائي. هن جي سڀاءَ ۽ مزاج جي طابق ئي سندس ڪردار نرماڻ ٿين ٿا. ڪيترين ليکڪائون رومئنٽڪ س، جذباتي آهن. هنن جي من ۾ پرش لاءِ پيار، سنيھ، ممتا وغيره آهي ي مگر هنن جا پرش ڪردار جيڪڏهن بيوفائي ٿا ڪن، هنن جو غلط ستعمال ٿا ڪن تہ هنن جا استري ڪردار چپ چاپ سهي ونن ٿا، مگر ي ئي ليکڪائون پنهنجي ڪردارن جي ذريعي ڪن ڪهاڻين ۾ پرش ي نفي صفتن جي خلاف آواز بہ اُٿارين ٿيون.

سندري اُتمچنداڻي جي من ۾ پرش لاءِ ڪومل ڀاونائون آهن. هن جون هاڻيون گهڻي ڀاڱي پريم ڪهاڻيون آهن. 'سومان ايمان' ۾ ڪنهن لطفهميءَ سبب سندوءَ جو پنهنجي پريتم ارون سان مٽو ٽٽي پوي ٿو. لطفهمي دور ڪرڻ واسطي هوءَ ساڻس گڏجڻ وڃي ٿي. 'وڻ هيئان هو ويٺو و... منهنجو سڄڻ... جيڪو يگانيگنتر منهنجي من ۾ وسيل هو. ڪاش! ان ڪيس چئي سگهان ها 'راڌا پر ۾ اتيئي اهڙي ڪا بين وڄاءِ جو وياڪل ن ٿڌو ٿي وڃي.'' هو مون کي چوي ها 'سندو جڏهن شو پارپتيءَ جي ندر ۾ مورتين جا هار لاهي لڪائي هڪ ٻئي کي پاتا هئاسين ڏهن ڇا شادي نہ ٿي هئي؟'

اهڙي مرد جي دلڪش مورت سندريءَ جي من ۾ آهي. اهڙا جذباتي ملا اسان کي سندريءَ جي ڪهاڻين ۾ ملن ٿا ۽ ان سندريءَ جي نايڪا امولي' ڪهاڻيءَ ۾ پڙڪي ٿي اُٿي ۽ بغاوتي رد عمل ٿي ڏيکاري. امولي‌ءَ و پتي بنا ڪارڻ ڪيس تياڳي ٿو ائين چئي 'تو جهڙي ساڌارڻ استري نهنجي جيون سنگني، خوابن جي راڻي بڻجي نہ سگهندي.' ڪجھ عرصي عد جڏهن سندس مڙس واپس موٽي ٿو اچي تہ هوءَ پاڻ هن کي ٺڪرائي ي ائين چئي 'هاڻي منهنجي آدرشن منهنجو وقت ڪٽي ورتو آهي. هاڻي ون کي ساڌارڻ پتيءَ جو تياڳ ڪرڻو پوندو.'

چوندا آهن 'ناريءَ جو من ڪنهن پروليءَ کان گهٽ ناهي. هن کي سمجهڻ آسان ناهي.' اهو سچ آهي.

ڪرڻ، فيصلا ونڻ، وقت پوڻ تي ودروهه ڪرڻ، بغاوت جو آواز اُٿارڻ.

پراڻي زماني ۾ مرد جهنگل ۾ شڪار ڪري پنهنجي پريوار جو ڪاڌو ميسر ڪندو هو ۽ عورت هن جا ٻار سنڀاليندي هئي، سيني جو ڪاڌو رڌيندي هئي. مرد مظبوط فيصلا ڪرڻ ۾ پروين ۽ عورت سنيهه، ممتا ۽ نمرتا جي مورت، آگيا پالن ڪرڻ ۾ هردم تيار. اهي هنن جا بنيادي گڻ ليکيا ويندا هئا. اهڙا سنسڪار، قائدا قانون صدين کان اسان جي سماج قبول ڪيا هئا. مگر ڪن عورتن ۾ مردن جون صفتون اچي وڃن ٿيون ۽ مردن ۾ عورتن جون. اهڙا مثال اسانجي سامهون آهن. اهو سڀ عورت ڪري ٿي جڏهن عورتن ۾ مردن جون پرورتيون ظاهر ٿين ٿيون ته اها Male Sensibility سڏي سگهجي ٿي.

جڏهن پدراڪاري چوهاڻ 'جهانسي ڪي راني' ڪوتا ۾ هي سٽون لکيون-'خوب لڙي مرداني وو تو جهانسي والي راني ٿي'. ڪيترن مردن ۽ عورتن ان 'مرداني' شبد تي اعتراض اُٿاريو هو مگر ! هو صحيح هو. جڏهن عورت مردانا ڪم ڪري ٿي، يڌ جي ميدان ۾ جنگ جوٽي ٿي ته ائين سمجهڻ گهرجي ته هن ۾ Male Sensibility وڌيڪ آهي.

جڏهن پوپٽي 'ڏُن هينان دبلي' لکي ٿي ته هوءَ به ان قطار ۾ شامل ٿي وڃي ٿي.

- جڏهن عطيه دائود پنهنجي ڪويتا 'پنهنجي ڌيءُ جو نانءُ' لکي ٿي-

'جي توکي ڪاري ڪري مارين مرين وڃجانءِ ضرور نينهن لائجانءِ، شرافت جي شوڪيس ۾ نقاب ڪڍي نه ويهجانءِ ضرور نينهن لائجانءِ!'

جڏهن مريم مجيدر لکي ٿي -

عورت آهين مورت ناهين
سڪٻي سهڻي مورت ناهين
گلن وانگر هلڪا ناهيون
واءُ اڏاري ناهي سگهبو
جذبن جي هن بوءِ ۾ جيڏيون
رهندو ماڻ مٺيرو پنهنجو.

ته هوءَ به هنن سان گڏجي وڃي ٿي.

اضگي برداشت ڪرڻي پوي ٿي، هو پنهنجي زال کي بہ نظرانداز ڪري
مگر جڏهن ان استري ڪردان جون ڏيئرون وڌيڪ پڙهائيءَ لاءِ ڏُبئي
ڻ واريون آهن تہ استري پنهنجي پريوار جي ڏيئرن کي بدناميءَ کان
ائڻ لاءِ پنهنجي پريميءَ کي دروازو ڏيکاري ٿي ۽ قطع تعلق ڪري ٿي.
ڪو پنڌ پيار جو‘ ۾ ليبدي ڊاڪٽر ڪردار جيڪا پنهنجي پتيءَ سان الڳ
ڪي چڪي آهي، مرداني چهاءَ لاءِ اهڙي وياڪل آهي جو پنهنجي مريض
ن ان جي اميد تي رکي. انهن ناولن ۾ ناريءَ جي پرش لاءِ سياويڪ ڇڪ
نهن اشارو آهي.
تارا ميرچنداڻيءَ جي ڪهاڻين ۾ رومانس آهي، پرش لاءِ پريم ۽ سنيهہ
ي. پوءِ بہ ڪي ڪهاڻيون پرش جي بيوفائي ۽ دغابازيءَ تان پردو کڻن
ون. جهڙوڪ - ’اُلجهيل تندون ريشم جون‘، ’اڄ جي سيتا‘، ’پيڇو ڪندڙ
ڙون‘ وغيره. تارا جو ’هٺ يوگي‘ جو پرش آدرش ڪردار جو عڪاسي
ي جيڪو ناريءَ کي سچو پيار ڪري ٿو، هن کي بچائي ٿو. حفاظت
ري ٿو ۽ مانسڪ وڪاس وڌائڻ ۾ مدد ڪري ٿو. هو اصولن جو پڪو آهي
پنهنجو فرض پاليندي ڪابہ قرباني ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃي ٿو.
ايشوري جوتواڻي جي ڪهاڻي ’پرتگيا‘ پٽ نہ پئدا ڪرڻ سبب سُس
و ناراض ٿيڻ آهي. ’جنم بہ تہ ڌيءُ کي ڏنو اٿيئي نہ، پٽ پئدا نہ ڪري
گهينءَ!‘ ۽ هن فيصلو ڪري ڇڏيو تہ هوءَ ڪنهن بہ بار کي جنم نہ ڏيندي.
تان ڌيءُ نہ جمي پوي، هن ائين ڇو ڪيو؟ اها بي ڳالهہ آهي تہ هن نران
ي شاديءَ جي ودائيءَ وقت سُس کي طعنو هنيو ’پنهنجي ڌيءُ کي
مجهائي ڇڏيو تہ بار پٽ ئي جمڻ گهرجي. ڪنهن بہ حالت ۾ ڌيءُ نہ!‘
ريٽا شهاڻيءَ جي پڇڻ کي بچائڻ (1997ع) تائين ڪهاڻي جو مجموعي
مردن جي بيوفائيءَ جو داستان آهن. 2005ع ۾ جي ’رشتي جي رقص‘
ائين پهچندي مردن جي بيوفائيءَ سان گڏ عورتن جي ڪمزورين جا اولڙا
چي وڃن ٿا. مالي خومختياري حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ هنن ۾ احساس برتري
و اضافو ٿيو آهي. نتيجي طور هر گهريلو اٽبٽت ۽ گهرن ڊهڻ جا ڪارڻ
ٽجي آيا آهن. Women Lib جو فائدو وٺندي ڪن نارين آزاديءَ جون
حدون اوڙانگهي ڇڙواڳي اپنائي آهي ۽ پنهنجي گهر کي ڦٽايو آهي.

عورت ڇا آهي؟ هوءَ هڪ شعلو آهي ته شبنم به. هوءَ ڪومل آهي ته ڪنور به. هڪ ڪن ۾ هن جي اکين ۾ مڌر پيار آهي، ناز نخرا آهن ته ٻئي ڪن ۾ ڪٽار آهي. هن جي هڪ هٿ ۾ گل ٻئي هٿ ۾ تلوار آهي. هڪ پل ۾ مسڪان ٻئي پل ۾ آنسن جي ڌار آهي. هوءَ پاونا جو ساگر آهي. پيار ملڻ تي هوءَ پرش جي هٿن ۾ ميڻ بڻجي تي پوي، جيئن ڪيس موڙي ٿو هوءَ مڙجي وڃي ٿي.

جڏهن هوءَ ليکڪا بڻجي ٿي ته سندس پاتر به اهڙا بڻجي پون ٿا. پوپٽي لکي ٿي : (هتي عورت جي شرير جي انگ Uteras ڏانهن آهي)

ڏُن هيٺان هيءَ دبلي آهي

يا اُتپتيءَ جي ندي اصلي آهي

آ عورت جو هيءَ نفيس اَنگُ

يا اِنسان جي آمد جو ازلي لنگهہُ

نانءُ ان جو ڳيهڻ آ

ڇا ڇا ته هوءَ ڳڙڪائي

پرش جو اهم پتيءَ - جي شخصيت

پنهنجي سامهون جُهڪائي ٿي!

سرشٽي استريءَ جي چوگرد گهمندي رهي ٿي، ڦرندي رهي ٿي. آد ڪان ائين ٿيندو آيو آهي، انت تائين ائين ٿيندو رهندو.

پوپٽيءَ جا استري ڪردار پيار به ڪن ٿا ته بغاوت به ڪن ٿا. 'برهما جي پُل' ڪهاڻيءَ ۾ نائڪا 'شهناز' ناول جو ڪردار ودروهي آهن. پوپٽيءَ جي ڪهاڻي 'گهٽ ھوُسات' ۾ نائڪا جو پتي ڪيس ڇڏي ٻي شادي ڪري ٿو. پتنيءَ به هڪ ٻئي مرد سان سنبنڌ جوڙيو ۽ ان مان گرڀوتي ٿي. جڏهن مرد واڪو ڪيو ته هوءَ ڊني ڪانه. نه رڳو ايترو سندس پتيءَ جي پتا (سهري) به هن جو پاسو ڪنيو ۽ پٽ کي چيو، 'جيڪڏهن تون ڪري سگهين ٿو ته هوءَ به ڪري سگهي ٿي.'

'سمنڊ ۽ ڪنارو' ناول ۾ **ڪلا پرڪاش** جي ڪردار جو گهوٽ دماغي مريض آهي. هو دُبئي ۾ وڃي نوڪري ڪري ٿي ۽ هڪ شادي شده پَر پُرش سان سنبنڌ وڌائي ٿي. پرش کي ان ڳالهه کي وٺي پنهنجي ڌيءَ جي

سزا جي جزا کان مڪتي ڏيئي
پنهنجي وفا سان وفائي ڪئي.

اسان ڏنو تہ نارين جي من ۾ مردن لاءِ ڪروڌ آهي، پيار آهي، ڌڪار
هي، مذر پريم آهي، ممتا آهي. سڀئي ڀاونائون گڏيل مسيل آهن. ليکڪائن
نهنجي سڀاوَ، انيوُن، مرداني سينسيبلٽيءَ سان پنهنجن رچنائن کي اُپاريو
هي. مگر مردن جي لکڻين ۾ اهڙو ڪروڌ نظر نٿو اچي. اڄ جڏهن هو
ورت کي صرف جسم ڪري ٿو ليکي، بري نظر سان ڏسي ٿو ۽ پاڻ کان
ڻ سمجهي ٿو تہ اڄ جي ليکڪا چلائي ٿي اُٿي.

ڊاڪٽر يشوڌرا واڌواڻي پنهنجي ڪويتا دئاران باغي آواز اُٿاري ٿي ۽
اريءَ جي بانسري ۽ سارنگيءَ سان ڀيٽ ڪري ٿي.

چو تنهن تي وري سور ڏنائون ڪري سوراخ شرير ۾
چو ڦوڪ ور ور پئي ڏنائون رت ستا سُڪل ديهہ ۾
تنهن تي وري نانڪ چپن سان پئي ڪيائون چمڻ جو
بئي طرف هٿ سان اشارو پئي ڪيائون چُپ ۾ رهڻ جو !

اندرا شبنم

ڪاشيءَ جي گنگا گهاٽ تي
پراڻيءَ کي جلائڻ سان
اهو سڌو سرڳ پڌاريو
پٽ جي هٿان باهہ
نصيب ٿيڻ سان
سرڳ جا دروازا کلندا
وصيعت ٿو ڪريان تہ
منهنجي مرڻ کان پوءِ مون کي بجلي بٺيءَ ۾ نہ جلائجو بيلي!
اُن سرڳ جي سک ماڻڻ لاءِ جنم وٺڻ کان اڳ
ڪيترن جيونن کي سونوگرافيءَ کان پوءِ
گرڀ ۾ ماريو
تن زالن کي طلاق ڏنو، پٽ رتن نہ ڏنائون.
جي بجلي بٺيءَ ۾ جلائيندا، پٽ اڳني ڪيئن ڏيندو؟

’گونگي گگن جو گفتگو‘ ۾ عورت جي rape جو ڪيس آهي تہ ’لولي ڏنئہ ڙي اَما‘ استري- ڀَپ جي هتيا تي لکيل ڪهاڻي آهي.

مايا راهيءَ وڏن شهرن ۾ ڪم ڪندڙ استرين جي مشڪلات جو بيان ڪيو آهي.

حيواني شرير ۾ پيسجندڙ نازڪ گولايون
غلط پليٽفارم تي ايندڙ صحيح ٽرينون
انساني ساگر کي ٽرين جي گاگر ۾ سمائڻ جون اسڦل ڪوششون
پنهنجن ۽ پراون انگن جي سڄاٽپ کي
هلندڙ ٽرين مان ڦٽو ڪري ڇڏيم.

جيئن تہ وشيہ وسيع آهي ۽ مئٽر گهڻو، مان باقي ليکڪائن جون صرف ڪويتائون ڏيندي ويندس. افسوس اٿم تہ وقت جي محدودگيءَ جي ڪري هتي سيني قابل ذڪر ليکڪائن جو ذڪر اچي نہ سگهندو.

اندرا واسواڻي - آفيس ۾ ڪم ڪندڙ شهري عورتن جي مشڪلاتن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري ٿي جيڪي ڪن مردن جي حوص جو شڪار بڻجن ٿيون. هوءَ پنهنجي ڪويتا ۾ چوي ٿي -

هڪ وار جي من ڦاٿو منهنجو
تہ پڙڪو ڪائيندو
باهہ وانگر
پل تہ رشتا سڙي وڃن.

ويٺا شرنگي چوي ٿي -

تو ابد کان ازل تائين مون کي ٺڳيو آهي
ڪڏهن پيار جي نانءُ تي
ڪڏهن سماجي بندنن دنياداريءَ تي
مجبورين ۽ غيرت جي نانءَ تي
مون ور ور تو تي اعتبار ڪيو
تنهنجي بيوفائين کي
گنگا ۾ ڪري پرواهہ
توکي وشواس گهات مهاپاپ جي

اڄ پنهنجي بينام جيت جو اعلان ڪريان ٿي !'
مريم مجيدي جي شاعريءَ ۾ للڪار آهي ۽ آهي چئلينج -
اسان ڪي نہ سمجهو اوهان ٽنپ ٽوڙيون
اسان وٽ چانون جون چانيون چتيون
ٻن منجهان ٽيون گڏجي ٻارهان
ڪاريون رسمون چڙيون ڏاهي
واٽ ورهہ جو ويراڳڻ ٿي
ميران ٻڌجي موهہ نباهي.
(۽ هن تي غور فرمايو)
ميران تنهنجو يڪتارو
مون وٽ ايندي چنگ ٻڻيو
تو جو پيتو زهر پيالو
منهنجي هٿن ۾ سو ساڳيو
جڳ ججھانتر، ڊڪ ڊڪ پيئندي
ميران ڪان مريم تائين
اڃا نہ ان جو انت ٿيو
اڃا نہ ان جو انت ٿيو!

هاءِ هاءِ

مون کي سرڳ نصيب نہ ٿيندو !

اهڙيون پراڻيون رسمون، پرمپرائون، انڌ وشواس آهن. جن جي خلاف ليکڪائون آواز اُٿاري رهيون آهن.

وِمي سدارنگاڻي

ڇا توکي خبر ناهي تہ مان روٽي ويٺي ناهيان ؟

اسٽووَ جي آواز اڳيان

منهنجو سڏ دٻجي ويو آهي

منهنجي نصيب ۾ نہ ڪرسي آهي

نہ چانهہ جو پيالو

نہ شاهہ جو رسالو

چُلهہ چڪلو ويلڻ آهي

مون لاءِ !

سنڌ جي نورالهوي شاهہ جا افسانا آهن چڻ باهہ جا گولا. هن جي هرهڪ سٽ ۾ زهر اوتيل آهي. هڪ هڪ لفظ ۾ آهي چڻگاري ۽ سماج ۾ ٿيندڙ ظالم، ستم ۽ نااِنصافيءَ ڏانهن اشارو.

’مان صفا ڪامريڊ، منهنجا خواب، آدرش، سنڌ سان ڳنڍجي ويا. رنگين خواب ڏسڻ واري عمر ۾ منهنجي دل سنڌ جي معاشي نابرابري تي خلاف احتجاج ۾ٻجي چڪي آهي.‘

جلاوطن ڪهاڻيءَ ۾ پاڻ حوا جي روپ ۾ آدم سان مخاطب آهي. چوي ٿي - ’تنهنجو ۽ منهنجو حاڪم ۽ محڪوم جو ناتو ازل کان جڙيو آهي. پوءِ توکي يا پنهنجي ازلي هيٺائيءَ کي ڪهڙو ڏوهہ ڏيان ؟ ننڍي هوندي کان ٻڌو هوم تہ عورت (حوا) جو وجود جڙيو هو مرد (آدم) لاءِ، جيئن هن جو نسل وڌي ۽ هو دنيا ۾ اڪيلائپ محسوس نہ ڪري.‘

’آيل جي پيٽ کان قبر جي گهور اونداهين تائين مان ان محڪوم قوم وانگر آهيان جيڪا بغاوت تہ ڪرڻ چاهي ٿي پر هن وٽ هٿيار نہ هجن.‘

ان ڪهاڻيءَ جو ڪردار جنهنجو نالو مريم حسين آهي بغاوت ڪري ٿي - ’اڄ مان تنهنجي حاڪمت کان بغاوت ڪريان ٿي،

اِجهو هِنَ ريت آهي:

(1) سنڌي ساهت، ڪلا ۽ تعليم جي ڪيتر ۾ عربي ۽ ديوناگري لپين جي آڌار تي پئدا ٿيل تمام گُٽبنديون ختم ڪريون، جدا جدا سنسٿائن جا ليبل لاهي ڦٽا ڪريون، سنڌي اڪادمين، راشٽريہ سنڌي ٻولي وڪاس بورڊ ۽ ٻين تعليمي اِدارن (سرڪاري اٿوا غير سرڪاري) وٽان انعامن/سنمانن/خطابن جي حاصلات لاءِ پئدا ڪيل گروپن يا وري درسي ڪتابن ۾ رچنائون شامل ڪرائڻ جي ريس ۽ حوُص ڪي يا درسي ڪتاب مُقرر ڪرائڻ جي لاءِ پاٽھيہ ٽيندڙ چٽاپيٽيءَ کي ۽ ملندڙ لاڀن ڪارڻ پاڻ منجهہ پئدا ٿيل رساڪشيءَ کي دائمي طور نڙيءَ تي ننهن ڏيون. اِئين ڪرڻ سان يقينن سنڌي ڀاشا ۽ تعليم کي يڪساهي اڳيان وڌڻ هلڻ ۾ وڏي سهوليت ميسر ٿي سگهندي. پر پوءِ اِنماءِ ٻليءَ کي گهنڊڙي ٻڌي ڪير؟ منهنجو عرض آهي تہ حال اسين پاڻ وٽان ئي اِنجي شروعات ڪريون.

(2) اوپن سنڌي يونيورسٽيءَ جي روپ ريکا، پوءِ اُها سنڌالاجيءَ (آديپور)، سدا حيات ڊا. پرسو گدواڻيءَ، ڊا. ڪنعيالال ليکواڻيءَ، ڊا. لڇمڻ خوبچنداڻيءَ ۽ ڪنِ ٻين عالمن يا ودوانن پل ناهي يا محدود روپ ۾ بحث جي لاءِ سامهون آندي هجي، ليڪن اُنجو عام فهم ۽ وسيع خاڪو، جيڪو عملي مُجي ۽ ڀارت ۾ ئي نہ بلڪ سڄي وِشوَ ۾ وسيل سنڌين جي هر طبقي کي قبول بہ پوي، اِن لاءِ ڪوشش ٿيڻ کپي، منهنجي خيال ۾ سنڌين جي تمام اوچ ڪوٽيءَ جي ڀاشا وگيانين، تعليمدانن، اکل ڀارت سطح تي سيني تسليم ۽ رجسٽرڊ ٿيل سنڌي سنسٿائن جي نمائيندن کي ڪنهن هڪ هنڌ ڪنو ڪري، چونڊ عالمن ۽ فاضلن جي هڪ عالمي سطح واري تعليمي ڪانفرنس 3 يا 7 ڏينهن جي لاءِ سڏائجي، جتي گنڀير بحث مباحثي پڄاڻا اوپن يونيورسٽيءَ جي شڪل-صورت کي آخرين جامو پهرائجي ۽ پوءِ ڪيس وِشوَ ڀر جي سنڌين لاءِ هڪ پاليسيءَ طور اپنائجي. اگر ضروري ڄاتو وڃي تہ اِن روپ ريکا کي سيني پرچاري واهڻن جي موُجود وسيلن ذريعي پڌرو ڪري، تن مهنن جي اندر عام سنڌين وٽان بہ رايا ۽ رٿون گُهرائجن. اجوڪي دوُر ۾ هِنَ ڪم جي لاءِ اِنٽريٽ جو ڀڻ اُپيوگ ڪري سگهجي ٿو. تهائين پوءِ آيل سُجهاون کي ڌيان ۾ رکي، اوپن يونيورسٽيءَ جو مرڪزي خاڪو فائينل ڪجي. ساڳيءَ ريت سڄي ڀارت ۾ سنڌي تعليمي سکيا جي

سنڌي ٻوليءَ جي بچاءَ
بقاءَ لاءِ ڪجهه عملي سُجهاوَ

- هري تنواڻي 'نماڻو'

هِنَ وقت سنڌي ٻولي، ساهت اتوا تعليم هڪ ڪٺن دؤر منجهان گُذري رهي آهي، اِها تہ اسان سڀني کي اڳيئي سُڌِ آهي. سچ تہ سنڌي ڀاشا اَڄ آڪسيجن تي رکيل آهي! آڱرين تي ڳڻجندڙ سنڌي اديب ۽ مُفڪر توڙي سنڌيت جا ڪي ڳاڻ ڳڻيا گهڻ گهرا اُنکي قائم دائم بڻائي رکڻ جي لاءِ، سنڌين جي عام پبلڪ ميڙن ۽ اُتسوَن ۾ وقت چڱو اُتساهہ ۽ روح ڦوڪين ٿا، مگر پوءِ بہ حاصل نتيجو هڪ وڏي ٻُڙيءَ مثل ئي آهي! ڀلا ڇو؟ ڇاڪاڻ تہ اسين جوڙجڪي ۽ عملي ڪم ڪرڻ تہ سکيا ئي ڪونہ آهيون نہ؟؟ رُکو ٻُلغاري تقريرون ڪرڻ يا ٻين کي اُپديش ڏيڻ سان ڪُجهہ هڙ حاصل بہ ٿيندو ڇا؟ نہ، بلڪل نہ!

ها، هِنَ ڏکئي وقت ۾ پڻ اِها هڪ آٿت ڏيندڙ ڳالهہ آهي جو سنڌين جو نؤجوان پيڙهيءَ منجهان بہ ڪيترا نؤنهال، جيڪي سنڌي لکڻ پڙهڻ تہ ڇڏيو، پر پوري ڳالهائي بہ نہ ڄاڻن، سي سنڌي راڳ ۽ سنگيت، نرتيہ ۽ ناٽڪ ڪلا وغيره سان جُڙڻ جي لاءِ نکري نروار ٿيا آهن معنيٰ ڪلچرل سطح تي ڪي قدر جا ڳرتا اوس آيل آهي. باقي عام طور تي سنڌي ٻولي لکڻ، پڙهڻ، سِکڻ ۽ واهپي ۾ آڻڻ جهڙو نهايت آسان سؤلو ڪم بہ سڄي ڀارت ۾ تمام ٿوريون سنسٿائون يا تعليمي اِدارا مس سرانجام ڏيئي رهيا آهن!

منهنجي ناقص سمجهہ موجب سنڌي ڀاشا ۽ ساهت جا گهڙا پريندڙ يعنيٰ ليکڪ، شاعر، ڪلاڪار يا تعليمدان، ٻيا فڪرمند ۽ ٻُڌي جيوَ اگر منهنجي هيٺ ڄاڻايل 12 سوُتري ڪاريڪرم تي هڪ سرسري نظر ڊوڙائي، ڳُڌجي قدم کڻندا تہ پوءِ سنڌي ٻوليءَ جي اِستقامت لاءِ اڃا بہ گهڻو ڪُجهہ ڪرڻ هر حال ۾ مُمڪن بڻجي سگهندو. منهنجو 12 سوُتري ڪاريڪرم

(6) گهر گهر ۾ وڃي الک جاڳايو. جيڪڏهن ڪولڪتا ۾ سدا حيات
اعر، فتحچند شرما ’پروس‘ سائيڪل تي سوار ٿي ۽ گهر گهر ۾ وڃي 300
ان به مٿي سنڌي پريوارن کي سنڌي پاڙهي سگهيو ٿئي ۽ مُمبئيءَ ۾ شاعر،
اسديو نرمل به پاڻ پتوڙي سگهي ٿو يا وري آديپور (گانڌيڌام) ۾ سدا
حيات شري چيلارام ڪياڻي ۽ سندس ساٿي اهڙي نشڪام شيوا ڏيئي سگهيا
ئي ته پوءِ ٻين هنڌن تي اِئين ڪرڻ مُمڪن ڇو ڪين آهي؟ سچ ته هرهڪ
سنڌي نگر ۽ بستيءَ ۾ اهڙو هڪ سنڌي سپوت يا ڪا سنستا ضرور سامهون
چڻ ڪپي جيڪو/جيڪا هيءُ ڪم پاڻمرادو پاڻ تي هموار ڪري.

(7) اهڙن سنڌي سڪنڊڙ وديارٿين/شخص کي پڙهڻ لائق بڻجڻ کان
رت پوءِ وندر ڏيندڙ ۽ گيان وڌائيندڙ پاٺيه-سامگري ميسر ڪرائي ڏني
وڃي. شروعاتي سطح تي ڪين سنڌي سنتن، درويشن، ڀڳتن، شهيدن،
سُورويرن ۽ سماج شيوڪن جون ڪهاڻيون/ڪٿائون ڪتابي صورت ۾ پڙهڻ
جي لاءِ ڏنيون وڃن. هِن ڏس ۾ ڪُجهه مددگار ڪتاب اسان وٽ اڳيئي
موجود آهن، مثلن: ڊا. ديال آشا جو ’ڀارت جا سنڌي سنت/ڀڳت‘، ڊا.
سياش سونيءَ جو ’سنڌ-هند جا سنت/سماج سيوڪ‘ ، پروفيسر پوپٽي
هيرانندانيءَ جو ’ماڻڪ-موتي-لعل‘، وغيره. اُن بعد ڪين سنڌي ڀاشا جي
اِتهاس ۽ ورثي جو موُل تت به ٻُڌايو وڃي ته جيئن ڪين پنهنجي وجود ۽
سنڌو سڀيتا جو مڪمل درشن ٿي سگهي؛ جنهن تي هوُ پوءِ جوڳو فخر به وٺي
سگهن.

(8) سنڌي ودياريٿين جي لاءِ اِسڪولي/ڪاليجي يا خانگي سطح ته به
سنڌي ٻال گيتن، ڪلامن ۽ سنگيت ڪانسواءِ ٻال ناٽڪن، تقريرن ۽ ليکن-
مالائن جا لاڳيتا ۽ نيمت ڇماهيٽي ڪاريڪرم وقت به وقت رکڻ گُهرجن.
اِنهن سڀني پروگرامن جو موُل مقصد ۽ مرڪز ’سنڌيت‘ جو نياپو ڏيڻ ئي
هُجڻ گُهرجي. جتي مُمڪن هُجي اُتي آڪاشواڻي ۽ دور درشن ڪيندرن
تان به ڪين سنڌي پروگرامن ۾ وجهه ڏياري همٿائڻ جُڳائي ته جيئن ٻين
کي پڻ منجهانئن پريرڻا ملي سگهي.

(9) آڊيو ۽ ويڊيو ڪئسيٽن ذريعي به سنڌي سيکارڻ جو پڪي پايي تي
پربند ٿيڻ گُهرجي. ’سنڌي چئنل‘ به ضرور شروع ڪرائڻ کپي، ڇو جو اِها

سرشتي کي بہ (پرائيمريءَ کان وٺي هاير سيڪنڊري سطح تائين) هڪڙي ئي ڏور ۾ ڳنڍي، ساڳيو تعليمي ايپاس ڪورس گهڙي، لاڳو ڪري ۽ ڪرائي سگهجي ٿو.

(3) اهڙا سڀ اسڪول، پرائيمري - سيڪنڊري - هاير سيڪنڊري - جونيئر ڪاليج ۽ ڪاليج جيڪي سنڌين جي 'پرشارٿ سان کڙا ڪيل آهن ۽ جيڪي سنڌين جي ئي هٿ هلندڙ بہ آهن، پر سندن پڙهائيءَ جو ماڌيم هندي، مرهٽي، انگريزي، گجراتي يا ٻي ڪنهن بہ مڪاني ڀاشا ۾ آهي؛ اُتي سکيا وٺندڙ سڀني سنڌي شاگردن لاءِ داخلا ويل ئي پنهنجي مادري زبان ۾، سنڌي وشيہ لازمي طور پڙهڻ جو نيم لاڳو ڪجڻ گهرجي. اِن ڪم جي لاءِ سنڌين جي سماجڪ/پنگتي/ڌارمڪ ۽ راڄنيتڪ سنستائن کي گڏجي اڳيرو اچڻ گهر جي خواهہ سنڌين ۾ هِنَ سنبنڌ ۾ گهربل جاڳرتي آڻڻ وارو سچو پُچ ڪمائڻ گهرجي.

(4) جنِ ننڍن شهرن/ڳوٺن ۾ سنڌين جي هٿ هيٺ ڪي بہ تعليمي سنستائون قائم ڪيل ڪونهن، اُتي سنڌي ڌرمشالائن، مندرن، ٽڪاڻن ۽ آشرمن ۽ سماج سيوي سنستائن جي سهاري نيمت سنڌي سيکارڻ جي لاءِ مفت راتري پاٺشالائون يا ڪلاس شروع ڪرڻ کپن. اهڙن ڪلاسن ۾ بالغن جي لاءِ بہ سنڌي سيکارڻ جو پربنڌ الڳ سان ٿيڻ گهرجي. ڪين اُتساهت ڪرڻ جي لاءِ ڪي اِنعامي يوجنائون پڻ وجود ۾ آڻي سگهجن ٿيون. هِنَ ڪم ۾ سنڌي دانويرن/اڪادمين/اکل ڀارت سطح وارين سنستائن ۽ N.C.P.S.L کي اڳتي اچي، پاڻ موکڻ کپي.

(5) راشٽريہ ڀاشا هندي سيکاريندڙ-وارڌا يونيورسٽيءَ جي طرز تي لکپڙهہ معرفت سنڌي سيکارڻ جو هڪ وياپڪ ڪاريڪرم بہ شروع ڪرڻ گهرجي. هينئر هيءُ ڪم محدود روپ ۾ گانڌيڌام جو شري تيج قابل ۽ سندس ڪي يا ٻيا ساٿي ڪن وينا، پر اُهو ايترو وسيع پيماني تي ڦهليل ناهي. باوجود اِنجي هوُ بيشڪ جس جو پاتر آهي. هِنَ ڪاريہ کي اِنڊس اِنڊ فائونڊيشن (دهلي)، ساڌو واسواڻي مشن (پُڻي)، سوامي سانتي پرڪاش آشرم (سنڌونگر)، سائين آشارام باپوُ (سورت) پرجا پتا برهما ڪماريز ايشوريہ وِشوَ وديالیہ (مائونٽ آبو)، سائين چانڊورام (لکنوءَ)، مهنت هنسرام (پيلواڙا)، N.C.P.S.L ۽ ٻيا بہ ڪيترا ئي سنت-مهاتمائون بخوبي پار پهچائي سگهن

نجين ايراضين ۾ هِن وشئہ ۾ عملي ڪاريہ ڪري ڏيکارين.
(12) ... ۽ آخر ۾ سنڌيت جو الک جاڳائڻ لاءِ مرڪزي توڙي راجيہ
ڪارين تي ياڙڻ واري پنهنجي نيتيءَ کي اچو تہ اَڄ کان وٺي ماڳهين
تلانجلي ڏيئي ڇڏيون. ’سنڌيت‘ جي شمع کي روشن رکڻ جي لاءِ صرف
نجو تن-من ۽ ڌن قربان/ارپڻ ڪريون. باقي بنا تياڳ، تپسيا ۽ ڪرم
ِ قل ڪائڻ جي اگر اِڇا رکنداسون تہ پوءِ سنڌي ڀاشا ۽ ساهت کي زنده
ڻ جو سپنو ساڪار ٿيڻ قطعئي مُمڪن ناهي! فقط ڳالهين ڪرڻ سان تہ
ت ڪونہ ٻڌبا آهن نہ؟ تنهنڪري، اچو تہ صلاحون ۽ اُپديش ڏيڻ بجاءِ اول
لکي اصلي ڪم تي لڳايون.

هاڻوڪي وقت جي هڪ اهم تقاضا آهي. سنڌي-ڪچي ٽي. وي. چئنل، جيڪو شري ڪنعيالال ڪيولراماڻيءَ گانڌيڌام مان شروع ڪيو آهي، اُنکي بہ اوس همٿائڻ گُهرجي تہ ’آسٿا‘ چئنل وارن جو پڻ اُتساهہ وڌائڻ گُهرجي جا ڪاڻ تہ هوُ بہ هر هفتي سنڌي پروگرام ڏيکارين ٿا، پر ساڳئي وقت کين آگاهہ پڻ ڪرڻ کپي تہ هوُ فقط معياري سنڌي پروگرام ئي ناهن ۽ ڏيکارين ورنہ سنڌن خرچ محنت تہ پاڻيءَ ۾ ويندا ئي، مٿان وري نالو خراب ٿيندن سو الڳ. دوردرشن تان پيش ٿيندڙ ’سنڌو درشن‘ ڪاريڪرم، جيڪو ڪِنِ ڪارڻن جي ڪري بند ڪيو ويو آهي، تنهن کي بہ ڪوشش وٺي ٻيهر شروع ڪرائڻ کپي. هِنَ سنٻنڌ ۾ ، سنڌين جي ارب پتي- شري سريچند هندوجا جي ڪڙي ڪيبل فرم IMCL کي بہ جاڳرت ڪرڻ جُڳائي ، جو تہ مُمبئيءَ ۾ سنڌن هلندڙ ’In Cable Net‘ چئنل جا هِنَ وقت لکين درشڪ موجود آهن. سال 1993 ۾ شري سريچند هندوجا ’سنڌي چئنل‘ شروع ڪرڻ جو قول بہ ڪيو هو، ڪيس اُهو پاڙڻ جي لاءِ هينئر مٿس گُهربل زور بار پڻ آڻڻ جُڳائي.

(10) سنڌين جي سيني مُکيہ ڌارمڪ پنٿن/مهاتمائن/مهاپُرش گاديسرن کي عرض ڪيو وڃي تہ هوُ پنهنجي سنڌي شرڌالن/پوئلڳن ۾ لازمي طور سنڌي ڀاشا جي پرچار ۽ پرسار جو ٻِجُ ڇٽين. جيئن هوُ نام وٺائڻ مهل ڪائن ماسُ-مڇي کائڻ ڇڏائي، عمر ڀر ويشنو بڻجي رهڻ جو سنڪلپ وٺائين ٿا تيئن سنڌي لکڻ، پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ جي بہ ڪائن پرتگيا ڪرائين. مُمڪن ڪجي تہ سنڌي ڀاشا نہ ڄا ڻندڙ اهڙن شرڌالن کي پنهنجي رهنمائيءَ هيٺ سِکيا جي لاءِ گُهربل ساڌن پڻ ميسر ڪري ڏين.

(11) سنڌي ماتائن ۽ پيئرن کي هِنَ ڏس ۾ خاص طور تي جاڳائڻو پوندو. هوُند وارن سنڌين جي گهرن ۾ اڪثر طور انگريزي ۽ هندي ڀاشائن جو واهپو ٿيندو نظر اچي ٿو. حالانڪ اهڙن گهرن جا وڏڙا/وڏڙيون پاڻ پڳل-ٽُٽل انگريزي يا هندي ڀاشا بہ مس ڳالهائي سگهڻ جي قوت رکن ٿا، پوءِ پڻ فئشن پرستيءَ جي ور چڙهي هوُ اهڙو ڪُجسو ڪم ڪن ٿا! اِنڪري، اهڙن سنڌين کي ٻوليءَ ۽ جاتيءَ سان جوڙڻ ۽ پيار ڪرڻ وارو پاٺ پڙهائڻ بہ لازمي بڻجي پوي ٿو. تنهنڪري، اکل ڀارت سطح وارين سنستائن کي، مڪاني ليول جي ڪُجهہ سنستائن سان گڏجي کي ’سنڌي مجنوءِ‘ پڻ ڪنا ڪرڻا پوندا، کي نوءِ جوانن جا اهڙا ٽولا بہ ٺاهڻا پوندا، جيڪي پنهنجين

ي نوڪري ڪيائين ۽ مشهور صوفي درويش شاهه عنايت وٽ ويو.
شاهه عنايت جي هن خوب شيوا ڪئي. هيءُ سڄي رات ڏاچيءَ جي خدمت
گذاريندو هئو. ائين چيو وڃي ٿو تہ رات جو سمهڻ مهل پنهنجي ڪٽ
اچيءَ جي لُڏي سمهندو هئو تہ جيئن مهر چڪ هڻندا رهن تہ ننڊ نہ
چي. سڄا ڳي ٿيندي رهي ۽ پوءِ باقي حصو پنهنجي مالڪ سان ويهي روح-
هاڻ ڪريان.
شاهه عنايت سندس شيوا تي خوش ٿيو. هن کيس چيو تہ هاڻي تون هتان
لي هليو وڃ. جتي توکي قدرتي روڪ ٿئي، اُتي وڃي رهہ. روحل پنهنجي
روءِ جي آگيا موجب اُتان هليو ويو. هڪ هنڌ ڪنڊڙيءَ جي ٿاريءَ ۾
ندس چولي جي پلاند اٽڪي پيو. هن کي محسوس ٿيو تہ هيءُ قدرتي
وڪ ٿي آهي. هوُ اُتي ئي آستان بڻائي ويهي رهيو. اهو آستان پوءِ ڪنڊڙيءَ
جي نالي سان سڏيو ويو ۽ پاڻ ڪنڊڙيءَ وارو سنت سڏجڻ ۾ آيو.
''ڪنڊڙيءَ ۾ ڪرتار ڏٺوسين، رانجهو رمزن وارو يار''. روحل اُتي ئي
ڳتيءَ ۾ لين تي ويو ۽ پريوءَ جو درشن ڪيائين.
درويش روحل شادي ڪيل هئو. هن کي چار پُٽ هئا: شاهو، غلام علي،
خدا بخش ۽ دولهہ درياخان. سندس هڪ پٽ خدا بخش کي ڇڏي باقي
يتن پنهنجي پيءُ جي قدمن تي هلي بيتن جي رچنا ڪئي. هنن جون
هيون رچنائون هنديءَ ۾ آهن. سنڌيءَ ۾ کي ٿوريون آهن.
روحل جي سنڌيءَ کانسواءِ هندي، عربي، پارسي، پنجابي ۽ سرائڪيءَ
۾ بہ رچنائون آهن. هي راجستان جي جوڳين ۽ فقيرن جي سنگہ ۾ رهيو.
هن انهن سان گفتگو ڪئي. انڪري هن هنديءَ ۾ ڪافي رچنائون رچيون.
هن جا جوڌپور جيسلمير ۾ گهڻا ئي شش ٿيا. اُتي اڄ بہ سندس باڻي چاهہ
سان ڳائي وڃي ٿي.
هن تي هندي پنڊتن جو اثر پيو، هن انهن سان رهاڻيون ڪيون هيون.
هن هنديءَ ۾ ڪيترائي ڏوهيڙا چيا، جيڪي هڪ ڪتاب جي روپ ۾ ڇپيل
آهن. پر انهن جي ڇنڊڇاڻ نہ ٿي سگهي آهي تہ اهي ڪنهن ۽ ڪٿان هٿ
ڪري ڇپايا. تنهنسواءِ انهن هندي ڏوهيڙن ۾ ڪهڙا ۽ ڪيترا خاص روحل
جا آهن. سندس هندي دوهي جو مثال :

روحل درويش

- تيبج 'قابل'

سنڌي ساهت جي پڳتي ڪال ۾ ڪن ڪوين ويدانت تي رچنائون لکيو آهي تہ ڪن وري صوفي مت تي. سنڌ ۾ صوفي مت جو زور هئو. ٻنهي ڌرين - هندن چاهي مسلمانن ان کي زور وٺايو. اهو ئي ڪارڻ هئو جو سنڌ جي شاعرن ''تون بہ رهہ، مان بہ رهان'' جو اُصول اپنايو. تنهنڪانسواءِ ''ونڊي ورهائي کائڻ، سڪہ پائڻ'' جي نيتيءَ تي بہ عمل ڪيو. انڪري سنڌي شڪر ڪري هلڻ وارا هئا ءِ ''ٿوري ڪٺئي، گهڻي برڪت'' ۾ وشواس رکندا هئا. سنڌ جا شاعر شاه، سچل، سامي، بيدل، بيڪس، روحل، دلپت، شاه عنايت وغيره انهيءَ صف ۾ ٿا اچن. پر، ائين چيو وڃي ٿو تہ سامي ۽ روحل فقير ويدانتي هئا.

روحل درويش سنڌ جو مشهور ڪوي هئو. هن جي جيون جي باري ۾ ڪا خاص ڄاڻ ڪين ٿي ملي. پر، هو سنڌ جي ٿرپارڪر ضلعي جي امرڪوٽ ۾ سنہ 1730ع ۾ ڄائو هئو. هيءُ زنگيجو مسلمان هئو. اهو سندس هن ڪويتا مان ظاهر آهي :

''لوڪ آ کين ايڪ روحل ٻوليندا،
ڪوئي آکي هئہ ذات زنگيڄا،
نهين روحل نهين ذات زنگيڄ 'هو سر اِلاهي هئہ''

روحل جي باري ۾ ائين معلوم ٿيو آهي تہ هن ان وقت جي حاڪم دين محمد ڪلهوڙي وٽ نوڪري ڪئي هئي. سندس ايمانداري، محنت، وفاداريءَ کي ڏسي حاڪم کيس ڪيترائي انعام ڏنا هئا. ليڪن ڪنهن چوٽ رسڻ ڪري هن اها نوڪري ڇڏي ڏني. چوٽ رسڻ جي حقيقت هيءَ آهي تہ هڪ دفعي روحل جي مائٽ پنهنجي پٽ کي چيو تہ منهنجي موٽ تي هيءَ شال منهنجي لاش مٿان وجهجانءِ. شال هئي قيمتي. انڪري هن جي پٽ اها شال لاش مٿان نہ وڌي. ان روحل کي صدمو پهچايو تہ اؤلاد هيترو احسان فراموش آهي، ان ڪانپوءِ هن نوڪري ڇڏي ڏني. وڃين الله

ڳہ آهي. روحل سنت بہ چوي ٿو:

”هئن هوُن سَرق، سَروَسي نيارا، جيئن جل پيتر تارا.“

۴ - گيتا ۾ لکيل آهي تہ هڪ ئي پرماتما مان جڙ ۽ چيتن نهيا آهن. اهي
هنجو- پنهنجو فرض پالين. پر، مايا ۾ نہ ڦاسن. روحل جو بہ ويچار اجهو
ن ريت آهي:

”ايڪ ڪنول ڏ ۽ ڦولڙا، جڙ چيتن وءِ نام،
جڙ تيج چيتن گرهي، تب پاوي وسرام.“

روحل مسلمان هوندي بہ ويدانت جا جيڪي ڳوڙها سڌانت جنهن سَولي
نگ سان سمجهايا آهن، اُهي هندو ويدانتين کان اڳيرو آهن. هن جا خالص
بادنتي سڌانت شڌ هندي ٻوليءَ ۾ اهڙي طرح پيش ڪيل آهن جو ڪير
سانيءَ سان نہ تصوف جو پاٺ ڳهاڻو سنبند آهي. ان جي باري ۾ شري
ويي چيو آهي تہ:

”مون پنهنجي ساهتيڪ گروءَ پروفيسر چيتمل جي قدمن ۾ اهو پڙهيو
هي ۽ انهيءَ طرح منهنجا ڪپاٽ کلي ويا آهن تہ سڌانت ۽ تصوف پاٺ ۾
ڪيڏو نہ رليل-مليل آهن. ڀل تہ ٻاهرين طور هندستان ۽ پاڪستان ملڪ
ار-ڌار هجن، پر اندروني ساهتيہ جي دائري ۾ اُهي هڪ ئي آهن ۽ ڪوبہ
سياست جو اڳوان انهن کي جدا ڪري نٿو سگهي. آءٌ تہ جيڪر پاڪستان
سرڪار کي عرض ڪريان تہ اهو ڇپائي ڀارت کي نذرا طور پيش ڪيو وڃي.“

روحل درويش لاءِ ائين چيو ويندو آهي تہ هو صوفي ڪوي هئو. پر،
سندس ڪلام، جيڪو هنديءَ ۾ آهي، ان جي گهري اڀياس ڪرڻ سان
معلوم ٿيندو تہ هن جو ڪاويہ ڀارتيہ نرگڻ، گان وادي شاعرن مان ميل ٿو
ڪائي. ڀارت جو ڀڳتي ساهتيہ نرگڻ ڌارا، سگڻ ڌارا ۽ پريم مارگي ڌارا جو
مليل-جليل ساهتيہ آهي. جڏهن ملڪ ۾ ذات-پات، اوچ-نيچ، ڌرم-مذهب
هجي ديش ۾، جنهن ۾ سڀ انسان ڀهروني سگهن ۽ اهو پيد مٽايو وڃي.
انڪري نرگڻ پنٿ جو جنم ٿيو، جنهن ۾ نراڪار پرماتما کي مڃيو ويو.
ان طرح سنت مت وارن ان نراڪار، اگم، اگوچر شڪتيءَ کي ئي مڃيو ۽
ان جي آڌار تي ڪاويہ رچنا ڪئي. روحل بہ ان رستي تي هلي چوي ٿو:

”جواگم اڪند اُگاڌ بي-انت، سو ويد پراڻ ۾ لکياهہ جي“

”جنم جنم ڪا وڪہ مٽا، ار جنم جنم ڪو پاپ،
سڀ تن پاون هو رهيا، جب درسيو آتم پاپ.“

روحل جي سرائڪيءَ جو مثال :

”ثابت ڪرالتر جامي جي تون عاشق ٿيوين،
شوق شراب رندان ري، مجلس پلپل ديوچ پيون.“

روحل درويش سنڌيءَ ۾ بہ ڇڱو ئي ڪلام چيو آهي، جيڪو گهڻو مشهور ٿيو آهي. سندس ڪلام سنڌ ۽ راجستان ۾ ترڙيو-پکڙيو پيو هئو. چيو وڃي ٿو تہ ان ڪلام کي سدا حيات دادا هري ”دلگير“ جي پتاگر تمام گهڻي محنت ۽ تڪليف سان ڪٺو ڪيو ۽ پنهنجي هٿ سان ان جون بہ ڪاپيون تيار ڪيون. انهن مان هڪ پاڻ وٽ رکيائين ۽ ٻي ڪاپي ڪنڊڙيءَ جي گادي نشين فقيرغلام عليءَ کي پيٽ ڪيائين.

روحل جو شعر ”وحدت نام“ سمورو تصوف سان ڀريو پيو آهي. هن جي بيتن ۾ شاه صاحب جي بيتن جهڙو واس ملي ٿو.

-”پڙهن پرجهڻ پاڻ ۾ فرق ڦير،
ڪاڏي منهن محبوب جو ڪاڏي اڪر اير،
سان سهاڻيءَ سچ جي موافق ٿيندو مين
جي صحيح سڃاتو پير روحل اُچ نہ بڪہ،
وحدت تنهين تون ڏک جي روحل رتاروُح ۾.“

روحل ڪلام ۾ ويدن جا اُصول ڀريا پيا آهن. روحل جي واڻيءَ ويدن جي اُصولن جي پيٽ تا ڪريون:

ا- ويدن ۾ پرم برهم جو شانت ۽ اڪشر يا اڪئہ روپ جو ذڪر ڪيل آهي. روحل بہ ائين ئي چوي ٿو:

”سات سُن سي شوُنيہ پري هي، تانهين مئن اسٿانا،
ساڌو هئن گياني مستانان، ميرا اڪئہ اسٿانا.“

٢- ويدن ۾ آتما جي پيٽ آڪاش سان ڪئي ويئي آهي. روحل فقير بہ آکي ٿو:

”سرب وياپي آتما جيون گهٽ مانهن آڪاش.“

٣- ويدن ۾ لکيل آهي تہ پرماتما سڀني ۾ وسي ٿو. پر، هو سڀني کان

”جي تن ۾ تيرٿ ڪن، سي گنگا نہ وڃن گوڏڙيا،
پيرُ سڄاتو پرئين جولوچي لاهوتين،
لڳو رنگ روحل چوي، اندر آديسين،
ڪوجي ڪاهوڙين، وڃي اونهي ۾ آسڻ ڪيا.“

روحل هڪ سچو درويش هئو. هن جي رهڻيءَ ۽ ڪهڻيءَ ۾ ڪوبہ تفاوت
هئو. ان لاءِ چوي ٿو:

”ڪهڻيءَ تان هرڪو ڪَهي، پر رهڻي اوکي بات،
پڌري ٿيندي ذات، رهڻيءَ مان روحل چوي.“

اها برابر سچي ڳالهہ آهي تہ سنت ڪوين ۽ صوفي شاعرن ۾ ڪابہ ڀيد
ڙ جي ڀاونا نہ هوندي هئي. هو غير مذهبي مجنوُ هئا. هنن هڪ ئي
شور-اللهہ جي ڀڳتي ڪئي آهي. روحل بہ ان پنڌ جو پانڌيئڙو هئو. هو
ن ڀيد مٽائڻ لاءِ چوي ٿو:

”ڪُفر ۽ اسلام ۾ ٿا پرنين اُلٽو پيرُ،
هڪ هندو ٻيو مسلمان ٿيون وچ وڏائون ويرُ
انڌن اوندهہ نہ لهي، تن کي سڄ چوندو ڪيرُ،
روحل راڄ پرينءَ جي، جان گهڙي ڏٺو سين گهيرو،
تہ رب مڙيوئي هيڪڙو، تنهن۾ ٿند نہ ٿيرُ.“

ماڻهوءَ کي اَگيان انڌو ڪري ڇڏيندو آهي. هو اکين هوندي بہ سچ جي
ستي کي نہ ڏسي سگهندو آهي. ان لاءِ ڪنهن پورڻ گروءَ جي ضرورت
هوندي آهي. جو تہ بنا گت ناهي گرو پنهنجي گيان روپي تير سان، اکين
ي چڙهيل اگيانتا جو پردو چيري، اگيان کي دور ڪندو آهي. ان طرح ئي
نسان کي سيني ۾ پرماتما هجڻ ۽ انهن ۾ درشن ڪرڻ جو موقعو ملي ٿو
جيڪي اندر گوهر پيا آهن. اُهي ڳولهي لهي ٿو. روحل ان بابت چوي ٿو:

”دل درياهہ ۾ پئٺ ڪر، نام نير انگ ڌوءِ،
دل درياهہ ۾ پئٺ ڪر، هر هر هيرا لاڌو.“

روحل گروءَ کي بہ مهان درجو ڏنو آهي. هو گروءَ جي مهما لاءِ چوي ٿو:

”ستگرو انتر کول ڪر ڏِکلايا محبوب،
من موهن سوئي مليو، جو خوبن ڪو خوب.“

روحل هڪ پورڻ سنت هئو. هن پارت جي ڀڳتي مارگ جي پوئواري ڪئي. هن پارت جي يوگ، ويدانتن جي اُصولن کي مڃيو. سندس رچنائن ۾ اهي ويچارن ملن ٿا. هن جي ڪاويہ ۾ صاف لکيل آهي تہ پنهنجو آپو، خودي، هٺ ۽ وڏائيءَ کي ڇڏي، نهٺائي، نمرتا ۽ پريم سان هلي، پريوءَ کي پائي سگهبو. ان طرح مهاپرشن، پورڻ گروءَ جي گيان ساڻ مايا ۽ ڪايا جو موهہ ڇڏي، اگيانتا جي پردي کي چيري، نند-وڏائيءَ اوچ-نيچ جو ڀيد مٽائي، پنهنجي اُديش کي حاصل ڪري سگهجي ٿو. هو پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ لاءِ چوي ٿو:

”جي تون صحيح سڃاڻي پاڻ،
تہ آهين قيمت سڏو قطرو،
ڪوري ڪڍ قلوب مان، منڌائيءَ جو ماڻ،
پري نهارڻ پرکڻ سندو ڇڻن ڇاڻ،
نت سائين آتو ساڻ، راتيان ڏينهان روحل چوي.“

روحل جي پرماتما سان لِنوَ لڳل هئي. هوان کان پري نہ هئو. پرماتما ۽ روحل جي وچ ۾ صرف بصر جي ٻن پنن جي وچ ۾ آيل سنهڙي پردي وانگر اگيانتا جو پردو هئو. روحل چوي ٿو اگر اُهو اگيانتا جو پردو دور ٿي وڃي تہ منهنجو پرين مونکان هڪ وار جي وڇوٽيءَ جيترو بہ پري نہ آهي. ان لاءِ لکي ٿو:

”روحل وسين روح ۾، وٿي نہ ڀايان وارا.“

روحل پنهنجي انتر آتما جي ساڌنا سان ئي سچي سوروپ کي سڃاڻڻ جي راهہ ڏيکاري آهي. هن جو وشواس هئو تہ پنهنجي سرير ۾ ئي ساکشي پريو پرماتما سمايل آهي. جڏهن سرير کي ٻُوجهہ پوي ٿي، سوُجهہَ اچي ٿي اتڏهن ئي سچي سوروپ جو درشن ٿئي ٿو. ان لاءِ آکي ٿو:

”سوُجهي سڄ سرير مان، تن پريمين پاتو پي.“

روحل سنت جو عقيدو هئو تہ انسان پنهنجي اندر کي اُجاري، سچي من سان پنهنجي سالڪ کي ڏيائي تہ هن جو مالڪ هن جي اندر ۾ ئي آهي. پر، ان لاءِ ڪنهن خاص رمز جي ضرورت آهي. جن کي اها رمز آهي، تن لاءِ چوي ٿو:

ڪاويہ رچنا ۾ هاسيہ رس

- سي. تي. گيانچندڻي

هاسيہ رچنا جي اهميت : ڪابہ ڪاويہ رچنا جڏهن منهن تي مرڪ، وات مان ٽهڪ ڪڍي ڪنن کي مزيدار لفظ ۽ دل کي ڇهندڙ اثر ڏئي يا رس ڏئي تہ اُن کي هاسيہ ڪاويہ رچنا چئي سگهجي ٿو.

هاسيہ رچنا رڳو کلائيندڙ نہ پر دل اندر گهڙي ويندڙ هئڻ گهرجي ۽ رس پيدا ڪندڙ هجي. اِها رچنا رڳو وندرائيندڙ نہ پر اِنسانن جو سماج ڪُرسِمن ۽ ڪَميُنِ يا اوڻاين ڏانهن پڻ ڌيان ڇڪائي. شخصي خامين کي پڻ نظر انداز نہ ڪري. انهن تي پڻ طنز جو وار ڪري.

هاسيہ رچنا ۾ مذاق ۽ طنز هڪ سڪي جا بہ پاسا آهن. رچناڪار کي مذاق روپي ڪمان تي ئي طنز روپي تير ڪسي شخص توڙي سماج جي اوڻاين ڏانهن هڻڻ گهرجي، جيئن شخص توڙي سماج جو ڌيان اُن طرف ڇڪجي ۽ هو اُنکي سڌاري سگهن.

ڏنو وڃي تہ وقت ۽ حالتن موجب هرهڪ رس جي پنهنجي پنهنجي اهميت رهي آهي. جڏهن اِنسان شاريرڪ توڙي مانسڪ روپ سان ٿڪجي پوندو آهي. حالتون اُن کي تناوَ ۽ چنتا ۾ ويڙهي ڇڏينديون آهن. تڏهن اُن کي پنهنجي مِتِرَ منڊليءَ جي ضرورت پوندي آهي. هوءَ اُن متر منڊليءَ سان ڪل چرچو ڪري ٿڪاوٽ کي تراوت ۾ بدليندو آهي. پنهنجو حال احوال اوري من هلڪو ڪندو آهي. کل ۽ ٽهڪن سبب ڌَمنيُن ۾ رت تيز رفتار ايندي آهي جا صحت لاءِ فائديمند آهي. ان ڪري ئي هاسيہ ڪلب ۽ بين موج مستي وارين منڊلين جو نرماڻ ٿيو آهي. جيئن اُهي انسان جو اُداسيءَ جي اُڏهيءَ کان بچاءُ ڪري سگهن.

انسان جڏهن اڪيلو هوندو آهي حالتون ڪيس مترمنڊليءَ کان پري ڇڪي وينديون آهن. تڏهن هاسيہ رچنائون خاص ڪري ڪاويہ هاسيہ رچنائون هڪ کلائيندڙ سچي متر جو ڪم ڪنديون آهن ۽ ٽهڪ ڏيارائينديون آهن. نراشا کي پچائي اُتساهہ اُمنگہ ۽ آشا پئدا ڪنديون آهن. اِنسان اندر

ان وقت جي چالو ٻوليءَ ۾ ڪويتائون نہ لکي، روحل هنديءَ ۾ لکيون، ان جو ڪارڻ جو اهو هئو جو ان وقت جي سنت ڪوين هنديءَ کي ئي پنهنجي رچنائن جو ذريعو بڻايو هئو. چاڪاڻ تہ اها وڌيڪ موزون ۽ موافق هئي. ان پرمپرا کي قائم رکي روحل بہ هنديءَ کي اپنايو.

روحل فقير دوها، ڪوت چند، چوپايون، للت چند وغيره کي پنهنجن رچنائن جو ماڌيم بڻايو. اهي سڀ ڀارتيہ ساستر جو انگ آهي.

حقيقت ۾ سنڌ جي ٻين مسلم شاعرن اسلامي اثر هيٺ اچي قران شريف ۽ حديثن جي ٽڪرن جا حوالا ڏنا آهن. پر، روحل ائين نہ ڪيو آهي. هن تي اسلامي اثر نہ پيو آهي. هن جي رچنائن ۾ هنديءَ وانگر يوگ، ويدانت ڀارتيہ سنسڪرتي ۽ ڀارتيہ درشن جي حوالن جي ڀرمار آهي. هن ڀارتيہ سنسڪرتي ۽ ڀارتيہ سنت ساهتيہ جا حوالا ڏنا آهن:

”هو ري ڦاڳ ۾ ڪليون مئہ اپيني پيئا سنگ پياري.“

”نام ديو ڪي ڇن ڇڏائي ڪرما ٻائي ڪي کچڙي هئہ کائي.“

”ساڌ ڪبير هئا مئہ ڪاسي مِلِ پنڊت سوُن ڪيسي ها سي.“

روحل فقير رام ڪان متاثر ٿيو هئو. هن پنهنجي ڪلام ۾ ڪيترن هنڌن تي رام جي نالي جو ذڪر ڪيو آهي. مثال لاءِ ڪي ٽڪرا هيءُ آهي.

”روحل دام وسي سپهين گهٽ“

”رام نام جئسا ڏنُ دل بسي.“

”جي رنگ رچي رام جي، راهو تي ٿيا لال“

ودوانن جو چوڻ آهي تہ روحل جي هندي گيتن ۽ بيتن کي ٻڌندي ڪوبہ ائين سمجهي نہ سگهندو تہ هيءُ هندن جا آهن يا مسلمانن جا. هن جي ٻاڻي سنسڪرت لفظن سان ڀري پيئي آهي. هن جي ٻاڻي هندو نموني لکيل آهي. اها هڪ عجب جي ڳالهہ آهي. سنڌ ۾ ٻئي ڪنهن بہ اهڙي ٻاڻي نہ لکي آهي. انڪري هن سنت جا شش گهڻو ڪري هندو آهن. هن جي مهما جيتري سنڌ ۾ آهي، ان کان وڌيڪ جوڌپور، جيسلمير ۽ بيڪانير طرف آهي. خود جوڌپور جو راجا ٻڇئہ سنگهہ بہ هن جو پوئلڳ هئو. ڪيترا هندو راجپوت بہ هن کي گرو ڪري مڃيندا آهن.

مطلب تہ روحل جو ڪلام سڳنڌي گلن ۽ مٺن ميون جو آهي.

ن ''رس سوتر'' رچنا منجهہ رس جا 4 جزا مقرر ڪيا. (i) اِستائي ڀاوَ يا
س (ii) وِڀاوَ (iii) انوڀاوَ (iv) سنچاري ڀاو.

(i) **اِستائي ڀاوَ يا بنيادي ڀاوَ** : هيءُ ڀاوَ جنمڻ کان ئي اِنسان يا آشريہ
ندر سُتل يا سُپت اَوستا ۾ مؤجود هوندا آهن. انهن کي من يا چِت جا
نسڪار پڻ چئي سگهجي ٿو. اِهي ڀاو ڪنهن بہ ڪارڻ يا وسيلي (ڪلاڪار
ا رچناڪار) سبب اِنسان يا آشريہ اندر ظاهر يا جاڳرت ٿيندا آهن. اِهي
ستائي ڀاوَ ڪل ڏهہ مڃيا ويا آهن ۽ ڪين رس جا نالا ڏنا ويا آهن.

عام اِنسان يا آشريہ : اُهي پاٺڪ درشڪ يا شروتا يا اُهي پڙهندڙ
سندڙ يا ڏسندڙ جن اندر مؤجود سُتل رس کي ڪي بہ ڪلاڪار يا رچناڪار
ظاهر يا جاڳرت ڪن تہ انهن عام اِنسانن کي رس جو آشريہ ليکبو. ڪل
ڏهہ رس هيٺ ڏنل موجب آهن.

اِستائي يا بنيادي ڀاوَ	رس جو نالو
1. سونهن، پريم يا رتي (Sex) وغيره	شرنگار رس
2. کل، خوشي، مزاڪ طنز وغيره	هاسيہ رس
3. دک، افسوس پڇتاوَ وغيره	ڪُرُڻ رس
4. ڪاوڙ، ناراضگي، ڪروڌ وغيره	رؤدر رس
5. پريرڻا، اُتساهہ، بهادري وغيره	وير رس
6. ڊپ، ڀئُہ، آتنڪ يا دهشت وغيره	ڀيانڪ رس
7. نفرت، ڪرهت، اشلينتا يا بيهودپڻو وغيره	ويڀتس رس
8. عجب، اچرج، وائڙو پڻ وغيره	اَدڀت رس
9. وئراڳہ، تياڳہ وڪارن مان مڪتي وغيره	شانت رس
10. ممتا، حب يا سنيهُہ معصوميت ڏانهن پيار وغيره	واتسليہ رس

(ii) **وڀاو** : ستل اِستائي ڀاوکي اُڀارڻ ۽ وڌائڻ يا جاڳرت ڪري وڪست
ڪرڻ وارن ڪارڻن کي وڀاو چئبو آهي. اِهي ٻن حصن ۾ ورهايا ويا
آهن.

(a) **آلبمن يا آڌار** : جنهن سبب رس يا ڀاو جاڳرت ٿئي يا ڪري
چئجي پئدا ٿئي. مثال طور، شرنگار رس لاءِ منظر يا قدرتي نظارا پريم
يا وڇوڙي جا نظارا ڏڻ، تهوار وغيره، رؤدر رس لاءِ دشمن ڏسڻ تہ هاسيہ

پيدا ٿيل نااُميدن ۽ نراشائن جو خاتمو ڪنديون آهن ۽ ڪيس مصيبتن ۾ به مرڪي جيئڻ جي پريڻا ڏينديون آهن ۽ آتم هتيا جهڙي پاپ کان پاسيرو ڪنديون آهن. اهڙي نموني هيءُ رچنائون نه رڳو سماج کي سڌارڻ جو ڪم ڪنديون آهن پر هڪ جاڳرت سهنشيل ۽ ساهس سماج جو نرماڻ پڻ ڪنديون آهن.

رس يا ڀاوَ - جماليت يا علم خوبصورتي

ساهت ۾ رس کي برهمانند سوروپ يا ست چت آنند سوروپ مڃيو ويندو آهي. چاڪاڻ ته هيءَ ساتوڪ آنند آهي جو ساهت يا ڪلا جي ڪنهن به روپ کي ڏسڻ يا ٻڌڻ سان يا وري پڙهڻ سان حاصل ٿيندو آهي. هيءُ بيجوڙ ۽ بيمثال آهي. اِنساني ڪيتر گيان ڪرم ۽ اُپاسنا ۾ هن جو درشن ٿيندو آهي. هن کي نظم جي آتما ڪري ليکيو ويندو آهي. رس يا آنند ۾ اچي آتما مايا جي پردي کان مڪت ٿي پرماتما سان لِنوَ لڳائيندي آهي. پرماتما سان لاڳاپو جوڙي هڪ قائمي رشتي سان ڳنڍجي ويندي آهي. اُن وقت اِنسان جي من مان ڀيدڀاو، اونچ نيچ پٺو نڪري ويندو آهي. هوءِ سڀ کي هڪ جهڙو سمجهڻ لڳندو آهي ۽ سڀ ۾ هِڪُ ڏسڻ لڳندو آهي. اِها سندس ساڌارڻيڪرڻ جي اَوستا يا عام پٽي جي اَوستا سڏائيندي آهي. رس يا ڀاو جي رچنا کي اسين ٻن مکيه جُزن ۾ ورهائي سگهون ٿا.

(1) **اِستائي ڀاوَ يا رس (सेन्टीमेन्ट)** : اُهو رس جو هر اِنسان اندر ستل اوستا ۾ مؤجود آهي. يوڳيه ڪارڻن سبب آهستي-آهستي وڪست ٿي يا وڏي ڪري هڪ چرم سيما تائين پهچندو آهي. پوءِ چٽي عرصي تائين من ۾ رهندو آهي. جيئن ته پريم، نفرت، اُتساه وغيره.

(2) سنچاري ڀاوَ يا رس (इमोशन) : اُهو رس جو اچانڪ ۽ تڪڙو پئدا ٿي جلدي غائب پڻ ٿي ويندو آهي. جيئن ته مرڪ، کل يا ٺهڪ، ڊپ يا وِروڌ وغيره.

آچاريه ڀرت پنهنجي ڪتاب ''ناٽيه شاستر'' ۾ چيو آهي ته رس ماڻڻ لاءِ ڪلاڪار توڙي رچنا کي، پاٺڪ يا پڙهندڙ، ڏسندڙ توڙي ٻڌندڙ کي خاص پٽي مان نڪري عام پٽي ۾ اچڻو پوندو يعنيٰ ساڌارڻيڪرڻ اَوستا گرهڻ ڪرڻي پوندي. ڀيدڀاو اونچ نيچ پٽي، شخصي سوارٿن ۽ تنگ دائرن مان نڪرڻ بعد ئي هوُ سچي رس يا آنند کي ماڻي سگهندو.

اُديپن وڀاو : عجيب ٽنا ٽني ڪپڙا ۽ ٽوپي، ڇيڙ ڇاڙ يا مسخري، کلائيندڙ ۽ وندرائيندڙ ڪوششون ۽ چيسٽائون.

سنچاري ڀاو : مرڪ جو اچڻ وڃڻ چنچلتا، کلڻ کوش ٿيڻ يا رُئڻ جو ناٽڪ ڪرڻ، ڪن ستن وسيلي هاسيه جي سمجهاڻي.

(i) ٽني تي پوهوءَ ماءُ،
لٽا نديءَ تي ڌوئي ويني
اڱوانن کي لوئي ويني
منهن سڄائي ستي تي ڪپڙا
ٽڪو اٿس ڪوتاءُ هن ۾

آلمبن : پوهوءَ ماءُ جي شڪل
اُديپن : ڪپڙا ڌُئڻ، اڱوانن کي لوئڻ
انوڀاو : سڄيل منهن ۽ ڪپڙن جو سٽڻ
سنچاري ڀاو : ٽڪو تاءُ

(ii) ٽڊڙين ڦٽاڪو، جئي منهنجو ڪاڪو
ڪاڪو وينو ماڙيءَ تي گل ڪاڪي جي ڏاڙهيءَ تي

آلمبن : ڪاڪي جي ڦٽاڪي سان ڀيٽ
اُديپن : ڏاڙهيءَ تي گل
انوڀاو : ماڙيءَ تي وينل
سنچاري ڀاو : ٽڊڙين جي ڦٽاڪي جي آواز جي ڪلپنا

من رس سان واسطو رکندڙ ڪجهه سٽون :

(1) گهر گهر ۾ ٽڪاءُ ڇٽو ٻالهه ۾ مٽاءُ ڇٽو
طام ۾ پلاءُ ڇٽو کير ۾ ڪلالا ڇٽو

(2) هيو مسخرو هڪ ڇڇو ۽ لچو
کيس ڏند ٻاهر ڀيو هو ٻُڇو

(3) گهوٽ چڙهيو گهوڙيءَ تي ناسَ پٽو ٻوڙي
سوا گهڙيءَ واسطي ساري عمر لوڙي

(4) هوا ۾ ڀرجي مڇن کي نه وَٽ
اُڏائيندس مان توکي نه مون ڇاڻ گهٽ

رس لاءِ جوکر ڏسڻ وغيره.

(b) اُديپن : جن سبب جاڳرت يا نهيل رس يا ڀاوَ وڌي يا ڀڙڪي يا وسڪت ٿئي. شرنگار رس لاءِ چانڊني رات، برسات ڪويل جي ڪوڪ وغيره رؤدر رس لاءِ سينا زوري، گهمنڊ جنگ جو ميدان وغيره هاسيه رس لاءِ عجيب پوشاڪون، چيڙڇاڙ وغيره.

(iii) انوڀاو : اِستائي يا بنيادي ڀاو جي جاڳرت ٿي وڪست ٿيڻ بعد آشريه اندر پنهنجو ڀاڱ پئدا ٿيل ڪوششون يا چيشٽائون جيڪي اُن ڀاوَ کي چالو رکندي ڇڱي عرصي تائين هلائڻ ۽ غائب ٿيڻ کان روڪن. مثال طور، شرنگار رس ۾ نينهن سان ڀريل نظرون مرڪيل چهرو ناز، نخرا وغيره هاسيه رس ۾ اکيون ۽ هٿ نچائڻ منهن مچڪائڻ کلائيندڙ کيل ڏيکارڻ وغيره.

(iv) سنچاري ڀاوَ : اِستائي ڀاو جي جاڳرت ۽ وڪست ٿيڻ بعد هيءُ ڀاو اچانڪ ۽ رکي رکي پئدا ٿيندا آهن ۽ ڪجهه پلن بعد غائب ٿي ويندا آهن. اِهو سلسلو هلندو رهندو آهي. هيءُ ڀاوَ اِستائي ڀاوَ جي وڪاس ۽ مضبوطيءَ ۾ مدد ڪندا آهن. مثال طور، شرنگار رس ۾ پريمين جي ملڻ وقت خوشيءَ جا ڀاوَ وڇڙڻ وقت دکه جا ڀاوَ پريم جي شروعات ۾ لڄ ۽ ملڻ اُتسڪتا جا ڀاوَ وغيره رؤدر رس ۾ سَنَل ستم جي ياد، جوش جنون وغيره هاسيه رس ۾ مسخري چنچلتا وغيره. اِهي ڪل ٽيٽيهه آهن.

رس جو نهڻ : جڏهن رس جا الڳ الڳ جزا ڍنگ سان يا ويوست نموني ۽ شرمڪ روپ سان سٺي نموني پئدا ٿيڻ يا وڪست ٿين ٿا تنهن رس پورڻ روپ ۾ تيار مڃيو ويندو آهي.

رس جو ماڻڻ يا انوڀوتي يا احساس : جڏهن اِستائي ڀاوَ آشريه جي اندر آلمبن وسيلي پئدا ٿي اُديپن وسيلي واڌ ڪائي سنچاري ڀاو وسيلي مضبوطي ۽ وڪاس پائي انوڀاوَ وسيلي لڳاتار چالو رهي ٿو. تڏهن رس جو احساس يا انوڀوتي ٿئي ٿي.

هاسيه رس : بنيادي ڀاوڪل، خوشي، مزاق ۽ طنز
آشرهه : ڀانڪ درشڪ شروتا ڪڏهن ڪڏهن ڪلاڪار اداڪار يا رچناڪار به
آلمبن وڀاو : عجيب شڪل يا سياءِ ڪروپ يا وڏ واري شڪل

(i) سنڌيدان ايڏيئن سنڌيدان فول
رڳو ڄانور جهنگلي ۽ جهول (بلبل)

(ii) جي ٻانگ ڏيڻ سان ٿئي هان مُلو
ڪڪڙ جيڪر هٽي ڄامي ۽ سا ڪلهو (مرزا)

انهيءَ وقت ۾ ايسرلال ۽ اِمام بخش خادم پنهنجو چٽو رنگ ڏيکاريو. فقير محمد 'ڪيتاڻ' مدن (شاهه جو مريد) بيتن وسيلي مذاق سان گڏ طنز وارين سٽن سان هاسيه ڪاويه ۾ اڀرا ٿيا. پيراڻو ينيرو ۽ لالچند امر ڏنومل به نالو ڪمايو. بيوس، ديوان ڏيارام گدومل شهاڻي ساڌو ٽي.ايل. واسواڻي ۽ سوامي ڀوڏراج ڀوڏبه چٽي شهرت حاصل ڪئي.

ورهاڱي بعد پاڃ سبب راڄنيتڪ، آرٿڪ، سماجڪ حالتن ۽ مسئلن جو جن ساهت ۾ ڪجهه وقت رکنو وڌو پوءِ اڳي کان اڳرو ٿي مذاقي ۽ طنزي ساهت وڌڻ لڳو. جنهن کي سيني عظيم شاعرن جهڙوڪ دڪايل، دلگير، شيام، شيخ اياز، هرو سدارنگاڻي 'خادم' فاني ۽ ٻين ڪيترن ئي وڌايو ويجهايو. روچي خوابيءَ، پرسرام ضيا ۽ هاسانند جادوگر مذاق ۽ طنز جا ماهر ليکيا ويا.

ترقي پسند شاعرن به آزاد يا نئين ڪويتا وسيلي هاسيه جو رس پان ڪرايو آهي. گهڻي ڀاڱي هند ڇاهي سنڌ جا شاعر هن رس تي قلم هلائي هن صنف جا پنڌارا يري رهيا آهن.

(5) ٻنهي پهلوانن چنهي جان پڙهي
ويو ٽيمپريچر ٽنهين جو چڙهي

(6) سنڌن سنڌيءَ ڪوءَ ۾ ويو ٽُرُ ملي
مايا اِن رِلي، ڪٽي ٻچي ڪن ۾

هاسيه رس پيدا ڪندڙ ڪاويه جو ٿوري ۾ اتهاس:

چرچو ڀوڳ، ٺٺولي اسانجي لوڪ ادب جو هڪ حصو رهيو آهي ڪيترن لوڪ گيتن ۾ اُن کي ٻڌي سگهو ٿا. مثال طور :

(i) سس ڙي سس تون ته ڏيڍڙي ڪُٺُ
(ii) جنهن جا پير پنج سير اٽيئي هوجالو
(iii) ڳُنڍڻ ڳنڍيءَ مان رات ڪِتو ڪٽي ويو.

قاضي قادن کان به اڳ ماموئي فقير جي ڪاويه ۽ اڪتين ۾ مذاق ۽ طنز موجود آهي. مثال :-

ٻارو ڇاٻارو ٽڪي تي وڪامندا.

18 ۽ 19 صديءَ ۾ شاهه، سچل، سامي دلپت پڻ طنزي بيت دوهن ۽ سلوڪن سان ٻوڏگي شخص جو پاکنڊ پڌرو ڪيو. پنڊتن ۽ مولوين کي به کين بخشيو. ڪي مثال هيٺ ڏجن ٿا :

(i) لاڏي لڱڱاويهه، آريجن مان آسرو
پنهي پرائو ڏيهه اچي ڪاءُ آريجن ۾ (شاهه)

(ii) مُلا ته ڪارڻ مانين جي ختما پڙهن ٿا خاصا
جڙي ويهن ٿا مانين تي ڪليون پرن ٿا پاسا (سچل)

(iii) مِڙيئي روڳي اٿيئي جهان جا
ڏڄيءَ جو ويس ڪري سامي ٿيا جوڳي (سامي)

(iv) نانگو سڏائين لوڪ ۾ فرقا پهرين خاص
نانگ لجايئہ لالچي ڪري لوڪ لباس (دلپت)

19 صديءَ جي پوئين اڌ ۾ شمس الدين ''بلبل'' ۽ مرزا قليچ بيگ مزاقي ۽ طنزي شاعريءَ کي اُياري آسماني اوچائيءَ تي پهچايو. هنن ڌرمي مولوي پنڊتن سان ڀروپي نيتائن کي به کين بخشيو. سندس رچنائن ۾ هاسيه رس ماٺي سگهجي ٿو.

ڪري ڇيائين-

سيٺ : هاٺي ھتان هلين ٿو ڪن هٿاء ٻه چار...!

فقير : سيٺ صاحب غصو نه ڪيو مان وڃان ٿو...سڪ جو سؤدو آ ڏيو ته ٻه واھ-واھ، نه ڏيو ته ٻه واھ-واھ!

ائين چئي فقير واپس وڃڻ لاءِ مڙيو، سيٺ سامت جو ساھ کنيو! ٿوڙو اڳيان وڃي فقير واپس مڙي بنگلي جي دروازي طرف آيو، جتي اڃان سيٺ بيٺو هئو. سيٺ جي ويجھو اچي فقير ڪيس چيو-

فقير : (آزي نيزاري ڪندي) سيٺ صاحب توھان جي حاڪ ٻڌي، توھان وٽ آيو هئس...توھان جي در تان خالي هٿين موٽندي، من ۾ مونجھه ٿي رهي آهي. ٻيو ڪجھه نه ته توھان پنھنجي پيرن هيٺان پڪڙيل ڌوڙ جو ٻُڪ ئي ڀري ڏيو، منھنجي بيقراريءَ کي قرار ملي پوندو!

سيٺ کي فقير جي ان ڳُھر تي عجب ته لڳو پر ان ڊيٺ فقير کان پنھنجي جند ڇڏائڻ لاءِ زمين تان واريءَ ٻُڪ ڀري فقير کي ڏنائين. فقير ايڏو خوش ٿيو! سيٺ کي نھائين عجب لڳو، فقير کان پڇيائين-

سيٺ : هي واريءَ ٻُڪ وٺي تون ايڏو خوش ٿيو آهين، ان سان تنھنجو ڪھڙو ڀلو ٿيندو!

فقير : (مشڪندي) ڀلو منھنجو نه، ڀلو توھان جو ٿيندو سيٺ صاحب! توھان جھڙو سيٺ جنھنتي ايشور جي اٿمٽئي آسيس آهي- اُن ڏاتار جي ڏنل مال-متا، اُن ڏاتار جي ڏيڻ جي ورتيءَ جو توھان کي احساس ڪرائڻ لاءِ مان توھان وٽ آيو هئس. اڄ ڳ ڀٽ ۾ گھٽ ڪنھن کي ڪجھه ڏيڻ جي لاءِ توھان جو هٿ ته کڇيو. جنھن هٿن سان اڄ ڌوڙ دان ڪئي اٿوَ، ڪنھن ڏينھن ڌن به دان ڪندا!

فقير جي ڳالھه ٻڌي سيٺ شمسار ٿيو. اُن ڏينھن، اُن فقير کي ته خوش ڪري روانو ڪيائين پر اڳتي به ڪنھن کي پنھنجي درتان خالي هٿين ڪونه موٽايائين ۽ آنند ماڻيندي پنھنجو جيون گذاريائين ڇاسچ پچ ڏيڻ

ڏيڻ ۾ آنند

- وِڪرم شهاڻي

هڪ فقير صبح مردان جو هڪ ڪنجوس سيٺ جي در تي اچي سٺن هنئين-

فقير : سيٺ صاحب لاچار آهيان، ڏُکي آهيان، مونکي ڪجهه ڏيو!
ڪنجوس سيٺ پنهنجي بنگلي جي لان ۾ آرام ڪرسيءَ تي ويٺي مزي سان اخبار پڙهي رهيو هئو. صبح مردان جو فقير جي بکر واري ٻاڪار ٻڌي سندس مزو مٽيءَ ۾ ملي ويو ۽ من ۾ فقير لاءِ ڪراهت محسوس ڪندي ڪيس چيائين-

سيٺ : اوئي مردوهه! اها بکر واري ٻاڪار بند ڪر ۽ هلندو تي هتان توکي ڏيڻ لاءِ مون وٽ ڪجهه به ڪونهي!

فقير : سيٺ صاحب، توهان جي سڄي شهر ۾ ناموس آهي- هرڪو پيو توهان جا گُڻ ڳائي...مونکي ڏهه-ويهه رُپيا ئي ڏيو...

سيٺ : (غصي ۾) هيتري محنت ڪري ڪمايون ٿا، تو جهڙن ناڪارن کي خئرات ڪرڻ لاءِ؟

فقير : (ٻاڏائيندي) سيٺ صاحب پيو ڪجهه نه صحي راتوکو ٻچيل-سچيل روٽيءَ ٽڪر ئي ڏيو، ٻه گرهه پيٽ ۾ پوندا. توهان کي دُعا ڪندس!

سيٺ : (حقارت سان) پنهنجي دُعا رکه پاڻ وٽ-پنهنجو ڀلو نه ڪري نٿو سگهين هليو آهين منهنجو ڀلو ڪرڻ!

فقير : (ٻاڏائيندي) سيٺ صاحب ٿڌين جا ڏينهن آهن- پيو ڪجهه نه ته ڪو ڦاٽل-ٽٽل ڪمبل، ڪو سُئيٽر، ڪا شالُ ئي ڏيندا ته توهانجو ڀلو ٿيندو...ٿڌ ۾ رات ڪٽڻ ڏاڍو ڏکيو ٿو ٿئي!

فقير جي ڊنائپ، سيٺ جي من ۾ باهه لڳائي ڇڏي. غصي ۾ آرام ڪرسيءَ تان ٽپ ڏيئي اُٿي ڪڙو ٿيو ۽ دروازي طرف ڌوڪيندي فقير کي

تو جنهنجي ڪنهن کي سُڌ به نه پوي ته اها شيءِ ڪنهن رکي آهي ۽ نه ئي
ڏهن ان رکيل شيءِ جو تو ڪنهن سان ذڪر ڪندو هئو. انهيءَ نگر جو
تو ضرورتمند ڪو گهرجائون ماڻهو جڏهن مندر ۾ پنهنجي گهر واري شيءِ
اصل ڪرڻ ايندو هئو ته اهائي کڻندو هئو ۽ اوتري انداز ۾ ئي کڻندو هئو
يتري ان جي تتڪال گهرج هوندي هئي. باقي بين گهرجائن لاءِ ڇڏي
يندو هئو. ”ونڊ وراهه، سک پاءِ“ جي ان طور-طريقي ۾ نه ڏيڻ واري کي
مان محسوس ٿيندو هئو، نه وٺڻ واري کي شرمسار ٿيڻو پوندو هئو! هر
نهن کي هڪبئي جي سک جي تانگهه هئي. ان سرشٽي سبب سماج جو
رڪو جيوَ سنتوشي بڻجي جيون جيئندو هئو. هر ڪنهن ۾ هڪ ٻئي کي
ڪجهه ڏيڻ، هڪبئي لاءِ ڪجهه ڪرڻ جي ڀاونا هوندي هئي. مندرن جو
ڪاريه آهي انسان جي من مندر ۾ ايشور جي هجڻ جو احساس ڪرائڻ! ان
ءِ ئي مندرن جي استاپنا ڪئي ويئي هئي. ان سرشٽي سبب ئي انسان ۾
سانيت لاءِ پريم-شردا ۽ وشواس جي جوت جڳندي هئي. اُها ئي ته ايشور
ي اُستتي آهي. اُها ئي ته ايشور جي پوڄا آهي. جنهن سماج ۾، سماج
ي طبقن ۾ ويڇو گهٽ هوندو. اُها ئي سماج سکي رهندي ۽ جتي سُک
هي اُتي ئي ايشور آهي! وقت پٽاندڙ مندرن جو سَروپ بدلجندو رهيو
هن جو مقصد بدلجندو رهيو. ڪرم ڪانڊي پوڄا جي بولا-بالا وڌندي
هي. اڄ جي مندرن ۾ ته ٻڪارين جي پيڙ ڪني ٿيل ئي نظر ايندي لڳه
هه هرڪو پنهنجي پنهنجي مڃتا، ايشور کي مڃائڻ لاءِ، مندرن جا ڦيرا
ري ٿو. ڪنهن کي امتحان ۾ پاس ٿيڻو آهي، ڪنهن ڪيسهٽي سُلجهڻ
وءِ کپي ته ڪنهن کي سچن ٿيندولڪر يا شهروکه خان جهڙو پٽ کپي-
يڪو ڏينهن-رات نوٽ ڇپي گهر ڀري! ٻيو ته ڇڏيو، ٻن ٽن ڪارين ۽
نگلن وارا به ڀڳوان جي مندر ۾ وڃي اهو ئي راڳه ٿا آلاپن ته- ”همڪو ڀي
و لفٽ ڪرادو...تِن ديئي هئن...چار دلادو“ مطلب جنهن وٽ جيڪي
هي اُن جو ڪيس سنتوش ناهي ته ٻئي کي ڇا ڏيندو؟ ٻئي جي لاءِ ڇا
ڪندو؟ هرڪو صرف پنهنجي ارد-گرد ئي سوچي ٿو ته سماج ۾ اسنتوش ۽
ي ڇئني ته وڌندي رهندي! جنهن وٽ ناهي اُهو ته دُکي آهي ئي پر
نهن وٽ آهي اُهو به سکي ناهي. هزار دُکي ماڻهن جي وچ ۾ هڪ سُکي

۾ آنند آهي يا ونڻ ۾ آنند آهي؟

عام طور ڏٺو ويو آهي ته انسان کي ونڻ ۾ ئي مزو ايندو آهي! پر مزي ۽ آنند ۾ فرق آهي. مزي جو واسطو من سان آهي، آنند جو واسطو آتما سان آهي. هڪ مهاتما پنهنجي اُپديش ۾ ٻڌائي رهيو هئو ته ”توهان جڏهن ڪنهنکي ڪجهه ڏيئي رهيا آهيو ان وقت هڪ فوٽو ڪڍايو ۽ ٻيو فوٽو ان وقت ڪڍايو جنهن وقت ڪنهن کان ڪجهه وني رهيا آهيو. ڏيڻ وقت واري فوٽي ۾ توهان جي چهري تي جنهن نوراني نُور جي جهلڪ پسبي سا ونڻ وقت واري فوٽي ۾ ندارد هوندي! ڇو ته جنهن وقت اِنسان ڪجهه ڏئي ٿو ان وقت ڏاتار جي ورات سروپ جو هڪ حصو بڻجي، روحاني راحت محسوس ڪري ٿو جيڪا سندس چهري تي نمايا ٿئي ٿي.

سماج جي چوطرف نظر ورائي ڏسنداسين ته محسوس ٿيندو. اڄ لڳ-ڀڳ هر اِنسان پنهنجو مانسڪ سنتولن وڃائي بي چئن بڻجي چڪو آهي! رشتا-ناتا، دوستي-ياري، ويچار-وهنوار، هر ڳالهه ۾ ڪوڪلائپ وڌندي ٿي وڃي. ڪارڻ ؟ اِنسان جو اِڇائون ۽ آشائون، دُنيوي سکن ڪائڻ لاءِ ايترو ته پربل بڻجي چڪيون آهن جو ان کي هر ڪنهن کان ڪجهه نه ڪجهه پائڻ جي، ڪجهه نه ڪجهه ونڻ جي درڪار رهي ٿي. ۽ جڏهن اڇائن ۽ آشائن انوسار نٿو ملي ته بي چئني ! مطلب وٺان-وٺان جي چڪر ۾ اِنسان پنهنجي روحاني راحت وڃائي چڪو آهي. وٺ-وٺ جو چلن اپنائيندو تڏهن ئي ته سندس من جو مٽ پربو.

اڄ هر اِنسان جون گهرجون وڌي رهيون آهن. خرچ وڌي رهيا آهن. ساڻ-ساڻ مهنگائي پڻ تيزيءَ سان وڌي رهي آهي. سماج جي الڳ الڳ طبقن ۾ ويڇو پڻ ڏيهون ڏينهن وڌندو ٿو وڃي.

ان ويڇي وڌڻ واري ڳالهه تان ياد ٿو اچي ته اوائلي يگه ۾ سماج جي الڳ الڳ طبقن ۾ ويڇي گهٽائڻ جو ڪاريه مندرن ذريعي ڪيو ويندو هئو. جيڪو مندرن جي وجود ۾ اچڻ جو اصلي ڪارڻ هئو. ان زماني ۾ مندر ۾ ڪنهن به ڀڳوان جي ڪائي تصوير يا پتلو ڪونه هوندو هئو. هر نگر ۾ هڪ مندر هوندو هئو. نگر جي جنهن ناگرڪ وٽ ڪابه شيءِ پنهنجي ضرورت کان وڌيڪ هوندي هئي اها هو مندر ۾ چپ-چاپ اهڙي نموني رکي ايندو

ندڙ، ڪتابن جي بوجهہ هيٺان دبيل، ٻارن کي گُلاب جو گُل ڏئي اُنهن
ي ڪومل پاونائن کي پنهنجي مسڪراهٽ سان زنده رکي پنهنجي نئين
نهن کي مهڪايو!

اهڙا ڪيترائي ننڍا-ننڍا مثال آهن، جيڪي اسان جي ننڍي-ننڍي
نشش سان سماج ۾ انسانيت جي جوت کي جڳندو رکڻ ۾ مددگار ثيندو!
ڀارت جي اڳوٽي پريزيڊينٽ شري اي.پي.جي.عبدالڪلام هڪ مُهم
روع ڪئي آهي، جنهن جو نالو آهي ''وات آءِ ڪين گِو''
(What I can give) جنهن ذريعي ڪلام صاحب هر نگر، هر شهر جو دؤرو
ڪري نوجوان پيڙهي، 'نئين جنريشن' کي ڏيڻ جو مهتو سمجهائي رهيو
ي. پنهنجي پريوار لاءِ، سماج لاءِ، ديش لاءِ، ڪجهہ ڪرڻ ڪجهہ ڏيڻ جو
ذبو جاڳائي رهيو آهي. جيستائين اسان مُٺ کولڻ نہ سکيا آهيون - بنا
طلب ڪنهن کي ڏيڻ نہ سکيا آهيون، اسان ڪنهن سان ڪيئن جُڙي
گهنداسين ؟ زندگيءَ جو مزو ڪيئن ماڻي سگهنداسين!

هر اِنسان وٽ، ٻئي اِنسان کي ڪجهہ نہ ڪجهہ ڏيڻ لاءِ آهي! ضرورت
هي هن کي سمجهڻ جي، محسوس ڪرڻ جي! مونکي ياد ٿو اچي-ننڍي
وندي مان اڪثر پنهنجي پيءُ سان گڏ ڀاڄيون وٺڻ لاءِ ڀاڄي مارڪيٽ
يندو هئس- هڪ ڏينهن باباجي ڀاڄي مارڪيٽ ۾ چمپل ٽٽي پئي. ڀاڄي
ارڪيٽ ۾ ئي ڪنهن ڪنڊ ڪان هڪ موچي بہ وهندو هئو، جنهن ڪان بابو
چمپلون پڻ خريد ڪندو هئو. بابا پنهنجي ڇڳل چمپل اُن موچيءَ کي ٺيڪ
ڪرڻ لاءِ ڏني ۽ اُن وٽ رکيل ايڪسٽرا چمپل پاتي. ڀاڄيون خريد ڪري
سان موچيءَ وٽ واپس آياسين. موچيءَ نہ صرف چمپل رپيئر ڪري رکي
ئي پر اُن کي پالش پڻ ڪئي هئي. بابا منهنجي چمپل پائي، موچيءَ
ي رُپيو ڏنو. هُن رُپيو نہ ورتي-بابا جي اکين سان اکيون ملايون ۽ مشڪيو!
ابا کي چيائين-''سيٺ صاحب اسان کي بہ تہ سؤمان سان جيئڻ جو
وقعو ڏيو! توهان سان روحاني رشتو آهي- ڪڏهن ڪڏهن سچٽن لاءِ بنا
ڪنهن اُجوري جي، اسان کي پڻ ڪو ڪم ڪرڻ جو موقعو ڏيو. لڳ-ڀڳ
نجيتالهين سالن جي لنبي عرصي گذرڻ جي باوجود اڄ بہ اُن موچيءَ جا
چيل اکر ۽ سندس چهرو منهنجي ذهن ۾ تازه آهن. ننڍي ۾ ننڍو عدنا

انسان پيءِ جيڪڏهن رهندو، جنهن وٽ اڪيچار سک جا ساڌن آهن - تہ چاهو سگهي رهي سگهندو؟ هر انسان جي من ۾ پريشر ڪُڪر جو سيٽيون وڄي رهيون آهن، هر انسان پنهنجن ئي ٽينشنن ۾ ويڙهاٽن جيان وائڙو ٿي ٽينشن دور ڪرڻ جا غلط طريقا اپنائي رهيو آهي. ڪٿي تہ ڦل اسٽاپ ڏيئي نئين پيڙا شروع ڪيون ۽ ويچار ڪيون اوائلي مندرن جي طوَر طريقي بسنت، ڪجهہ ڏيون، ڪجهہ بين لاءِ ڪريون! بيءِ حالت ۾ انسان جون اِڇائون، انسان جو آشائون انسان جو ترشنائون سيپتا جا سيئي ليڪالنگهي، حَوس جي اَن دائري ۾ پهچي وينديون، جتي ممبئيءِ جي آدرش سوسائٽيءِ جهڙا، ڪامن ويلٿ گيم جهڙا، ٽو.جي -ٽري.جيءِ جهڙا ڪيترائي گهوٽال يا اسڪيم ٿيندا رهندا. انسانيت جي پائمال ٿيندڙ ان حالتن ڪان سماج کي ڪوئي اناهزاري تہ ڇا سويم ڪرشن ڀڳوان بہ بچائي نہ سگهندو!

هرسال 2 آڪٽوبر کان 8 آڪٽوبر ساري وشوَ ۾ ”Joy of Giving week“ ملهايو ويندو آهي. جنهن ذريعي سماج ۾ بين جي لاءِ ڪجهہ ڪرڻ، بين کي ڪجهہ ڏيڻ جي آنند جي احساس بسنت انسان کي جاڳرت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. هن مشيني يگہ ۾ انسان پاڻ کان دور ٿيندو ٿو وڃي، پنهنجي فطرت کان دور ٿيندو ٿو وڃي، ڪي سڄاڳہ انسان، جن کي سماج ۾ پنهنجي وجود ۽ پنهنجي جوابدارين جو احساس آهي، اُهي اهڙي قسم جون Events ملهائي، عام ماڻهن ۾ پڻ سڄاڳي آڻڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. ”جواءِ آف گِونگہ ويڪ“ درميان الڳہ الڳہ ماڌيمن ذريعي پرچار-پرسار ٿيندو رهندو آهي- جنهن جا ڪجهہ مثال آهن.

* هڪ ڪاليج جي ڪجهہ دوستن پاڻ ۾ ملي ڪري، صبح جو ساجهر، جنهن وقت اجان چانهہ جي ڏهن ليٽرن جي ڪتلي ۽ بسڪٽن جا پاڪيٽ کڻي نڪتا ۽ روڊ رستن تي جهاڙو-بهاري لڳائيندڙن-ردي ميڙيندڙن، اخبارون ورهائيندڙن، کير وڪڻندڙن محنتڪش انسانن کي مفت ۾ چانهہ بسڪيٽ ورهائي، اُنهن محنتڪش انسانن جي ’برائيٽ مارننگ مسڪراهٽ“ سان پنهنجي نئين ڏينهن جي جوت جڳائي!

* هڪ لافنگہ ڪلب جي ڪجهہ عُمردراز سڄڻ، گُلاب جي گُلن جو ٿيلهيون ڀري الڳہ الڳہ اسڪول جي دروازن تي وڃي بيٺا ۽ اسڪول ۾ داخل

ڪ ۾ ڪين ڪجهه ڏيون ! جيڪو انسانِ جي چاهنا کي زنده رکڻ ۾
ڳار ٿئي - جنهن اِنسان ۾ ٻين لاءِ ڪجهه ڪرڻ جو ٻين کي ڪجهه ڏيڻ
جذبو آهي سو ٻئي کي ڪجهه ڦرڻ، ڪجهه ڇنڻ ۽ دويش-درياونائن يا
-پڇ جي عادت کان آجو رهي ٿو. ان جي اُدار ڀاونا جاڳرت ٿئي ٿي ۽
رتا ئي تہ خوش مزاجيءَ جي جڙ آهي. جيڪي ڪجهہ اسانجي ضرورتن
ن وڌيڪ، ايشور اسانکي ڏئي ٿو، ان اعتبار سان ڏئي ٿو تہ سندس خلقيل
ان جي ڪارين کي اڳتي وڌايون. پاڻ کان نربل، هر جيو جي سار سنڀال
ن ۽ پاڻ ۾ ايشوريہ گڻن کي جاڳرت ڪرڻ جي ڏس ۾ ڪاريہ ڪندا
يون. اسانجو جڏهن جنم ٿيو تہ تن تي ڪپڙو بہ ڪونہ هو. جيئن وڏا
ندا وياسين، ڪپڙا وڌندا ويا، ڪيسا وڌندا ويا، ڪپڙا وڏا ٿيندا ويا، ڪيسا
ا ٿيندا ويا. پر جڏهن هن سنسار مان چالاڻو ڪنداسين تہ اسانجي ڪفن
ڪوئي ڪيسو نہ هوندو! هتان جو هٽ سڀ رهجي ويندو پوءِ ڇو نہ ڏاتار
ڏنل جيڪي ڪجهہ اسان وٽ آهي، ان مان ڪجهہ نہ ڪجهہ ٻين جي
ت ۽ سهنج لاءِ پڻ خرچ ڪندا رهون. ايشور اسانکي جنهن ويساهہ سان هن
تيءَ تي اُپايو آهي ان جي ويساهہ کي پختو ڪيون.

اسان جڏهن آمريڪا ويندا آهيون تہ پنهنجي رقم جو ڪجهہ حصو
ريڪن ڊالرن ۾ ’ڪنورٽ‘ ڪندا آهيون. جڏهن لنڊن ويندا آهيون تہ
م پائونڊن ۾ ’ڪنورٽ‘ ڪندا آهيون. جيئن اها رقم انهن ديشن جي
ر سپاتي وقت ڪم اچي سگهي. اسان سڀني کي خبر آهي تہ هڪ نہ هڪ
نهن هي جهان ڇڏي اگم ديش ڏانهن روانو ٿيڻو آهي تہ ڇو نہ اسان
هنجي رقم جو ڪجهہ حصو اهڙن ڪارين ۾ ڪنورٽ ڪيون، خرچ ڪيو
يڪو ايشور جي بئنڪ ۾ جمع ٿين ۽ اگم ديش ۾ ڪم اچن.

اچو-اڄ کان، بلڪ هينئر کان-فراخدل ٿي ڪنهنجي لاءِ ڪجهہ ڪيون،
نهن کي ڪجهہ ڏيون، ڏيڻ ۾ ئي سچو سک آهي، آتمڪ آنند آهي!
وحاني راحت آهي!!

انسان پڻ چاهي تہ بئي لاءِ نسوارت پاءُ سان ڪجهہ ڪري پنهنجو سؤمان جڳائي سگهي ٿو!

اَسان پنهنجي آس-پاس ڪيترن ئي ضروتمندن جي ننڍي-ننڍي مدد ڪري، اُنهن لاءِ سُکہ ۽ سَهنج ميسر ڪري سگهون ٿا- جئن

* ڪنهن ڪمزور کي رستو پار ڪرائڻ ۾ مددگار ٿيون.
* رستو پار ڪندڙ ڪنهن راهگير کي ڏسي پنهنجي واهن جي رفتار ڍيمي ڪيون.
* ڪنهن کي ڪٿي پهچڻ جي تڪڙ آهي تہ پاسيرا ٿي ان ہي رستو ڏيون.
* پارڪنگ ۾ پنهنجو واهن اهڙيءَ نموني پارڪ ڪيون جو ٻين کي پڻ واهن پارڪنگ ڪرڻ جي سهوليت ٿئي.
* ڪنهن جي چڱن ڪمن ۽ چڱي وهنوار جي ساراهہ ڪيون.
* جنهن سان بہ ملون - مُرڪي ملون.
* ڪوئي مدد گُهرڻ لاءِ هٿ ڊگهيڙي تہ سندس لياقت ۽ پنهنجي سمرٿيءَ انوسار، سندس مدد ڪيون - جي نٽا ڪري سگهون تہ نمرتا سان ناڪار ڪيون.

چوندا آهن ڦڙيءَ ڦڙيءَ تلاءُ آهي - اسانجي ننڍي ۾ ننڍي مدد جو هڪ هڪ قطرو، درياهہ بڻجي هن دنيا ۾ ڪنهن کي انسانيت جو احساس ڪرائي انساني ملهن وڌائڻ ۾ مددگار ثابت ٿي سگهي ٿو. ڪوبہ ڪاريہ ڪرڻ کان پهرين چندچاڻ ڪرڻ کپي تہ ڪيئن ان ڪاريہ سان منهنجو پلو تہ ٿئي پر منهنجي پريوار، سماج ۽ ديش جو پلو پڻ ٿئي! ائين ڪرڻ سان اسانجي سوچ جو دائرو اِسانجي ڪاريہ جو دائرو وسيع ٿيندو ۽ اسانجي آس پاس سکي ۽ شانتيءَ جو واسو ٿيندو. هميشه اهو ياد رکڻ گهرجي تہ منهنجي وجود کي قائم رکڻ ۾، سڌي اڻسڌي طرح ڪيڏن ماڻهن جو يوگدان آهي - ٿاليءَ ۾ جڏهن يوجن پروسجي اسان جي اڳيان اچي ٿو تہ ان يوجن جي ٿاليءَ پنيان گهٽ ۾ گهٽ ويهن پنجويهن ماڻهن جو يوگدان آهي. ائين اسانجي زندگيءَ جي ننڍي ۾ ننڍي ضرورت، ننڍي ۾ ننڍي سکہ، سهنج پنيان ڪيترن اِنسانن جو يوگدان ٿي سگهي ٿو - انهن لاءِ ڪجهہ ڪريون،

گردن جي مدد سان ڪافي چتر ڪاغذ تي چٽيا پر 1885ع ۾ اهي بہ باهہ ا بکہ بڻيا. سال 1904 ۾ ليڊي هيرن گهام پارٽ آئي ۽ 1910ع کان 191ع تائين اَجنتا ۾ رهي رايل ايشاٽڪ سوسائٽيءَ جي سهاري ’اجنتا رسيڪو‘ نالي تصويري ڪتاب شايع ڪيو جيڪو اڄ ڏينهن تائين دنيا ڀر ڪارو رهيو آهي ۽ اَجنتا جي غفائن تي عالمي سطح تي پارٽ جي ناماچار ي وڌايو آهي. دُنيا ڀر جي يادگارن ۾ تاجمحل جنهن کي دنيا جو ستون عجوبو سڏيو ويو آهي ڪانپوءِ اجنتا جون غفائون اُتم يادگارن مان هڪ آهن ڪلا-ڪاريگري ڏسي دنيا ڀر جا لوڪ ڏندين آڱريون ڏيندا آهن ۽ پڇندا هن ڇا اِها اِنسان، ڀارتي انسان جي هٿ جي ڪلا آهي؟

”اَجنتا“ نالي ڳوٺ انهن پهاڙي غفائن کان ست ميل پري آهي. اجنتا ساپتواه جبل جي قطار جي حصي جون پهاڙيون آهن اَندازي اڍائي سؤ فوٽ اوچي پهاڙ تي ”ڏنش“ آڪار ۾، ننڍيون وڏيون غفائون ملائي 29 غفائون کوٽيل آهن. غفا نمبر 28 جي ڏڙي جي سري تي ست منزلي آبشار جي روپ ۾ وهندڙ پاڻي پهاڙيءَ جي تري ۾ ’واگهوڙا‘ برساتي نديءَ نالي وهندي آهي. برسات جي مند ۾ هن جهرڻي جي رونق ۽ سج جي ڪرڻن ۾ پرندڙ اِندلٺ جا ست رنگہ خاص ڏسڻ وٽان هوندا آهن.

چون ٿا تہ چؤماسي جي ساوڪ، ننڊڪ، سونهن ۽ شانت وايومنڊل ۾ رهڻ ۽ ساڌنا ڪرڻ لاءِ ٻوڌي ڀکشڪن لاءِ اِهي غفائون کوٽيون ويئون هيون. سڀ غفائون ڪاري پٿر مان کوٽيل آهن. اِهو بہ چيو وڃي ٿو تہ گپت گهراڻي جي سمراٽن واري سميہ واڪاٽڪ ونش جي هريش سمراٽ جي راڄ ۾ اِهي غفائون کوٽايون ويئون ۽ ڪلا جو ڪم تيل غفائن جي نقشڪاري ڏسڻ وٽان آهي. هرهڪ بوتو جڻ بيجان نہ پر جاندار پاسي ٿو ۽ انهن جا چهرا زنده هجڻ جي ڀاونائن جو اظهار ڪن ٿا. ڪاريگريءَ جي ڪماليت جو سهڻو عمدو آستان آهن. هي غفائون چترڪلا ڪماليت جي چوٽيءَ تي پهتل آهي.

غفائون گهٽي پاڻي وهار آهن. ڀتين تي هرڻ ۽ ٻيا قديم زماني جا چتر چٽيل آهن. هڪ ديوار تي راجا سري ٻوڌيءَ جي ڪهاڻي چٽيل آهي. ڏيکاريل آهي تہ راجا آشريہ ورتل ڪبوتر کي هڪ باز جي پنجي مان بچائڻ خاطر پنهنجي جسم جو ماس ڪپي ڏنو هو. هڪ غفا ۾ راجا ويٺل آهي جو

اجنتا جون غفائون

نرمل گوپلاڻي

ڪنهن بہ ملڪ، جاتيءَ جي ڪلائن جو سُندر خزانو اُهو صرف اُن قوم، ديش جو نہ هوندو آهي پر اُهو سڄي سنسار جو قيمتي ورثو آهي. اجوڪي دنيا جون ڪلائون آهن : چترڪاري، سنگتراشي، سنگيت، ڪلا، شلپ ڪلا، ناٽڪ، ڪوتا وغيره. اِهي ڪلائون اِنساني سڀيتا ۽ اِنساني وڪاس لاءِ ضروري تہ آهن پر گھڻيون ڪلائون آرٿڪ وڪاس ۾ پڻ هتي ڏيندڙ آهن. اسانکي موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ مان انيڪ ڪلائن جا اهڃاڻ حاصل ٿيل آهن تہ وري ڀارت ۽ دنيا ۾ انيڪ غفائون آهن جيڪي ڪلا-ڪاريگريءَ جو بهترين نمونو آهي.

ڀارت جون اجنتا ۽ ايلورا دنيا ڀر هاڪاريون غفائون آهن جن کي جاڙيون ڀينر بہ سڏيو ويو آهي اُهي ٻئي ڪلا ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهن. ايلورا ۽ اجنتا ۾ فرق اِهو آهي تہ ايلورا غفائن ۾ چتر اُڪريل آهن ۽ اجنتا جا چتر رنگارنگي چٽيل آهن. ايلورا غفائون هندو ڌرم جي ۽ اجنتا غفائون ٻوڌي ڌرم جي ساک ڀريندڙ آهن. هتي اسين صرف اجنتا جي غفائن جو ذڪر ڪنداسين.

اسين بخوبي ڄاڻون ٿا تہ انگريزن حڪومت وقت اهڙيون جهڙيون ڳولهيون ويئون جيڪي ڪلا-ڪاريگريءَ جو انوکو مثال رهيون آهن. تواريخ ٻڌائي ٿي تہ 1819ع ۾ انگريزي فوج جو هڪڙو دستو اجنتا جي غفائن وٽ اچي پهتو. اجنتا ڀوساول ويجهو، مهاراشٽر راجيہ جي جلگانوَ کان پري آيل فردپور ڳوٺ ڏانهن ويندڙ پهاڙي علائقي ۾ آهي. انگريزي فوج جڏهن غفائن جي چترڪاري ڏٺي تہ دنگ رهجي ويا. 1839ع ۾ رائل ايشائٽڪ سوسائٽيءَ ان چترڪاريءَ تي وڏو مضمون شايع ڪيو. جنهن مان متاثر ٿي 1844ع مدراس جي فوج جو صوبيدار ميجر گل نوڪري ڇڏي وڃي اَجنتا جي غفائن ۾ رهيو ۽ تصويرون تيار ڪيون جيڪي انگلنڊ جي ڪرسٽل محل ۾ موڪليون ويئون اَچانڪ محل ۾ باهہ لڳي اُهي چتر جلي خاڪ ٿي ويا. 1870ع ۾ مسٽر گرفش ممبئيءَ جي جي. جي. اِسڪول آف آرٽس جي

دادا رام پنجواڻي

- پارو ناڪر چاولا

سنڌ جي سنتن ۽ صوفين جي ديس ۾ رهندي، هرڪو سنڌي صوفي- صوفي معنيٰ صاف، پيد پاوَ ڪان پري، هر ڪنهن کي پنهنجو، جاٽي-ڌرم مذهب ڪان گهڻو اڳوان. دادا پنجواڻي اهڙن درويشن ۽ صوفين جي سنگ ۾ پاڻ بہ درويش ۽ صوفي بڻجي پيو هو. اُهو رنگ، اُهو نشو سچي سنڌي جاتيءَ کي پياريائين.

”سچ پاڻ ڏٺيءَ پيدا ڪيو آهي
انگ آدم جو ڪنهن جوڙيو ناهي
سچ ٿا مرد چون ڪنهنکي وٺي نہ وٺي
ڪوڙي دوستيءَ جو دم بڻي نہ بڻي
(سچل)

اها سچ جي ساک شاهہ، سچل ۽ سامي نہ ڏني پر بين درويشن بہ انهيءَ راز جي ڳنڍ کولي.

سنڌ جا ڪيترا درويش پيا ياد اچن-

دلپت سائين چون ٿا-

”هر شيءِ دي وچ لڌن ٿي وسدا
اپنا آپ چپايا ڪيون“

روحل وري هيئن تو چوي

”سا ڪا ڏي ڪندي پير جا سُتي ڪعبي الله ۾“

پر مذهب جي آڙ ۾ ڪيترا مهاجرن راڻا ڪيا-

”مذهبن ملڪ ۾ ماڻهو منهنجايا
شيخي پيري بزرگيَ بي حد يمايا
”ڪي نِوڙي نمازون پڙهن، من مندر وسايا
اوڏو ڪين آيا، عقل وارا عشق کي“

پرارٿنا ٻڌي رهيو آهي. ٻئي چتر ۾ بارادريءَ ۾ راڻي راجا وٽ جهڪي ويٺي آهي ۽ داسيون هنن جي پيرن کي زور ڏيئي رهيون آهن. ساڄي پاسي سنگيت سان گڏ ناچ ٿي رهيو آهي. هڪ غفا ۾ ديوار تي ٻڌ جي اُپاردار مورتي آهي. جنهن ۾ اپديش ڏيئي رهيو آهي. چتر پڄ آڪار جو ننڍو پوڄا منڊپ ڏاڍو سهڻو آهي. هڪ هنڌ هڪ پرش ۽ هڪ استريءَ بيٺل آهن ۽ آڪاش مان هڪ مورتي اُڏامندي هيٺ اچي رهي آهي. هڪ ٻيو چتر بہ ڪافي ڌيان ڇڪائيندڙ آهي جنهن ۾ ريڊار تيزيءَ سان ريڊون هڪليندا نظر ٿا اچن. هڪ ڪونيءَ ۾ ديوار تي برهمي لپيءَ ۾ هڪ ليک آهي جنهن ۾ گهنا موڊيشن جي دان جي مهما جو ورتانت آهي. ڪي غفائون ٿنڀن تي بيٺل آهن جيئن احمدآباد ۾ ”جهومتا منار“ مشهو آهي ۽ انهن ۾ عجائب رمز رکيل آهي جو هڪ منار لوڏائبو آهي تہ ٻئي منار ۾ ڏوڏو لڳندو آهي. هڪ منار جي پيٽ ۾ آواز ڪبو آهي تہ اهو ٻئي منار جي ديوار ۾ ٻڌڻ ۾ ايندو آهي اهڙي قسم جي رمز پڻ اجنتا غفائن جي ڪن منڊپن جي ٿنڀن ۾ رکيل آهي. ٿنڀن تي ڌڪ هڻبو تہ ڇڻڪ ڌڪڙ وڄي رهيا آهن اهڙو آواز نڪرندو. وري ڇِت هيٺان بيهي آواز ڪبو، راڳ ڳائبو تہ ان جو هوبهو پڙاڏو يا جيڪو آواز ڪيندا ٻڌڻ ۾ ايندو. چترن ۾ اُڪريل اِسترين جا چتر اِها بہ شاهدي ڀرين ٿا تہ آڳاٽي سميہ ۾ اِستري جاتيءَ لاءِ ڪافي مان-سنمان هو. هرهڪ چتر ۾ پرش سان گڏ همشريڪ اِستري ضرور نظر اچي ٿي. ان زماني ۾ پردي يا منهن ڍڪڻ جو رواج ڪونہ هو. هار سينگار بہ گهٽ ڪونہ هو. استريون، ديويون، سوروير ۽ سيتاوان روپ هيون.

جنهن زماني ۾ غفائون کوٽيون ويون نفيس ۽ باريڪ چترڪاريءَ جو ڪم ڪيو ويو ان سميہ اونده هئڻ سبب اهو ڪم ڪيئن ٿيو آهي حيرت ۾ وجهندڙ ڳالهہ آهي. ضرور ڪا هٽرادو يا قدرتي روشني ميسر ڪئي ويئي هوندي. ڪم ڪرڻ لاءِ جو اڄ بہ ڪافي اونده آهي، پر هاڻي روشنيءَ جو بندوبست ڪيل آهي. اجنتا جي چترن ۾ ذري ذري ۾ جنسي جان ڦوڪيل آهي. اهي اجوڪي دنيا جا عملي خزانا آهن ۽ ڀارت جي ڪلا ڪاريگريءَ جي ساک ڀرين ٿا تہ ڀارت جي ڪاريگرن، ڪلاڪارن پنهنجي بي بها ڪلائن سان سنسار کي سينگاريو ۽ سجايو آهي. واقعي ئي هو داد جي لائق آهن.

چاڙ کي کٽي ايترو پنهنجو ڪيائين.

ٻه ڏينهن جي هنن وٽ نه ويندي هئس پر فون ڪري گهرائيندا هئا. چوندا ائين هئا پٽ ايترا ڏينهن وجهبا آهن ڇا؟

دادا پنجواٽيءَ دل جي تڪليف هئي. اسپتال ۾ هوندا هئا ته ٻه ٽي ڏينهن روز ويندي هئس.

اڃا اُتي بيهان مَس ته چون شروع ڪر، قطب شاهه جو ڪلام :

''سکي سڀاجهل ڪريو ڪا
مهر ڪريو اوهين هاڻي.''

(قطب)

اهو ڪلام ڇڻ دادا لاءِ دکه ڀنجني جو ڪم ڏيندو هو. روز اهو ڪلام ضرور ڳارائيندا هئا ۽ موٽڻ وقت ڪوجهي فقير جو ڪلام

''ٻاجهه ڀريا ٻانهيءَ تي، من ڀي ڪا مهر پوئي
ڪوجهي.''

هر سال آڪٽوبر دادا ڪملا هيرانند وٽ ويندا هئاسين جو اُهلي مهاتما گانڌيءَ جو جنم ڪملا ۽ دادا هيرانند ملهائيندا هئا.

اُتي وري چوندا هئا. ڳاءِ

''تنهنجي ائٽ جو آواز مون ته جهوپڙين ۾ ٻڌو
ڪاهيندو ڦي وتيو، ڊيرا ڦاهيندو ڦي وتيو''
دکايل جو ديش ڀڳتيءَ جو گيت.
''هي منهنجو وطن، منهنجو وطن، منهنجو وطن
ماڪيءَ کان منيڙو-هي منهنجو وطن.''

(دکايل)

شري ڪرشن جو جنم ڏينهن چوندا
مرليءَ جي تان ٻڌاءِ ته بيوس جي هيءُ گيت ياد اچي ويندو هو:
''تو اچي موڄ ۾ موهن جا وڄائي مرلي.
ساڻه مونکي تي رهي ياد سدائين مرلي''
ڀڄاڙي وارو ڏاڍو وڻندو هو دادا کي
''پرِيت ۾ مون ته ڪيو بيوس پورو

اهي رڻ جو ريجهائيندڙ بلبلون هيون
سنڌ جا شاعر-واٽي اسين تہ پنهنجي ڪٽي نڪتا
هئاسين- گڏوگڏ ڪٽي آياسين لال سائين جي اُپاسنا
آيو لعل جهولي لعل.

سنڌين سوچيو تہ همٿ ۽ حوصلي کي جاڳائڻ گهرجي-پرالبد تہ پوڳي رهيا هئاسين هاٽي پرشارٿ تي پاڙڻ جي راهہ ڳولهجي.

شاهہ، سچل، سامي، بيوس، دڪايل، دلگير.

ضيا ۽ ٻيا بہ ڪيترا صوفي سنت اچي حاضر ٿيا جن پنهنجي سچائي ۽ همٿ سان ڪم سنيالي ورتو. اڄ بہ سيني صوفين جا آستان نہ رڳو ممبئي ۽ ڪلياڻ ۾ ۽ ٻين شهرن ۾ برپا ٿيا. اڄ بہ اُتي سنڌين جا ميلا لڳندا تا رهن.

دادا پنجواڻي بہ پنهنجو ساز منڪو ڪٽي- ممبئيءَ چاهي اجمير، دهلي، دبئي، هانگہ ڪانگہ ۽ ٻين شهرن ۾ اسان کي گڏ وٺي هلندا هئا. اُن وقت چڻ سنڌي صوفي سنگت جي لهر لڳي ويئي ۽ اُها منهنجي دادا جي محنت ۽ پرشارٿ سان اڄ تائين هلندي پيئہ اچي. سالن جا سال اسين اجمير ۾ سنت ڪنوررام جي ورسي ڪرڻ ويندا هئاسين.

اسانکي دادا پنجواڻيءَ ڪانپوءِ سپ درٻاريون ڏاڍو گهرنديون آهن ۽ اچڻ لاءِ چوندا آهن ڪيترن هنڌ ويا بہ آهيون ۽ نہ رڳو پروگرام هلندڙ پر ٻيا بہ جيترا سنت اُتي ايندا هئا-سپ دادا پنجواڻي ۽ دادا جي ڪري اسان سان بہ گڏجندا هئا.

دادا پنجواڻي جي موهڻي مورت ۽ تنهن سان گڏ منو ڳالهائڻ سيني کي ڏاڍو سنو لڳندو هو. دادا پنجواڻيءَ جي پيار ۽ لاڏ ۾ مان بہ چڙهي پيس.

دادا پنجواڻي سان سنگت ڪري مان ۽ ناڪر ڏاڍو فخر محسوس ڪندا هئاسين.

دادا پنجواڻي يڪدم ڪٽي بہ هلندا- چوندا شروع ڪر پارو ڪلام تہ اُتيئي ميلو لڳي ويندو هو.

مان تہ پاڻ کي خوشنصيب سمجهندي آهيان جو ننڍي عمر ۾ ئي دادا جو پيارو سنگہ مليو ۽ مان هن راهہ تي آيس. اڄ بہ ڪيترا ٻڌندڙ دادا پنجواڻيءَ جي ڌيءَ ۽ ڳائڪا سمجهي ڏاڍو آدر ڪندا آهن پر مان اُن وقت من ئي من ۾ دادا پنجواڻيءَ کي شرف ڏيندي آهيان جو مون معصوم ۽ اڻ

گرام ڏيندو تہ چوندا هئا تہ رام پنجواڻي اچي- ڪيترا تہ ائين بہ
بار ۾ ڇپائي ڇڏيندا هئا.
”دادا پنجواڻي اڇڙو آ“
ڪيتريون منڙيون ڳالهيون ٻڌايانوَ
دل پر جي آئي آهي-
ياد آهي، ياد رهندو- جڳان جڳہ دادا
پنجواڻيءَ جو نالو- امر آهي- امر رهندو-
دادا رام پنجواڻيءَ سنڌين جو پيارو اڄ بہ سندس شروع ڪيل سومر جي
نڪي مان گهر ۾ هر سومر تي ڪندا آهيون ۽ سندس سيتڪ سنڌي
وگرام هر 15 ڏينهن هاڻ بہ شاندار نموني اڄان بہ چالو آهي.

تڏهن مڌسودن ۾ مک سان ملائي مرلي.''

ٻڌائيندا هئا تہ ڏس منهنجو ''بيوس'' سائين ڇا ٿو چوي

''هي موهن! مون تہ تنهنجي پريت ۾ پاڻ کي پورو معنيٰ خالي ڪيو آهي تڏهن مڌسوڌن ڪرشن پنهنجي مکہ سان مرلي ملائي آهي.''

پڻ معنيٰ پڇيائون، مون چيو دادا! توهين ٻڌايو چيائون. ''جي ڪرشن سان پريت لڳائڻي اٿيئي تہ پنهنجي من کي دنيوي رستن ۽ دنيوي رشتن کان خالي ڪر تڏهن شري ڪرشن جي مرليءَ جي تانِ ٻڌڻ ۾ ايندءِ. پريا پيا هونداسين پنهنجي خفن ۾ تہ تان جو آواز ئي ڪونہ ايندو.

سائين بيوس کي دادا پنجواڻي پنهنجو گرو مڃيندو ڏاڍي قرب ۽ شرڌا سان اُنهن لاءِ ڳالهائيندو هو.

اڃا تہ دادا جا منڙا منڙا، سچا سچا سُرَ ايترا آهن.

دادا پنجواڻي هندستان ۾ اچي ظاهر ڪيو- سنڌ ۾ بہ چند تي اکو اسين بہ پائيندا هئاسين پر، اُن سان اُنجي اُستتي ڪونہ ايندي هئي- ''اکو پند رکو''

جهوليلعل تي پهريون پڄن دادا پنجواڻيءَ ئي لکيو.

جهولي جهولي، جهولي جهولي لال،

زنده پير اُڏيرو لال

جهولي جهولي جهولي جهولي لال

۱. اسين نماڻا عيبن هاڻا

دولهہ تنهنجي در تي وڪاڻا

ناهي لکل توکان حال

ننگي آهين ننگپال

۲. جهولڻ سائين شل آس پڄائيندو،

ٻيڙا سين جا پار لڳائيندو-

پار لڳائيندو، پار لڳائيندو،

ڀلا ڪرين ڪو ڀال-

جهولي جهولي، جهولي جهولي لال،

دادا پنجواڻي پروگرام-هن جو ماڻهن کي مست ڪرڻ- جنهن وٽ

نکي اِستري سڀ کان سندر لڳندي آهي. نرملا جي چهري تي ماتا پٽي
ي ساتوڪتا هئي.

جيرام جو وڏو پٽ منهنجي پٽ جيڏو آهي ۽ ٻيئي دوست آهن. گهر
چي هٽ منهن ڌوئي، جهبو ۽ پتلون پائي مان ڊائيننگ ٽيبل تي وڃي
نس تہ پٽ کي اُداس ڀاتو.

- ڇو، گنڀير پيو لڳين ؟ مون ڪانئس پڇيو.

پتنيءَ ڪمري ۾ داخل ٿي چيو - شام کان موڳو موڳو پيو لڳي. جيرام
و پٽ دوست اٿس نہ، هوُ بنگلو خالي ڪري ويا آهن تہ ڏکہ ٿي پيو اٿس.

- ڏکہ تہ مونکي بہ ٿئي ٿو پر

مان جملو پورو نہ ڪري سگهيس. اسان روٽي کاڌي بلڪل خاموشيءَ ۾.
روٽي کائي مان بيڊروم ۾ هليو ويس. اڄ پنڌ ڪرڻ جو صفا موڊ ڪونہ هو.

جيرام جي بنگلي وڪڻڻ جي خبر مونکي مهنو ڏيڍ اڳہ پتنيءَ ٻڌائي
هئي. تڏهن مونکي ڏاڍو خيال ٿي پيو هو. اُن ڪانپوءِ مون نرملا کي جڏهن
بہ ڏٺو، هنکي اُداس اُداس ڀاتو. هن مان جڻ زندگيءَ جي چٽڻگہ اُجهامي
ويئي. جيرام کي مارڪيٽ ۾ هول سيل ڪپڙي جو دڪان هو. پتنيءَ ڳالهہ
ڪئي تہ دڪان جي اوڌر پاڌر چٽي ٻڏي ويئي اَٿس ۽ شراب، جوئا ۽
ڪيترن ايڱن خرچن ۾ ڪافي پئسا دڦ ڪيا اَٿس. تنهنڪري اِها نوبت
آئي آهي.

هونئن اڪثر ٿيندو ائين آهي تہ مارڪيٽ ۾ ڪنهن واپاريءَ کي
ڪاروبار سميٽڻو هوندو آهي تہ هوُ ڏيوالو ظاهر ڪندو آهي. معاملو سنڀالڻ
لاءِ ترسٽ نهندي آهي ۽ بچيل موڙيءَ مان لهڻيدارن کي رقمون هلائي
ڏيندا آهن. اُنهن مان گهڻا تہ بي اِيمان هوندا آهن. پلان ٺاهي، پئسا
ترڪري، ڏيوالو ڪيندا آهن. نڪ ٽيڪ جو ڪري هلندا آهن ۽ اَندر ۾
کيون هٽندا آهن. پر جيرام ٻئي قسم جو ماڻهو هو. هن ڪار، بنگلو ۽
دڪان وڪڻي لهڻيدارن کي سڀ پئسا هلائي ڏنا. رهڻ لاءِ فلئٽ ورتائين،
ڌنڌي لاءِ ٻئي هنڌ دڪان ورتو اَٿس ۽ اُتي ريزڪي ڌنڌو ڪندو.

پتني مون لاءِ کير کڻي آئي ۽ مونکي گم سم ڏسي پلنگہ تي ويهي چيائين

- ڇا پيا سوچيو ؟

- ڪجهہ بہ نہ. مون هن ڏانهن نهاري چيو.

پاڙيسري

- اِيشور ڀارتي

سوسائٽيءَ ۾ گهڙڻ سان ئي منهنجا قدم ازخود رُڪجي ويا. ڏٺم، جيرام جي بنگلي ۾ پاڻ اونداهه هئي. من پرجي آيو. ڏيري ڏيري پنهنجي گهر ڏانهن وڌيس. اڃا رات هن ئي بنگلي ۾ روشني هئي ۽ اَڄ! رات هن ئي بنگلي جي سيني ڪمرن جون بتيون ڪافي وقت تائين ٻريل ڏٺيون هئم. گهر جي پنين گئلريءَ مان بنگلو صاف نظر ايندو آهي. رات جو روٽي کائي، جيسين پتني رنڌڻي جي ڪم ڪاج لاءِ مون لاءِ کير ڪڙهي اچي، تيسين مان هڪ گئلريءَ کان ٻي گئلريءَ تائين پنڌ ڪندو آهيان. رڪي رڪي بنگلي ڏانهن نهاريو هئم. درين جي شيشن تي اِنساني آڪار پئي اُڀريا. هي ڇا آخرين ڀيرو بنگلي جي ڪمري ڪمري کي ڀرپور ڏسي پنهنجي هردي ۾ سمائڻ پيا چاهين؟ مون سوچيو هو.

رات ڊائيننگ ٽيبل تي پتنيءَ ڳالهه ڪئي ته نرملا (جيرام جي پتني) سياڻي بنگلو خالي ڪري ويندي. هڪ ڪڻ منهنجو گرهه وارو هٿ وچ تي ڄمي ويو. نرملا هيڏو سهڻو بنگلو ڇڏي ويندي! جتي هوءَ پرڻجي آئي هئي. جتي هوءَ سورهن سال رهي هئي. جتي هن گرهست جو سک ماڻيو هو. جتي هن ٻارن لاءِ سپنا سجايا هئا. مون بنگلو اَندران ڪونه ڏٺو آهي. جيرام سان رڳو رام رام جو رستو آهي. پر پتني هنن جي گهر چڱائي دفعا ڪنهن نه ڪم سانگي پي ويئي آهي. پتنيءَ ٻڌايو ته سوسائٽيءَ ۾ سيني کان سٺو بنگلو جيرام جو ئي ٺهيل آهي. هوُ شوقين آهي، دل سان خرچ ڪيو اٿس. مان گئلريءَ مان روز صبوح جو جيرام کي پائيپ رستي اڱڻ ۾ بوٽن کي پاڻي ڏيندي ڏسندو هوس.

نرملا کي مان اَڪثر روز ڏسندو هوس. هوءَ شايد گهر کان ٻاهر گهٽ نڪرندي هئي. سوسائٽيءَ ۾ روز صبوح جو ڀاڄيءَ وارو لاري کڻي ايندو آهي. صبوح جو دڪان تي ويندي مان کيس ڀاڄي وٺندي ڏسندو هوس. هنجون نماڻيون اَکيون ۽ سيتل چهرو مونکي وڻندو هو. هڪ ماءُ جي روپ ۾

رشوت

- بنسي خوبچنداڻي

ڪشور موهنلال راڄپال ممبئيءَ جي هڪ اخبار ''ممبئي مِرر''
(Mumbai Mirro ۾ نائين سيپٽمبر 2010 ۾ آيل ''ٽرانسپرنسي
ٽرنئشنل'' (Transparancy International) جي هڪ خبر پڙهي رهيو
. هيءَ سنستا سڄي سنسار ۾ رشوت جي خلاف آندولن هلائيندي آهي ۽
يا جي ملڪن ڪي رشوت وٺڻ جي اسڪيل تي 10-1 تائين مارڪون
ندي آهي. خبر ۾ ڏنل آهي تہ ڀارت کي رشوت نہ وٺڻ جي اسڪيل تي
ن مان صرف 3.4 مارڪون مليون آهن. ۽ رشوت نہ وٺڻ ملڪن ۾
يا جو 84th ملڪ آهي يعني دنيا جا 83 ملڪ ايمانداريءَ ۾ ڀارت
ن اڳيان آهن. انهن ملڪن ۾ سڀ کان ايماندار ملڪ نيوزيلئنڊ
(New Zealan آهي. جيڪو دنيا جو ايماندار ۾ ايماندار ملڪ آهي
هنکي رشوت نہ وٺڻ جي اِسڪيل تي ڏهن مان 9.4 مارڪون مليون آهن.
ٽرانسپرنسي انٽرنئشنل سنستا اِهو بہ چيو آهي تہ 20 سيڪڙو ڀارتيہ
ايمان آهن ۽ باقي 50 سيڪڙو سيما ريکا (Border Line) تي آهن جي
ين موقعو ملي تہ هو ڪڏهن بہ رِشوَت وٺي سگهن ٿا!
ڪشور سوچي رهيو آهي تہ پاڻ بہ تہ اُنهن 50 سيڪڙو مان آهي جيڪي
وَت ڪڏهن بہ وٺي سگهن ٿا!
ڪجهہ ڏينهن کان هو اُهوئي تہ سوچي رهيو آهي تہ هو پنهنجي پٽ
ود کي ميڊيڪل ڪاليج ۾ ڪيئن داخل وٺي ڏئي؟ ڪيس سندس پتني
ڏياريندي ايندي آهي تہ ڪيس ونود کي ميڊيڪل ۾ داخلا في ڏيڻ لاءِ
ٽ ۾ گهٽ ڏهہ لک تہ هرروز ڪپندا. ڪٿان ايندا ڏهہ لک جو هو پنهنجي
پنهنجي پتنيءَ جي ڪارخو پوري ڪري سگهي؟ سندس دوست اِندر لال
و پٽ بہ تہ ڊاڪٽري پڙهي رهيو آهي. اِندر لال جي بہ پگهار تہ پوري

هوءَ سمجهي ويئي تہ مان نرملا جي باري ۾ مايوس هوس. هنکي خبر آهي تہ مونکي نرملا وڻندي آهي. مون ئي کيس ٻڌايو هو. هوءَ بہ نرملا جي ساراهہ ڪندي آهي. هنجي سياءَ ۽ سڪ جي ڇپائين- صبوح نرملا رني پيئي.

منهنجي دل تي اوچتو ڄڻ گرم گرم بوندون ڪريون. ٻي ڇٺيءَ مان تہ پلنگ تي ٿورو ڇُريس پُريس. پگڙيل لهجي ۾ ڇيم - تو ڪيئن ڏٺو ؟

- گئلريءَ مان ڏٺم، اڱڻ مان نوڙيءَ مان سڪل ڪپڙا لاٿائين پئي تہ هٿ سان اکيون بہ پي اُگهيائين. مونکي ڏٺائين تہ شڪ جي گهر اندر هلي ويئي. ويچاري شرم کان اڄ ياڇي ونڻ لاءِ بہ ڪانہ نڪتي. اسين منٽ بہ خوش رهياسين. صبح گئلريءَ مان ڏٺم جيرام نيم موجب اڄ بہ پائيپ رستي ٻوٽن کي پاڻي پئي ڏنو. پاڻي ڏيندي وچ وچ ۾ ڄڻ ٻُت ٻڻجي تي ويو. اها ڪيفيت سُسُ تي تہ وري هٿ حرڪت ۾ پئي آيس.

- کير ڪٹُو، تڏو تي ويندوَ. پتنيءَ ڇيو.

مون کير پيتو تہ پتنيءَ ڇيو - منجهند جو جيرام بنگلي جي چوطرف چکر لڳائي بنگلي کي ڇڱيءَ طرح پئي ڏٺو.

اسين منٽ بہ وري خاموش رهياسين. پتنيءَ ڇيو-ڇا تہ سامان هون! ٽي ٽرڪون پرجي وين. فلئٽ ۾ ايڏو سامان ڪيئن ماپندن.

منهنجي ڪلپنا ۾ نرملا اُڀري ويئي، جيڪا جيرام ۽ ٻارن سان چپ چاپ بنگلو ڇڏي وڃي رهي هئي. هاڻي شايد هوءَ سوسائٽيءَ ۾ ڪڏهن بہ نہ ايندي، مون سوچيو يا شايد ٻاهران ئي رستي تان بنگلو ڏسندي ويندي. مونکي گنپير ڏسي پتنيءَ ڇيو، مان ببليءَ سان سمهان ؟

پلي. مان ڇيو.

پتني مونکي گنپير ڏسندي آهي تہ سمجهي ويندي آهي تہ مان اڪيلائي پسند ڪندس. گلاس کڻي، دروازو بيڪڙي هوءَ هلي ويئي. ٿوري دير ۾ گهر تي ويس. پوءِ سوچيم تہ ڪو بلڪل سيريس ڪتاب کڻي پڙهان يا ٽيپ رڪارڊر ۾ ڪئسيٽ لڳائي ڪي دلسوز گيت ٻڌان. پر ڀڳو ڪجهہ بہ نہ. اڄ دڪان تي رکي رکي نرملا جو خيال آيو. پتنيءَ جو جملو من ۾ شدت سان گونججڻ لڳو. صبوح نرملا رُني پئي... رُني پئي... رُني پئي... ۽ نرملا جو لڙڪ اُگهندڙ روپ. بتي بند ڪري پلنگ تي وڃي ليٽيس. ڪوشش ڪندي بہ ننڊ نہ تي آئي.

ولڻ جي اِجازت ملي ويئي تہ هو ڪشور کي ضرور خوش ڪندو. ڪشور کي
خبر آهي تہ تعليم ڏيڻ اڄ ڪالهہ هڪ وڏو ڏنڌو ٿي پيو آهي. تعليم سان
ٽرَيل جا ۾ ڪمائن ٿا ۽ جام ڪارائڻ لاءِ تيار آهن. هن هڪ ئي سُجهاءَ کي
و اٿ ڏهہ لک تہ ضرور ڪمائي سگهجي ٿو. اهڙا موقعا هنڪي اڳ ۾ بہ
هٽيئي آيا آهن. هو هميشهہ سوچيندو آهي هُنَ جي ٻارن جي تعليم سان
دت چراند ڪئي تہ هنکي ۽ سندس ڪُٽنب کي پاپ لڳندو! هاڻي بستري
ي ليٽي هو سوچي رهيو آهي تہ جي هو پنهنجي پُٽ کي ڊاڪٽر نہ بڻائي
سگهيو تہ ڇا هو پاپ جو ڀاڳي نہ ٿيندو؟

فيصلو ڪرڻ سؤلو ڪونہ هو. سندس من ڪمزور ۽ پاپ کان ڊڄندڙن پر
هو پنهنجي پتني ۽ پٽ جي اڳيان شرمسار ٿيڻ بہ نٿو چاهي. هنکي هڪ
ي تہ پٽ آهي. جي هو کيس سٺي تعليم نہ ڏئي سگهيو تہ هو پنهنجو پاڻ
کان پنهنجي ڪٽنب پريوار، مٽن مائٽن ۽ دوستن اڳيان شرمسار نہ ٿيندو؟

بس ڪشور صبح ٿيڻ کان اڳ ئي فيصلو ڪري ڇڏيو تہ هو ڪمزور نہ
ٿيندو، شرمسار نہ ٿيندو ۽ جيڪو ڪم سندس دوست اِندرلال ساڳئي آفيس
۾ ڪري سگهيو، سگهي ٿو تہ هو بہ ڪري سگهي ٿو ۽ هو ضرور ڪندو. هو
پنهنجي پٽ کي ڊاڪٽر ضرور بڻائيندو؟

ٻئي ڏينهن آرتوار آهي. اڄ ڪشور ۽ سندس پتني ريڪا ڊائيننگ ٽيبل
تي ويهي دير سان چانهہ پي رهيا آهن. ڪشور پنهنجو فيصلو اڃا پتنيءَ
کي ٻڌايو ڪونهي.

سندن پٽ ونود جو رات دوستن سان پارٽيءَ کي ويل هو اُهو بہ دير سان
اُٿي ۽ بجاءِ ماءُ کي گڊ مارننگ ڪندي ڊائيننگ ٽيبل تي اَچي ٿو وهي.

سندس ماءُ چانهن جو ڪوپ سندس پرسان ٿي رکي پر هن چانهن
ڪوپ ڏانهن نہ نهاريندي، پنهنجي پيءُ ڏانهن ٿو نهاري ۽ کيس وڏي
آواز ۾ ٿو چوي، ”I am proud of you papa“ ۽ پوءِ زوريءَ پيءُ سان هٿ
ٿو ملائي.

سندس ماءُ پيءُ عجب ۾ پئجي پنهنجي پٽ ڏانهن سوالي نگاهن
سان نهاري رهيا آهن. ونود پنهنجي پيءُ کان پڇي ٿو، ”پاپا توهان
ڪالهہ جي ممبئي مِرر ۾ ٽرانسپرنسي اِنٽرنئشنل جي رپورٽ پڙهي

سموري آهي. هو بہ ڪشور وانگر ئي ميونسپالٽيءَ ۾ آفيسر آهي، اِندرلال جڳهين ناهڻ واري (Housing) ڊپارٽمينٽ ۾ آهي ڪشور تعليم کاتي (Education Dept) ۾ آهي.

سندس دوست اِندرلال وڏي واڪي ٻڌائيندو آهي تہ پوين 20 سالن ۾ سندن ميونسپالٽيءَ ۾ صرف 100 سچا رِشوَت جي معاملي ۾ سزاياب ٿيا آهن، جيتوڻيڪ هُتي هزارين ملازِم آهن ۽ اِهو بہ مشهور آهي تہ اُنهن مان 90 سيڪڙو رِشوَت وٺندڙ آهن. هتي رِشوَت ڏيڻ کان سواءِ ڪوبہ ڪم نہ ٿيندو آهي. ڄمڻ مرڻ جي سرٽيفڪيٽ وٺڻ کان وٺي رستا ۽ پليون ناهڻ تائين، پلاجي سڀ رِشوَت وٺندڙنِهوندا تہ هڪ ٻئي کي بچائيندا تہ سهيڻ نہ؟

ڪشور پاڻ رِشوَت ڪونہ وٺي پر ڪيس پنهنجي دوست اِندر لال کان نفرت ڪونهي. هو سوچيندو آهي تہ هو رِشوَت نٿو وٺي جو هو ڊرپوڪ آهي. هي هنن همت هجي ها ڪروڙ پتي ٿي وڃي ها ۽ ڪيس پُٽ جي ميڊيڪل ڪاليج ۾ داخل لاءِ ڪابہ چنتا نہ هجي ها!

اُن رات ماني کائيندي سندس زال وري چوي ٿي تہ پٽ جي ٻارهين جي رزلٽ ۾ بس ڏينهن پيا آهن ۽ هن کي پنهنجي پُٽ کي ڊاڪٽر ضررو بڻائڻو آهي نت پنهنجي ساهيڙي نرملا جي اڳيان جهڪي ويندوَ!

سندن پٽ ونود پنهنجي دوستن سان اڄ رات هڪ پارٽيءَ ڪي ويل آهي ۽ هو ماني اُتان ئي کائي ايندو. مانيءَ جي ميز تي بس زال ۽ مڙس ويٺل آهن. ڪشور کي ڪجهہ سُجهي نٿو تہ هو پنهنجي پتنيءَ کي ڪهڙو جواب ڏي؟ هن چپ چاپ ڪنڌ هيٺ ڪري پنهنجو کاڌو کائيندو ٿو رهي.

رات جو سندس پتنيءَ کي تہ جلد ئي ننڊ اچي ٿي وڃي پر ڪيس ننڊ ڪونہ ٿي اچي. هو اُهو ئي سوچي رهيو آهي تہ هو ڇا ڪري؟ هو تعليم کاتي ۾ سيڪشن آفيسر آهي. نوان اِسڪول ۽ ڪاليج کولڻ لاءِ درخواستون هن وٽ ئي اينديون آهن، جاچ پڙتال (Inspection) ڪري منظوري ڏيڻ جي جوابداري بہ مکيہ طور هنجي آهي. هن وقت هن وٽ ٻن اِسڪول کلڻ لاءِ سجهاوَ آهن، هڪ سنستا جو پريزيڊنٽ جيڪو هڪ راجنيتي نيتا بہ آهي اُن ڪشور کي هڪ اِشارو بہ ڏيئي ڇڏيو آهي تہ هي هنڪي اسڪول

ڏنڏليون تصويرون

- سوني مولچنداڻي - بيلاڻي

هن کان وڌيڪ خوبصورت ڇوڪري مان نہ تو پانيان پوري ڪاليج ۾ هوندي. هن جون سڀ ساهيڙيون بہ وڏن ۽ شاهوڪار گهرن جون، فئشنبل، ماڊرن هيون. سڀ آزاد خيالن واريون. مون بہ مونا کي آزادي ڏني. ڪيس پئسي جي ڪاتڪليف نہ ڏني. هوءَ جيڪي چاهيندي ۽ چوندي مان ڪندو هوس. هر حالت ۾ هوءَ خوش رهي ۽ پنهنجي ساهيڙين اڳيان پاڻ کي inferior محسوس نہ ڪري. آخر بہ بنا ماءُ جي ڌيءُ آهي، مون تي وڏيون جوابداريون هيون. مان پنهنجي ننڍي وڏي خوشي ۽ گُهر جون قربان ڪري مونا جي خوشي برقرار رکندو هوس پر... روز نيون فرمائشون، گهر ۾ پارٽيون پروگرام...ايترا پئسا ڪٿان اَچن! جڏهن اِها ڳالهہ مون مونا کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ ''پٽ روز مان ايترا پئسا آڻيان ڪٿان''؟ نہ پهہ هن چيو 'Papa that is not my lookout' مان وائڙو هنڪي ڏسڻ لڳس سوچيم برابر آهي. هن سمجهيو آهي تہ هنجي پيءُ وٽ قارون جو خزانو آهي.

''پٽ تون ڄاڻين ٿي تنهنجي سرڳواسي مميءَ جو ڪئنسر جي بيماريءَ ۾ علاج هليو ۽ پوءِ هنجو گذرڻ. اُن ڪانپوءِ هي گهر هلي رهيو آهي. تنهن ڪانسواءِ مان بہ تہ رٽائرڊ آهيان، پينشن ملي پيئي ۽ گهر هلي پيو. ڪالهہ ۽ اَڄ ڪانسواءِ هڪ سپاٽي بہ آهي.''

هن غلطي ۽ ناراضگيءَ وچان چيو 'I understand پر Pa مان ڪٿان آڻيان؟ ڇا چوان پنهنجي فريندس کي...؟ منهنجو تہ ڪچرو ٿي ويندو...مونکي ٿي ڪجهہ ڪرڻو پوندو...'

اڄ ڪلهہ هوءَ اِئين ناراضگيءَ ۾ رهندي هئي. اڳ جيڪا ڪاليج مان ڏيد تائين اَچي ويندي هئي سا هينئر ٽي چار تائين اَچي. پر... هي ڇا اَڄڪلهہ هيءَ ۽ هن جون ساهيڙيون ڪارس ۾ تيون اَچن ۽ هي... ڇوڪرا

آهي؟'' جڏهن سندس پيءُ ها ۾ جواب ڏيئي تو تہ هو کيس ٻڌائي تو.

''ڪالهہ اسان هڪ دوست جي گهر پارٽي ڪري رهيا هئاسين تہ اُهو دوست ڪالهہ جو ممبئي مرر پيپر کڻي آيو ۽ اُها رپورٽ پڙهيائين جنهن ۾ لکيل آهي 30% پارتيہ Corrupt آهن، 20% Non-Corrupt آهن. ۽ باقي 50% سيما ريکا تي آهن ۽ هو ڪڏهن بہ سيما لتاڙي Corrupt ٿي سگهن تا. پاپا مونکي خبر آهي تہ توهان اُنهن 20% مان آهيو جيڪي Non-Corrupt آهن.

مون پنهنجي دوستن کي فخر منجهان ٻڌايو تہ منهنجو پيءُ ميونسپالٽيءَ ۾ ڪم ڪندي بہ هڪ ايماندار ماڻهو آهي، هڪ Gentleman Non-Corruptآهي. توهانجي باري ۾ ڳالهائيندي منهنجو ڪنڌ فخر کان اونچو ٿي ويو. ''I am Proud of you Papa''.

ڪشور ۽ ريکا جي اکين ۾ پاڻي اچي ويو ۽ ڪشور اُٿي پنهنجي پٽ کي ڀاڪر ۾ پريو.

سا ڪولي ۽ پائوڊر چڪيو تہ هي تہ Brown suger هئي... يعني ڊرگس!...' هيءَ پاڻ ڊرگس تي وٺي يا ڪنهن لاءِ...

صبح ٿيو. ڪاليج لاءِ تيار ٿي ۽ پئسن گهرڻ تي مون بنا ڪنهن واد وواد جي 500 رپيا ڏيڻ جي ڪئي تہ هن 2000 رپيا گهريا. مان ڪجهہ چوان تہ اول ئي چيائين 'pa What about Mama's jewellery' تون اُن مان مونکي ڪجهہ بہ ڏيئي ڇڏ. هوءَ هلي ويئي.

پهريون دفعو مونکي هن لاءِ بي حد ناراضگي ٿي ڪٿي نفرت نہ پر ماءُ جي زيورات! سياڻي هن فلئٽ لاءِ چوندي... ڇا ڪير هنکي سيکاري رهيو آهي...هن ۾ هيءَ بي اَدبي...تنهن ڪانسواءِ روز ايترن پئسن جو هيءَ ڇا ٿي ڪري؟ اُپيوگ يا دُر اُپيوگ! مان ڇڻ نا اُميد ٿي پيو هوس... ڇڻ مجبور...ڇڻ اڪيلو...آخر ڇا ڪيان؟

دل ۾ اِرادو ڪيو مونکي پاڻ ڪي ئي ڪجهہ ڪرڻو پوندو. اِن اِرادي سان همٿ ڪري مان هن جي ڪاليج ۾ آيس. خبر پيئي تہ هوءَ ڪيترن ڏينهن کان ڪاليج ڪونہ ايندي آهي کهڙي ڪارڻ...!! مان حيران ٿي ويس. هڪ پروفيسر اِيسراڻي جنهن سان ڪجهہ سياڻپ هئي تنهن کان اَحوال وٺڻ چاهيو تہ هو مونکي اِسٽاف چيمبر ۾ وٺي آيو جتي ڪجهہ ٻيا بہ پروفيسر موُجود هئا. هنن ٻڌايو:

''مسٽر لالواڻي توهان جي ڌيءُ مونا ۽ ڪجهہ ٻيا شاگرد تن کي ڊرگس (drugs) جي عادت آهي. جيڪي ڇوڪرا هنن ڇوڪرين کي ڪاليج مان گهر تائين ڊراپ ڪرڻ اَچن ٿا سي ڪاليج جا اِسٽوڊنس نہ بلڪ ڊرگ ڊيلرس يا مافيا گنگس لاءِ ڪم ڪن ٿا. خوبصورت ۽ پئسي واريون ڇوڪرا ڇوڪريون تن کي پنهنجي قابو ۾ ڪن، دوستي ڪن ۽ پوءِ Misuse ڪن. هڪبئي کي وٺي اَچي ۽ ٻيو ٽئين کي ۽ ٺهجي Vicious Circle. اَسان يعني ڪاليج اَٿارٽيز پوليس ۾ شڪايت درج ڪرائي آهي. شاگردن مان ڪيترن جو تہ پتوئي ڪونهي، ڪي اڏ ڇريا تہ ڪي بيمار، اَسان هر اِسٽوڊنٽ کي گهر لکت ۾ سچو قصو بيان ڪيو آهي. سڀ مائٽ هٿ آيا پر توهين نہ...ٻيو تہ ڇڏيو پوليس بہ هٿ آيل هئي.''

جيستائين مان هنن کي مونا جو فوٽو ڏيکاريان اُن کان اول هنن اَٽڪل

ڪير آهن؟ ڇا هي به ڪاليج ۾ پڙهائي ڪن ٿا يا...وقت به فڪس نه، ڪهڙي به وقت هوءَ گهر اچي ٿي، ڪهڙي به وقت وڃي ٿي!

ڇا مونکي هن تي ڪنٽرول رکڻو پوندو...هائي...ته...شايد نه. ڇو ته اَڄڪلهه هن ۾ سامهون پوڻ جي عادت ٿي پيئي آهي. جا مون لاءِ شرمندگي آهي.

ڪنهن سڄڻ هن لاءِ ٿي چار شاديءَ لاءِ گهر ٻڌايا. خاص سمجهه ۾ آيو سيٺ گنگارام جو پوٽو روهن جو Software Engineer هو ۽ هر ڳالهه ۾ بيسٽ. پر مونا کي سمجهائي ڪير...هوءَ ته مونکي ٻڌڻ لاءِ به تيار ڪونهي. هينئن روز دير سان اَچڻ سو به ڇوڪرين سان ڇوڪرا گڏ...ڇا بلدنگه وارا نه ڏسندا هوندا.

آخر هڪ ڏينهن همت ٻڌي مونا کي دير سان اَچڻ ۽ هنن ڇوڪرن بابت ڇيو ته يڪدم ٽوڪبازيءَ سان مسڪرائيندي چيائين ’Oh papa اَڄ جي Youth پنڌ ڪرڻ ۾ نه، ڊوڙڻ ۾ وشواس رکندڙ آهي. هيءَ global age آهي.‘ تنهن ڪانسواءِ توهانکي پنهنجي پالنا ڪرڻ ۾ وشواس ڪانهي. ‘Commo papa be Sporting

مان خاموش هنکي ڏسڻ لڳس. هيءَ جڻ مونا ڪانهي. منهنجي پالنا لاءِ ٿي چوي. سچ اَڄ ’وشواس‘ لفظ جو مطلب سمجهه ۾ ڪين ٿي آيو. آخر منهنجيءَ بار ۾ هيترو بدلاءُ! اَلڳ اَلڳ خيال ستائڻ لڳا. ڪٿي هوءَ...بس پريشانيءَ جو ڏؤر هو.

اَڄ هن کي ڪاليج مان واپس اَچڻ ۾ ڇگي دير ٿي. مونکي بي آرامي هئي. آخر رات جا ڏهه لڳا ته هوءَ آئي. منهنجيءَ جان ۾ جان ته آئي پر... مون محسوس ڪيو ته هوءَ پوري هوش ۾ ڪانهي. ڪيس ڇيو ’’پٽ هڪ دفعو فون ڪري اِنفارم ڪرين هان.‘‘ ٻڙيل آواز ۾ اُڪرن کي ڪٽيندي چيائين ’Sorry pa sleep‘ اِئين ئي پيرن مان سئنڊل اُڇلي پنهنجي ڪمري ۾ ٿاٻا کائيندي هلي ويئي پر هنجو پرس ڪِري پيو جو کڻي مون ٽيبل تي رکيو پرس جو هڪ خانو کليل هو. مون ڏٺو پئسا بلڪل ڪين هئا جڏهن ڪ صبح جو مون ڪيس گهرڻ ۽ ضد ڪرڻ تي 500 رپيا ڏنا. پر پرس ۾ هڪڙيون پلاسٽڪ جون به پُڙيون هيون جن ۾ پائوڊر پريل هئو هڪ پُڙي ڏرا

سي تہ عجب وچان پڇيو ''انڪل توهين هن وقت؟ مون توهانکي صبح
لد اچڻ لاءِ چيو...'' جي جي پر...مان ڪنٽرول نہ ڪري سگهين. پر
ڏاءِ Where is my daughter، بس صاحب، هڪ دفعو ڪيس ڏسان، پليز
ر-توهان چيو نيوز آهي...''
اِنسپيڪٽر ڊامنڪ مونکي پاڻيءَ جو گلاس ڏيندي چيو ''هي اِنسپيڪٽر
اتل آهي ۽ هي اِنسپيڪٽر جوڌاسنگهہ (ڪرائيم برانچ)، 'نيوز' توکي هي
ڏائيندا.'' هنن ٻڌايو:
''انڪل لالواڻي مونا وانگر ٻيا بہ ڪيترا هن گئنگ جا شڪار آهن. هنن
ان ڪنجو تہ پتو ناهي ۽ ڪن جو پتو پيو تہ هو...مونا هڪ آهي جا هن
ئنگ جي چنبن مان ٻاهر آئي ۽ پڇي نڪتي. پڇي تہ نڪتي پر ڪتي
يءَ ممبئيءَ جي رهندڙ-ڪتي هي سڀ پهچايا ويا نوئڊا. مونا جي عادتن
هنکي مجبور ڪيو. نہ رهڻ جو نڪاڻو نہ پئسا. هنکي ڊرگس جي هيوي ڊوز
جي عادت، نہ ملڻ ڪارڻ هوءَ بي حال ٿي ويئي. دهلي مان هڪ NGO پتو
ڏنو تہ هت نوئڊا ۾ هڪ جوان ڇوڪري رستي تي بيک پني رهي آهي.
سندس ٻانهن تي زخمن جا نشان آهن ڪيس ڊرگس جي عادت آهي. ڪي
هنکي ڪجهہ ڏين ٿا تہ ڪي هنکي جوان پائڻ فائدو ٿا وٺن. ڪيترا دفعا
هنکي مارڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي.
اَسان پوليس ڪرائيم برانچ جي ٽيم NGO وارن سان گڏياسين پاڻ اُن
ڇوڪريءَ کي ڏٺو. فوٽو بہ ملايو تہ هوءَ مونا هئي. هينئر اَسان کي مونا کي
بچائڻو بہ هو هن کان گئنگ بابت ڊيٽيلس بہ پڇڻا هئا. اَسان پاڻ ۾ اِها
Planning ڪري ڇڏي تہ مونا کي اِتان ڪڍڻو آهي. اَسان پاڻ سان پوليس،
اُتي جا چانهہ-پان-راشن وارا، ڪجهہ ليڊيز ۽ ڪجهہ Youth. هنن سيني
اَسانکي سهڪار ڏيڻو ڪيو. نہ صرف مونا بلڪ اُهي شيطان جيڪي جيپ ۾
اَچي هنکي مارين ٿا، تن کي پڪڙيو هو.صبح سان ئي اَسين سِوِل ڊريس
۾ ڦهليل هئاسين. مونا هڪ بلڊنگ ٻاهران وينل پنهنجي ڊريس جا اول ئي
قاتل هئس سا وڏيڪ ڦاڙي رهي هئي. ٻئي هٿ ڪڏهن ڪڏهن اگهان تي
ڪيائين ۽ زور سان رڙيون ٿي ڪيائين. ايندڙ ويندڙن تي ٽڪون ٿي
اُڇلايائين جنهن لاءِ ڪجهہ زالن هنکي گڏجي ماريو تہ بين ڪن ڇڏايو هن

20 کن ڇوڪرن ڇوڪرين جا فوٽا ۽ شڪايت ڏيکاريا.

مان خاموش سڀ ٻڌندو رهيس. حيران، پريشان، لاچار شايد مجبور به... هي... هي ڇا ٿي ويو...؟ ڪيئن ٿيو؟ ڇو ٿيو؟

ڇا مان ۽ تارا-ڇا مونا اَسان جي سڪيلڊي اوُلاد...ڇا!drugs!!

مان مونا جو فوٽو کڻي پوليس چونڪي تي آيس. جن وٽ اول ئي ڪاليج پاران شڪايت درج هئي جا هنن مونکي ڏيکاري جنهن ۾ مونا جو فوٽو به هو. هنن جو اِنسپيڪٽر ڊامنڪ وينل هو جنهن ٻڌايو اَسين جاچ ڪري رهيا آهيون. هيءَ وڏي گئنگ آهي جنهن پنيان قداور هستيون آهن. اُهي پرديس ۾ ويهي اَسانجي ديش جي بربادي ڪرائي رهيا آهن. توهان وانگر ٻيا به گهڻا مائٽ آهن جي اَسان وٽ ايندا آهن. پر اَسانکي هڪ دفعو رڳو ذرا به پتو لڳي...پر اِن لاءِ اَسانکي توهان پبلڪ جو به ساٿ ۽ سهيوگ کپي. ڪجهه به خبر ملڻ سان توهان کي اِنفارم ڪنداسين.''

ڇئبو ته منهنجي پالڻ ۾ ڪا غلطي رهي- پر ڪهڙي؟

مان اَڪثر پوليس چونڪي تي اَچ وڃ ڪندو هوس. اِها ئي اُميد رکي ته متان اَڄ ڪا سني نيوز ملي! ڪيترن مائٽن ته اُميد لاهي ڇڏي پر مون نه. ڇو ته منهنجي جيئڻ جو ٻيو مطلب ته هئو ئي ڪين. پڪ هئي ضرور هڪ نه هڪ ڏينهن اِسانجي مونا ملي ويندي پر نه نه ڪندي ڏينهن پنيان هفتا ۽ مهنا گذريا.

اَچانڪ هڪ رات اَٽڪل ٽي ڪن لڳا-پوليس چونڪي تان اِنسپيڪٽر ڊامنڪ جي فون آئي جنهن چيو ته ''اَنڪل توهين صبح جو هن چونڪي ۾ اَچجو هڪ نيوز آهي.'' مون 'نيوز' لفظ کي مهتوَ ڏنو. نيوز مونا جي هوندي...پڪ...پڪ مونا ملي ويئي آهي. مونا ماءِ چائيلڊ تنهنجو پپا اَچي ٿو. بيٺا هاڻي..مان...توکي ڪجهه به نه چوندس I promise' تون جيڪو چونديئن مانڪندس. پر پٽ پپا کي تنهنجي ممي ته ڇڏي ويئي، تون نه ڇڏجانءِ. تارا جي فوٽي اڳيان بيهي چيو ''تارا-ٻڌين ٿي نه اَسانجي مونا ملي ويئي. تون خوش آهين نه؟ مان هن ڪانپوءِ ڪيس ڪجهه به نه چوندس. بس گهر وني اَچانس.''

مان خوش ٿيندو پوليس چونڪي تي آيس. اِنسپيڪٽر ڊامنڪ مونکي

مني ڪهاڻي

انٽرنيٽ تي شادي

- ٺاڪر چاولا

اڄ جي زماني ۾، ائين ئي ٿيندو آهي. جن کي ڪامپيوٽر هلائڻ اچي ٿو انهن کي انٽرنيٽ جو فائدو وٺڻ به ايندو آهي. سارو وقت دنيا ڀر جون خبرون هٿ ڪري سگهن ٿا.

سروج ائين ئي ڪيو ولديش ۾ رهندڙ 'گهرجي شاديءَ لاءِ'. 'شادي ڊاٽ ڪام' ۾ هڪ ڇوڪري جو وديش ۾ رهندو آهي. بايو ڊيٽا ڳولهيائين فوٽو به ڏٺائين. هو هئنڊسم لڳو. پاڻ به نوجوان ڇوڪري ماڊلنگ به ڪندي هئي. انڪري پاڻ کي خوبصورت رکندي. ٺاهوڪي لڳڻ جي ڪوشش ڪندي هئي.

هنن ٻنهي بايو ڊيٽا پڙهي، هڪٻئي کي پسند ڪيو. پنهنجي پنهنجي شونق جو چٽڻ ۾ اظهار ڪندي نه ٿڪبا هئا. جيڪي هڪٻئي جون ڳالهيون نه وڻنديون هيون، انهن کي به سڌارڻ جي رٿ هڪ ٻئي کي ڏيندا هئا. پر صلاح ڏيڻ ۾ گڏ رهي. ٻئي جي غلطيءَ کي درگذر ڪرڻ بي ڳالهه آهي.

ڇوڪري جا مائٽ دهلي ۾ رهندا هئا ۽ ڇوڪريءَ جا مائٽ وري ممبئي ۾. ٻنهي پنهنجي پنهنجي مائٽن کي مڃايو ۽ موڪل وٺي مڱڻو دهليءَ ۾ رکيو ۽ چٽن ڏينهن ڪانپوءِ شاديءَ جي به پڪ ڪئي. ڇوڪريءَ جي ماءُ، جيتوڻيڪ ان سڀ جلدبازيءَ لاءِ تيار نه هئي. پر ڇوڪري وري وديشي ۾ رهندڙ ڇوڪرو وڃائڻ نه ٿي چاهيو.

دهليءَ ۾ مڱڻو ٿي گذريو. شاديءَ لاءِ به ماڃي ٻڌجي ممبئي مان ڇوڪريءَ کي وٺي ڪجهه مٽ مائٽ دهلي ويا. ڇوڪريءَ جي ماءُ خوب

جي ٻانهن ۽ چهري تي زخمن جا نشان هئا. جن کي هوءَ ڦوڪون ڏيڻ لڳي. هينئر ڪجهه ٻار هنڪي پٿر هڻڻ لڳا. هيءَ جهٽڪي سان اُٿي ۽ رستي تي اَچي تيز ڊوڙڻ لڳي. ٻار به هن جي پنيان هٿ ۾ پٿر کنيو. ڪي ته هن کي ڏڪ هڻڻ لڳا. 'She is mad' 'پاڳل' هوءَ ڪنڌ سان نه نه ڪرڻ لڳي. هاڻي پنهنجو پاڻ کي ماريندي چيائين n.o.no..no..mad..no..no. بس اَسانکي پڪ ٿي ته هوءَ سمجهه ۽ هوش ۾ آهي ۽ اَسانجي مدد ڪري سگهندي.

پر هڪوار ٻارن ڪيس پٿر هنيا ته وري رستي تي ڊوڙڻ لڳي. هڪ رستو نه هو بلڪ چوُراهو. اِنڪري هڪ تان پئي رستي. شايد پاڻ بچائڻ تي چاهيائين...شايد ڪيس بک لڳي هئي يا ڊرگس جي ضرورت هئي! اَسان مان ڪجهه هن جي آمهون سامهون آيا. هڪ پاسي هنجو تيز ڊوڙون اُن سان هن رڙيون ٿي ڪيون... اِئين ئي اوچتو..ٻيانڪ ٺڪاءُ ٿيو ۽...ڪيڪرات...هڪ پاسي اُها شيطانن سان جيپ، ٻئي طرف کان ٽئنڪر ۽ ٽئين سامهون روڊ تان وري ٽرڪ هئي. ٽنهي گاڏين سان ٽڪرجي هوءَ...اَصل چٽجي ويئي،...اَسين سڀ هن وٽ پهچي وياسين. ڪيڪرات سان هوءَ هڪ سيڪنڊ ڦٿڪڻ لڳي پر،...ٻئي سيڪنڊ هوءَ شانت ٿي ويئي. NGO جو ڊاڪٽر به هو جنهن هنکي تپاسيو She is no more. جيپ ۾ ٻن ڄڻن کي پڪڙيو ويو. ٽئنڪر ڊرائيور ۽ لاري ڊرائيوَر اِنهن کي پبلڪ پڪڙايو. هينئر اَسين پتو لڳائيندا اسين ته هيءَ ڳئنگ هتي ڪنهن لاءِ ڪم ڪري ٿي. اَسان ڊيڊ باڊي هٽ آندي آهي.

''اَنڪل توهين اَندر اَچو. هنن اُن لاش تان ڪپڙو هٽايو...چچريل ۽ زخمي شرير...بلڪل هڏن جو پڃرو...منهنجي وات مان رڙ نڪري ويئي.

''مو...نا... ماءِ چائيلڊ'' گوڏن ڀر ويهي هنجو مرتڪ شرير کي پنهنجي گود ۾ رکندي اوڇنگارون ڏنيون...پٽ مونکي معاف ڪر...مان توکي نه سنڀالي سگهيس. پر تو هڪ دفعو به پپا لاءِ نه سوچيو...ڀهرئين تنهنجي ممي ساٿ ڇڏي ويئي ۽ هينئر تون...

جيئڻ جو ڪوبه مقصد ڪونهي. اَتيت جون هي يادون ڌنڌليون تصويرون ٻٽيو پيون آهن. باقي زندگي بڻي آهي بي رنگ رنگولي.

تي توسان ڳالهايان پئي، هيءُ تہ ڪجھ بہ نٿو ٻڌي ماڳھ هٽ ٿو اولاري. پلنگہ تي پاسي ۾ سمھڻ بہ نٿو ڏئي، دهليءَ ۾ ماءُ پيءُ کي هن فون تي فلئٽ بابت ٻڌايو آهي. هو بہ هن کي پڙڪائين ٿا ۽ چونس ٿا ها! برابر اها فلئٽ تنهنجي ئي نالي هئڻ کپي. جي چون ٿا ممبئي ۾ نہ رهڻ چاهين تہ اها وڪڻي، رقم پنهنجي ڏنڌي ۾ وجهي ڇڏ...ٻاهر ڪمري ۾ آواز ٿيو آهي مان فون ڪٽيان ٿي...

اڄ ناتال جو ڏينهن آهي منهنجي ڏيءَ ايئرپورٽ تان فون ڪيو آهي تہ هوُ واپس ممبئي پهچي وئي آهي، سندس گهوٽ ڪيس گهر مان ڪڍي ڇڏيو آهي، ۽ چيو اٿائين ”فلئٽ جي مالڪپڻي جا ڪاغذ ٺهرائي، منهنجي نالي ڪرائي اچ تہ گهر ۾ اچڻ ڏيندوسانءَ...“

ڏاجو بہ ڏنو. هر قسم جي جويلري بہ ڏيءُ کي پاتي اها هڪ ئي ڪيس اؤلاد هو. ٻہ ٽي ڏينهن هوٽل ۾ رهندي، ڇوڪريءَ جي ماءُ ٽڪجي پئي. هن کي خبر هئي آخر ڏيءَ کي شادي ڪانپوءِ ڇڏي اَچڻو آهي. هن جي جيڪي بہ سنپالي رکيل رقم. وياج تي ئي فڪس ڊپازٽ تي ملندڙ وياج تي هنجو گهر هلندو هو. پر ڪيئن بہ ڪري پيا مائٽ سندس دهليءَ مان واپس ممبئي هليا آيا پر ماڻس. پنهنجي ڏيءَ ۽ ناٺي کي اِيئرپورٽ تي وڃڻ تائين الوداع ڪري موٽي.

ڪجهہ مهنا ئي مس گذريا پهرين هن کي ڏيءَ فون تي ٻڌائيندي رهي ڇوڪري جو ڪم ڪار سٺو آهي. هن منهنجي نالي سان ٻيو نئون دڪان بہ شروع ڪيو آهي...

اچانڪ هڪ ڏينهن صبح جو ڏيڻس جو فون آيو ”منهنجو گهوٽ اَلائجي ڪيئن خبر پئي آهي يا مون ئي ڪيس ٻڌايو آهي تہ ممبئي جي فليٽ اَسان کي پنهنجي آهي يعنيٖ مسواڙ تي ناهي پر خريد ڪيل آهي. ۽ اَسان ٻنهي جي گڏيل نالي تي آهي. هن تہ ماڳهہ هائوسنگ سوسائٽي مان ئي خبر ورتي آهي هاڻ هو چوي ٿو تہ ماءُ کي چئہ تہ هوءَ اچي ٿو ساڻ هت رهي ۽ اها فليٽ سندس نالي تي ڪري ڇڏي، جيئن هو بہ مائٽن کي چئي سگهي تہ ڪيس ممبئي ۾ بہ پنهنجي فليٽ آهي. جنهنجي قيمت گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪروڙ رپيا ٿيندي هاڻي مان ڇا ڪريان؟ مون ڪيس گهڻو ئي سمجهايو تہ ممبئي جي فليٽ رهڻ ڏي، اَسين ڪڏهن بہ هلي اُتي رهي سگهون ٿا...پر هن جي مٿي ۾ اهو مفت ۾ هڪ ڪروڙ جي فليٽ حاصل ڪرڻ جو ڀوت اچي وينو آهي...

پر مان ڪيڏانهن ويندس؟ جي ڪڏهن مان وديش ۾ ڏيءَ وٽ رهڻ نہ چاهيان؟ هنجا مائٽ ئي مون سان ڪٽ پٽ ڪن. پنهنجي آزادي ڪيئن وڃائيندس؟؟؟

”هلو! ممي! مان آهيان، هينئر هت رات آهي مان باٿ روم مان موبائيل

ن جي خبر تہ ڪيس ئي هئي.
سرلا ماءُ جي ڪمري ۾ هيڏانهن هوڏانهن نظر ڪئي تہ هر شيءِ جڻ
ٽي ۽ بيمار پئي لڳي. ڪيس ياد آيو تہ ماءُ ڪيئن گهر کي صاف سٿرو ۽
ٽو ٺاهي رکندي هئي. اَڄ جنهن پلنگ تي ڀڳواني سمهي پيئي هئي
هن جي چادر بہ ميري ۽ گهنجيل هئي. دوائن جون شيشون ۽ گوريون بي
ٽيبيءَ سان سائيڊ ٽيبل تي ٻکڙيون پيئون هيون. ايتري ۾ مايا چانهہ
ي کڻي آئي. ''ديدي چانهہ پيئو. توهانجي پسند جي اَدرڪ واري
نهہ ناهي اٿم.'' سرلا هڪ ڪوپ کڻي چانهہ جو ڍڪ ڀريندي چيو، ''ٻيو
ٻ ڪيئن پيو هلي ؟ چندر جو ڪم ڪار، ٻارن جي پڙهائي.'' ''ٺيڪ
ي ديدي مڙيوئي سڀ هلي پيو. هتي جي مهانگائي پريشان ڪري ڇڏيو
ي. ڪاڏي پيتي جون شيون، ٻارن جي ايڊيوڪيشن، دوادرمل سيني جا
هہ اَصل چوٽ تي چڙهي ويا آهن.'' ايتري ۾ ڪڪر جي سيٽي وڳي ۽
يا اُٿي رنڌڻي ۾ هلي ويئي. چانهہ پوري ڪري سرلا ڪوپ رنڌڻي ۾
ي آئي. پوءِ اَچي ماءُ جي ڪٻٽ مان هڪ اَڇي اُجري ڌوتل چادر
ڍيائين. ماءُ کي ڪرسيءَ تي وهاري، پلنگ جي چادر مٽيائين. تيل
ٽي ماءُ جي اَٽين وارن ۾ وڌائين ۽ سندس وار لساري چوٽي ڪري، وري
چي کيس پلنگ تي ليٽايائين . ٻيون شيون بہ ٺيڪ ٺاڪ ڪري رکيائين.
ڳواني گهڻو ئي چيس تہ پاڻيهي مايا ٺيڪ ڪندي پر سرلا چيس، ''مان
، تہ واندي ويٺي آهيان. ڪجهہ ڪيم تہ ڇاهي.''
ڏيءَ جي اَچڻ ڪانپوءِ ڀڳواني سرهي پي لڳي. ٻئي ڏينهن شام جو هن
يءَ ۽ نوٽهن کي گهرائي پاڻ وٽ وهاريو. پنهنجي ڪٻٽ مان پنهنجي
ون جي ننڍڙي پيتي ڪڍيائين. سون تہ ماءُ وٽ ايڏو هو ڪانہ. پٽ جي
ادي ۾ گهڻو سون تہ نوٽهن کي ڏيئي ڇڏيو هئائين. باقي چار چوڙا، چار
ندڙيون، ٻہ ڪنن جون ڦليون، نڪ جو هيرو ۽ هڪ ڳلي جي چين هئس.
ڀڳواني چيو، ''ڏيءَ سرير تي ڀروسو ڪانهي، هاڻي مان بہ پنهنجي
يماريءَ مان بيزار ٿي پيئي آهيان. مون ڪانپوءِ توهان ٻئي نران ڀاڃائي
ي ۽ سون اَڌ اَڌ ڪري کڻجو.''
سرلا چيو، ''اَمان، مون کي ڪجهہ ڪانہ کپي. مون کي ڀڳوان سڀ

هار - جيت

- سريتا شرما

پڳواڻيءَ جي عمر ڪا اهڙي وڏي ڪانه هئي. اُجان نوڪريءَ مان رٽاير ڪانه ڪيو هئائين. پر بيماريءَ کيس نبل ۽ ڪمزور ڪري ڇڏيو هو. کيس پرون پئجي ويا هئا تہ گهڻو وقت دنيا ۾ رهي ڪان سگهندي. سندس خواهش پنهنجي ڌيءَ سان ملڻ جي هئي، جيڪا دبئيءَ ۾ رهندي هئي. پرين پنجن سالن کان هن ڌيءَ جو منهن ڪانه ڏٺو هو. آخر هن ڌيءَ کي فون ڪري چيو تہ، ''اَچي ٻہ-ٽي ڏينهن گهمي وڃ. مان ٺيڪ ڪانہ آهيان. توکي ڏاڍو ياد پيئي ڪريان.''

سرلا پنهنجي ڀاڄائيءَ جي بي رخي هلت ڪري اُچڻ تہ نہ ٿي چاهيو پر ماءُ جي بيماريءَ جو ٻڌي پاڻ کي روڪي ڪانہ سگهي ۽ ماءُ سان ملڻ هلي آئي. پنجن سالن ڪانپوءِ پنهنجي بيمار ماءُ جي حالت ڏسي کيس ڏاڍو ڏڪو آيو. ماءُ جيڪا پنهنجي عمر کان ٻہ ننڍي لڳندي هئي سان بيماريءَ جي ڪري جهور ٻڍي پئي لڳي. ڌيءَ کي ڀاڪر پائي اُچي روئڻ ۾ چٽڪي. من تي اُلائي ڪهڙو بار هوس جيڪو هلڪو ڪرڻ پئي چاهيائين. جڏهن روئي هياءُ هلڪو ڪيائين ۽ سامت جو ساهہ کنيائين تہ سرلا جو ڀهڪندڙ گلابي چهرو ڏسي اکين ۾ ٺار پئجي ويس. سرلا هئي بہ سڪي سهنجي. گهوٽس دبئيءَ ۾ سنيءَ فرم ۾ مئنيجر هو. ٻئي پٽ اوچ تعليم پائي سنين نوڪرين تي لڳل هئا. سرلا شاديءَ ڪانپوءِ جيڪي ڏکيا ڏينهن ڏٺا. سي گذري ويا. صبر ۽ محنت سان اُهو ڏکہ جو سمو پار ڪري هاڻي هوءِ هر طرح جا سکہ سهنج ماڻي رهي هئي. ڌڪيءَ جي منهن تي ترپتيءَ جا ڀاو ڏسي پڳواڻيءَ جو من بہ سنتوش سان پرجي ويو. کيس ڄڻ پنهنجي بيماري بہ وسري ويئي. پاڻ کي هلڪو هلڪو پئي محسوس ڪيائين.

سرلا پنهنجي ڀاڄائيءَ مايا ۽ ٻارن کي چاڪليٽ، مٺايون ۽ سوکڙيون ڏنيون. ٻار ڏاڍا خوش هئا. مايا ٻاهران تہ خوش هئي پر اندر ۾ چا هئس،

جڏهن سرلا پنهنجي سهنجيءَ واري تي آهي تہ ديدي ديدي پيئي ڪري.
ـہ-ٿي ڏينهن تہ ڪيس هار جو ڏکہ ٿيو. پوءِ ڳالهہ سندس دل تان لهي ويئي.
ونئن بہ زيورن وغيره ۾ هن جي خاص دلچسپي ڪانہ هئي.

ٻن سالن ڪانپوءِ سرلا جي وڏي پٽ جي شادي ٿي. سرلا سيني مٽن
ائٽن کي شاديءَ تي گهرايو هو. سندس ڀاءُ ڀاڃائي ۽ ٻار بہ شادي تي آيا
ئا. سرلا جو عاليشان گهر ۽ سک سهنج ڏسي مايا اَندر ئي اَندر پوسڙي
يئي. اَڌ ڏينهن تہ منهن پلڙو ڪري هڪ هنڌ ويٺي هئي. پوءِ ٻين مهمانن
ي ڏسي شرم پيس ۽ سيني سان ملي جهلي شاديءَ جي رسمن ۾ شامل
ي ويئي. شادي ڏاڍي ڌام ڌوم سان ٿي گذري. سڀ مهمان بہ ٿورو گهڻو
همي ڦري واپس هليا ويا. سرلا جو ڀاءُ ڀاڃائي بہ هفتي ڪانپوءِ وڃڻ لاءِ
يار ٿيا. اَچانڪ سرلا کي تہ لڙو هار ياد اَچي ويو. پڇيائين، ''مايا اَمان جو
هو تہ لڙو هار لڌو؟''

''نہ ديدي، توهانجي وڃڻ کانپوءِ مون گهر جي هڪ هڪ شيءِ هيٺ
ٿي ڪري ڏٺي، پر هار ڪٿي ڪانہ هو. اَلائي ڪهڙو چور کڻي ويو. توهان
پنهنجي سون مان کڻي اَڌ ڪڻو. مون وٽ ايترا پئسا هجن ها تہ مان جيڪر
وهان کي اَهڙو نئون هار گهڙائي ڏيان ها.''

''نہ-نہ اِهڙي ڪا ڳالهہ ڪانهي.'' سرلا چيو.

''ديدي، هاڻي تہ اَنيلا جي شادي ڪرائڻي آهي. سڀ تياريون
ڪرڻيون آهن. ڇهہ مهنا تہ اکہ ڇنڀ ۾ گذري ويندا. مان هينئر ڇئي تي
جانو، توهين سڀ شاديءَ تي اچجو.''

''ها-ها ڀائي ايندا سين ڇو نہ. پنهنجي گهر جي شادي آهي.''

ڀائٽيءَ جي شاديءَ تي سرلا اَڪيلي ويئي. ڪن ڪارڻن ڪري گهر
سان ٻيو ڪير بہ ڪونہ ويو. سرلا پهتي تہ سڄو گهر مهمانن سان ڀريو پيو هو.
مايا جا بہ گهڻيئي مٽ مائٽ آيل هئا. سرلا پنهنجو سامان اَمان جي ڪمري
۾ رکيو ۽ شاديءَ جو ڪم ڪار ۾ لڳي ويئي. ڪجهہ وقت ڪانپوءِ سرلا
پنهنجي نئين ساڙهيءَ جي بلائوز ڪڍي مايا کي ڏيندي چيو، ''مايا هن
۾ حڪ تہ هڻي ڏي. ٽيلر بلائوز سڀي ڏيڻ ۾ ايتري دير ڪري ڇڏي جو
وڃڻ وقت بنا حڪن ٽاڪڻ جي کڻي آيس.''

ڪجهه ڏنو آهي. هيءُ سڀ پيلي مايا ڪٽي. هاڻي اَنيلا به وڏي ٿي آهي. اُن جي شاديءَ ۾ ڪم ايندس.''

''چڱو توکي مان بي شيءِ ٿي ڏيان.'' ايترو چئي پڳوانيءَ پنهنجي ڪٻٽ مان نيري رنگ جو هڪ بخمل جو باڪس ڪڍي آئي. جنهن ۾ هن جو نَ لڙو هار پيل هو. باڪس کوليائين تہ پنجاهہ سال اڳہ نهيل هار جو چمڪو سيني جي اکين ۾ سمائجي ويو. ٿنهيءَ لڙن کي وچ تي گنڊيندڙ ننڍڙيءَ لٽ جي صورت ۾ ڇهن هيرن وارو لاڪيٽ هو. پراڻي زماني جا هيرا ڀهڪيا پئي.

''ڏيءُ هيءُ هار تون ڪٽي وڃج، نہ تہ مون کي ڏاڍو اَرمان ٿي پوندو.''

''نيڪ آهي اَمان جيڪا تنهنجي مرضي.'' سرلا چيو.

مايا جو منهن ننڍو ٿي ويو. پر ڪڇيائين ڪانہ.

پڳواني شايد ڌيءَ لاءِ ئي ترسيل هئي. ٻئي ڏينهن شام جو ئي سندس پران پکيئڙو اُڏامي ويو. ٽن ڏينهن کانپوءِ پڳڙيون ڪري سرلا واپس پنهنجي گهر وڃڻ واري هئي. گهر ۾ سندس ٻار ۽ گهوٽ اَڪيلا پريشان ٿيندا هوندا. وڃڻ واري ڏينهن سرلا مايا کي اُهو نَ لڙو هار ڏيڻ لاءِ چيو. مايا اَچي سس جو ڪٻٽ کوليو. سڀ شيون جيئن جو تيئن رکيون هيون. پر اُهو نيرو باڪس هار سوڌو گم هو. سڄو ڪٻٽ ڦولهيئون پر باڪس ڪانہ لڌو. ماءُ جي ڪمري جي هڪ هڪ شيءِ ڏٺئون پر باڪس چوي مون کي هٿ نہ لايو.

ايتري ۾ سرلا جي فلائيٽ جو وقت اَچي ٿيو. سامان ڪٽي اَچي ٽئڪسيءَ ۾ رکيائون. مايا سرلا کي ڀاڪر پائي چيو، ''ديدي چنتا نہ ڪريو. مان وري بہ اُهو باڪس ڦولهينديس مليو تہ توهانجي اَمانت توهانکي پهچائينديس.''

سرلا واپس دبئي هلي ويئي. ڪيس پڪ هئي تہ هار مايا ئي لڪائي رکيو هو. ڪيس ياد آيو تہ جڏهن هوءَ پاڻ بہ اَجمير ۾ رهندي هئي ۽ ڪڏهن ڪٽي پيڪي گهر ويندي هئي تہ مايا جو منهن سڄي ويندو هو. پڳوانيءَ جي ڌيءَ کي ڪا شيءِ، شڪل ڏيندي هئي تہ مايا جا جهڳڙا شروع ٿي ويندا هئا. سرلا سان ائين هلندي هئي ڄڻ ڪا ڏاري هجي. هاڻي

هن جي ڪوڙي ۽ ڍونگباز هلت تي من ئي من ۾ غصو به پئي آيس. سوچيائين مان به سٺو سبق سيکاري آئي آهيانس. هاڻي پلي ويٺي هار ڳولهي.

سرلا ائين سوچيو ته سهين پر سندس من جي آنڊ مانڊ گهٽ ڪانه ٿي. هڪ گناهه جو احساس اندر ۾ ڇهندڙي پائيندو محسوس ٿيس. هن ڏٺو ساهه کڻي ڪمپارٽمينٽ ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڏٺو. هن جي سامهون واريءَ سيٽ تي هڪ وڏيءَ عمروارو سردارجي ۽ اُنجي زال هئا. باقي ٽي سيٽون اڃان خالي هيون. سرلا جي بئگ هن جي پيرن وٽ رکي هئي. هن سيري مٿي پنهنجي پرسان ڪري رکي. سوچيائين پرس ڳرو ٿي پيو آهي. ڪجهه شيون ڪڍي بئگ ۾ ٿي رکان. چابيون پرس مان ڪڍي بئگ کوليائين. شيون رکڻ لاءِ ڪپڙن کي هيٺ مٿي ڪري ٺاهي رکيائين. بئگ ۾ نيرو باڪس به پيو هو. سرلا باڪس ڪڍي ٺڪ ڪري کوليو ته سندس دل ڌڪ سان بيهجي ويئي. باڪس خالي هو. هار ڪٿي ڪانه هو. هڪ پيرو وري سندس پاڇائي الائي ڪيڏي مهل ڇترائيءَ سان هن جي بئگ مان هار ٽپائي ويئي. سرلا ڪجهه دير لاءِ ته وسي ٿي ويئي. پوءِ پاڻ سنڀالي بئگ بند ڪري سيٽ جي هيٺ رکيائين. هن جو دماغ ڄڻ ڪم ئي نه پيو ڪري. الائي ڪهڙي سوچ ۾ غرق ٿي ويئي. ڪجهه وقت کان پوءِ ڪيس پنهنجي اندر مان آواز آيو ''سرلا بچي ويئينءَ.'' هن اکيون بند ڪري سيٽ تي ٽيڪ ڏيئي، پنهنجو پاڻ کي آرام سان ڍلو ڇڏي ڏنو. من تان ڄڻ مڻن جو بار لهي ويس.

”ڏيو ديدي مان پنهنجيءَ پائٽيءَ کان هٽائي تي ڏيانو.“

ٻئي ڏينهن شام جو شاديءَ وقت سرلا مايا کان بلائوز گهريو. مايا اُن وقت ڏيءَ جو ڏاجو پٽي ٻڌڻ ۾ ڦاهي رکيو. سو سرلا کي چابيون ڏيئي چيائين، ”ديدي توهانجو بلائوز منهنجي ڪٻٽ ۾ رکيو آهي. ڪڍو وڃي.“

سرلا چابيون کڻي ڪٻٽ کوليو. سڄو ڪٻٽ ڪپڙن سان سٿيو پيو هو. بلائوز ڪيندي ڪجهه ڪپڙا هيٺ ڪري پيا. هن جهڪي اُهي ڪپڙا پٽي کنيا ته هيٺ واري خاني ۾ ڪپڙن جي هيٺان ڪجهه نيري رنگه جو ڏسڻ آيس. هن ڪپڙا هٽائي ڏٺا ته ماءُ جو ڏنل هار وارو باڪس هو. کولي ڏٺائين ته چمڪندڙ هار ڪنڌلي ماري باڪس ۾ پيو هو. پاڄائي جي چِل دل ۽ ڪوڙ ڪپٽ واريءَ هلت تي هن جو من نفرت سان ڀرجي ويو. دل ۾ آيس ته هنيئر ئي باڪس کڻي وڃي سندس منهن ۾ هڻان، پر هن وقت شاديءَ جي ماحول ۾ اِهو سڀ ڪرڻ ٺيڪ نه لڳس. هوءَ باڪس بلائوز ۾ ويڙهي ماءُ جي ڪمري ۾ هلي آئي ۽ باڪس ڪيدي پنهنجي ٻڳه ۾ ڪپڙن هيٺان رکي ڇڏيائين. سنيري ٻاهر نڪتي ته سڀ ڄڻا شاديءَ جي هال ۾ وڃڻ لاءِ تيار بيٺا هئا. پاڄائيءَ کي ڏسي سرلا جو من ڪڙو ٿي ويو، پر ٻاهران شانت رهي. شادي سک سان ٿي گذري. سرلا جي من ۾ آنڊ مانڊ پئي ٿي. سوچائين باڪس مايا کي ڏيکاريان يا چپ چاپ کڻي وڃان. آهي ته منهنجو. ماءُ اِهو مونکي ڏيئي ويئي هئي. پر هيئن بنا ٻڌائڻ جي لڪائي کڻي وڃڻ واجب آهي؟ اِن ڪشمڪش ۾ ٻه ڏينهن گذري ويا. هن جي واپس وڃڻ جو ڏينهن اَچي ويو. هن جي پيري هن جو فلائيٽ دهليءَ کان هو. ڪيس پهرين ٽرين ۾ دهليءَ وڃڻو هو. منجهند جو سندس پاءُ ۽ پائٽيو ڪيس اَجمير ريلوي اِسٽيشن تي ڇڏڻ آيا. ٽرين وڃڻ لاءِ تيار بيٺي هئي. ٻڪ پائي اي.سي. ڪمپارٽمينٽ ۾ اَچي سرلا جو سامان رکيائون. سرلا اَچان سيٽ تي ويٺي مس ته ٽرين هلڻ شروع ڪيو. سندس اکيون ڀرجي آيون. کهڙا ٻه هٿن پر پيڪن مان ويندي هر ڌيءَ جي من ڀرجي ايندو آهي. هن رومال سان پنهنجو منهن اُگهيو ۽ ٻاٽل ڪيدي ٿورو پاڻي پيتو. ٽرين پنهنجي تيز رفتار سان اڳيان وڌي رهي هئي. سرلا جا خيال وري پٺتي موٽي رهيا هئا. ڪيس پنهنجي پاڄائيءَ تي اَفسوس ٿي رهيو هو.

ا توهان سنا آهيو؟ ''I love you papa'' ائين چئي پنڪيءَ پنهنجون
هون پيءُ جي ڳلي ۾ وجهي ڪلڻ لڳي.
اُن رات موهنداس کي ننڊ ڪونہ پئي آئي. هو پنهنجي ڪمري ۾ هند
ليٽي اکيون بند ڪري پنڪيءَ جي باري ۾ سوچيندو رهيو ۽ سوچيندو
رهيو. سمهڻ جي ڏاڍي ڪوشش پئي ڪيائين پر، تڏهن بہ ندران
ويءَ کيس پنهنجي آغوش جو سهارو نہ ڏنو، پاسا ورائيندو رهيو. پر اوچتو
ن کي هڪ ويچار آيو. هو بستري تان اُٿي، ڪپڙا بدلائي پنهنجي دوست
ڪيش وٽ وڃڻ لڳو.
راڪيش ۽ موهنداس ٻئي گهرا دوست هئا. ڪوبہ نئون ڪم ڪرڻ کان
هو پاڻ ۾ صلاح وغيره ضرور ڪندا هئا. موهنداس راڪيش جي گهر
پهچي در تي لڳل ڪال-بيل جي بٽڻ کي زور ڏنو. دروازو راڪيش ئي
ليو. موهنداس کي هن مهل آيل ڏسي ڪجهہ سوچ ۾ پئجي ويو ۽ هن کي
والي نگاهن سان ڏسڻ لڳو. موهنداس، راڪيش کي وائڙو ٿيندو ڏسي
يو، ''اڙي دوست عجب مان اکيون ڇو ڦاڻي ويون اٿئي؟ مان موهنداس
عيان، تنهنجو دوست. سڃاڻي ڪونہ ٿو ڇا ؟''
''سڃاڻان تہ ٿو، پر هيڏي رات دير جي اچڻ جو پاڻ کان سوال پڇي
هيو آهيان.''
''پاڻ کان سوال ڇو ٿو پڇين. منهنجي باري ۾ سوال آهي تہ جواب بہ
ونکان ئي پڇ نہ. ڀرين مونکي گهر اندر تہ اچڻ ڏي.''
''اندر ! ها، اچ... اچ. اندر اچ. ڀرين پنهنجي اچڻ جو مطلب هڪ
ي ساهہ ۾ ٻڌاءِ.''
''دوست، هڪ پيچيدو مسئلو آهي.'' موهنداس گهر اندر اچي صوفا
ي وهندي پنهنجي ڳالهہ جاري رکندي چيو، ''راڪيش پنڪيءَ جي
ري ۾ مان هت تو وٽ آيو آهيان.''
''پنڪيءَ جي باري ۾ ! ڇو، پنڪيءَ کي ڇا ٿيو آهي؟''
''پنڪيءَ کي ڪجهہ بہ ڪونہ ٿيو آهي. هاڻ هوءَ ڏسڻ ۾ وڏي پئي ٿي
ي.''
''تہ اها خسيس ڳالهہ ٻڌائڻ لاءِ تون هيڏي دير رات جو پنهنجي ننڊ
ٽائي هت آيو آهين... اڙي بابا، هر ماءُ-پيءُ کي پنهنجي ڌيءُ وڏي ئي

نئين ماءُ

- لعل هوتچندائي 'لاچار'

موهنداس کي پنهنجو آڏاٽو هو. جنهن مان خاصي آمدني ٿيندي هئس. ڌنڌي کري اڪثر گهر کان ٻاهر رهندو هو. سندس گهرواري انن سالن جي ڌيءَ کي ڇڏي هن فاني دنيا مان هلي ويئي هئي. ٻي ماءُ ته ٻي ئي ٿيندي آهي، اهو سوچي موهنداس پنڪيءَ جي پيار سبب ٻي شادي ڪانه ڪئي. هو سوچيندو هو ته ٻي ماءُ ٻار جي دل دماغ ۾ تناءُ پئدا ڪندي رهندي آهي ۽ هن جي وڪاس ۾ رنڊڪ وجهندي آهي. تنهن ڪري هن هڪ نوڪرياڻي رکي هئي جا گهر جو سڄو ڪم ڪار ڪندي ۽ پنڪيءَ جي چڱيءَ طرح ديکه-ڀال ڪندي هئي.

اڄ آڏاٽو بند هو. موهنداس گهر ۾ آرام سان ويهي اخبار پڙهي رهيو هو. اخبار پڙهندي سندس نظر سامهون پلنگ تي ويٺل پنهنجي چوڏهن سالن جي ڌيءَ پنڪيءَ تي پيئي جا اسڪول جو ڪم ڪري رهي هئي. هوءَ ڪڏهن وهاڻو گوڏن تي رکي لکي رهي هئي ته ڪڏهن پلنگ تي ٽيڪ ڏئي ڪتاب تي پڙهيو.

موهنداس پنهنجي ڌيءُ کي وڏي ڌيان سان ڏسي رهيو هو. اڄ هن کي لڳو هاڻ سندس ڌيءَ ٻاراڻي پائنٽ اورانگهي جوانيءَ جي وڏي ۽ ويڪري هال طرف وکون وڌائي رهي آهي. هو اخبار رکي پنڪيءَ وٽ ويو ۽ هن جي مٿي تي پيار جو هٿ ڦيريندي ڪيس چيو، ''پنڪي پٽ، مان ڌنڌي سبب اڪثر گهر کان ٻاهر رهان ٿو. مونکي جيترو وقت توکي ڏيڻ کپي اوترو ڏئي ڪونه ٿو سگهان. تون مونتي اُن لاءِ ناراض ته ڪونه ٿيندي آهين نه؟''

''پاپا مان ۽ ناراض اُهو ٻه توهان تي ! نه... نه... پاپا اهڙو ڪڏهن ٻه نه سوچجو. ها، ڪڏهن ڪڏهن مان پاڻ کي اڪيلي محسوس ڪندي آهيان ۽ دل چاهيندي آهي توهان مونسان گڏ گهر وهندا ڪريو، پر اهو ٻه سنو ڪونهي نه ته مرد ماڻهون گهر ۾ ويهي رهي ۽ ڌنڌي ۾ پورو ڌيان نه ڏئي.

”ڪجهہ ڳالهہ ئي اهڙي آهي؟“
”هاڻي پنهنجي اجائي بڪ-بڪ بند ڪر. صاف صاف ٻڌاءِ تون ڇا ٿي
سوڻ چاهين؟“
”مون ٻڌو آهي تہ....“ شالنيءَ وري جملو پورو ڪرڻ کان اڳہ شانت
ي ڪنڌ هيٺ جهڪائي ڇڏيو.
”زبان ۾ وري سُن لڳي ويئہ ڇا جو چپ ٿي وئينءَ ؟“
”پنڪي مان ٻڌو آهي تہ تنهنجو پيءُ تنهنجي لاءِ نئين ماءُ وٺي ٿو
چي.“
”شالني ڪجهہ بہ ڳالهائجي تہ چٽي چٽي ڳالهائجي. ائين نہ جيڪو
ات ۾ اچي بڪي ڏجي.“
”بڪان ڪونہ ٿي. ٻڌايائين ٿي جو اهڙيون ڳالهيون ٻڌجن پيون ٿيون.
ر هڪ ڳالهہ ياد رک. پنڪي ٻي ماءُ ڪڏهن بہ پيار ڪونہ ڏيندي آهي.
اڻ پيءُ بہ ڪسي ويندي آهي. ماٽيلو اولاد هوڻئن بہ ڪندي جيان پيو
چيندو آهي. توکي پنهنجو ٿي سمجهان تنهن ڪري تو سان ڳالهہ ڪيي.
اقي نہ تہ ٻين جي گهر ڳالهين ۾ منهنجو ڇا تو وڃي.“ ائين شالني،
نڪيءَ جي منهن ۾ نهارڻ لڳي. ڪيس لڳو تہ پنڪي رئڻ ٿي آهي. تڏهن
ن پنهنجا هٿ سندس ڪلهن تي رکي چيو، ”پنڪي رئڻ مان ڪجهہ بہ
ڪونہ ورندو آهي. جيڪو ڪجهہ ٿيندو آهي اُهو همٿ سان ئي ٿيندو آهي.
چڱو مان هلان ٿي.“ ائين چئي شالني پنهنجا ڪتاب کڻي هلي ويئي.
پنڪي چپ چاپ اڪيلي وڻ هيٺ ويهي سوچيندي رهي... سوچيندي
نهنجي باري ۾، پنهنجي پيءُ جي باري ۾، پنهنجي نئين ماءُ جي
اري ۾، پنهنجي مندر جهڙي گهر جي باري ۾.
سوچيندي سوچيندي پنڪيءَ پنهنجون اکيون بند ڪري ڇڏيون. بند
کين ۾ ڪيس ڏسڻ اچڻ لڳو پنهنجو گهر ۽ گهر جي ديوارن ۾ پوندڙ
ڏارون. تڏهن سندس ڏپ کان هن جون اکيون هڪدم کلي پيون. هوءَ
اُتي وڌيڪ اڪيلي ويهي نہ سگهي ۽ پنهنجا ڪتاب کڻي اسڪول بدران
راڪيش انڪل جي گهر طرف پنهنجون وکون وڌايون.
راڪيش پنڪيءَ کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ هن جي مٿي تي پيار جو
هٿ رکي چيو، ”پنڪي پٽ، اڄ مس مس پنهنجي هن انڪل کي ياد

ڏسڻ ۾ ايندي آهي.''

''دوست هن ڳالهه کي خسيس نه سمجهه، پنڪي هاڻي چوڏهن سالن جي ٿي آهي. هن عمر ۾ ڇوڪريءَ تي ڌيان ڏيڻ جي پوري پوري ضرورت هوندي آهي. توکي ته خبر آهي مان ڏنڌي ڪري سڄو ڏينهن گهر کان ٻاهر رهندو آهيان. ڊپ ٿو لڳي ڪٿي پنڪي ڪو غلط قدم نه کڻي وجهي. سوچيان ٿو مونکي ٻي شادي ڪرڻ گهرجي. توکان صلاح وٺڻ آيو آهيان.''

''دوست، تو جيڪو سوچيو آهي شاديءَ بابت مان تنهنجي هن رٿا سان بلڪل سهمت آهيان. هونئن به توکي شادي ڪرڻ لاءِ چوندو به هوس. پر تون هڪ ڪن کان ٻڌي ٻئي ڪن کان ڪڍي ڇڏيندو هئين.''

موهنداس واپس موٽي پنهنجي گهر آيو ۽ پنڪيءَ جي ڪمري جي دروازي وارو پڙدو ٿو هٽائي، ڪيس آرام سان سمهيل ڏسي سنتوش جو ساهه پريو ۽ پوءِ پنهنجي ڪمري ۾ وڃي، بتي وسائي بستري تي سمهي پيو ۽ سنت ئي ننڊ اچي ويس.

هڪ ڏينهن پنڪي اسڪول جي باغيچي ۾ وڻ هيٺان ويهي پنهنجي اڌوري ڪاپي پوري ڪري رهي هئي. اُن وقت سندس هڪ ساهيڙي شالني هن جي پٺيان پيرن پير هلندي اچي آهستي پنهنجا هٿ هن جي اکين تي رکيا. پنڪيءَ اوچتو ڪنهن جو ڇهاءُ محسوس ڪري ڇرڪي وئي ۽ ذري گهٽ وات مان رڙ نڪرڻ واري هئس جو شالنيءَ پنهنجا هٿ پنڪي جي اکين تان هٽائي ٽهڪ ڏيئي زور-زور سان ٽهڪ ڏئي کلڻ لڳي. اُن تي پنڪيءَ ڪاوڙ مان چيس، ''شالني هيءَ ڪهڙي بيهودي مذاق آهي. ڏس، ڊپ کان منهنجي دل ڪيڏي نه ڌڪ-ڌڪ ڪري رهي آهي.''

''اڇا، سچ پچ دل ڌڪ-ڌڪ ڪري رهي اٿئي؟''

''ان ۾ ڪوڙ ڳالهائڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي. هونئن به توکي مذاق ڪرڻ جي ڏاڍي ڪني عادت آهي.'' پنڪيءَ شالنيءَ کي ٻانهه کان ڇڪي پنهنجي سامهون وهاريو.

''پنڪي، ڪيترن ڏينهن کان منهنجو من ڪري رهيو هو ته اڪيلائيءَ ۾ مان توکي ڪجهه ٻڌايان. پر ٿورو ڊپ ٿي رهيو هو ته ٿورو ڏکر به. ان ڪري چاهيندي به مان توکي ٻڌائي نه سگهيس.''

''ڊپ...ڏکر... پر ڇا لاءِ؟''

ٻئي ڏينهن صبح جو ماڌوري پنڪيءَ جي ڪمري ۾ ويئي. هوءَ سمهي پئي هئي. ماڌوريءَ پنڪيءَ جي وارن ۾ هٿڙو گهمائيندي سڏ ڪيس ”پنڪي.“

پنڪي جاڳيل هوندي به ڪو جواب ڪونه ڏنس. ماڌوريءَ سمجهيو پنڪيءَ کي ننڊ آهي. تنهن ڪري پنڪيءَ مٿان پيل چادر آهستي ڪري لاٿي. پنڪي ماٽيلي ماءُ جي هن هلت تي ڏاڍو ناراض ٿي وئي ۽ ٻوٿيل اکيون کولي يڪدم بستري تان اُٿي ڊوڙي ڪمري مان ٻاهر نڪري وئي. پنڪيءَ جي وهنوار تي ماڌوريءَ کي ذرو به ڏک ڪونه ٿيس جو پنڪيءَ جي اهڙي هلت جو پهرين ئي انومان لڳائي ڇڏيو هو. هونئن به جنهن ڳالهه جي پهرين کان ڄاڻ هوندي آهي اُن مان ٿيندڙ نفعي مان خوشي ڪونه ٿيندي آهي ۽ نه وري ٿيندڙ نقصان مان ڏک.

پنڪي سنان-پاڻي ڪري سنبري چپ-چاپ پنهنجا ڪتاب کڻي اسڪول وڃڻ لڳي جو ماڌوريءَ هن کي سڏ ڪري نيرن ڪرڻ لاءِ چيو. پر پنڪي ماڌوريءَ طرف نهارڻ کانسواءِ نڪ چپ موڙي تکڙي تکڙي ڪمري مان نڪري ٻاهر هلي ويئي. پنڪيءَ جي هن نڪ-چپ موڙڻ جي انداز تي ماڌوريءَ مشڪي چپن ۾ چيو، ”چري ڇوڪري.“

ماڌوريءَ پنڪيءَ جي من مان ماٽيلي ماءُ جو ڊپ ڪڍڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي پر اُن ۾ هوءَ سڦل ڪونه ٿي. موهنداس ته ماڌوريءَ جي وشواس تي گهر مان بي چنت رهي ڌنڌي ۾ مشغول رهندو هو. ان سبب هاڻ ماڌوري ڪجهه چنتا محسوس ڪرڻ لڳي ۽ پنڪيءَ کي پنهنجي پيار ۾ ٻڌڻ لاءِ نوان-نوان اُپاءَ سوچڻ لڳي. ۽...۽... آخر سوچيندي-سوچيندي هن کي هڪ رستو نظر آيو.

روز جيان اڄ به موهنداس گهر دير سان آيو. هٿ منهن ڌوئڻ لاءِ هو باٿ روم ويو. ان وچ ۾ ماڌوريءَ روٽي پائي ڊائينگ ٽيبل تي رکي. موهنداس ڪرسيءَ تي وهندي ماڌوريءَ کان پڇيو، ”پنڪيءَ روٽي کاڌي؟“

”ها، هاڻ کائي پنهنجي ڪمري ۾ وئي آهي.“

”هن جي پڙهائي ته برابر هلي پيئي نه؟“

”ها، بلڪل صحي.“

ڪيو اٿئي.‘‘

’’انڪل ڇا اهو سچ آهي؟‘‘ پنڪيءَ ڪجهه مايوس ٿي پڇيو.

’’ڇا سچ آهي؟‘‘ راڪيش اڻ ڄاڻ بڻجندي پڇيس. حالانڪ هو پنڪيءَ جو مايوس چهرو ڏسي سمجهي ته ويو هو هوءَ ڇا ٿي چوڻ چاهي.

’’انڪل ڇا پاپا منهنجي لاءِ نئين ماءُ وني اچڻ ٿا چاهين؟‘‘ پنڪيءَ سڏڪندي پڇيو.

’’پنڪي پٽ، هن ۾ رئڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي. تنهنجو پيءُ جيڪو به ڪندو آهي اُهو تنهنجي ڀلي لاءِ ئي ڪندو آهي.‘‘

’’انڪل، توهان حقيقت کي لڪائي دلاسو ڏئي رهيا آهيو. مان ته ايتري ننڍڙي به ڪانه آهيان جو هيءُ خسيس ڳالهه کي به نه سمجهي سگهان. انڪل مان توهان وٽ وڏي اُميد کڻي آيس ته توهان پاپا کي اهڙي قدم کڻڻ کان سمجهائيندا. پر توهان ته پاڻ هن جو بدر کڻي رهيا آهيو.‘‘ ائين چئي پنڪي رئندي گهر کان ٻاهر ڊوڙندي هلي وئي.

موهنداس جي شادي ٿي وئي. شاديءَ رات هن پنهنجي نئين زال ماڌوريءَ اڳيان وهندي، هن جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهلي چيس، ’’ماڌوري توکي ته ڄاڻ آهي ته مونکي چوڏهن سالن جي ڌيءُ پنڪي آهي. هوءَ ڏاڍي معصوم، چنچل ۽ کلمکه آهي. سڀاءُ جي به ڏاڍي پياري آهي. چوڏهن سالن جي ڇوڪري ٻچپن کي ڇڏي جواني طرف وڌندي آهي. هن عمر ۾ هوءَ پاڻ ۾ وشواس ۽ Confidence محسوس ڪندي پنهنجي نموني فيصلا وٺندي آهي. اهڙي وقت هن کي پيار، سڪ ۽ سنڀال جي ضرورت پوندي آهي. جيئن هوءَ ڪو غلط قدم نه کڻي وڃي. مون توسان هن وڏي عمر ۾ شادي به اُن سبب ٿي ڪئي آهي. تنهن ڪري منهنجي توکي اهائي وينتي آهي ته تون هن جي مٽي تي سڳيءَ ماءُ کان به وڌيڪ پيار جو هٿڙو رکه ۽ اُن سان گڏ هن مٿان رکه سنڀال واري نظر.‘‘

’’توهان جنهن وشواس سان منهنجو هٿ پڪڙي مونکي هن گهر ۾ آندو آهي اُن وشواس کي مان هر حالت ۾ هر نموني پورو ڪنديس. اهو منهنجو توهان کي وچن آهي.‘‘ ائين چئي ماڌوريءَ موهنداس جي هٿن مٿان پنهنجا پروسي وارا هٿ رکي مشڪي چيس.

”اسڪول! ... ڇا اسڪول ۾ هيڏا ڪپڙا پائي وڃبا آهن؟“
”پاپا اسڪول جون ڊريسون ميريون ٿي ويون آهن.“
”اسڪول جون ڊريسون ميريون ٿي ويون هُيئہ تہ پوءِ ڌوئاريئہ چو نہ؟... ماں ڏسان پيو ٿو ڪجهہ هفتن کان تنهنجي لاغرجائي ڏينهون ڏينهن وڌندي ٿي وڃي. مونکي تنهنجي اها عادت بلڪل پسند ڪونهي.“

پنڪي پنهنجي صفائيءَ ۾ اجان ڪجهہ چوي اُن کان اڳہ ماڌوريءَ اُٿي اچي ويئي ۽ پنڪيءَ کي پنهنجي ڀاڪر ۾ ڀري چيو، ”پنڪيءَ جو ان ۾ ڪهڙو ڏوهہ آهي جو حڪون ناحڪون هن کي توهان دٻائي هيسائي رهيا آهيو. ڪالهہ هن مونکي ٻڌايو هو تہ سندس اسڪول جون ڊريسون ميريون ٿي ويون آهن پر مونکان ڌوئڻ وسري ويون. توهان خوامخواه نياڻيءَ کي ڇڙٻي رهيا آهيو.“ ائين چئي ماڌوريءَ پنڪيءَ کي پيار مان چمي ڏئي چيو، پنڪي پٽ، تون اسڪول وڃ. پڙهين جي طبيعت ڪجهہ خراب ٿي پئي آهي نہ اُن ڪري سياڻو ٿورو چڙ چڙو ٿي ويو آهن.“

پنڪي، بنا ڪجهہ ڪڇڻ جي ڪنڌ هيٺ جهڪائي وڃڻ لڳي. هوءَ اجان دروازي وٽ مس پهتي تہ ماڌوريءَ کيس سڏي چيو، ”پنڪي پٽ، نيرن ٽيبل تي رکي آئي آهيان، کائي وڃجہ.“ پنڪي پيءُ جي ڊپ کان هيسجي چپ چاپ ڊائننگ ٽيبل جي ڪرسيءَ تي ويهي نيرن ڪاڌي ۽ پوءِ اسڪول جا ڪتاب کڻي گهر مان ٻاهر هلي ويئي.

موهنداس پنڪيءَ کي ڇڙٻيو تہ سهين پر کيس سنو نہ لڳو ۽ اکين ۾ آنسون پرجي آيس. اُن تي ماڌوريءَ هن کي سمجهائيندي چيس، ”ڏسو ائين جي ڏيرج هاري وهندا تہ اسان پنهنجي مقصد ۾ سڦل ڪونہ ٿي سگهنداسين. توهانکي پنهنجي دل مظبوط رکڻي پوندي. ڪجهہ پائڻ لاءِ ڪجهہ ڏيڻو تہ پوندو ئي آهي. توهان جي پنڪيءَ کي ڇڙٻيو ڇا مونکي اُهو سنو لڳو هوندو؟... نہ...بلڪل نہ. جڏهن توهان هن کي بناوٽي ڪاوڙ مان دڙڪا ڏئي رهيا هئا اُن وقت منهنجي دل ۾ ڇڻ هٿوڙا لڳي رهيا هئا.“

ماڌوريءَ جي سمجهائڻ تي موهنداس جي من جو بار ڪجهہ هلڪو ٿيو. پر تڏهن بہ هن کي لڳو کيس پنڪيءَ کي ائين زور سان ڇڙٻڻ نہ کپندو هو. اُن ڪري هو منجهند جو دروازي ۾ اکيون وجهي پنڪيءَ جو اسڪول مان اچڻ جو بي صبريءَ سان انتظار ڪرڻ لڳو. اٽڪل هڪ بجي

”هوءَ تو سان اجسٽ نہ ٿي وئي آهي نہ؟“

”....ماڌوريءَ، ان سوال جو ڪوبہ جواب نہ ڏنو، شانت رهي.

موهنداس ماڌوريءَ کي شانت ڏسي ٿورو سمجهي ويو تہ پنڪيءَ اڃان هن کي ماءُ جي روپ ۾ سويڪار ڪيو ڪونهي. ان ڪري هن ماڌوريءَ کي همٿ ٻڌائيندي چيس، ”ماڌوري پنڪي ٻار آهي... توکي ماءُ جي روپ ۾ سويڪار ڪرڻ اڃان هن کي ڪجهہ وقت جي ضرورت آهي. تون دک نہ ڪر. وقت جي ڦيرڦري تان هلندي-هلندي تنهنجي پيار جي گلن جي سڳنڌ ۾ ڇڪجي هڪ ڏينهن تنهنجي آغوش تائين ضروري اچي ويندي. مان هن جي سياءُ کي چڱيءَ طرح ڄاڻان ٿو.

اُن تي ماڌوريءَ پنهنجو جهڪيل ڪنڌ ٿورو مٿي ڪڻي موهنداس کي چيو، ”مونکي هڪ رستو سجهيو آهي. توهان ڪجهہ ڏينهن ڌنڌي نہ وڃي گهر ۾ ويهي رهو ۽ پنڪيءَ کي ٿوري ٿوري ڳالهہ تي، اُٿڻ-وهڻ تان، کائڻ-پيئڻ تان، ڪپڙي-لٽي، هار-سينگار تان ڪيس ٽوڪيندا رهو. ڪڏهن ڪڏهن هن کي بناوٽي ڇڙٻيون بہ ڏيندا ڪيوس. اهڙي وقت مان اچي هن جو بدر ڪٽنديس. مان سمجهان ٿي ائين ڪرڻ سان هوءَ توهانجي ڊپ کان توهان کان ٿورو ٿورو پري رهندي ۽ منهنجي پيار ملڻ تي ٿورو ٿورو مون طرف سرڪندي ايندي. بس ان نموني هن جي دل مان ماٽيلي ماءُ جو ڊپ آهستي آهستي لهندو ويندو ۽ پوءِ اسانجو هيءُ گهر سنسار سرڳ تي پوندو. جتي پيار ئي پيار هوندو. ڪٿي بہ نفرت جو نشان ڪونہ هوندو...“

موهنداس ماڌوريءَ جي هن سجهاءَ سان سهمت ٿيو. موهنداس ٻئي ڏينهن آڊاٽي ڪونہ ويو. طبيعت ٺيڪ نہ هئڻ جو ڪوڙو بهانو ڪري ڪمري ۾ ليٽيو رهيو. صبح جو اٽڪل نوين بجي هن پنڪيءَ کي سڏ ڪيو. شايد پنڪيءَ پيءُ جو سڏ ڪونہ ٻڌو. پنڪيءَ جي نہ اچڻ ڪري موهنداس وري زور سان چلائي سڏ ڪيو ”پنڪي.“

پنڪي پيءُ جي اهڙي زور واري سڏ تي ڊوڙندي پيءُ وٽ آئي. ڊپ کان ڏڪندي آهستي چيو، ”جي پاپا.“

”ڇو، هاڻ ڀوڙي ٿي پئي آهين ڇا ؟“

”جي اسڪول وڃڻ لاءِ ڪپڙا بدلائي رهي هيس.“

منهنجو وَجود

-منوهر نهالاڻي

بس ڪيڪڙيءَ طرف پنهنجي رفتار سان هلي رهي هئي. اُن کان به ڏيڪ تيزيءَ سان، منهنجي من جي بس اُن طرف ڊوڙي رهي هئي. ڪنهن جي ياد کي تازو ڪرڻ لاءِ جنهن کي زندگيءَ جي سفر ۾ پنتي ڇڏئي ڪئين سال گذري ويا هئا. ائين ته هاڻي هن ڳوٺ ۾ شادي ڪيل ڪ سوٽِ ڪانسواءِ ٻيو ڪو مٽ مائٽ نه رهندو آهي. سوٽ ڇا پيڻ ئي ٿي. يڻ جي ڌيءَ جي شاديءَ ۾ مان چاندلي طور ڪجهه رقم موڪلي، پنهنجي مشغول زندگيءَ جو بهانو ڪري، پاڻ کي اُتي وڃڻ کان روڪي سگهان ها.

پر جڏهن کان پوسٽ مئن سوٽ جي ڌيءَ جي شاديءَ جو ڪارڊ ڏيئي ويو آهي، جنهن تي وڏن اکرن ۾ ڇپيل ڪيڪڙيءَ جو نالو پڙهندي اوچتو من جو پکي، ماضيءَ جي وڻ تي چڙهي ڇهڪڻ لڳو آهي. ڪيترا ڏينهن من به چِتو رهيو. آخر ماضيءَ جي ڪشش من مضبوط ڪيو. شاديءَ تي وڃڻ جو پڪو اِرادو ڪري، زال سان ڳالهه ڪيم. منهنجي ماڊرن پتنيءَ چيو، ”ڳوٺ جي شاديءَ ۾ ڪهڙو مزو ايندو؟ سنو آ توهين به نه وڃو.“

مون چيو، ”هونئن ته مان به نه وڃان پر سوچيان ٿو ڪيڪڙي ڏٺي، سال گذري ويا آهن، ان بهاني وڃي ٿي ايندس.“

”اُن ننڍڙي ڳوٺ ۾ ڇا رکيو آهي؟ نه گهمڻ جو مزو نه ڪجهه ڪپڙو لٽو پائڻ جو مزو!“

”اُن ننڍڙي ڳوٺ ۾ منهنجي پيڻ به ته آهي. سالن ڪانپوءِ هوءِ مونکي ڏسي، ڪيڏو نه خوش ٿيندي!“

”توهان جي اِڇا آهي ته وڃي ٿي اچو، باقي مان ته ڪانه هلنديس.“

اِئين چئي هن صاف اِنڪار ڪيو.

هن ٻارن کي زال جي حوالي ڪري مان بس ۾ ويهي رهيس. اُن ڳوٺ ۾ منهنجي لاءِ گذريل ڏينهن جون مٺيون يادگيريون سمايل هيون. جنکي زندگيءَ جي پيچ ڊڪ واري حياتيءَ ۾ مان وساري ويٺو هوس.

هن پنکيءَ جي اچڻ جو آهٽ ٻڌي. هو هڪدم اُٿي پنکيءَ کي ڳلي لڳائڻ لاءِ هن وٽ وڃڻ لڳو جو ماڏوريءَ سندس ڪلهي تي هٿ رکي چيس، ”ڏسو، ڀاونا جي وهڪري ۾ وهي نه وڃو نه ته اسانجي سڄي ڪئي ڪرائي تي پاڻي ڦري ويندو. مونکي لڳي رهيو آهي اسانجي ترڪيب رنگ آڻي رهي آهي.“

ءُ...ءُ... بس ائين پيءُ جي ڊپ ۽ نئين ماءُ جي پيار سبب پنکيءَ جا قدم آهستي-آهستي پيءُ جي پيار واري ڇائنٽ کان نڪري ماءُ جي گود طرف وڌندا رهيا. هاڻ پنکي، نئين ماءُ جي ٻانهن ۾ سڳي ماءُ جهڙو آنند محسوس ڪرڻ لڳي. ماڏوري به پنکيءَ تي پيار جي هٿ رکندي رهي ۽ رکندي رهي هن جي تي پنهنجي سنڀال واري نظر.

هڪ دفعي، هميشه وانگر هوءَ اخبار ۽ مخزنون وٺڻ آئي. اُن وقت
ان ’هست ريکا شاستر‘ جو ڪوئي هندي ڪتاب پڙهي رهيو هوس. منهنجي
يبل تي گلاب ۽ موگري جي گلن جو ڍير ڦهلائي، مصريءَ جهڙي منڙي
واز ۾ چوڻ لڳي، ”توهين جوتش ڄاڻو ته نه؟ ته ٻڌايو، منهنجي هٿ ۾ ڇا
کيل آهي؟“ اِئين چئي هن پنهنجو هٿ مون ڏانهن وڌايو.

هڪ ڪن ته مان، سندس گلابي پنکڙيءَ جهڙي ڪومل هٿ جي ترريءَ
کي ڏسندو رهيس ۽ پوءِ چيو ”پائي واهه! هن پدما جي هٿ جون ريکائون
نه ٻڌائين ٿيون ته توکي راڄ راڻيءَ جو سک لکيل آهي. ڪو ناهوڪو راجڪمار
اچي تنهنجو هٿ پڪڙندو ۽ هن هٿ جي ريکائن موجب هڪ پُٽ ۽ هِڪ
ڌيءُ سوغات طور ڏيندءِ.“

”اون هون، توهانجي جوتش ڪوڙي آهي.“ هن پنهنجو نازڪ هٿ،
منهنجي هٿ مان هٽائي ورتو. ڏيکن وارن کي جهٽڪي سان ٻئي طرف
ڪندي هن چيو، ”ڪوري ترريءَ تي، ڪٿي راجڪمار جو نالو لکيل آهي؟...
۽ جي لکيل آهي ته اُهو نالو ٻڌايو؟ ته توهان جي جوتش سچي! باقي مونکي
ته خبر آهي، ته اُهو نالو ڪهڙو آهي.“ ۽ هوءَ شرمائجي منهنجي ڪمري
مان هلي ويئي.

البت تڏهن بي روزگاري منهنجي اکيان واڳهوءَ وارو وات ڦاڙي بيٺي
هئي. دل جي مهراڻ ۾ تمنائن جون ڇوليون ڇُلڪي رهيون هيون پر مان
لاچار هوس. نه چاهيندي به اُنهن تمنائن کي قبر ۾ دفنائي ڇڏيو. اِنهيءَ
دؤران منهنجي پتا جي بدلي ٿي ويئي. اُهي منڙيون يادون پدما جي اکين
۾ آسون بڻجي رهجي ويون.

اِڇائن جي گهوڙي تي سوار، سهڪندڙ زندگي جڏهن ڪارن وارن
مان، اَڇا وار ناهي آئي، تڏهن وري هڪ دفعو ڪيڪڙيءَ جي زمين تي
قدم رکندي، اُهي گهاريل مٺا پل، منهنجي ذهن ۾ ڪر موڙي اُٿيا آهن.
پنهنجي سؤٽِ جي گهر پهچي حال احوال ورتو ۽ ڳالهين ڳالهين ۾
پدما بابت پڇيو.

هن چيو ”پائڙا، اڃا توکي اُها مستاني ڇوڪري ياد آهي؟ ڪهڙي نه
سباجهي ۽ خوبصورت هئي؟ پر ويچاريءَ جو نصيب ڦٽل نڪتو.“

منهنجي وات مان بي اختيار نڪري ويو ”ڇو، ڇا ٿيو؟“

اڄ کان اٽڪل ويھارو سال اڳ جي ڳالھ آھي، منھنجا پتا تن ڏينھن ۾ سرڪاري نوڪريءَ ۾ ھئا ۽ اُتي ڪيڪڙيءَ ۾ ئي رھندا ھئا. مون تن ڏينھين ايم.اي. ڪئي ھئي پر بيروزگار ھوس. جوانيءَ جي مستيءَ ۾، وقت گذارڻ لاءِ ھيڏانھن ھوڏانھن جا ڪتاب، مخزنون ۽ اخبارون وٺي پڙھندو ھوس. منھنجي پتا کي ھڻ سوٽ ئي، پاڙي ۾ مسواڙي جڳھ وٺي ڏني ھئي. اُن جڳھ جي ٺيڪ سامھون پدما رھندي ھئي. ھڻ جو پتا تازو ئي سرڪاري نوڪريءَ مان رٽائر ٿيو ھو ۽ ھنجي ماءُ، ڳوٺ جي اسڪول ۾ ماسترياڻي ھئي. پدما ڏاڍي موھيندڙ ھئي. سُڊول سرير، سنھڙي وڏيون اکيون، ننڍي ٻار جھڙو معصوم چھرو ۽ کُليل رنگ ڏِسي، ڪير بہ ھڻ طرف ڇڪجي وڃي.

منھنجا پتا روزي ڪائي آفيس ھليا ويندا ھئا. پدما اڪثر پوءِ ئي، اسان جي گھر ايندي ھئي. ھوءَ نازڪ قدمن سان اچي آھستي اسان جو دروازو کڙڪائيندي ھئي. اُھو کڙڪو مان سڃاڻي وٺندو ھوس ۽ دروازو کوليندي منھنجو سُواس سڳند سان پرجي ويندو ھو. ھنجي گھر پٽيان، نھيل، باغيچي ۾ گلاب ۽ موگري جا اڪيچار بوٽا ھوندا ھئا، جتان ھوءَ گُل پٽي ڪٽي ايندي ھئي.

ايندي ئي ھوءَ منھنجي ماءُ وٽ اچي چوندي ”آنٽي منھنجي پپا واسطي ڪجھ پڙھڻ لاءِ ڏيو نہ؟“ موٽ ۾ ڪجھ جواب ملڻ کانسواءِ ئي ھوءَ منھنجي ڪمري ۾ ھلي ايندي ھئي. اُتي جھول ۾ آندل گُل خالي ڪري مون وٽ جيڪي مخزنون، ڪتاب موجود ھوندا، پُڇي اُنھن مان ڪي پنھنجي پپا لاءِ کڻي ھلي ويندي ھئي.

شرميلي سياءَ ڪري ھوءَ تمام گھٽ ڳالھائيندي ھئي. مان دروازو کوليندو ھوس تڏھن بہ سندس اکيون ئي ڪيڪارينديون گويا چونديون ھيون ”ھلو، ڪيئن آھيو؟“ منھنجي ماءُ تہ ھنجي وڃڻ کانپوءِ اڪثر تڏو شوڪارو ڀري چوندي بہ ھئي. ”وشال! ڪير چوندو ھيءَ نازڪ ڦول جھڙي ڇوڪري، بي. اي. پاس ھوندي؟ پر ھنجي ماءُ تي چوي مُئيءَ کي پنھنجي ترجو ڪوئي ڇوڪرو ئي پسند نٿو اچي.“ مان مُھڙ ھئي پاسي ڪري دريءَ کان سامھون واري مکان ۾ سُڪڻ لاءِ تار تي لٽڪيل پدما جي لڏندڙ ساڙھيءَ ڏانھن چپ چاپ نھاريندو رھندو ھوس.

”کير تو ڇوي تہ مان اڪيلي آهيان؟ منهنجو چهرو توکي اڪيلي
رت جو، مُرجهايل ۽ سُڪل چهرو ٿو لڳي؟ تنهنجي ڏنل هٿ موجب، مان
ڄ راڻي ٿي آهيان. منهنجو راجڪمار وشال مون سان گڏ ئي آهي. منهنجي
يقي راڄ ۾ مان هڪ ماسترياڻي آهيان. ٻارن کي پاڙهيندي آهيان.
هن مان ٿڪجي پوندي آهيان، تڏهن اکيون بند ڪري پنهنجي ڪلپنا
ڪ ۾ پهچي ويندي آهيان. اُتي پنهنجي راجڪمار ۽ ٻنهين ٻارن سان
ا پل گذاري، وري تازي تواني ٿي ويندي آهيان. ڪالپنڪ جيون جي
هن جي، شايد توکي خبر ڪانهي. تون شايد اُنکي هڪ ڀرمَ سمجهين پر
ڀرمَ جو بہ پنهنجو هڪ لُطف هوندو آهي. توهان جنهن کي حقيقي سکہ
ڇئو، اُهو بہ وڏي ڀرم کان وڌيڪ ڪجهہ ڪونهي.“

پدما جون فلاسافيءَ واريون ڳالهيون ٻڌي، منهنجو وجود ٻنا وزن ۽ ٻنا
ار وارو بڻجي، پدما جي اکين ۾ سمائجي ويو.

”پنهنجو مڪان وڪڻي، هنجي ماءُ پيءُ ڪنهن سٺي گهر ۾، سندس شادي ڪرائي پر هنجي پتيءَ جا خيال هن سان نهڪي نہ سگهيا. ڏيري ڏيري سندن وچ ۾ اڻ بڻت وڌي ويئي ۽ نيٺ هوءَ واپس پنهنجن پيڪن ۾ اچي رهي. هن وقت هوءَ ڳوٺ کان ٻاهر هڪ نئين سوسائٽيءَ ۾ ڪِرائي جي مڪان ۾ اڪيلي رهندي آهي ۽ ماڻ واري اِسڪول ۾ ماستريائڻي آهي.

۽ هن جا ماءُ پيءُ، ”مون پڇيو.“

”هن جا ماءُ پيءُ تہ هوءَ پيڪي آئي، اُن صدمي ۾ ئي هڪ ٻئي پٺيان گذاري ويا.“

سوٽ ڪان پدما جي ائڊريس ونئي اُن شام تي شاديءَ جي پيڙ مان چپ چاپ ڪسڪي، مان پدما جي گهر ڏانهن روانو ٿيس. گذريل ويهن سالن ۾ ڳوٺ جو نقشو ئي بدلجي ويو هو. ڳوٺ کان ٻاهر نهيل سوسائٽين جي جهنگل مان پدما جو آشيانو ڳولهي مون در کڙڪايو. دروازو کلندي ئي گلاب موگري جي اگربتيءَ جي خوشبوءِ سان تر،گُلن پريل- اچي گائون مان پدما جو آڪار اُڀريو. هوءَ بلڪل اُهڙي ئي هئي.

”تون آيو آهين وشال؟ جيتوڻيڪ مونکي خبر هئي تہ منهنجي هٿ جي تري ڪومائجي وڃي، اُن کان اڳ هِڪ ڏينهن تون ضرور ايندين.“ هنجي اکين ۾ خوشيءَ جي چمڪ هئي. منهنجي اچڻ جو عجب هنجي اکين ۾ نہ هو ’توهان‘ جي بدران بي خياليءَ ۾ هوءَ ’تون‘ چئي وئي هئي.

”وشال! هن ڪوري تِريءَ تي دل جي قلم سان، اڻ جاڻائيءَ ۾ تنهنجو هڪ نالو لکجي ويڃڻ کانپوءِ، ٻيو نالو لکڻ مونکي نہ آيو“ پدما چيو.

پدما جي هيٺ نهاريندڙ معصوم چهري کي ٻنهين هٿن سان مٿيرو ڪري سندس پنل اکين ۾ اکيون وجهي مون چيو ”مونکي سڀ خبر آهي، تون پنهنجي تِريءَ تي جڏهن منهنجو نالولکندي هئينءَ، تڏهن مان اکيون بند ڪري مُٺيون پڪوڙي، زندگيءَ جي ريس ۾، گهوڙي وانگر سهڪندو ڊوڙيس پئي. اُنهيءَ سهڪي تنهنجي لاءِ پيدا ٿيل موهہ جي خوشبوءِ کي، پڪيڙي ڇڏيو هو. اُها خوشبو اڄ سِڪُڙجي سامهون آئي آهي. تنهنجي اڪيلائي منهنجي دل کي پيڙا پهچائي رهي آهي پدما. ڇهڙي نموني اڪيلي زندگي تون ڪيئن گهاري سگهندينءَ.“

”اي وشال!“ لبن تي مشڪ آڻيندي پدما چيو،

ءِ هوءَ هميشه اڪبوت ڪري ڇڏيندي هئي... هئس جو پلا هڪڙو پٽ...
ندي موهه ۾ ڦاسي ويئي هئي.

پر پٽ جي انڌي موهه وس هوءَ ڪڏهن مڙس سان به اٽڪي پوندي
ئي. پڙس چوندو هئس، ''ڪرشن پٽ تون به ڪيتيءَ ۾ اچي هٿ وجهاءِ.''
ڪرشن جو پاسو ڪٽيندي سندس ماءُ چوندي هئي، ''اڃا ته ننڍڙو آهي،
س اڃا ١٧ سال پورا ڪيا اٿائين. گهمڻ ڦرڻ ڏيوس. توهان ته هاٿي ئي
ٿاهنس بوجهه وجهڻ ٿا چاهيو.''

ڪرشن چوندو هو، ''بابا مان ڪيتي ٻيتي ڪونه ڪندس مونکي شهر ۾
ڪو ڌنڌو ڪرائي ڏيو ته مان توهان کي ڏسو ڪيئن ڪمائي ٿو ڏيان.''

زال جي زور ڀرڻ تي ڪرشن جي شادي ڪلياڻيءَ سان ڪرائي ويئي پر
ن جي سياءُ ۾ ڪو ڦيرو ڪونه آيو ۽ ڪلياڻي ته ايتري سادي سودي ۽
ٻاجهي هئي جو هن جوڪرشن کي ڪجهه به چوڻ هن لاءِ ڏکيو هئو،
اممڪن هئو.

گهر ۾ خوشيون ڇانئجي ويون جڏهن ڪلياڻيءَ نياڻيءَ کي جنم ڏنو.
الو رکيائونس ڪلا. ڪرشن پڻ خوش هئو ته هو پيءُ بڻجي ويو هئو. ڪرشن
ا ماءُ پيءُ به ڏاڍا خوش هئا. اڄ سالن ڪانپوءِ هنن جي گهر ۾ لڪشميءَ
ير رکيو هئو. پر چوندا آهن بندي جي من ۾ هڪ ته رب جي من ۾ ٻي.
وشيءَ وچان هو تيرٿ ڪرڻ هليا ويا پر اُتان واپس اچي نه سگهيا. رستي
ي حادثي ۾ ٻنهي جو موت تي ويو.

اڳيئي ڪرشن هئو ڇڙواڳ اِنسان. ماءُ پيءُ جي وڃڻ ڪانپوءِ هو وڌيڪ
ڇڙواڳ تي پيو. ڪيتيءَ ۾ سندس ڌيان ڪونه هئو ۽ پڙس جي گذاري وڃڻ
ڪانپوءِ ته سڄو ڏينهن گهر کان ٻاهر رهڻ لڳو. جيئن چوندا آهن
ناڏي خرار به ڪٽيو وڃن تيئن ڪرشن جي حالت ٿيڻ لڳي. هڪ ڏينهن
ڪلياڻيءَ چيس، ''ٻڌو ٿا؟''

''ڇا آهي؟'' جواب جو نوع ٻڌي ڪلياڻي سهمجي ويئي. تڏهن به
طاقت ڪٺي ڪري چيو، ''هيئن ڪيترا ڏينهن هلندو؟''

''آهين ته آخر ڳوٺاڻي نه؟ تو مان ڇا ملندو. ڏنئه به اها نياڳي ڏيءُ
جيڪا منهنجي ماءُ پيءُ کي کائي ويئي. ٻڌ ڪلياڻي تون منهنجي ڪجهه
ـه لڳين. مان ته توسان امان ۽ بابا جي زور ڀرڻ تي شادي ڪئي هئي.

ڳوناٽي

-ڪنعيالال گوپلاڻي

ڳوٺ جي هر ڪنهن جي زبان تي فقط هڪ ئي ڳالهه هئي... هر چونڪ ۽ بزار ۾ فقط هڪ ئي ڳالهه هئي... جتي به ماڻهو گڏجن اُتي فقط هڪ ئي ڳالهه هئي... جتي به زالون تلهن تي ويهي ڳالهيون ڪن اُتي فقط هڪ ئي چرچا جو وشيه هئو... هرڪو هڪ ٻئي کي ائين ٻڌائي رهيو هئو يا هڪ ٻئي کان پڇي رهيو هئو پائي ٻڌاءِ... پيڻ ٻڌاءِ.. ڪلياڻيءَ جو مڙس ڪرشن ۽ خانچند جي زال خوشبو ڳوٺ ڇڏي ڀڄي ويا آهن... ڪنهن کي پتو نه آهي ته ٻئي ڪٿي آهن... ويچاري ڪلياڻيءَ جو ڪهڙو حال ٿيندو.

ها ويچاري ڪلياڻي... ان جو ڪمائيندڙ مرد ڪرشن جي عورت سان ڀڄي ويو هن جو ڇا ٿيندو؟ ڇا ته ڪلجُڳ آيو آهي پائي... اڄ جا شادي شده مرد به ڪيترا نه عياش ٿي پيا آهن... اڙي پيڻ اڄڪلهه جون زالون وري ڇا ۾ گهٽ آهن... اهو به ڀڳ هئو جڏهن راوڻ جي بند ۾ رهندي سيتا ماتا کي اگني پريکشا ڏيڻي پيئي هئي... پر ڀڳوان رام هڪ ڌوٻيءَ جي چوڻ تي سيتا جو تياڳ ڪيو جو هوءَ راوڻ جي بند ۾ رهي آئي هئي ۽ اڄ جو زمانو ڇا ته آيو آهي پنهنجي پتي خانچند کي ڇڏي خوشبو پرائي مرد سان ڀڄي ويئي آهي.

ٻي سال اول ڪلياڻيءَ جي شادي ڪرشن سان ٿي هئي. ڪلياڻي ويچاري سادي سودي ڳوناٽي نار هئي. هن جو سڀاءُ بلڪل صاف ۽ شانت هئو. ڏيکاءُ ۾ پڻ ويچاري موچاري هئي. ايترو پڙهيل به نه هئي. ڳوٺ ۾ جيڪي به چار درجا پڙهيا... هن جي شادي ڪئي ويئي هئي ۽ ڪرشن چتر هوشيار ۽ ڏيکاءُ جو سندر شرير جو پريل... مئٽرڪ تائين پڙهيل هئو پر آزاد ماڻهو. پٽس کي ڳوٺ ۾ سني ڪيتي هئي. پيءُ محنت ڪري سنو پئسو ڪمايو هئو. ماٽس پڙهيل ڪونه هئي پر گهر جي سار سنڀال رکڻ واري پنهنجي پتيءَ جي مددگار هر ڳالهه ۾ ها ۾ ها ملائڻ واري... پر ڪرشن ۾ سندس انڌو موهه هئو. هوُ سڄو وقت دوستن سان پيو گهمندو هئو

❊ ❊ ❊ ❊ ❊

ڳوٺ جو شاهوڪار ڪرشن جي گهر ۾ پرويش ڪيو ۽ ڪلياڻيءَ کي
مخاطب ٿيندي چيو، ”ڪلياڻي تنهنجي مڙس ويندي ويندي پنهنجا
کيت مون وٽ گروي رکي ويو آهي ۽ انهن جي عيوض مون کان لک رپيا
اڌارا وني ويو آهي.“

”ڇا؟“ ڪلياڻيءَ کي جهٽڪ ڇرڪ نڪري ويو.

”ها ڪلياڻي. هي کيت هاڻي منهنجا آهن. شاهوڪار جي هٻڇي نظر
ڪرشن جي کيتن تي هئي. هوُ ڪلياڻيءَ کي گهوري نهاري رهيو هئو. هن
جي نظر ڪلياڻيءَ جي جوڀن تي پئي هئي. هوُ اڳتي وڌيو ۽ ڪلياڻيءَ جي
شرير تي پنهنجون نظرون کتائي رکيون.

”شاهوڪار جيڪڏهن توکي کيت کپن ته کڻي وٺ، پر ائين نهار نه.“

”اڙي ان ۾ ڇا آهي. ها هاڻي ڪرشن ته هليو ويو... پڇي ويو خوشبوءِ
سان گڏ. تون هي کيت بچائي سگهين ٿي هڪ شرط تي ته تون منهنجي
ٿي رهندينءَ.“

ڪلياڻي آپي کان ٻاهر نڪري ويئي ۽ شاهوڪار جي منهن تي ڀرپور
چمات وهائي ڪڍي.

”تون ڇا ٿو سمجهين شاهوڪار... شاهوڪار جيڪڏهن تون شاهوڪار
آهين ته پنهنجي گهر آهين. مان پتورتا استري آهيان ۽ مان ڪڏهن اهو
سوچي به نٿي سگهان. مان پنهنجي ڪرشن جي ست ۾ رهندس. کيت
تنهنجا آهن تون کڻي ڇڏ. مان محنت ڪري پنهنجو پيٽ پالي سگهندس
سمجهئه شاهوڪار هليو وڃ شاهوڪار نه ته وڏيڪ بيعزتي ڪنديسانءَ.“

”ڪمذات ڪتان جي.“ شاهوڪار هن کي گار ڏيندي چيو، ”مان به
ڏسان ٿو ته توکي هن ڳوٺ ۾ رهڻ ڪير ٿو ڏئي.“

۽ ان وقت ڪلياڻيءَ جي گهر وٽ سيٺ کانچند پهتو هئو. هن سڀ
ٻڌي ورتو هئو. هن شاهوڪار کي چيو، ”ڪم ذات تون آهين يا هيءَ
ڪلياڻي. شاهوڪار بهتر اهو اٿيئي ته هتان هليو وڃ نه ته ڳوٺ ۾ رهڻ
تنهنجو ڀاري ٿي پوندو.“

”ڇا تون به هن ڪمذات جو پاسو کڻي رهيو آهين؟ عجب آهي جنهن

باقي تون نہ مونکي ڪڏهن وٺي آهين ۽ نہ ڪڏهن وٺنديئہ. ٻڌائي تہ
ڇڏيائين مون جهڙي هيري لاءِ تون آهين ڪونہ. مان ڪنهن پريءَ سان
شاديءَ جا سپنا ڏٺا هئا ۽ مون کي ملي وئينءَ تون ڪاري ڪوجهي ۽
موچاري.''

ڪلياڻي ويچاري ڇا چوي. تڏهن بہ هن نئڙت سان چيو هئو، ''ڪهڙي
بہ آهيان ڪاري آهيان يا ڪوجهي آهيان پر آهيان تہ توهان جي نہ.''

''منهنجي... منهنجي مان تہ هڪ ڏينهن شهر هليو ويندس ۽ اُتي
ڪنهن پريءَ سان شادي ڪري ڇڏيندس.''

ڪلياڻي ويچاري ڇا چوي... هوءَ تہ سهمجي هلي وئي.

☼ ☼ ☼ ☼ ☼

جن ڏينهن ۾ ڪلياڻي شادي ڪري آئي هئي تڏهن کانچند بہ شهر
مان خوشبو کي شادي ڪري وٺي آيو هئو. کانچند پئسي جي زور تي
شادي رچائي سگهيو هئو. هن وٽ اڪيچار ناڻو هئو. ايندڙ ست پيڙهيون
کائن تڏهن بہ نہ کٽي ايترو ناڻو. پر کانچند اڃا ساماڻو مس تہ سندس
ماءُ پيءُ گذر ڪري ويا. اڪيچار ناڻو هن جي هٿ ۾ اچي ويو پر شاهوڪار
هوندي بہ هن کي ڪو ٻانهن ڏيڻ لاءِ ڪوئي تيار نہ ٿيو ڇاڪاڻ تہ هوءُ
ڪنجوس ۽ هوشيار تہ هئو پر رنگہ روپ جو بلڪل ڪارو ۽ بيڊول چهري وارو
شايد رات جو ڪو ڏسي تہ ڊپ لڳي وڃيس. ان ڪري عمر وڌندي رهيس
پر شادي ڪونہ ٿيس. شادي نہ ٿيڻ ڪري هوءُ ويڳاڻو گذارڻ لڳو. ڪن
خوشامد خورن هن کي شهر وڃڻ لاءِ صلاح ڏني ۽ پئسن جي زور تي خوشبوءَ
کي خريد ڪري هن سان شادي ڪرائي ڇڏيائون. هوءُ خوش ٿي ويو ۽
پنهنجي ونيءَ کي وٺي پنهنجي ڳوٺ واپس پهتو ۽ خوشيءَ ۾ نہ پيو ماپي
پر انهن ٽن سالن ۾ نہ کانچند ۽ خوشبو جي دل ملي سگهي... نہ ئي من
ملي سگهيو ۽ نہ ئي هنن جو شرير ملي سگهيو.

☼ ☼ ☼ ☼ ☼

اترپت من... اترپت شرير... خوشبوءِ کي بيحال بڻائي ڇڏيو... ڪرشن
جي اترپت واسنا... ٻنهي اترپت آتمائن کي نزديڪ آندو... اڃا بہ ويجهو
آندو ۽ ٻئي هٿ ۾ هٿ ملائي پڇي نڪتا... ڪيڏانهن، ڪنهن کي بہ خبر
نہ آهي...

”ها ڪلياڻي.“ خانچند بلڪل شانتيءَ سان چيو.

”نيڪ آهي توهان کي پراشچت ڪرڻو آهي ته پلي ڪريو پر اُن ۾ منهنجو ڪهڙو لاڳاپو آهي. مان پراشچت ڪرڻ کان روڪڻ واري ڪير آهيان؟“

”ڪلياڻي ان سان تنهنجو لاڳاپو آهي، ان ڪري مان هتي آيو آهيان، مهرباني ڪري منع نه ڪجانءِ.“

”مون کي سمجهه ۾ نٿو اچي. پر بڌي ڇڏ خانچند جيڪڏهن تو ڪا اهڙي جهڙي ڳالهه ڪئي ته...“

ڪلياڻيءَ کي اڌ ۾ ڪٽيندي خانچند چيو، ”ڪلياڻي ائين نه آهي. مون فيصلو ڪيو آهي ته مان تنهنجي ڌيءُ ڪلا کي گود وٺڻ ٿو چاهيان. ڪلا جي پالن پوشڻ، هن جي پڙهائي وغيره، ڪلا جي شاديءَ تائين جو خرچ مان پريندس ۽ منهنجي مرڻ پڄاڻان هوءَ ئي منهنجي سموري ملڪيت جي وارث ٿيندي. ڪلياڻي مهرباني ڪري مونکي نراش نه ڪجانءِ“ ۽ هن پنهنجي ڪڙتي جوپلاند ڪلياڻيءَ اڳيان ڦهلائي ڇڏيو.

ڪلياڻي يڪ ٽڪ نگاهن سان چپ چاپ هن کي ڏسندي رهي. هن جي اکين ۾ اچرج ڦهلجي ويو هئو. هوءَ ڇا جواب ڏئي. هن جي نه ڪرڻ جي همت ڪونه هئي. اکيون هن جهڪائي ڇڏيون ڄڻڪ هن خانچند جي ڳالهه سويڪار ڪئي هئي.

☼ ☼ ☼ ☼ ☼

ان ڳالهه کي ويهه سال گذري ويا.

هڪ رات جو ڪلياڻي پنهنجي گهر مو اڃا مس سمهي هئي ته در تي ڪڙڪو ٿيو. ڪڙڪو بڌي هوءَ ڇرڪجي ويئي ۽ سوچڻ لڳي ته هن ڪمهلي وقت هنجي در تي ڪير ٿو ٿي سگهي. هوءَ گهر ۾ اڪيلي هئي. ڪلا خانچند جي گهر رهيل هئي. هفتي کن کانپوءِ ڪلا جي شادي موهن سان ٿيڻ واري هئي. شاديءَ جي ڪـ سانگي ڪلياڻي به خانچند جي گهر ويئي هئي ۽ اُتان ڪم پتائي گهر آئي هئي. هوءَ پنهنجي سوچ ۾ پئجي ويئي.

پنهنجو ڪورس پورو ڪري ڪلا شهر کان موٽي هئي.

جو مڙس تنهنجي زال کي پچائي ويو آهي، ان جو پاسو تو کڻين؟''

''ها شاهوڪار ان ۾ هن جو ڏوهه ڪهڙو آهي؟ ڏوهه جيڪڏهن آهي ته ڪرشن جو آهي. پر هن جو به ڪهڙو ڏوهه. ڏوهه آهي منهنجو شاهوڪار.''

ڪلياڻي آواڪ ٿي ويئي. چپ چاپ خانچند کي ڏسندي رهي. ''ها شاهوڪار ڏوهه منهنجو آهي... منهنجي پئسي جوآهي... منهنجي ڏن جي مد جو آهي. مان به مدمست هاٿيءَ وانگر اڳتي وڌندو رهيس. اهو نه سوچيم ته مدمست هاٿيءَ جي پيرن هيٺان ڪيترائي جيتامڙا ڪچلجي مري رهيا آهن. ڇا هاٿيءَ کي خبر پوندي آهي؟ ۽ منهنجي به حالت اهڙي ئي آهي. شاهوڪار ان ڪري هليو وڃ. ڏن جو ايمان نه ڪر، نه ته ڪٿي تنهنجي به حالت مون جهڙي نه ٿئي.'' خانچند ڳالهائيندي سهڪڻ لڳو ۽ شاهوڪار نفرت آميز نگاهن سان پهرين ڪلياڻيءَ کي ڏٺو ۽ پوءِ خانچند کي ڏٺو. هن جي اکين ۾ نفرت جا اُلا ٻري رهيا هئا. وري به ڏمڪي ڏيندي چيائين، ''ڪلياڻي مان توکي ڏسي وٺندس.'' ۽ پير زمين تي ٺوڪيندو اُتان هليو ويو.

☼ ☼ ☼ ☼ ☼

خانچند کي ڪلياڻيءَ پاڻيءَ جو گلاس آڻي ڏنو. هن جو چت ڪجهه شانت ٿيو ۽ اکيان وڏي کٽ تي ويهي رهيو. ساهي پٽڻ لڳو.

''ڪلياڻي.'' هن آهستي چيو، ''ٻڌ مان سچ تو چوان جڏهن کان خوشبو ڪرشن سان پچي ويئي آهي، ان ڏينهن کان مان جيترو سوچيندو رهيو آهيان، رات ڏينهن... مان جيترو گهرو سوچيان ٿو، اوترو ئي پاڻ کي قصوروار سمجهان ٿو. ڇا هن ڪرڙوڌ عمر ۾ خوشبوءِ سان شادي ڪرڻ واجب هئو؟ ڪلياڻي اهو سوال اُن وقت هئو، ڇاڪاڻ ته مان اُن وقت ڏن جي گهوڙي تي چڙهيل هئس... مستيءَ ۾ هئس... ڏن تراڄ به آهي پر ان جو مد لهي چڪو آهي. هاڻي لڳي رهيو آهي ته اهو منهنجو ڏوهه هئو.. گهور اپراڌ هئو... ۽ هن جو پچي وڃڻ ئي واجب هئو. مان ائين ڪونه ٿو چوان ته پچي وڃڻ لاءِ هن جي پسندگي ڪرشن واجب هئو پر مون کان پنهنجا پلوَ آجا ڪرائڻ لاءِ مان هن کي ڏوهه نٿو ڏيان. جيڪو ڪجهه ٿيو آهي، ڪلياڻي مان ان جو پراشچت ڪرڻ چاهيان ٿو.''

''پراشچت؟'' ڪلياڻيءَ خانچند جي منهن ۾ نهاريو.

تہ مون خوشبوءِ سان پڇي تنهنجو، ڪلا جو سچي ڳوٺ جو، سچي سماج جو ڏوهہ ڪيو آهي. فقط ڏوهہ نہ گناهہ ڪيو آهي جيڪو معاف ڪرڻ جي لائق نہ آهي پر مان ڇا ڪريان. خوشبوءِ...''

هن کي وچ ۾ ڪٽيندي ڪلياڻيءَ شوخ نظرن سان ڪرشن کي نهاريندي تلخ آواز ۾ چيو، ''ان بيحيا نرلج عورت جو نالو منهنجي اڳيان نہ کڻ. مان ان نالي کي وساري ڇڏيو آهي. مون کي فقط پيار آهي تہ پنهنجي ڌيءَ سان... مون کي ان تي ناز آهي پر تنهنجي پتاپڻي جي ڪري مون کي فخر آهي ان پلي اِنسان تي... خانچند تي جنهن جي ڪلا پريم جي ڪري هوءَ اڄ سکي ٿي ويئي. خبر اٿيئي هفتي کان پوءِ هن جي شادي آهي.''

''ڪلا جي شادي... ڇا منهنجي ڌيءَ ايڏي وڏي ٿي ويئي آهي.''

''ها پر هوءَ توهان جي ڌيءَ نہ آهي. خانچند جي ڌيءَ آهي. جيئن ڪرشن جي ماءُ يشودا نہ پر پالڪ ماتا جسودا هئي. جيئن ڪرشن جي پيءُ واسديو نہ پر هنجا پالڪ پتا نند هئو تيئن ڪلا جي ماتا مان نہ آهيان يا پتا توهان نہ آهيو پر اسان واسديو ۽ ديوڪيءَ وانگر ڇڏيندڙ ضرور آهيون پر سچي ماتا بہ خانچند آهي تہ سچو پتا بہ خانچند. اسان ٻنهي پنهنجا حق وڃائي ڇڏيا آهن. پر....'' ڪلياڻي هن جي منهن ۾ تڪڻ لڳي.

''پر ڇا؟ مان سمجهي ويس تہ تون اهو پڇڻ ٿي چاهين تہ مان اڄ ٢٠ سالن کانپوءِ هتي ڇو آيو آهيان. سچ تو ٻڌايانءِ مان هن سنسار مان تنگ ٿي چڪو آهيان. مان هي سنسار تياڳ ڪرڻ چاهيان ٿو. پر منهنجي آتما مون کي سک سمهڻ نہ ڏنو... منهنجي آتما مون کي ڌتڪار وجهندي رهي آهي... جيئڻ جي اِڇا نہ هوندي بہ مان من ئي من ۾ فيصلو ڪيو تہ مان توکان معافي وٺان... پنهنجي ڌيءَ کان پنهنجا گناهہ بخشايان ۽ پوءِ مان سک سان هي سنسار ڇڏي سگهندس. منهنجي من تي ڀاري بوجهہ آهي... دل ۽ دماغ پريشان آهن. مان توکان... ڪلا کان... سيٺ خانچند کان معافي وٺي ڪنهن نامعلوم طرف وڃڻ چاهيان ٿو.''

رات گذري چڪي هئي. ڪڪڙن ٻانگہ ڏيڻ شروع ڪئي هئي ۽ سڄو ڳوٺ پنهنجي نت نيم ۾ مشغول ٿيڻ شروع ٿي ويو هئو.

☼ ☼ ☼ ☼ ☼

”ممي منهنجي ڪاليج ۾ مون سان گڏ موهن نالي ڇوڪرو پڙهندو آهي. اسين ٻئي سٺا دوست آهيون. مان هن سان شادي ڪرڻ چاهيان ٿي. تون منهنجي ماءُ آهين جيئن تون چوندينءَ تيئن ڪندس. مان ڇا ڪريان مان منجهي پيئي آهيان.“ ڪلا چيو هئو.

”منهنجي ڊيئڙي مان تہ آهيان اڻپڙهيل ڳوٺاڻي. مون کي ڪابہ خبر نہ پوندي. تون کانچند جي ڌيءُ آهين تون ان کان ئي پڇ تہ توکي ڇا ڪرڻ گهرجي. هاڻي منهنجي نہ پر کانچند جي ڌيءُ آهين. جنهن توکي پالي پوسي پڙهائي پڙ ڪيو آهي.“ ڪلياڻيءَ نردوش ڀاو سان چيو هئو.

ٻئي ڏينهن کانچند جي گهر ڪلا ويئي هئي ۽ کانچند هن کان سڀ اتا پتا پڇيا هئا ۽ هن ٻئي ڏينهن ئي صبح جو پڇا ڳاڇا ڪئي هئي. هو موهن سان بہ گڏيو هئو. هن جي ماءُ پيءُ سان بہ گڏيو هئو. موهن جا عالمي ويچار، هن جي ماءُ پيءُ جا شاندار آچ ار-ويچار ڏسي ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو هئو. هن ڪلا ۽ موهن جي رشتي تي مُهر هڻي ڇڏي هئي. پر مُهر هڻڻ کان اڳ هن ڪلياڻيءَ سان بہ ڳالهہ ڪئي هئي. ڪلياڻي خوش هئي اڄ هن جو سپنو پورو ٿيو هئو تہ ڪلا وڏي پڙ تي ويئي هئي ۽ هن جي شاديءَ جي پڪ ٿي ڪئي ويئي.

در تي وري ڪڙڪو ٿيو.

ويچارن جي مالها ٽٽي پيئي. لڙکڙائيندڙ قدمن سان هوءَ کٽ تان اُٿي. هن بتي ڪئي ۽ در کولي ڇڏيو. در تي هڪ شخص ڏسي هوءَ منجهي ويئي. ”ڪلياڻي!“ آواز ٻڌي هن کان ڇرڪ نڪري ويو. آواز سڃاتل هئو.

”توهان؟“ هن سوالي نگاهن سان گهوري هن جي منهن ۾ نهارڻ لڳي.

”ها ڪلياڻي مان ڪرشن، تنهنجو پتي ۽ ڪلا جو پتا. ڇا اندر اچڻ لاءِ بہ نہ چوندينءَ.“ ڪرشن بلڪل آهستي چيو.

”جنهن ڏينهن توهان بنا سوچ سمجهہ جي مون کي ڇڏي خوشبو سان پڄي ويا ان ڏينهن کان توهان مون کي پتني چوڻ جو حق وڃائي ڇڏيو آهي ۽ ان ڏينهن کان توهان ڪلا جا پتا چوڻ جي لائق بہ نہ رهيا آهيو.“ ڪلياڻيءَ مڪمتا سان چيو.

”پر ائين چوڻ سان مان ڪلا جو پتا مٽجي تہ ڪونہ ويندس. مڃان ٿو

حلفنامو

-ڀڳوان اٽلاڻي

مان سرلدل ڀولارام آتمايماني، عمر 67 ورهيه، سرنامو في اِلحال نامعلوم، پٽ-ننهن جي اٽوٽندر - ٿُفتن سان بي عزت محسوس ڪرڻ ڪانپوءِ ٻڍا آشرم ۾ رهڻ هليو آيو هيس. ٻڍا آشرم جو ماحول، رهواسين ۽ بندوبست ڪرڻ وارن جو وهنوار ۽ اِنتظام ڏسي مونکي اَحساس ٿي ويو ته پنهنجن جي هوندي به پراون جي وچ ۾ رهي هر روز جنهن ذهني تڪليف کي ڀوڳي رهيو آهيان، تنهنجو مُول سبب مان پاڻ آهيان. تنهنڪري هن قسمنامي معرفت مان اَعلان ٿو ڪيان ته

1. هنڪان پوءِ ڪڏهن آتمايماني تخلص اِستعمال نه ڪندس.
2. ننهن هئڻ جي ناتي توهانجي عمر مونکان اڌ کن مس هوندي. سهري هئڻ جي حق ۽ عمر ۾ تفاوت سبب مان توهانکي 'تون' چئي سڏيندو رهيو آهيان، آئينده ڪڏهن اَهڙي گستاخي نه ڪندس. توهانکي فقط 'توهان' چوندس.
3. توهانجو چوڻ واجب آهي ته ٽيتيهن - چوٽيهن سالن جا ٽي ويا آهيو ۽ منهنجي ڪري توهانکي شانتي نصيب نه ٿي آهي. ڄاڻي ٻجهي توهانکي اَشانت ڪرڻ جي ڪوشش ڀلي ڪڏهن نه ڪئي هجي پر توهان چئو ٿا ته اَڻڄاڻائيءَ ۾ هيءَ جرم مونکان ضرور ٿيندو رهيو آهي. آئينده ڪڏهن به توهانجي شانتيءَ ۾ خلل وجهڻ جي ڀل ڪري وجهان ته بروقت چئي، ٽوڪي، دڙڪو ڏيئي، ڪن پڪڙي يا جنهن به نموني توهانکي مناسب لڳي، ڏنڊ ڏيندا. يقين ڪندا، مان ٻيو دفعو اُها چوڪ نه ڪندس.
4. توهانجي ۽ منهنجي پٽ وچ ۾ ڇڪ تاڻ يا ڳالهه ٻولهه بند رهڻ جو سلسلو ڪڏهن لمبو ٿي ويندو آهي. سمجهندي به ته اِهي جُزا زال-مڙس ۾ پيار کي پختو ڪندا آهن، مان بيوقوف ! ڌيرج

هفتو گذرندي دير نہ لڳي. اڄ ڪلا جي موهن سان شادي هئي. کانچند پنهنجي گهر وٽ وڏو ماندو ٻڌايو هئو. شهر کان آيل ڪاريگر مٺائي ناهي رهيا هئا... ڪي روٽي ناهي رهيا هئا... کانچند خوشيءَ وچان هيڏانهن هوڏانهن ڊڪون ڊوڙون پائي رهيو هو.

موهن جي جڃ کانچند جي دروازي تي اچي پهتي. ڍام ڍوم سان شادي ٿي وئي. ودائيءَ جي ويلا ويجهو اچڻ لڳي. کانچند ماتا ۽ پتا جو رول نباهيو هئو... هن جي دل جي منشا اڄ پوري ٿي هئي. هن پنهنجي ڪنيا ڪلا جو ڪنيا دان ڪيو هئو. هو پنهنجن ڪپڙن ۾ نہ پيو ماپي.

ڪلا کانچند کي پاڪر ۾ جهلي اکين مان گنگا جمنا وهائي رهي هئي ۽ ان مهل کانچند موهن ۽ ڪلا جي پاڪر ۾ ترڪيو. موهن ۽ ڪلا هن کي گود ۾ ٻڌائي ورتو ۽ پنهنجي گود ۾ سمهاري ڇڏيو. هن جي اکين ۾ گنگا ۽ جمنا روپي بہ قطرا ٿمجي ويا هئا... ۽ هن جي چپن تي عجيب مسڪان هئي. ڊاڪٽر اچيان اينتي هن کي مرت ظاهر ڪيو. فقط ايترو چيو، ”کانچند اڄ ڪنيا دان جي خوشي نہ جهلي سگهيو آهي. وڏي خوشيءَ وچان هن جي دل جي دڙڪن بند ٿي وئي آهي.“

تڏهن ڪلا چيو هئو، ”منهنجي پتا کانچند جي موت تي ڪوبہ رئندو نہ. مان بہ نہ روئندس. مان اڄ اعلان ٿي ڪريان تہ پتا طرفان مون کي مليل سموري ملڪيت مان هن ڳوٺ کي دان ٿي ڪريان ۽ هن ڳوٺ ۾ بابا جي نالي هڪ عاليشان آشرم ٺهندو جتي اناٿ ٻارن ۽ اناٿ ابلائن جي پرگهور ورتي ويندي ۽ ان آشرم جي سيوا منهنجي ڳوناٽي ماءُ ڪلياٽي ڪندي.

۽ زور سان ڪرشن پيڙ مان ٻاهر نڪري آيو ۽ زور سان چيو ”سيٺ کانچند جي“ ۽ سڀني پيڙ ”جئہ“ جي ناد سان آسمان گونجائي ڇڏيو.

اَهڙين ڳالهين ڏانهن اِشارو به نه ڪندس.

7. زمانو بدلجي ويو آهي. سڄو بدن ڍڪڻ وارا ڪپڙا هاڻي نه پائبا آهن. مڊي، جينس-ٽاپر، اِسڪرٽ-بلائوز جهڙيون پوشاڪون نه پائڻ واريون ڇوڪريون ۽ زالون پوئتاهيون ڳڻيون وڃن. هر وقت گهر ۾ هوندو آهيان. تنهنڪري توهان چاهيو تڏهن به مونکان لڪائي پائي نٿا سگهو اهڙا ڪپڙا. پائيندا ته منهنجي نظر پوندي. اِهي ڪپڙا پائي ڪو غلط ڪم نٿا ڪيو. وقت جي رفتار کي سمجهي مونکي اڳيرائي احساس ٿي وڃڻ کپندو هو. پر ساڻ بزرگ جڏهن طنز ڀريل فقرا ۽ گهائيندڙ نظرون اڇليندا هئا ته ڪڏهن ڪڏهن وهڪري ۾ وهي ويندو هئس. يقين ٿو ڏيارايانو ته آئينده توازن رکندس ۽ توهانجي پاتل ڪپڙي-لٽي کي اَهميت نه ڏيندس.

8. نئشن روز ٿو مڃجي. ڪپڙا، چمپلون ۽ سئنڊل سالن جا سال پائڻ جي ڳالهه سوچڻ هاڻي ممڪن نه آهي. ٻن-ٽن جوڙي وڳن ۽ سئنڊلن سان ڪم هلائڻ وارن کي ڪمتر ٿو سمجهيو وڃي. سماج ۾ اُتون ويهون ٿا. حيثيت قائم رکڻ لاءِ ضروري سامان خريد ڪرڻ کان نٿو بچي سگهجي. نوان ڪپڙا، چمپلون، سئنڊل ايندا ته پهرين ورتل سائيون شيون جمع ٿينديون وينديون. پراڻي سامان جو ڍير ٿو لڳندو وڃي، اِهو سوچي زماني سان گڏ نه هلڻ بيوقوفي آهي. هاڻي اِها ڳالهه مونکي چڱيءَ طرح سمجهه ۾ اچي ويئي آهي، ڇا ٿو خريديو وڃي، جيڪو خريديو ٿو وڃي تنهنجي ڪيتري گهرج آهي، اَهڙن مدعن کي جنسان منهنجو سڌو يا اَڻسڌو واسطو آهي يا نه آهي، تِن کي پنهنجن ويچارن ۾ ڪڏهن جڳهه نه ڏيندس.

9. سرگرم زندگيءَ ۾ ملڻ جلڻ وارا منهنجي قد جيترا هئا. نوڪريپيشا شخص جو دائرو اُن وقت، اڄ جيان شان شوڪت وارو نه هوندو هو. گهر جو چمڪندڙ چهرو، رنگ-روغن، فرنيچر، اي-سي.، فرج وغيره ڪنهنکي ضروري نه لڳندا هئا. لڪين رپيا مهنو

نہ رکي سگھندو آھيان. اَچي پنيان پوندو آھيان. منھنجي بيصبري توھانکي زال مڙس جي شخصي معاملن ۾ دخل اندازي لڳندي ھوندي. لڳڻ بہ گھرجي. نتيجي طور ڪيترا دفع بِر تي توھان چئي بہ ڏيندا آھيو تہ غلط مان نہ آھيان، توھانجو پٽ آھي. سمجھايوس. مونکي ڇو ٿا گنھگار سمجھو توھان ھيل تائين مان ھِن عادت ڪان لاچار رھيو آھيان. آئينده اھڙن موقعن تي مان خاموش رھندس. پنھنجن مسئلن کي حل ڪرڻ جي لحاظ ڪان توھان ٻيئي خوب سمجھدار آھيو. توھان ٻنھين جي وچ ۾ مان ڪڏھن نہ ايندس.

5. گھر لاءِ ضرور سامان جو بندوبست ڪرڻ جي ذميداري توھان پاڻ تي ھموار ڪئي آھي. اَھڙا موقعا گھٽ ايندا آھن جڏھن تيل، صابڻ، ٽٿپيسٽ ۽ شيونگ ڪريم جھڙيون ننڍڙيون شيون گھر ۾ نہ ھجن. اِنھن مان ڪجھ ختم ٿيندو آھي تہ مان اڳوات توھانکي ٻڌائي ڇڏيندو آھيان. شايد منھنجي لحظي ۾ اَھڙو ڪجھ آھي جو منھنجي ڏنل ڄاڻ توھانکي شڪايت جھڙي محسوس ٿيندي آھي. ھڪ ڏينھن تيل، صابڻ وغيره اِستعمال نہ ڪندس تہ آسمان نہ ڦاٽندو. رٿاير ٿيل آھيان. طئشده وقت تي ڪيڏانھن وڃڻو نہ پوندو آھي. شيونگ سوپ يا بليڊ نہ ھوندو ۽ ٻہ-چار ڏينھن ڏاڙھي نہ لاھيندس تہ خاص فرق نہ پوندو. توھانکي پتو آھي تہ مونکي اِھا ڳالھہ سمجھڻ کپي تہ منھنجو صاف سٿرو نظر اچڻ توھان سڀني جي سماجڪ ڇبيءَ لاءِ ضروري آھي. پروسو ڪيو تہ آئينده پنھنجي ننڍي يا وڏي ڪابہ گھرج توھانجي سامھون پيش نہ ڪندس. توھانجو پاڻئي ڏيان ويو تہ نيڪ آھي، مان توھانکي ڪجھ نہ چوندس.

6. گنجي ڦاٽي پئي آھي، ڪڙتو پجامو پائڻ جھڙو نہ رھيو آھي. ڪپڙا ڌوٻي نہ سگھيا آھن. ڪنھن وجھ سان ڌوتل ڪپڙن تي اِستري نہ ٿي آھي. مونکي سمجھڻ گھرجي تہ گھر گرھستيءَ ۾ اِھي ڳالھيون اَھميت نٿيون رکن. پاڻ تي پورو ضابطو رکي آئينده

ڪندا تہ توهان پاڻ گهرائيندا. اهڙن موقعن تي منهنجو پاڻمرادو ٽپي پٽو توهانکي نہ وڻندو آهي. مان سمجهي ڪري بہ ناسمجهن جهڙو وهنوار ڪندو آهيان. آئيندھ جيستائين توهان وٽان سڏ نہ ايندو، مهمانن جي وچ ۾ نہ ويندس، ڪمرو بند ڪري گهٽ آواز ۾ ٽي.وي. ڏسندس يا سمهي پوندس. توهان چاهيندا تہ اوتري دير گهر کان ٻاهر هليو ويندس ۽ تڏهن موٽندس جڏهن تہ ھر جي سامهون هڪ بہ ڪار بيٺل نہ هوندي

12.روز نهڻ واري ڪاڌي ۾ گهٽ وڌ مرچ مصالح هر ڪنهن گهر ۾ هلندا آهن. مهمان اچڻا هوندا آهن تہ سندن ذائقي جو خيال رکڻو پوندو آهي. پيٽ ۾ اثر آهي. تنهنڪري مرچ وڌيڪ هوندا هئا تہ مان خاموشيءَ سان ڪاڌو ڇڏي اُٿي ويندو هئس. ٿوري گهٽي جلن مونکي برداشت ڪرڻ گهرجي. برداشت ڪرڻ جي اُميد ٻارن مان نہ، وڏن مان ئي رکي سگهجي ٿي. مرچن جي تک زبان سهي سگهي يا نہ، روٽي ڇڏي ڪڏهن نہ اُٿندس. آئيندھ سواد، پسند، مرچ يا اِن قسم جي ڪنهن سبب سان ٿالهي ڇڏي نہ ويندس.

13.وڌندڙ عمر ۾ حواسن تي ضابطو رکڻ ضروري آهي. ڦل، سڪا ميوا، مٺائي، پزا، ڪٽليٽ، برگر، جهڙيون چٽ پٽ ڪي مزو ڏيڻ واريون چيزون من ۾ لالچ پيدا ڪن تہ اُن ۾ ڦاسڻ نہ گهرجي. نہ خواهش ظاهر ڪرڻ کپي ۽ نہ نظرون بچائي ڪنهن خاص شئہ ڪي وات ۾ وجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. سڄي عمر سڀ ڪجهہ ڪاڌو پيتو آهي. سواد کان وڌيڪ اَهم صحت آهي. آئيندھ من جي لالچ سبب يا سواد جي چار ۾ ڦاسي اَهڙي ڪا چيز نہ کائيندس جنهن جي ڪري توهانکي پريشان ٿيڻو پوي، نہ آئيندھ ڪا اهڙي جهڙي ڪامنا من ۾ پيدا ٿيڻ ڏيندس.

14.گهر جي ڀاتين لاءِ ڪيترو ڪاڌو تيار ڪهرجي، اِنجو سهي تخمينو ممڪن نہ آهي. ڀاڄي، ڦلڪا، چانور کُٽي پون تہ روٽي ڪاٽڻ وارن کي وڌيڪ خراب ٿو لڳي. تنهنڪري ڪٽنب جي گهرج کان وڌيڪ

پگهار وڌڻ وارن کي اڄ اُٿڻي ويهڻي ته تنهنجي انوسار رکڻي ٿي پوي. وڏو ۽ سٺو مڪان، مهانگي لگزري ڪار، ڏيکاءُ، سڀ ڪجهه زندگيءَ جو حصو بڻجي گڏ هلندو آهي. هوائي جهاز يا ريل جي اي.سي. درجي کان گهٽ ۾ سفر ڪرڻ سان سماج ۾ حيثيت ۽ رسوخات تي خراب اثر ٿو پوي. جيئي ۽ تعلق سگهارا هوندا ته بهتر نوڪريءَ حاصل ڪرڻ سولو ٿي ويندو. هر ٻئين سال گهر جي سامان، فرنيچر، پڙدن، انٽيرير کي بدلي فيسلفِٽ ڪرڻ سان به سماج ۾ حيثيت وڌي ٿي. جن هستين کي دعوت ڏيئي، ڊنر لاءِ گهرائجي ٿو، ڪيريئر جي لحاظ کان اهو فائدي مند آهن. آئينده اهڙو ڪجهه نه ڪندس يا چوندس جنهن سان توهانجي سماجڪ حيثيت ۽ تعلقاتن تي خراب اثر پئجي سگهي ٿو يا اُنهنکي ڇيهو رسي سگهي ٿو.

10. توهانجي عمر زندگيءَ جو ڀرپور مزو ماڻڻ جي آهي. ڪِٽي پارٽيون، سير سپاٽا، پڪنڪ، سنيما وغيره جو مزو جيڪڏهن توهان ونو ٿا ته اربع خطا نٿا ڪيو. چوٿين-ڇهين مهني هڪ دفعو هفتي ڏهن ڏينهن لاءِ ٻاهر گهمڻ ٿا وڃو ته نيڪ ٿا ڪيو. مونکي ڪڏهن ٻاهر روٽي کائڻي پيئي يا لنگهڻ ڪڍڻو پيو ته مري نه ويندس. ٽفن سينٽر جا ڦلڪا نٿا ڇيجن يا نٿا پچن ته ڪو پهاڙ نه ڪرندو. فقط ڪجهه ڏينهن جي ڳالهه هوندي آهي. توهانجي موٽڻ کانپوءِ سڀ ڪجهه نيڪ ٿي ويندو آهي. جيڪي زندگي جي چڪا آهن، تياڳ جي نالي تي اُنهن لاءِ پنهنجن سکن کي قربان نه ڪرڻ گهرجي. مان زندگي ڀوڳي چڪو آهيان. توهانکي خوش ڏسي مونکي خوش ٿيڻ کپي. آئينده پُل ۾ به توهانجي خوشيءَ جي آڏو نه ايندس.

11. توهان مهمانن کي گهر ۾ گهرائيندا رهندا آهيو. گهر ۾ رهڻ وارن بزرگن کي سمجهڻ گهرجي ته اهڙن موقعن تي بي سبب سيني جي وچ ۾ اچڻ نيڪ نه آهي. حليمائيءَ جون حدون ۽ اُهن حدن جي وسٽار جو فيصلو توهانکي ڪرڻو آهي. ضرورت محسوس

کي ڪُسنگت کان بچائڻ جي ڳالهه ۽ ڪجهه قاتل ۾ ننگ ڦاسائڻ جي عادت گڏجي مونکان هڪ اَهڙي پل ڪرائي هئي، جنهنکي توهان ڪڏهن معاف نه ڪندا. ٻار نشو ڪيو. ڪرڪيٽ تي سٽو هنيو. هتان-هتان پاري وياج تي اوڌر ورتي. چئني طرفن کان ڦاسي وڃڻ ڪانپوءِ پلي گهر ۾ سڀ کان اڳ۾ هن ڄاڻ مونکي ڏني هجو پر مسئلي مان ڪيس ٻاهر ڪيڻ جي پهل مونکي نه ڪرڻ کپندي هئي. ٻار کي پروسي ۾ ڪٽي مون وستار سان معاملو سمجهو. جن دوستن سان گڏجي نشو ڪيو هئائين، اُنهنسان پاڻ وچ ۾ ڳالهايم. جن سان سٽو هنيو هئائين، اُنهن سان پاڻ وچي ڳالهايم. اُنهن سان رابطو قايم ڪيم. جنکان اوڌر ورتي هئائين، انهنکي ڌيڄاريم - ڌمڪايم. ٻار کي سمجهائي، وچن وتي، قرضدارن جي دٻ ۽ دٻاوَ کان آزاد ڪري پلي مون سڀ ڪجهه ٺيڪ ڪري ڇڏيو هجي پر واردات کان پوءِ سنديش اِهو ويو ته هن گهر ۾ مان ئي سڀ ڪجهه آهيان. پين سيني جي حيثيت منهنجي سامهون ٻُڙي آهي. توهان معاملو پوليس ۾ ڏيئي پيا سگهو. مونکي پتو آهي، توهان ۾ ايڏي طاقت آهي. منهنجي قدم توهانکي نيچو ڏيکاريو. ايشور نه ڪري، وري ڪڏهن اهڙي نوَبت اچي. پر آئينده سماج جي سامهون توهانکي نيچو ڏيکارڻ جي حماقت ڪڏهن نه ڪندس.

17.هرهڪ بزرگ کي گهر ۾ پنهنجي ضرورت ثابت ڪرڻ گهرجي. ٻارن کي پڙهائڻ گهرجي. سبزي ۽ سودو-سلف آڻڻ گهرجي. اي.سي.، ڪولر، گيزر، فرج، واشنگ مشين، نل ۽ بجلي وغيره لاءِ مسترين جو بندوبست ڪرڻ گهرجي. ننڍين وڏين گهرجن جو پاڻئي خيال رکڻ کپي. اِهي سڀ ڪم مان ڪري پيو سگهان. نه ڪيم. هٿ وجهائڻ ته پري رهيو، بوجهه بڻي رهيس. آئينده هي سڀ ڪم مان من لڳائي ڪندس. مون حساب ۽ سائنس پڙهيا آهن. اڳتي توهانکي ٻارن کي ٽيوشن لاءِ نه موڪلڻو پوندو. هنن کي مان پاڙهيندس.

روئي ناهي توهان سڄو ڪم ٽا ڪيو. تعريف ڪرڻ جي جڳهه تي نڪ کي موڙو ڏيئي مان نيڪ نہ ڪندو هئس. تيار ڪاڏو بڇيو تہ فرج ۾ ويو. ٻہ-ٽي ڏينهن ڪتب نہ آيو. سيني کي پتو آهي تہ صفائي ڪرڻ واريون، باسڻ-ٻهاريءَ واريون، فرش اُگهڻ واريون ۽ ڏوٻياڻيون ڪاڏي جون ٻچيل ڪڇيل شيون وٺڻ ۾ اَڄڪلهہ ڪيترا نخرا ڏيکاريون ڪن. آخر ڪاڏو خراب ٿي ويو ۽ ڪچري جي دٻي ۾ ڦٽو ڪرڻو پيو تہ اِن لاءِ توهانکي ڏوهہ نٿو ڏيئي سگهجي. ايندي هوندي سُڪڻ ڪانپوءِ ٻہ ڦلڪن مان ديسي گيهہ جي سڳنڌ! وهندي هوندي پاڇين ۾ وڏل تيل جي ڌار! ڄاڻي-ٻجهي تہ توهان گهر جو نقصان ڪندا نہ آهيو. ڪنهن کي حق نہ آهي توهان نسبت ڇڙو لڙو سوچڻ جو. مٿان بربادي لڳڻ واري اَهڙي ڪنهن نقصان جي ڳالهہ کي آئيندہ مان زبان تي تہ ڇڏيو، من ۾ بہ اچڻ نہ ڏيندس.

15. هر ڪنهن ڏاڏي ڏاڏيءَ جي دلي خواهش هوندي آهي تہ سندن پوٽا-پوٽيون سنسڪاروان هجن. وڏا ٿي پنهنجو ۽ ڪٽنب جو نالو روشن ڪن. تنهنڪري هوُ ڪين اِخلاقي سکيا ڏيڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. رامايڻ، مهاڀارت ۽ پنچتنتر جون ڪٿائون ٻڌائيندا آهن. ڳالهہ-ٻولهہ ۾ سڀڄڻا سان سداچار سيکاريندا آهن. مناسب وهنوار جا طور-طريقا ٻڌائيندا آهن. اِنڪري ٻارن سان ڏاڏي-ڏاڏيءَ جي ويجهائپ وڌندي آهي. ٻارن کين پسند ڪرڻ لڳندا آهن. ڏاڏي-ڏاڏيءَ جون ڪيتريون ڳالهيون اَڄڪلهہ اَڻڄاڻائيءَ ۾ جڙون ڇڏڻ لڳنديون آهن. مونکي سمجهہ ۾ اچي ويو آهي تہ اِخلاقي سکيا، رامايڻ وغيرہ جون آکاڻيون ۽ هندوُ شاسترن جي سُستي موجودہ دور جي ضرورتن کان ٻارن کي پري ڪيون ڪن. نئين يگہ جي تقاضن جو مقابلو اِنهن هٿيارن سان نٿو ڪري سگهجي. آئيندہ مان ٻارن سان اهڙو وهنوار ڪندس جنهن سان هوُ مونکي ناپسند ڪرڻ لڳندا ۽ منهنجي پاسي ۾ اچي نہ سگهندا.

16. ڪجهہ تجربيڪار هئڻ جي اَيمان، ڪجهہ پنهنجيءَ سنتان

ڪنهن جو ڏوهه؟

-سروج گوپال پاروائي

پنهنجو پاڙو ڇڏئي سڄو سارو مهنو گذري ويو هئو ۽ وري نئين گهر ۾
Se ٽيبٽ ۾ به وقت تو لڳي. نئون سامان گهرجي مطابق آڻ، ڪوٽ واڌ
جون شيون آڻ، چوندا آهن ته ''چاڪ چوي جو لائي ڏس شادي چوي
ڪري ڏس'' اڄ وڏا اِهي پهاڪا ڏيندا هئا ته سمجهندا ڪونه هئاسين
ر هاڻي جڏهن اِهي سڀ ڪم ڪريون ٿا ته احساسُ تو ٿئي ته وڏن
ڪا چوٽي سوچي سمجهي ناهي ۽ چئي هئي، وري هن وقت ماير، تي
ه محتاجي پاڻ کان ايترو ڪم ٿئي ڪونه ته اُنهن جو به بندوبست ڪر
وري مايون به ڏسنديون ته شاندار گهر اٿن ته ڪم جو ريٽ به اهڙو ئي
ڏائيندون. مطلب ته زندگيءَ جي هر ضرورت جو ريٽ وڌندو تو وڃي.
نئين گهر ۾ ستنارائڻ جي پوڄا ڪيم ته سوچيم جنهن پاڙي ۾ مان
زندگيءَ جا 25 سال گذاري آيس اُنهن کي پرساد ته ڪارايان ۽ پنهنجن
ساهيڙين سان به ملي اچان.
گهر جي ڪم مان فارغ ٿي آيس پنهنجن پراڻين گهٽين ۾ ته گوپي
تي ئي پاڇي واريءَ وٽ گذجي ويئي، پاڇي ونڻ پلجي ويئي ۽ ائين
چي گلي ملي جڻ ورهين کان وڇڙيل گڏيا هئاسين. ڏاڍي ڏُک مان
ڏوراپا ڏيڻ لڳي ته اسانکي اڪيلو ڪري ويئي آهين. هر هر تنهنجي در
ڏي نهاري چئون ته اِجهو تو در کُلي ۽ موهني ٻاهر ئي اچي پر ٻيلي نڪو اُهو
در کُلي نه موهني ٻاهر اچي. اڄ مس مس اَسان جي ياد آئي اٿيئي.
ڇا مان توهانکي پلجي ويئي آهيان؟ نه نه پلا جتي زندگيءَ جا سُهڻا
سونهري 25 سال گذاريم، هيترين ساهيڙين ناهيم سي ڪڏهن
وسرنديون. نه اجان خبر به ڪانهي ته پر ۾ ڪير تو رهي.
اَسانجو آواز ٻُڌي دُروءَ گهر مان ئي رڙ ڪئي ''گوپي ڪنهن سان
پيئي ڳالهائين ۽ ڳالهيون ته ڏاڍيون سٺيون پيون ڪريو. مون سمجهو ته
موهنيءَ سان پيئي ڳالهائين پر سوچيم موهني وري هاڻي ڪٿان آئي؟

18. توهان جا ٻار سان سنڌيءَ ۾ نہ ڳالهائيندا آهيو تہ مان توکا توکي کندو آهيان. ڪيترا دفعا تہ غير سنڌين جي سامهون بہ مان توهان سان سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندو آهيان. مونکي سمجهہ ۾ اچي ويو آهي تہ هاڻي اَسان سنڌ ۾ نہ، ڀارت ۾ تا رهون. سنڌي-سنڌي ڪندا رهنداسين تہ نہ سماج جي مکيہ ڌارا ۾ پير ڄمائي سگهنداسين نہ سماج ۾ جوڳي جڳهہ حاصل ڪري سگهنداسين ۽ نہ تکي چٽاڀيٽيءَ جي هن يگہ ۾ ٻارن کي مقابلي لاءِ تيار ڪري سگهنداسين. مان آئيندہ فقط هندي يا اَنگريزيءَ ۾ ڳالهائيندس. ڪڏهن بہ سنڌي ڀاشا، سنڌي سڀيتا ۽ سنڌيت جي پرچار نہ ڪندس.

مان سرل دل پولارام ڏينهن اڄ مهنو چالو سال مؤجود پوري هوش حواس سان درست دماغي حالت ۾ هن حلفنامي تي صحيح تو ڪريان جيئن سند رهي.

(سرلدل پولارام)
بقلم خود

ضامن
صحيح هڪ : ڀرپور ڪوشش جي باوجود ڪو بزرگ ساڻي
صحيح ٻہ : هت صحيح ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي.

هئاسين. ان وقت ڇوڪري وڌ ۾ وڌ گرئجويٽ هوندي هئي. پر مئٽرڪ کي به ڪو گهٽ مانُ ڪونه هئو. پر اڄڪلهه ڇوڪريون سمجهن ٿيون نه سچ لهي چڙهي اسان تان ٿو، اسانجون وڏيون Arthdoc آهن جن کي صحيح جيون جيئڻ نٿو اچي.

اڳي شاديءَ وقت ماءُ ڌيءُ کي سکيا ڏيندي هئي ته، ڌيءُ ساهرن جي پيٽ تي هلجانءِ. پر اڄ شايد ڌيءَ کي ماءُ اها سکيا ڏيڻ بند ڪري ڇڏي آهي. سرلا رايو ڏيندي چيو.

پينرون وقت جي بلهاري آهي، اڄوڪيون سسون جڏهن نهر هيون ته سسن جا ظلم سنا هئن، مجال آهي جو سس جي حڪم ڪانسواءِ ڪو قدم کڻن، سارو ڏينهن گهرو ڪمن ڪندي سندن جيون گذرندي هئي، وڏيون آڪهيون انهن جا ڪاڏا، مهمان به هر هنڌ هڪيا تڪيا حاضر هوندا هئا پر نهن اُنهن جي چاڪري ڪرڻ لاءِ منهن گهنجائي اِهو ناممڪن هئو پر هاڻي اهڙو وقت آهي جو مهمانوازي به ننهن جي رايي سان ڪرڻي ٿي پوي.

سرلا چيو اسانجون سسون هيون ته پيا اُنهن ڪان ڏڪندا هئاسين مجال آهي جو صبوح جو دير سان اُٿون. هر ڪم جو مقرر وقت هوندو هئو، سنان ڪرڻ کان اڳ ته رنڌڻي ۾ به نه گهڙندا هئاسين. سيني جي اُٿڻ کان اڳ پنهنجي ڪرت پوري ڪري رنڌڻي ۾ وڃي چانهه ناهي سيني کي ڏيڻي پوءِ نيرڻ جي تياريءَ کي لڳندا هئاسين ۽ وري نيرڻ ۾ سيون پتاتا، پيهون دال پوري، سيرو، ڪُٽيءَ جهڙيون چيزون ڪاڏيون هونديون هيون. اڄوڪيون نيرڻون ته بٽر توسٽ، آمليٽ وغيره ڪونه هوندو هئو ۽ وري هينئر نُهرن کي پهرين Bed Tea کپي پوءِ پيپر پڙهڻ چا جا نيم چا جون ڳالهيون اِنڪري اُنهن کي خوش رکڻ لاءِ سس کي گهرو ڪم ڪرڻ لاءِ ساڻس Adjust ڪرڻو پوندو آهي.

موهنيءَ سوچيندي چيو پر اَهڙو ڦيرو ڇو آيو آهي؟ اِن ۾ ڏوهه ڪنهنجو چئجي؟ اَسان جي نئين جنريشن جو يا اَسانجو؟ اِن تي ويچار ڪرڻو پوندو. هڪ مثال مون وٽ به آهي منهنجي پاڙي ۾ ڪملا آهي اُن سان به ڪجهه ويڙن آهي. اُن جي نونهن توسٽ ناهي ته بريڊ جا ڪنارا ڪٽي ۽ اُهي ڪنارا Dust Bin ۾ اُڇلي اَسين اَن جو اپمان سمجهندا

تون ٻاهر اچ ته خبر پوئي، ڪنهن سان پيئي ڳالهيون ڪريان، ها موهنيءَ سان ئي ته ڳالهايان پيئي، گوپيءَ کلندي چيس.
سپنا تي لهين ڇا؟ موهني وري ڪٿان آئي؟ هوءَ نئين گهر ۾ وڃي پلا اسانکي ڇو ياد ڪندي؟ دروُ ٻاهر ايندي ڳالهائيندي آئي ۽ موهنيءَ کي ڏسي واتڙي تي ويئي تون! سچ پچ اچ پڳوان کان بيو ڪجهه گهران ها شايد اُهو به ملي وڃي ها، اچ اچانڪ توکي ياد پئي ڪيم.
سُکه ۾ ياد ڪيئهِ؟
اڙي ها ڪالهه شام جو ريڊيو پروگرام آيو ”جيڏين جي ڳڏجاڻي“ ته سوچيم توکي ٻڌايان ته تون اِهو پروگرام تيار ڪندينءَ خبر اٿيئي Topic ڇا آهي؟
ڇا؟
جنريشن گئپ جا مسئلا.
ايتري ۾ سرلا ببلوءَ کي اِسڪول بس ۾ چڙهائي نڪتي. موهنيءَ کي ڏسي سِڪ سان ياڪُر پائيندي چيائين ته مون سوچيو هاڻي موهني اَسانکي ڇو ياد ڪندي؟ نئين پاڙي ۾ نيون ساهيڙيون، نئون ماحول پيدا ڪندي.
موهنيءَ پيار مان چيس ٻڌو ڪونه اٿيئي Old is Gold سو توهين ڪيئن وِسرنديون؟ پنهنجي دِل کان پڇو توهين ڇو تيرن ياد ڪريو ۽ ڇو ته مان توهانکي ياد تي ڪريان. اَسان جي دِل جون تارون هڪٻئي سان جُڙيل آهن.
سرلا اڌ ۾ ڪٽيندي چيو اسين ته ڇڏ پر ٻار به توکي ڏاڍو ياد ڪندا آهن ڇون آنٽي ڪيترو نه سٺو سنسڪار ورڪشاپ هلائيندي هئي، اسانکي سٺن سنسڪارن جي ڄاڻ ڏيندي هئي سٺيون سُٺيون آکاڻيون ٻڌائيندي هئي. اڙي اِتي ئي بيهي ڳالهيون ڪنديون؟ هلو منهنجي گهر ۾ هلي محفل مچايو.
سڀ گڏجي دروءَ جي گهر ويٺيون. موهنيءَ کي دروءَ ڪانٽريڪٽ ڏيندي پڇيو هيءُ وري ڪهڙو Topic آهي ؟
موهنيءَ سمجهائيندي چيس، اڄ اِن جنريشن گئپ، نونهن ۽ ساهرن جي وچ ۾ وڏو مسئلو پيدا ڪري ڇڏيو آهي. اڻپڙهيل اسين به ڪونه

NATIONAL COUNCIL FOR PROMOTION OF SINDHI LANGUAGE

Chairman NCPSL
Shri Kapil Sibbal
Union Minister HRM (Govt. of India)

Vice-Chairman NCPSL
Shri. Ramesh Warlyani

Director NCPSL:
Shri Nirmal Goplani

List of Executive Committee Members

1. Shri Inder kumar Gunani
2. Shri Hiro Thakur
3. Shri Shyam Jumani
4. Shri Pankaj Jeswani
5. Shri Amar Doulatani

List of Council Members

1. Dr. Baldev Matlani
2. Dr. C.J.Daswani
3. Dr. Ravi Tekchandani
4. Dr. Vimmi Sadarngani
5. Shri Laxman Bhatia' Komal'
6. Retd. Justice Indersen Issrani
7. Shri Ashok Kamdar
8. Shri Pawan Premwani
9. Smt. Renu Idnani
10. Shri Sudesh Sachdev
11. Shri Rajender Manwani
12. Shri Bharat Watwani
13. Shri Raju Bharat
14. Shri Ashok Anshwani
15. Shri Suresh Shadani

آهيون سو آئينده ائين نه ٿئي اِنگري بريڊ جا ڪنارا ڦهرين ٿي ڪُٽي سُڪائي اُنهن جو پائوڊر ۾ ناهي ڊبليءَ ۾ رکي ۽ جڏهن پٽاٽي ٽڪيون ٺاهين ته اُن پائوڊر ٽڪي پوري تري ۽ ڏاڍي Chrispy ۽ سوادي ٿيندي آهي. سندس نهن کي اِها ڳالهه نه وڻي ۽ سس کي بريڊ جا ڪنارا ڪٽڻ کان منع ڪيائين، سس چيس نيڪ آهي تون ٿي ڪٽ پر اُهي Dust Bin ۾ ڦٽي نه ڪر هاڻي هڪ ڪنارا ڪٽي هڪ دفعو رکي پليٽ ۾ ۽ ٻه دفعا ڦٽا ڪري Dust Bin ۾ سس جي پڇڻ تي چوي ته مونکي وِسري ويو، هاڻي ٻڌاءِ ته سس ويچاري ڇا ڪري؟ وري اُها ڇوڪري ساهيڙين ۾ ٻُڌائي ته تنهنجي سس پڪي آهي، ڪنجوس آهي. اڳي وڏا چوندا هئا ته ”زال اُها جا ڪٽي مان ٻه ڪٽا ڪري“ مرد ڪمائي اچي ته اُنجي ڪمائي مان سهيڙ ڪري هاڻي توهين ٻُڌايو ته اڄوڪين ڇوڪرين مان اَهڙي آشا رکي سگهجي ٿي؟

دروءَ ڇيو هينئر وقت اهڙو اچي ويو آهي جو ٻه ڪمائين ۽ ٽي کائين ۽ اسانجو وقت هئو ته هڪ ڪمائيندو هئو تڏهن ٿي آکه پلجندي هئي. اڄ جون ڇوڪريون نوڪري ٿيون ڪن ته گهر ائين ٿيون هلائين. ”اَنڌن آندو ڪتن چٽيو“ جي سس گهر ۾ ڪجهه سنڀالڻ لاءِ رکي ته هر گهٽ وڌائيءَ لاءِ جوابدار اُنکي ٺهرائين ۽ هوءَ ويچاري گهر ٻه سنڀالي ٻار ٻه پالي ۽ مٿان احسان ته مان سس کي سنڀالي ويٺي آهيان.


گوپيءَ ڇيو پائي گهر ۾ شانتي رکڻ لاءِ وڏن پنهنجي زبان تي ڪنٽرول رکيو آهي اجاين جهڳڙن کان دور رهڻ لاءِ هنن سموري واڳ ٻارن کي ڏني آهي ته گهر تر توهانجا آهن جيئن ڪيپوَ تيئن هلايو ۽ اُنجو فائدو وني ننڍين وڏن کي Dominate ڪيو آهي. اڳي جڏهن نونهن گهر ۾ شادي ڪري ايندي هئي ته سس سندس هٿ ۾ گهر جون چابيون ڏيندي هئي ته جنهن سهيڙ سان اڄ تائين مون هيءُ گهر هلايو آهي تيئن هلائڻ هاڻي تنهنجي جوابداري آهي، پر نُهرن ۾ جوابداري کڻڻ جي ڪا آشا نٿي رکي سگهجي.

من ته ڇوان ٿي اڄيون وقت سنو هئو جتي ادب، اخلاق ۽ سهيڙ هئي جنهن هر ڪٽنب ۾ سک شانتي ۽ ٻُڌيءَ جو واس هئو پر هاڻي اُهو ماحول ٿي ڪونهي ضرور اِها اسانجي ڪمزوري آهي.

महक

अदबी मख़ज़िन











Mahak

2012